
زندگيءَ جي گولا

(موت، زندگي ۽ ٻئين جنم بابت
اوشوءَ جا اهم انڪشاف)



گرو رجنيش (اوشو)

الطاف ملڪاڻي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

زندگيءَ جي گولا

(موت، زندگيءَ پئين جنم بابت
اوشوءَ جا اهم انڪشاف)

گرو رجنيش (اوشو)

الطاف ملڪاڻي

گلشن پبليڪيشن
حيدرآباد سنڌ
2021ع

گلشن ڪتاب نمبر 111

پبلشر جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: زندگيءَ جي ڳولا
مترجم: الطاف ملڪاڻي
ڇاپو پهريون: 2021ع
ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي
ڇپائيندڙ: صفدر علي بلوچ
گلشن پبليڪيشن گهر نمبر HCB-1816، ممتاز ڪالوني،
قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدر آباد، سنڌ.

ZINDAGI JI GOLA

Translated by: Altaf Malkani
First Edictior: Gulshan Publication 2021
Composed by: Rafique Hussain Kolachi
Published by: Safdar Ali Baloch,
Gulshan Publication, HCB-1816, Mumtaz Colony,
Qazi Abdul Qayoom Road, Hyderabad, Sindh.

Contect: 0323-3718865

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

سنڌ جي سمورن سدا حيات صوفي شاعرن،
خاص ڪري "شاهه، سچل ۽ سامي"
جي نانءِ،
جن موت ۽ حياتيءَ جي فلسفي کي سؤلو
ڪري سمجهايو آهي.

فهرست

- مترجم پاران 07

باب پهريون

موت کان وڏو ٻيو ڪوبہ ڪوڙ ڪونهي 09

باب ٻيو

- زندگي هڪ خواب آهي 46

باب ٽيون

- سموري ڪائنات هڪ عبادت گاهہ آهي 88

باب چوٿون

- خدا ڏانهن موٽ 125

باب پنجون

- پنهنجي راهہ پاڻ ئي ڳوليو 150

باب ڇهون

- محبت ڪرڻ خطرناڪ آهي 181

باب ستون

- موت، حياتي آهي 211

مترجم پاران

هيءَ زندگي ڳجهارتن جي هڪ ڳنڍ آهي، اسان جن شين کي حقيقت سمجهون ٿا کڏهن کڏهن اُهي خوابن مثل يا وري کي پرچانوا ثابت ٿين ٿيون. زندگي حقيقت ۾ ايئن آهي کونہ، جيئن اسان سمجهون ٿا. هن زندگيءَ ۾ کوڙ سارا تضاد، کوڙ ساريون پيچيدگيون ۽ مونجهارا موجود آهن ۽ انهن ڳجهارتن جي ڳنڍ کولڻ لاءِ مونجهارن جو حل پيش کرڻ لاءِ مادیت پرست، توڙي روحانيت پرست پيغمبرن ۽ ڏاهن، پنهنجي عقل ۽ علم آهر نوان نوان مفروضا، خيال پيش کيا آهن.

پر کائنات جي ابتدا کان وٺي اڄ تائين سوين آسماني صحيفا ۽ هزارين علم جي اکابرن پاران لکين کورا کاغذ کارا کرڻ باوجود بہ انسان لاءِ کجهہ سوال ريشمي سُٽ جي منجهيل ڊيريءَ جيان آهن، جن ۾ خاص کري: انسان ڇا آهي؟ هتي ڇو آيو آهي؟ زندگيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا کيئن ٿي؟ زندگيءَ جو انت کٽي ٽيڙو آهي ۽ موت ڇا آهي؟ ۽ ڇا موت کانپوءِ کا حياتي آهي يا بس جيکو کجهہ آهي سو هيءُ ئي آهي ۽ هتي ئي آهي. ڇا موت کان پوءِ وري انسان واقعي بہ ٻيو جنم ماڻي ٿو يا متي، متيءَ سان ملڻ کانپوءِ کجهہ بہ نہ ٿو رهي؟

اهڙا ۽ انهيءَ سلسلي سان لاڳاپيل کوڙ سارا سوال آهن جن تي کوڙ سارن ڏاهن لکيو ۽ ڳالهايو آهي ۽ "اوشو" بہ دنيا جي انهن روحانيت پرست مفکرن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي آڌار تي، موت ۽ حيات، ڌرتي ۽ کائنات، انسان ۽

خدا جي موضوعن تي نوان نوان انڪشاف ڪيا آهن، ضروري ناهي تہ اوشوءَ جي خيالن سان اتفاق ڪجي، پر علم جي اُجايل ذهنن ۾ زندگيءَ سان محبت ڪندڙ دلين لاءِ اوشوءَ جا افڪار ڪشش رکندڙ ضرور آهن، سو اچو تہ اوشوءَ سان گڏجي موت ۾ حيات، ڏرتي ۾ ڪائنات جي خوبصورت ۾ گوناگون رنگن ۾ روشنين جو مطالعو ۾ مشاهدو ڪيون.

الطاف ملڪاڻي

5 فيبروري 2018ع

باب پهريون

موت کان وڏو ٻيو ڪوبہ ڪوڙ ڪونهي

منهنجا عزيزو!

انسان کي پنهنجي ڳولا جي نتيجي ۾ ڪجھ ڄاڻ حاصل ڪري، آڻت حاصل ٿيندي آهي ۽ ايئن هن کي جيڪا واقفيت حاصل ٿئي ٿي، انهيءَ جي بنياد تي هو زندگيءَ جا ڪجھ لکل راز ۽ ڳجھ ڄاڻي ٿو ۽ ايئن هن کي زندگيءَ بابت ٿورڙي آگهي حاصل ٿئي ٿي. انسان جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو آڌار سندس علم ۽ ڄاڻ تي هجي ٿو. ناڪامي اونداهيءَ اَٽ ڄاڻائي جو نتيجو هوندي آهي، پر جيڪڏهن علم جي روشني هجي تہ ناڪامي ممڪن ناهي. روشني جڙ تہ ڪاميابيءَ جي نشاني هوندي آهي.

موت بابت جيڪا خاص ڳالھ مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو اُها هيءَ آهي تہ موت کان وڏو دوکو ۽ فريب ٻيو ڪوبہ ڪونهي. انهيءَ باوجود بہ موت هڪ ازلي حقيقت يانئجي ٿو نہ رڳو اهو تہ هيءَ حقيقت محسوس ٿئي ٿو پر بظاهر اهو زندگيءَ جو سچ بہ آهي... ۽ ايئن ٿو لڳي تہ سموري زندگي موت جي گهيري هيٺ آهي. اسان ان کي وساري ڇڏيون، يا هر وقت ذهن تي ڇانيل رکون. هرحال ۾ موت اسان جي ويجهو ئي هوندو آهي، اهو اسان جي ايترو ئي ويجهو آهي، جيئن اسان کي اسان جو پاڇو هوندو آهي.

پل ڪٽي، اسان پنهنجي زندگيءَ جي ترتيب موت جي خوف کان آزاد ٿي ڪيون، پر اهو موت جو خوف ئي هوندو آهي جيڪو

اسان جي سماج، وطن، خاندان ۽ دوستن سان ناتن جڙڻ جو سبب هوندو آهي. اهو موت جو ئي خوف آهي جيڪو اسان کي دولت جي حاصلات لاءِ اُپاري ٿو ۽ جيڪو سماج ۾ اسان کان اعليٰ مرتبو حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪرائي ٿو ۽ سڀ کان وڏي عجب ۾ وجهندڙ حقيقت هيءَ آهي ته اسان جي ديوتائن، اسان جي عبادتگاهن جي قيام جو سبب به اهوئي موت جو خوف آهي. اهو موت ئي آهي جنهن جي خوف کان ماڻهو گوڏا ڪوڙي دعائون گهرن ٿا. پنهنجي هٿن جو پيالو ناهي آسمان ڏانهن نهارن ٿا. سمورا انسان موت کان ڊڄن ٿا. جڏهن ته موت کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڪوڙي ڳالهه ڪانهي. اهو ئي سبب آهي جو موت کي صحيح سمجهندي اسان جيڪو حياتيءَ جو نظام جوڙيو آهي اهو غلط ثابت ٿيو آهي.

اسان وٽ ڪهڙي پرک آهي، جو اسان اهو ڄاڻي ونون ته موت جو تصور غلط ڇو آهي؟ اسان کي اها ڄاڻ ڪيئن پوي ته موت جو ڪوبه وجود ڪونهي. اهو ڄاڻڻ ۾ ڪري به ضروري آهي ته جيستائين اسان انهيءَ جي حقيقت، تائين نه پهچنداسين ۽ اسان وٽان موت جو خوف ختم نه ٿيندو. جيستائين اسان کي موت جي مفروضي بابت صحيح ڄاڻ حاصل نه ٿيندي. اوستائين اسان جون زندگيون به غلط ۽ غير حقيقي رهنديون. جيستائين اسان مٿان موت جو خوف ڇانيل رهندو. اسان جون زندگيون حقيقت جو روپ حاصل نه ڪري سگهنديون. جيستائين اسان موت جي خوف کان ڊڄندا، ڏڪندا رهنداسين، اوستائين ممڪن ناهي ته اسان زندگيءَ جو حقيقي ادراڪ حاصل ڪري سگهون. هتي رڳو اهي ماڻهو ئي زنده رهڻ جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا، جن جي ذهن مان موت جو خوف هميشه لاءِ گم ٿي چڪو آهي. هڪ خوفزده، ڊنل ذهن پلا ڪيئن ٿو زنده هڻڻ جي دعويٰ ڪري سگهي؟ جڏهن

موت جو پاڇو هر پل پاڻ ڏانهن وڌندي محسوس ٿيندو ته پوءِ اسان جي زندگيءَ جو وجود ۽ِلا ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟ پوءِ اسان ۽ِلا ڪيئن زنده آهيون؟ موت اسان لاءِ هڪ اٽ وسرندڙ حقيقت آهي اسان پنهنجي مئلن جا قبرستان پنهنجي آبادين کان ڪٽي ڪيترو به پري ٺاهيون پر ان باوجود موت اسان کي پنهنجو روزدرشن ڪرائيندو رهي ٿو. هر روز دنيا ۾ ڪونه ڪو موت حوالي ٿئي ٿو ۽ اهو موت جو منظر روزانو اسان جي زندگيءَ کي خوفزده ڪندو رهي ٿو.

جڏهن به اسان ڪنهن جي موت بابت ٻڌون ٿا ته اسان کي پنهنجي موت تي اعتبار پڪو ٿئي ٿو. جڏهن به اسان ڪنهن جي مرتئي تي لڙڪ لاڙيون ٿا ته اهي رڳو ان جي موت تي لڙڪ ناهن هوندا پر اسان موت ڏانهن وڌندڙ پنهنجي وجود تي به لاڙيون ٿا. اسان کي ڏک، ڪنهن ٻئي جي مرڻ جو ڏک نه پر پنهنجي مرڻ جي واضح امڪان سبب ٿئي ٿو. ڪنهن ٻئي جو موت جڏ ته اسان جو پنهنجو موت به هوندو آهي ۽ جيستائين اسان پنهنجي چئني پاسن کان موت جي خوف ۾ گهيريل رهنداسين. اسان زنده ڪيئن رهي سگهنداسين ۽ ائين زنده رهڻ ناممڪن هوندو. ايئن اسان نه رڳو زندگيءَ جو ادراڪ نه ڪري سگهنداسين، پر انهيءَ سان لاڳاپيل خوشيون، خوبصورتي، بخشش ۽ عطائن کان به آڻ جاڻ رهنداسين. اسان خدا تائين به نه پهچي سگهنداسين. جيڪو زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ عظيم سچ آهي.

اهي عبادت گهر جيڪي موت جي خوف جي نتيجي ۾ تعمير ٿيا آهن، اُهي خدا جا گهر ناهن، اهي دعائون جيڪي موت جي خوف سبب گهريون ويون آهن، اهي به خدا سان لاڳاپيل ناهن. خدا جي جوڙيل ڪائنات ته خوشين، سرور ۽ خوبصورتيءَ سان ڀريل آهي. اُهي ئي خدا جي گهر ۾ وڃڻ لائق آهن جيڪي زندگيءَ جي

حقيقت، اسرار ۽ رازن کان واقف آهن. خدا جي عبادت گهر جون گهنٽيون انهن لاءِ ئي وڄن ٿيون جيڪي هر قسم جي خوف کان آزاد هجن. اهڙا ماڻهو جن کي ڪنهن به شيءِ جو خوف نه هجي.

جيئن ته اسان خوف ۾ مبتلا هوندا آهيون، ان ڪري اها ڳالهه اسان کي ڏکي يانئجي ٿي. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي ته جيڪڏهن زندگي سچ آهي ته پوءِ موت يقينن ان جي ابتڙ هوندو پر جيڪڏهن موت هڪ حقيقت آهي ته پوءِ زندگي سواءِ هڪ خواب، هڪ دوکي جي ٻيو ڪجهه به ناهي. ٻه اُبتڙ ڪيفيتون گڏ نه ٿيون ٿي سگهن. جڏهن ته اسان ٻنهي کي گڏائڻ تي سندرو ٻڌيو ٻينا آهيون. هڪ پاسي اسان اُن احساس ۾ آهيون ته اسان زنده آهيون ۽ وري اهو به چئون ٿا ته اسان مرده آهيون.

هڪ درويش بابت مون ٻڌو آهي، جيڪو هڪ ڏوراهين وادي‌ءَ ۾ رهندڙ هو. ماڻهو پري پري کان هن سان ملڻ لاءِ ايندا هئا. پنهنجا مسئلا مونجهارا ٻڌائيندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ همراهه هن کان سوال ڪيو ته، "موت ۽ زندگيءَ جي بابت ڪجهه ٻڌايو". درويش جيڪو جواب ڏنو اهو ڪجهه هيئن هو "جيڪڏهن تون زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻڻ چاهين ٿو ته منهنجا دروازا تولاءِ کليل آهن، پر جيڪڏهن تون موت جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهين ٿو ته پوءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن وڃ. ڇاڪاڻ ته نه مان ڪڏهن مئو آهيان ۽ نه ئي ڪڏهن مرندس، مون کي مرڻ جو ڪو تجربو ڪونهي. جيڪڏهن توکي موت بابت ڄاڻڻ جي ضرورت آهي ته ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ وٽ وڃ جيڪو اڳ ۾ مري چڪو هجي." پوءِ وري درويش ٿهڪ ڏيندي چيو "پر جيڪي ماڻهو مري چڪا آهن، انهن کان پلا تون ڪيئن پڇي سگهندين؟ تون جيڪڏهن مون کان ڪنهن مئل جو ڏس پتو پڇندين ته اهو به مان نه ٿو ٻڌائي سگهان، ڇاڪاڻ ته جڏهن کان مون کي اها ڄاڻ ملي آهي ته مان مرندس

ڪونہ. تڏهن کان ئي مون کي اها ڄاڻ ٻہ پئي آهي تہ ڪوبہ هتي مرندو ڪونہ ۽ حقيقت اها آهي تہ اڄ تائين ڪوبہ مئو ناهي."

پر اسان انهيءَ درويش جي ڳالهہ تي اعتبار ڪيئن رکون، جو تہ اسان روزانو ڪنهن نہ ڪنهن کي مرندي ڏسون ٿا. روزانو ئي موت اسان جي سامهون اچي ٿو. موت، هڪ ازلي حقيقت آهي، ۽ واضح طور تي اسان جي وجود جي مرڪز تي اثر انداز ٿئي ٿو. توهان پنهنجون اکيون ٻوٽي سگهو ٿا، پر موت جي خيال کان فرار حاصل ڪرڻ ڏکيو آهي. توهان ڪيترو ٻہ پري پڇو پر موت جو خيال توهان کي گهيري ۾ رکي ٿو. انهيءَ روشن حقيقت کي توهان ڪيئن ٿا غلط ڇئي سگهو؟ ڪجهہ ماڻهو يقينن موت کي وسارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. موت جي خوف سبب انهن روح جي امر ۽ هميشه زنده هڻڻ جو نظريو تخليق ڪيو آهي. رڳو موت جي خوف سبب اُهي ڄاڻن نہ ٿا پر عقيدو رکن ٿا، هر روز صبح جو عبادت گاهن ۾ ويهي ورجائن ٿا تہ فنا ڪنهن کي ٻہ ڪانهي... روح دائمي آهي. اهڙي قسم جون عقيدو رکڻ وارا غلطيءَ تي آهن. رڳو اهو ورجائڻ سان انهن جو روح دائمي حيثيت حاصل ڪونہ ڪري سگهندو. هو اِهو يقين رکن ٿا تہ سڪٽا لفظ ورجائڻ سان اهي موت جي حقيقت کي غلط ثابت ڪري ڇڏيندا، پر لفظن جي ورجاءُ سان موت کي غلط ثابت نہ ٿو ڪري سگهجي، ها موت جي حقيقت رڳو آگهي، علم ۽ شعور جي ذريعي ممڪن آهي. موت کي لفظن ذريعي غلط چوڻ سان، اسان موت کان نہ بچي سگهنداسين، هن جا حملا جاري رهندا. اسان کي موت کي سمجهڻو پوندو. موت کان فرار حاصل ڪرڻ سان اسان هن جي حقيقت کي ڄاڻي نہ سگهنداسين.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسان اُن کي ڪيئن ٿا ڄاڻي سگهون ڇو تہ جڏهن اسان موت کي ڏسون ٿا تہ اکيون ٻوٽي ٿا ڇڏيون.

جڏهن کو جنازو رستي تان گذرندو آهي تہ هڪ ماڻ پنهنجي ٻار کي گهر ۾ بند ڪري چڏيندي آهي ۽ چوندي آهي تہ "ٻاهر نہ وڃ، ڪو مري ويو آهي." قبرستان آبادين کان تمام گهٽو پري ٿاهيا ويندا آهن تہ جيئن اُهي اسان جي نظرن کان پري هجن. موت اسان کي جيئن هر وقت خوف ۾ مبتلا نہ رکي سگهي، ايستائين جو توهان جيڪڏهن ڪنهن جي سامهون موت جو ذڪر ڪندؤ تہ اهو توهان کي زبان کولڻ کان روڪيندو.

هڪ پيري مان هڪ سنياسي وٽ مهمان ٿي رهيس. اهو روزانو ئي روح جي لافاني هجڻ تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن مون هن کان پڇيو تہ: "ڇا توکي اهو احساس آهي تہ تون هر پل موت جي ويجهو ٿيندو پيو وڃين؟"

هن چيو: "اهڙي خوفناڪ ڳالهہ نہ ڪريو. اهڙي موضوع تي ڳالهائڻ ٺيڪ ناهي."

مون چيو: "جيڪڏهن هڪ پاسي هڪ ماڻهو چوي ٿو تہ روح لافاني آهي، وري ٻئي پاسي موت جي ذڪر کان خوفزده بہ ٿئي ٿو. اها ڳالهہ ان جي سمورين دعوائن کي رد ٿي ڪري انسان لاءِ تہ لازم آهي تہ هو هر خطري کان بي خوف هجي. ڪنهن بہ قسم جي جن پوت وغيره جي ڊپاءَ کان آزاد هجي. موت بابت ڳالهائڻ ۾ آخر ڪهڙو خطرو آهي... جڏهن تہ موت جي ڪا ئي حقيقت ڪانهي، سنياسي چوڻ لڳو تہ "بي شڪ روح لازوال آهي، پر پوءِ بہ موت جي بابت اصل نہ ڳالهائڻ گهرجي، ڪنهن کي بہ اهڙي خوفزده ڪرڻ واري بي معنيٰ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪرڻ گهرجي." سو اسان سيڀ اهو ئي پيا ڪريون. موت کان منهن لڪائي، ان کان فرار حاصل ڪرڻ جي خواهش اسان جي دل ۾ هوندي آهي.

مون ٻڌو آهي تہ هڪ پيري هڪ همراهہ هوش عقل وڃائي وينو. اهو ڳوٺ جي هڪ ويران رستي تي اڪيلو ويو پيو. هو خوف

کان بچڻ لاءِ ڪجھ تکو هلي رهيو هو جيڪڏهن ڪو ٻيو اُتي موجود هجي ها تہ هن جو خوفزده هئڻ قبول ڪري سگھجي ٻيو پر جڏهن اتي ٻيو ڪو موجود ئي ڪونہ هو تہ پوءِ خوف ڇا جو؟ پر اسان اڪيلائپ کان خوفزنده ٿيندا آهيون. حقيقت ۾ تہ اسان پنهنجو پاڻ کان خوفزده هوندا آهيون ۽ جڏهن اسان اڪيلا هجون تہ اهو خوف اڃا بہ وڌي ويندو آهي. دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو وجود ڪونهي جنهن کان اسان پاڻ کان وڌيڪ خوفزده ٿيندا هجون. اسان ميڙاڪن جي وچ ۾ رهي گهٽ خوفزده ٿيندا آهيون ۽ جڏهن بہ اسان اڪيلا ٿيندا آهيون تہ خوف اسان جي مٿان چانڻجڻ لڳندو آهي.

اهو همراهہ اڪيلو هو هو خوف جي ڪري ڊوڙڻ لڳو هو... شام جو وقت هو هر شيءِ مانڌار ۾ ٻڏل هئي. پري پري تائين ڪير بہ موجود ڪونہ هو. جڏهن هن تيز ڊوڙڻ شروع ڪيو تہ هن کي محسوس ٿيو تہ ٻيو بہ ڪو هن جي پٺيان تيز قدمن سان هلندو پيو اچي. هن سوچيو تہ ڪو هن جو پيڇو ڪري رهيو آهي. هن جو خوف اڃان بہ وڌي ويو. خوف جي حالت ۾ هن ٿورو پٺتي نهاريو. هن هڪ پاڇي کي پنهنجي پويان ڊوڙندي محسوس ڪيو. اهو پاڇو هن جو پنهنجو ئي هو. پر اهو سوچي تہ ڪو پاڇو هن جي پٺيان آهي. هن پنهنجي رفتار کي اڃان بہ تيز ڪيو. اهو همراهہ جيتري تيزيءَ سان اڳتي ڊوڙي پيو پاڇو بہ هن جي پٺيان تيزيءَ سان وڌندو پيو. اچي ۽ نيٺ پاڇي جي خوف ۾ اهو همراهہ چريو ٿي ويو ۽ زماني ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي چرين کي احترامن پوڄيندا آهن.

جڏهن ڳوٺ وارن هن کي تيز ڊوڙندي ڏٺو تہ انهن محسوس ڪيو تہ اهو همراهہ ڪا پوڄا ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ رات جي اونداهيءَ ۾ هن جو پاڇو گم ٿي پي ويو پر هو بيٺو نہ ٿي. ڏينهن

جي روشني ٿيندي ئي هو ڊوڙڻ شروع ڪندو هو ۽ حي خيال ۾ رات جو ڪٿي ويهڻ ڊوڙان پاڇو هن وٽ پهچي هن سي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ٿي ويو. سو هن رات جو آرام ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو هو.

ايئن هو مڪمل چريو ٿي ويو. هن کائڻ پيئڻ بہ ڇڏي ڏنو. هزارين ماڻهو هن کي ڏسندا هئا ۽ هن مٿان گلن جي ورکا ڪندا هئا. ڪو هن کي ماني ڏيندو هو نہ. ڪو پاڻي پيش ڪندو هو. ماڻهن جي دلين ۾ هن لاءِ ادب ۽ احترام وڌي ويو هو. پر اهو ماڻهو پنهنجي ذهني ۽ جسماني حالت جي حوالي سان ڪمزور ٿي ويو هو. نيٺ هڪ ڏينهن فوت ٿي ويو. جتي هو فوت ٿيو هو اتي ڳوٺ جي ماڻهن هڪ وڏ هينان هن جي قبر ٺاهي ڇڏي ۽ هڪ درويش جي مزار ٺهي وئي. ماڻهن هڪ بزرگ کان سوال ڪيو تہ انهيءَ مزار جي ڪتبي تي ڇا لکرائن؟ اُنهيءَ بزرگ ڪتبي تي لکڻ لاءِ هڪ جملو تجويز ڪيو.

ڪنهن ڳوٺ ۾ اها قبر اڄ بہ موجود آهي ٿي سگهي ٿو توهان جو لنگهہ بہ انهيءَ مزار وٽان ٿيو هجي ۽ انهيءَ ڪتبي تي لکيل هيءُ جملا توهان بہ پڙهيا هجن تہ:

"هتي اهو شخص آرامي آهي جيڪو پنهنجي پاڇي کان جدا ٿي ويو هو. هن پنهنجي سموري زندگي پاڇي کان فرار حاصل ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي. هن کي ايتري بہ خبر ڪانہ هئي جيتري هن جي قبر جي پٽر کي آهي تہ. جيئن تہ هو پاڻ پاڇي ۾ آهي سو هن جو ڪوبہ پاڇو ڪونهي. سو ان لاءِ هو ڪنهن پاسي ڊوڙي بہ نہ ٿو."

ڊوڙندا تہ اسان بہ آهيون ۽ اسان کي اهو سوچڻ گهرجي تہ پلا ڪو ماڻهو پنهنجي پاڇي کان ڪيڏانهن پڇي سگهندو آهي؟ ان جي باوجود بہ اسان پاڇن پٺيان ڊوڙندا رهندا آهيون ۽ جنهن کان اسان پڇڻ چاهيندا آهيون اهو يڪدم اسان جو پيڇو ڪرڻ شروع ڪندو آهي ۽ جيترو تيز اسان ڊوڙندا آهيون پٺيان ايندڙ بہ

اوترو ئي تيزيءَ سان ڊوڙ شروع ڪندو آهي. چاڪاڻ ته اهو اسان جو پاڇو هوندو آهي.

موت به اسان جو پاڇو آهي. جيڪڏهن اسان ان کان پري پڇنداسين ته ان جي سامهون منهن ڏئي نه بيهي سگهنداسين. ۽ اهو به ڇاڪاڻ نه سگهنداسين ته هو ڇا آهي؟ جيڪڏهن اهو همراهه به بيهي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ها ته هو ڪنهن ڪان پيو پري پڇي ته شايد پاڻ ئي پاڻ مٽان ٽهڪ ڏئي ها ۽ چوي ها ته مان به عجيب ماڻهو آهيان جو رڳو هڪ پاڇي کان ڊڄان پيو. ڪيه ماڻهو پاڇي کان نه پيڇو ڇڏائي سگهي ٿو ۽ نه ئي ڪو ماڻهو انهيءَ تي قابو پائي سگهي ٿو. پر ان جو مطلب اهو به ناهي ته ڪو پاڇو اسان کان وڌيڪ طاقتور آهي ۽ اهو ته اسان ان کي قابو ۾ نه ٿا آڻي سگهون. پر واضح طور هن ڳالهه جو مطلب آهي ته. پاڇي جو ڪو وجود ئي ڪونهي. ان ڪري فتح ۽ شڪست جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو موت هٽان شڪست کائي ويهندا آهن... جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته موت، زندگيءَ جو پاڇو آهي.

زندگي، جيئن جيئن اڳتي وڌندي ويندي آهي. پاڇو به ان سان گڏوگڏ وڌندو ويندو آهي. موت، حقيقت ۾ زندگيءَ جو پاڇو آهي. جيڪو هميشه زندگيءَ جي پٺيان هلندو آهي ۽ اسان ڪڏهن پنتي مڙي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ئي ناهيون ڪندا ته آخر هو ڇا آهي؟ ۽ انهيءَ ڊوڙ ۾ ايئن ٿيندو آهي جو اسان ڊوڙي ڊوڙي ٽڪجي ڪري پوندا آهيون. ۽ ايئن ڪونهي ته انهيءَ ماڳ تي اسان پهريون پيرو پهتا هجون. توهان اڳ ۾ به انهيءَ ماڳ تي اڳي چڪا آهيو. انهيءَ ساڳي جاءِ تي نه سهي، ان جهڙي ڪنهن بي جاءِ تي، سمنڊ جي ڪناري تي. اهو به ٿي سگهي ٿو انهيءَ ساڳي جسم ۾ به نه هجو ۽ ڪنهن بئي جسم ۾ ظاهر ٿيا هجو پر زندگي، موت کان خوفزده ٿي ڊوڙ جو نالو آهي.

موت جي انهيءَ خوف ۾ مبتلا رهندي خبر ناهي اسان کيترا جيون گذاري چڏيا آهن، پر نہ تہ اسان ان کي ڏسي سگهيا آهيون، نہ ئي کيس سجاٽون ٿا ۽ ٿيندو ايئن آهي تہ خوف ۾ ورتل هجڻ کري جڏهن اسان جي اڳيان موت اچي بيهندو آهي تہ پوءِ کوبہ هوش ۾ ناهي رهي سگهندو، پر جيکڏن هک پيرو بہ سجاڳيءَ سان هوش سان، حواسن جي بحاليءَ سان موت کي ڏسي وڃي تہ هن وٽان موت جو خوف هميشہ لاءِ موکلائي هليو وڃي. جيکڏهن کوبہ هک پيرو هوشياريءَ سان اهو ڏسي وڃي تہ موت چا آهي، تہ موت جو خوف هن کي کڏهن بہ وري نہ ٿيندو. اسان موت تي فتح حاصل کري سگهون ٿا... نہ رڳو موت پر اسان انهن شين کي بہ قابو کري وٺنداسين جن جو دنيا ۾ حقيقي وجود آهي... موت جي حقيقت جاڻڻ سان سموري دنيا کي فتح کري سگهجي ٿو پوءِ کجهہ بہ نہ بچندو جنهن تي فتح حاصل کرڻ ناممکن هجي.

اسان انهيءَ کان اڳ بہ کيترا ئي پيرا موت سان منهن ڏئي چڪا آهيون، پر ٿيو ايئن آهي تہ جڏهن بہ هو اسان مٿان آيو آهي، اسان هوش ۾ ناهيون رهي سگهندا، حواس گم ٿي ويندا آهن، اهو ايئن آهي جيئن کنهن مريض کي آپريشن کان اڳ ۾ بي هوش کيو ويندو آهي ۽ اُن کي آپريشن جي تکليف جو احساس ناهي رهندو. اسان موت کان ايتري قدر تہ ڊنل هوندا آهيون، جو جڏهن هو اڳيان ايندو آهي تہ جاڻي واڻي بي هوش ٿي ويندا آهيون. موت کان کجهہ گهڙيون اڳ، اسان مٿان بي هوشي چانئجي ويندي آهي، اسان بي هوشيءَ جي حالت ۾ مري ويندا آهيون ۽ وري بي هوشيءَ جي حالت ۾ ٻيهر جنم وٺندا آهيون، نہ ئي اسان موت کي ڏسي سگهندا آهيون ۽ نہ ئي وري نئين جنم کي، نتيجي ۾ اسين اهو جاڻي ئي ناهيون سگهندا تہ زندگي تہ دائمي آهي، موت ۽ زندگي تہ انهيءَ سفر جيان آهن جيئن اسان

رستي ۾ لباس ۽ گھوڙا تبديل ڪندا رھندا آھيون. پراٽي دؤر ۾ جڏھن سفر جي سھوليتن لاءِ ريل گاڏيون موجود ڪونہ ھيون، انھيءَ دؤر ۾ ماڻھو گھوڙي گاڏين ۾ سفر ڪندا ھئا. ھڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ڏانھن ويندا ھئا. جڏھن گھوڙا ٽڪجي پوندا ھئا تہ ڪجھ خاص ماڳن تي ٽڪل گھوڙن کي تازہ دم گھوڙن سان بدلايو ويندو ھو. اھڙيءَ طرح ھر ايندڙ منزل تي اھا تبديلي ٿيندي رھندي ھئي، پر ايئن ڪرڻ وقت ماڻھن کي اھو احساس ڪونہ ھوندو ھو تہ ايئن ڪرڻ سان موت ۽ حياتي جو چڪر بہ ڇاٽي سگھجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ گھوڙا تبديل ڪرڻ وقت تہ اسان مڪمل ھوش ۽ حواس ۾ ھوندا آھيون.

ڪڏھن ڪڏھن ايئن بہ ٿيندو ھو تہ گھوڙي سوار نشي جي حالت ۾ سفر ڪندو ھو. انھيءَ حالت ۾ ڪڏھن ھو آس پاس نظر وجھندو ھو تہ ھن کي ھر منظر حيرت ۾ وجھي ڇڏيندو ھو... ھن کي ھر شيءِ بدليل، بدليل نظر ايندي ھئي. مون ٻڌو آھي تہ ھڪ پيري ھڪ گھوڙي سوار نشي جي حالت ۾ ڇيو ھو تہ "ڪٿي ايئن تہ ناھي مان پاڻ بہ تبديل ٿي ويو آھيان. ايئن نہ ٿو پائنجي تہ ھيءُ اھو ئي گھوڙو آھي جنھن جي پنيءَ تي ويھي مون سفر جي شروعات ڪئي ھئي يا وري ايئن ٿيو آھي تہ ماڻ ئي بدلجي ويو آھيان؟

موت ۽ حياتي بس اھڙن ماڳن جي حيثيت رکن ٿا جتي گاڏيون تبديل ڪيون وڃن ٿيون، جتي پراٽيون گاڏيون ڇڏيون وڃن ٿيون، جتي ٽڪل گھوڙن کي ڇڏي نوان گھوڙا حاصل ڪيا وڃن ٿا. جڏھن حياتي ۽ موت جي سموري ڪارروائي بي ھوشيءَ جي حالت ۾ ٿئي تہ پوءِ پلا ڪو زندگيءَ کي ڪيئن ٿو ھوش منديءَ سان گذاري سگھي، پوءِ انسان جو ھر عمل نيم بي ھوشي يا ننڊاکڙي حالت ۾ ھجي ٿو. مان جيڪو چوڻ چاھيان ٿو اھو مختصرن ھيءُ آھي تہ موت کي سمجھڻ ۽ ان کي ڇاڻڻ لاءِ ان کي

سامهون ڏسڻ ضروري آهي. ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن هوش منديءَ سان انسان موت سان هم ڪنار ٿئي. موت کي ڪو تڏهن ئي ڏسي سگهي ٿو جڏهن ڪو مري رهيو هجي. تہ پوءِ موت کي ڏسڻ جو آخر ڪهڙو رستو وڃي بچيو آهي؟

جيڪڏهن ڪو ماڻهو موت کي پنهنجي مرڻ وقت ڏسندو تہ ان کي سمجهڻ لاءِ مهلت ڪٿان ملندي؟ انهيءَ ڪري جو موت وقت ماڻهوءَ جي مٿان سڪرات چانئجي ويندي آهي.

ها، هڪ رستو آهي. اسان پنهنجي آزاد مرضيءَ سان موت جو تجربو ڪري سگهون ٿا ۽ مان پڪ سان چوان ٿو تہ استغراق، سماڌي يا مراقبو ئي انهيءَ تجربي جو نالو آهي. ايئن رضاڪارانہ طور تي موت کي اختيار ڪرڻ سماڌي، استغراق، يا مراقبو آهي. اسان جي ڏهي پوڻ جي صورت ۾ هڪ شڪل ايئن ظاهر ٿيڻي آهي... اسان پنهجي مرضيءَ سان بہ مري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان پنهنجي اندر ۾ پنهنجي جسم ۽ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ فاصلو قائم ڪريون. اهڙي طرح پنهنجي اندر کان پنهنجي جسم کي ڌار ڪري مرڻ جو اهو تجربو سؤلائي سان ڪري سگهجي ٿو. اسان اڄ ۽ هن ئي شام جو اهو تجربو ڪري سگهون ٿا. مرڻ جي انهيءَ تجرباتي سفر جي ذريعي اسان جو جسم، اسان جو روح انهيءَ ڪيفيت کان واقف ٿي سگهندا جڏهن ڪو سوار پراڻي گاڏي ڇڏي ٻي گاڏيءَ تي نئين منزل ڏانهن روانو ٿيندو آهي.

مون ٻڌو آهي هت هڪ پيري هڪ همراهہ مسلمان درويش شيخ فريدؒ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين: ٻڌو آهي تہ منصور جا هٿ ۽ پير ڪٽيا ويا هئا تہ هن کي ذرو بہ سور يا تڪليف ڪانہ ٿي هئي. پر اها ڳالهہ اعتبار جي قابل ڪانهي جو انسان کي ذرڙو ڪنڊي جو بہ چُبي ٿو تہ هن کان رڙ ٿي نڪري وڃي. تہ پوءِ هٿ پير ڪٽجڻ سان هن کي تڪليف ڇو محسوس ڪانہ ٿي هوندي؟

ايئن ٿو لڳي تہ اُهي سپ ڪوڙيون ڳالهيون آهن. ان همراهہ اهو بہ چيو تہ: "اهو بہ ٻڌون ٿا تہ جڏهن حضرت عيسيٰؑ کي صليب تي چاڑهي ميخون ٺوڪيون ويون تہ ان کي بہ ڪا تڪليف محسوس ڪانہ ٿي هئي، ۽ هن کي آخري دعائون پڙهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، رت ۾ ٻڏل اگهاڙي حالت ۾ ميخن لڳل صليب تي حضرت عيسيٰؑ جيڪو ڪجهہ چيو اهو ناقابلِ يقين آهي؟

حضرت عيسيٰؑ چيو هو تہ: "هنن ماڻهن کي معاف ڪجو، هنن کي اها ڄاڻ ڪانهي تہ هيءُ ڇا پيا ڪن؟"

اهو جملو توهان بہ ٻڌو هوندو. ۽ دنيا ۾ موجود عيسائيت تي يقين رکندڙ ماڻهو انهن لفظن کي ورجائيندو رهي ٿو. جملو انتهائي سؤلو ۽ سادو آهي. حضرت عيسيٰ عليه السلام چيو هو تہ "اي خدا، هنن کي معاف ڪجانءِ، هنن کي اها ڄاڻ ڪانهي تہ هيءَ ڇا پيا ڪن." اهو جملو پڙهندي هر ماڻهو اها ڳالهہ سؤلائي سان سمجهي ٿو تہ حضرت عيسيٰؑ جو مطلب اهو هو تہ هيءَ همدرديءَ جي قابل ماڻهو آهن ۽ اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ معجزاتي صفتن راري هڪ انسان کي اُهي قتل ڪري رهيا آهن، پر حقيقت ۾ حضرت عيسيٰ جو مطلب اهو نہ هو پر حقيقت ۾ هو جئي رهيو هو تہ هيءَ هڪ اهڙي انسان کي قتل ڪن پيا جيڪو ڪڏهن بہ مري نہ ٿو سگهي.

"هنن کي معاف ڪري ڇڏجانءِ، هيءُ نہ ٿا ڄاڻن تہ هيءَ ڇا پيا ڪن، هيءَ هڪ بيڪار ڪوشش ڪري رهيا آهن، هيءَ هڪ انسان کي قتل ڪرڻ چاهن ٿا، جيڪو ڪم ناممڪن آهي."

اهو همراهہ چوڻ لڳو: "اهو يقين ڪرڻ ڏکيو آهي تہ هڪ اهڙو ماڻهو جنهن کي قتل ڪيو پيو وڃي اهو ايتري رحم دليءَ جو مظاهرو ڪري سگهي، عملي طور تہ هن کي ڪاوڙ ۾ اچڻ گهرجي ها.

شيخ فريد رحہ هڪ ڏينهن ۽ چيائين "تو هڪ سٺو سوال ڪيو آهي، پر مان انهيءَ جو جواب توکي پوءِ ڏيندس، اڳ ۾ مون

تي هڪ مهرباني ڪر. هن پرسان پيل هڪ ناريل کنيو ۽ ان همراهه کي ڏيندي چيائين. هن کي ٿورو احتياط سان ٽوڙ جيئن هن جي گري نه ٽٽي جيئن ته ناريل ايجان ڪچو هو. ان لاءِ ان همراهه چيو "معاف ڪجو. مان ايئن نه ٿو ڪري سگهان ناريل صفا ڪچو آهي ۽ جي مان هن کي ٽوڙيندس ته لازمي آهي هن جي گري به ٽٽي پوندي." شيخ هن کي ٻيو ناريل ڏنو جيڪو پڪل هو ۽ ان کي ٽوڙڻ لاءِ چيائين "چا تون هن جي گريءَ کي ٽٽڻ کانسواءِ ڏيڻ سگهين ٿو؟" ان همراهه چيو ته "ها. هن جي گري صحيح سلامت نڪري ايندي." شيخ چيو ته "پوءِ تنهنجي سوال جو جواب به اهوئي آهي."

ان همراهه حيران ٿيندي چيو ته "مان سمجهي ڪونه سگهيس سوال جي جواب ۽ هن ناريل جو ڪهڙو ڳانڍاپو آهي. منهنجي سوال جو هن ناريل سان ڪهڙو ناتو آهي؟ شيخ فريدؒ چيو: "چڱو. هن ناريل کي هڪ پاسي رک. ان کي يا ٻي ڪنهن شيءِ کي به ٽوڙڻ جي ضرورت ڪانهي. منهنجو اشارو هيءُ آهي ته هڪ ناريل ۾ گري ۽ کوپو پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا آهن. جيڪڏهن توهان کوپي تي ڏڪ هٽندؤ ته لازمي طور تي گري به ٽٽي پوندي. ان کانسواءِ هڪ ٻيو خشڪ ناريل آهي. هاڻ تون ٻڌائي ته خشڪ ناريل ۽ ڪچي ناريل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ٻنهي جي وچ ۾ ٿورڙو فرق آهي. خشڪ ناريل جي گري سُڪي، کوپي کان ڌار ٿي چڪي آهي. گري ۽ کوپي جي وچ ۾ فاصلو پيدا ٿي ويو آهي. هاڻ تون به ڇاڻين ٿو ته کوپو ٽوڙڻ باوجود ان جي گري صحيح سلامت نڪرندي. اهوئي تنهنجي سوال جو جواب آهي. اهو همراهه پوءِ به ڳالهه سمجهي نه سگهيو ته موٽ ۾ ڪيس شيخ فريدؒ چيو: "هاڻ تون مري وڃ... انهيءَ کانسواءِ تون منهنجي ڳالهه نه ٿو سمجهي سگهين. انهيءَ ڪري جو موت وقت تون حواس وڃائي ويهندي هڪ وقت

اهڙو بہ ايندو آهي جو کوپو ۾ گري هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويندا آهن پر ان گهڙيءَ تون هوش ۾ نہ رهي سگهندين، جيڪڏهن تون ڪجهہ سمجهڻ چاهين ٿو تہ هينئر کان ئي سکڻ شروع ڪر، تہ جيئن گريءَ کي کوپي کان ڌار ڪري سگهجي؟ هينئر کان ئي... جڏهن تون زنده آهين؟ جيڪڏهن جسم جي کوپي ۾ هوش منديءَ جي گري کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪجي تہ انهيءَ پل موت جو انت اچي سگهي ٿو. ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلو پيدا ڪرڻ سان تون اهو ڄاڻي ونڊين تہ کوپو ۾ گري ٻئي ڌار ڌار شيون آهن ۾ اهو تہ کوپو ٽٽڻ باوجود تون سلامت رهندين... ۾ اهو تہ تنهنجي ٽٽڻ يا ختم ٿيڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿيندو... انهيءَ حال ۾ جيڪڏهن موت بہ اچي وڃي تہ تون ناهين واري ڪيفيت بہ فنا ٿي ويندي ۾ اهو تہ تون موجود آهين واري ڪيفيت باقي ٻچندي.

استغراق، مراقبي، ڌيان، يا سماڌيَ جو سؤلو مفهوم اهوئي آهي، انهيءَ طريقي ڪار سان آگهي جي گري ۾ وجود جي کوپي کي ڌار ڪيئن ڪجي؟ انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪرڻ جو تصور ان ڪري ممڪن آهي جو حقيقت ۾ اهي آهن بہ بہ الڳ وجود. ٻنهي کي ڌار ڌار ان ڪري بہ سڃاڻي سگهجي ٿو جو اُهي بهرحال ڌار حقيقتون آهن. اهوئي سبب آهي جو مان ڌيان، مراقبي کي رضاڪارانہ طور تي فنا ٿي وڃڻ جو نالو ڌيان ٿو ۾ جيڪو انسان رضاڪارانہ طور تي حملي آور اَجل کي پاڪر پائي ٿو انهيءَ تي اها حقيقت ظاهر آهي تہ هو نہ رڳو موت کي پنهنجي اکين سان ڏسي ٿو پر پاڻ جڙ تہ اُتي موجود هوندو آهي. سقراط موت جي ويجهو هو. آخري پل باقي بچيا هئا، هن کي مارڻ لاءِ زهر تيار ڪيو پي ويو ۾ هو هر هر اهو پڇي رهيو هو تہ زهر تيار ٿيڻ ۾ باقي ڪيتري دير آهي. ايترو وقت ڇو پيو لڳي ۾ هن جي دوستن جو احتجاج بہ جاري هو اُهي هن مٿان ناراض ٿي رهيا هئا تہ هو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ايان ڪجھ وقت زندھ رھڻ جو خواھشمند ڇو ناھي. انھن خود زھر جو پيالو تيار ڪندڙ کي رشوت ڏني ھئي تہ ھو زھر تيار ڪرڻ ۾ ڪجھ دير لڳائي تہ جيئن اُھي سقراط سان ڪجھ وقت گذ رھي سگھن.

نيٺ سقراط ٻاھر نڪتو ۽ ھن زھر تيار ڪندڙ کي چيو "چا تون اھو ڪم پھريون پيرو ڪري رھيو آھين؟ چا ھن کان اڳ تو زھر کي ناھي گھوٽيو؟ تون ھن ڪم ۾ جيتري دير پيو ڪرين ان مان صاف ظاھر پيو ٿئي تہ توکي ھن ڪم جو اڳ ۾ ڪو تجربو ڪونھي. چا اڄ کان اڳ تو ڪنھن مجرم کي زھر ڪونھي ڏنو؟" انھيءَ ھمراھ جواب ڏنو "منھنجي سموري زندگي ڏوھارين کي زھر پيئاريندي گذري آھي پر اڄ کان اڳ ۾ مون ڪو اھڙو چريو ماڻھو ڪونھي ڏٺو. نيٺ توکي تڪڙ ڇاجي آھي ۽ مان تہ ھاسيڪار دوائن جي رڳڙائي ۾ دير ڪيان پيو تہ جيئن تون ڪجھ وقت ايڏا ھن دنيا ۾ جيئرو رھي سگھين. ڪجھ وڌيڪ ساھ کڻي سگھين، پر تون تہ چرين جيان ان ڳالھ تي زور ڏئي رھيو آھين. نيٺ تون مرڻ لاءِ ايترو بي چين ڇو آھين؟"

سقراط چيو: "مان ان لاءِ تڪڙ ۾ آھيان جو مان موت کي ڏسڻ ٿو چاھيان. مان ڏسڻ ٿو چاھيان تہ نيٺ موت ڇا ھوندو آھي؟ ۽ مان ڏسڻ ٿو چاھيان، تہ جڏھن مون مٿان موت ايندو تہ مان بچي ب سگھندس يا نہ؟ جيڪڏھن مان نہ بچي سگھيس تہ سڀ ڪجھ ختم ٿي ويندو... ۽ جيڪڏھن مان بچي ويس تہ پوءِ موت جي ڪا حقيقت نہ ھوندي. اصل ۾ مان اھو ڏسڻ چاھيان ٿو تہ ھن ويڑھاند ۾ ڪير فنا ٿيندو... خود موت فنا ٿيندو يا آئون؟ منھنجي خواھش آھي تہ مان ڏسي سگھان موت بچي ٿو يا مان ٿو بچان؟ پر اھو سڀ مان ڪيئن ڏسي سگھندس جي مان زنده نہ ھوندس تہ؟

سقراط کي زهر ڏنو ويو هن جي دوستن روئڻ شروع ڪيو هن جا دوست ڏک ۾ ڇڙ ته ڇريا ٿي پيا هئا، پر ڇا؟ توهان اهو ڄاڻو ٿا ته ان وقت سقراط ڇا پي چيو؟ اهو انهن کي ٻڌائي رهيو هو ته موت هن وقت منهنجي گوڏن تي اثر انداز ٿيو آهي، هاڻ گوڏن کان مٿي منهنجي ٽنگ بي جان ٿي وئي آهي. هن وقت توهان منهنجون ٽنگون ويڊي ۾ ڇڏيو ته مون کي خبر ڪانه پوندي، پرمنهنجا دوستو مون کي اهو چوڻ ڏيو ته منهنجون ٽنگون ته بي جان ٿي ويون آهن پر مان پوءِ ۾ زنده آهيان. ان ڪري اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته مان ٽنگن تي رڳو ٻڌل ڪونه هئس. ڇاڪاڻ ته مان ايان ته موجود آهيان، مان جيئن جو تيئن موجود آهيان. منهجي اندر جي ڪابه شيءِ فنا ناهي ٿي. منهجا دوستو اجايو توهان آهه ۾ زاري پيا ڪريو.

سقراط چيو پي، ته روئو نه، لڙڪ نه هاريو ڏسو توهان کي هڪ موقعو ملي پيو هڪ انسان مري پيو ۾ توهان کي واقف ڪري پيو ته هو ايان زنده آهي. توهان منهنجي ٽنگ کي پاڙ کان وڍي ڇڏيو تڏهن ۾ مان فنا ڪونه ٿيندس، ان کانپوءِ ۾ زنده هوندس. منهنجا ٻئي هٿ ۾ منهنجو ساڻ ڇڏين پيا ۾ اُهي ۾ مري ويندا. افسوس مون ڪيترائي ڀيرا انهن هٿن ذريعي پنهنجي سجاڻپ ڪرائي آهي، پر هاڻ اهي منهنجو ساڻ ڇڏين پيا... مان پوءِ ۾ موجود آهيان.

پنهنجي مرڻ تائين سقراط ايئن ئي ڳالهائيندو رهيو. هن چيو ته آهستي آهستي هر شيءِ پرسڪون ٿيندي ٻئي وڃي، هر شيءِ ساڻ ڇڏيندي ٻئي وڃي. پر مان ايان ۾ صحيح سالم موجود آهيان. ڪجهه گهڙين کانپوءِ شايد توهان کي ڪجهه ٻڌائڻ جي قابل نه رهان، پر انهيءَ مان توهان اهو نه سمجهجو ته هاڻ مان ناهيان رهيو اهو ڪيئن ممڪن آهي ته مان پنهنجي جسم جو

وڌيڪ ٿورڙو حصو بي حس ٿيڻ سبب مري ويڃان؟ ٿي سگھي ٿو مان هاڻ توهان کي وڌيڪ ڪجھ ٻڌائڻ جي قابل نہ رهان چاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ جسم جي ذريعي ئي ممڪن آهي... پر مان پوءِ بہ موجود هوندس. عين آخري گھڙين ۾ هن چيو: "هاڻ شايد مان پنهنجي آخري ڳالھ چوان پيو منهنجي زبان بہ هاڻ جواب ڏئي ٿي. هن کان پوءِ مان هڪ لفظ بہ نہ ڳالهائي سگھندس، پر وري مان چوان ٿو تہ مان موجود رهندس، ابستائين جو موت جي آخري ڪنڊين ۾ بہ هن چيو "مان اڃان بہ زنده آهيان."

ڏيان. مراقبي، ۾ بہ انسان آهستي آهستي داخل ٿئي ٿو ۽ هن جي اڳيان آهستي آهستي هڪ کان پوءِ هڪ شيءِ گذرندي وڃي ٿي هر شيءِ کان هڪ خاص مفاصلو قائم ٿيندو ويندو آهي ۽ نيٺ هڪ پل اهڙو ايندو آهي جڏهن پاسجندو آهي تہ سڀ ڪجھ پري، تمام پري ٿيندو پيو وڃي. ايئن لڳندو آهي پنهنجي سامهون ڪنهن ٻئي جو لاش عبارت گاھ جي ڪناري تي پيو آهي ۽ ماڻهو پاڻ بہ موجود آهي، جڏ تہ توهان جو جسم اُتي پيو آهي ۽ توهان پاڻ بہ موجود آهيو.. انهيءَ کان صفا ڌار مڪمل، تبديل ٿيل ۽ ڪجھ مختلف.

جيڪڏهن زندگيءَ دؤران انسان موت کي رڳو هڪ پيرو سامهون ڏسي ونڻ تہ ان کان پوءِ ڪڏهن بہ موت سان انسان جو واسطو نہ پوندو. موت ايندو رهندو پر رڳو ايئن جيئن ڪجھ گھڙين لاءِ ماڻهو ڪٽي ترسيو ۽ اڳتي سفر شروع ڪيائين. ايئن، جيئن ڪپڑا تبديل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ترسيو يا سفر دؤران گھوڙا ونڻ لاءِ ڪٽي ساهي ڪنيائين، يا وري نئين جسم سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويو ۽ موت ڪڏهن بہ انسان کي فنا نہ ڪري سگھندو. انهيءَ ڪيفيت ڏي انسان تڏهن ئي سمجهي سگھون ٿا جڏهن انسان موت تي قابو پائي سگھنداسين ۽ يقينن انسان کي ڇاڻڻو

پوندو اسان کي انهن مرحلن مان گذرڻو پوندو. اسان جيئن ٿا موت کان بي حد خوفزده رهندا آهيون. ان لاءِ اسان مراقبي ۾ ڪامياب ناهيون ٿيندا. اڪثر ماڻهو اڇي مون وٽ اعتراف ڪندا آهن ٿا اُهي مراقبي ۾ ڪامياب ناهن ٿيندا... مان ڪيئن ٻڌايان انهن کي ٿا انهن جو اصل مسئلو ڪجهہ ٻيو آهي؟ انهن جو اصل مسئلو اهو موت جو خوف آهي ۽ مراقبو بہ گهٽ وڌ موت جي هم معنيٰ آهي. مڪمل مراقبي جو عامل انهيءَ نقطي تي پهچي ويندو آهي جڏ ان مٿان موت اڇي پهتو آهي۔ فرق رُڳو اهو آهي ٿا هڪ مرڻ وارو انهيءَ نقطي تي پُهچي ٻي هوشيءَ جي حالت ۾ موت جي حالت کي پهچي ٿو جڏهن ٿا اسان انهيءَ نقطي تي پنهنجي هوش حواس جي ذريعي پهچون ٿا. بس اهوئي فرق آهي، مرڻ واري کي اها خبر ناهي پوندي ٿا هُن مٿان ڇا گذري آهي ۽ ڪا ڪيئن لٿي ۽ اندر جي گري ڪيئن سلامت رهي ۽ مراقبو ڪندڙ ڇڪيءَ طرح ڄاڻي ٿو ٿا ڪل کان گري ڏار ڪيئن ٿي؟

يقين سان چئي سگهجي ٿو ٿا جيڪي ماڻهو پنهنجو مڪمل ڌيان نہ ٽالڳائي سگهن، انهن جي خيالن ۾ موت جي خوف جو ٻڪو هئڻ آهي، انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو سبب ڪونهي. اُهي ماڻهو جيڪي موت کان ڊجن ٿا اُهي مراقبو ڪرڻ جي قابل ڪونهن. مراقبو ڇا آهي؟ رضاڪارانہ موت کي پليڪار. موت کي دعوت ڏني ويندي آهي ٿا اڇا مان مرڻ لاءِ تيار آهيان. مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو ٿا موت ڪانپوءِ ٻچي سگهندس يا نہ؟ ۽ بهتر اهو آهي ٿا انهيءَ حال کي مان پنهنجي هوش حواس ۾ پهچان. ڇاڪاڻ ٿا بي هوشيءَ جي حالت ۾ ان باري ۾ ڪجهہ ڄاڻي نہ سگهندس.

انهيءَ ڪري مان اهوئي چوندس ٿا جيستائين موت کان فرار ٿيندا رهندؤ اهو توهان کي فتح ڪندو رهندو ۽ جنهن ڏينهن بہ

موت جي اڳيان ڇاتي تاڻي بيهندؤ. اهو آخري ڏينهن هوندو جڏهن موت توهان جو پيڇو ڇڏي ڏيندو ۽ توهان باقي رهندؤ.

ايندڙ ڏينهن تائين منهنجي ڳالهه ٻولهه موت تي حملي آور ٿيڻ جي طريقن تي ٻڌل هوندي. مون کي اُميد آهي ته انهن ڏينهن ۾ ڪيترائي ماڻهو اهو ڄاڻي ونندا ته ڪيئن مرڻ گهرجي ۽ انهيءَ تي مهارت ۽ حاصل ڪري ونندا ۽ جيڪڏهن توهان هن سامونڊي ڪناري تي مري سگهو ٿا... هيءَ ڪنارو هڪ خاص اهميت جو مالڪ آهي. ساحلي عبادت گاهه آهي. هن سمنڊ ڪناري ڪنهن دؤر ۾ ڪرشن جي. آرام فرمايو آهي... جي ها. اهو ئي ڪرشن. جنهن هڪ جنگ ۾ ارجن کي چيو هو ته "بي فکر ٿي. خوفزده نه ٿي. مرڻ يا مارڻ کان نه ڊڄ. مان ٿو توکي ٻڌايان ته نه ته ڪو مرندو آهي نه ئي ڪو ڪنهن کي ماري سگهي ٿو. نه ته ڪو مئو آهي نه ئي ڪو ڪڏهن مري سگهي ٿو... ۽ اهو ته جيڪو مري چڪو آهي ۽ جيڪو مري سگهي ٿو اهو اڳ ۾ ئي مري چڪو آهي... اهو جيڪو مري سگهي ٿو اهو ته اڳ ۾ ئي مري چڪو آهي ۽ اهو جيڪو نه ٿو مري ۽ نه ماري سگهجي ٿو." ان جي مرڻ جي ڪابه صورت ڪانهي ۽ اهائي حقيقت ۾ زندگي آهي. اڄ رات اسان اتفاقي طور تي هن سمنڊ ڪناري تي عبادت گاهه ۾ گڏ ٿي ويا آهيون. جتي ڪڏهن ڪرشن جي. هلندو هو. هن واريءَ ڪرشن جيءَ جو هلندي ڦرندي درشن ڪيو هو. عام ماڻهو يقينن اهو نظريو رکن ٿا ته ڪرشن مري چڪو آهي... ڇاڪاڻ ته اسان موت کي سچ سمجهون ٿا. اسان جي خيال ۾ ته هر ماڻهوءَ کي مرڻو آهي. هن عبادت گاهه ۽ هن سمنڊ ڪناري ڪڏهن به محسوس ناهي ڪيو ته ڪرشن مري چڪو آهي. هن آسمان کي. هن ستاري کي ۽ چنڊ کي به ڪرشن جي. موت جي پڪ ناهي.

حقيقت ۾ تہ زندگيءَ جي ڪنهن بہ حصي ۾ موت جي ڪابہ جاءِ ڪانهي، پر اسان سڀ اهو سمجهون ٿا تہ ڪرشن مري چڪو آهي. اسان وٽ اهو عقيدو انهيءَ ڪري آهي جو اسان جي ذهن ۾ هر وقت موت جو خوف موجود رهي ٿو. اسان پنهنجي ذهن تي موت جي خيال کي حاوي ڪري ڇڏيو آهي. آخر توهان موت جي خوف ۾ مبتلا ڇو آهيو؟ موجود گهڙين ۾ جڏهن ساهہ کٽو پيا، زنا،ہ آهيو پوءِ بہ توهان پاڻ مٿان موت جو خوف ڇو طاري ڪيو آهي؟ "آخر اسان ڇو موت کان ايترو خوفزده آهيو؟" حقيقت ۾ انهيءَ خوف پٺيان هڪ راز لڪل آهي، هڪ اهڙو ڳُجهہ جنهن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

انهيءَ ڳجهہ پٺيان اصل ۾ هڪ حسابي عمل آهي. اسان پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ مرندي ناهي ڏٺو. هميشہ ٻين کي ئي مرندي ڏٺو آهي ۽ ٻين جا واقعا اسان جي اندر ۾ موت جي خوف کي پختو بنائن ٿا. مثال طور برسات جو هڪ ڦڙو هزارين ٻين ڦڙن سان ڪڪرن ۾ رهي ٿو. ايستائين جو هڪ ڏينهن سج جا ڪرڻا هن مٿان پون ٿاڻ اهو ٻاڦ جي شڪل ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ايئن ٻين مينهن ڦڙن جي نظر ۾ اهو ڦڙو مري ويو. اهو خيال غلط بہ ناهي... ڇاڪاڻ تہ هڪ پل اڳ ۾ انهن هن کي پنهنجي وچ ۾ ڏٺو هو جيڪو هاڻ اُتي موجود نہ هو پر اهو ئي ڦڙو ايجان بہ ڪڪرن ۾ موجود آهي. ٻاڦ جي صورت ۾، دونهين جي صورت ۾ پر جيستائين ٻيا ڦڙا انهيءَ شڪل ۾ هن سان وڃي نہ ملندا اوستائين انهن کي حقيقت جي ڄاڻ نہ پوندي. ها جيستائين ٻيا برسات جا ڦڙا انهن مرحلن مان پاڻ نہ گُذرندا انهن کي حقيقت جي ڄاڻ نہ پوندي. جڏهن بہ اسان پنهنجي آس پاس ۾ ڪنهن کي مرندي ڏسندا آهيون تہ چوندا آهيون هاڻ هو هتي ناهي رهيو. بلڪل اهڙيءَ طرح جي اسان جي اڳيان هڪ انسان مري ويو. اسان اهو

قبول نہ ٿا ڪريون تہ هو فضا ۾ جذب ٿي ويو آهي. مانار جي هڪ اهڙي سمنڊ ۾ لهي ويو آهي، جتان ڪان هو وري هڪ نئين سفر جي شروعات ڪندو يا جيئن هڪ ڏڙو دونهين (ٻاڦ) جي شڪل اختيار ڪري ويو. تہ جيئن اهو وري ٻيهر هڪ ڏڙي جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي. آخر اهو سمورو لقاءَ اسان ڪيئن ٿا ڏسي سگهون. اسان تہ اهو خيال ڪندا آهيون تہ هڪ ماڻهو مري ويو آهي، بس روزانو ڪوبہ ڪو مرندو آهي. روزانو ڪوبہ ڪو ڏڙو گم ٿيندو آهي. ايئن اسان کي پڪ ٿئي ٿي تہ اسان کي بہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي. اها سوچ تہ مون کي مرڻو آهي. اسان ۾ڪان هڪ خوف چانئجي ويندو آهي. "مان مري ويندس." اهو خوف اسان کي وکوڙي وجي ٿو. جيئن تہ اسان ٻين کي مرندي ڏسون ٿا ۽ موت جي خوف ۾ وکوڙجون ٿا. اهوئي اسان جو مسئلو آهي.

گذريل رات مان دوستن کي هڪ کهاڻي ٻڌائي رهيو هئس. هڪ ڀيري هڪ يهودي فقير پنهنجي مسئلن ۾ تمام گهڻو وکوڙجڻ سبب پريشان ٿي ويو.

انهيءَ يهودي فقير هڪ رات پنهنجي دعائن ۾ خدا کي چيو تہ "مان اهو نہ ٿو چوان تہ مون کي ڏک ۽ درد نہ ڏي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن مان انهن تڪليفن جو حقدار آهيان تہ يقينن مون کي اُهي ملڻ گهرجن... پر گهٽ ۾ گهٽ مون کي ايترو چوڻ جي اجازت ملڻ گهرجي تہ حد کان وڌيڪ سهپ کان مٿي تہ پريشانيون مون کي نہ ڏي. مان دنيا ۾ هر ماڻهوءَ کي کلندي، مرکندي ڏسان ٿو جڏهن تہ مان اڪيلو پريشانين ۾ وکوڙيل آهيان. هر ماڻهو مون کي خوش نظر اچي ٿو. مان اڪيلو ئي ڏکن جي اونداهين ۾ پٽکندو رهان ٿو. نيٺ مون ڪهڙي غلطي ڪئي آهي؟ اي خدا! مون تي هڪ مهرباني ڪر منهنجي مسئلي جي بدلي ۾ مون کي ڪنهن ٻئي انسان جا مسئلا ڏي. منهنجا ڏک ۽ غم پنهنجي پسند

جي ڪنهن ماڻهوءَ سان بدلائي ڇڏ. مان انهن کي خوشيءَ سان قبول ڪندس.

ان رات هن هڪ عجيب خواب ڏٺو هڪ تمام وڏي عاليشان عمارت ۾ هن جي آس پاس جا ڪوڙ ماڻهو هئا ۽ ٻڌڻ ڪنهن جي ڪلهي تي سندس ڏکن ۽ دردن جي وڏي هڙ موجود هئي، سمورن ماڻهن جي دردن جو وزن هڪ جيترو هو. ڪنهن جي به ڳنڍ ڪنهن کان ننڍي نه هئي. هر ڪو دردن جي وڏيڪ بار هيٺ دٻيل هو. هيءُ ذهني طور مونجهارن جو شڪار ٿي ويو. هيءُ پنهنجي پاڙيسري، جنهن کي روزانو ڪلندي مرڪندي ڏسندو هو ۽ جنهن کان جڏهن به حال احوال ونڊندو هو ته اهو جواب ڏيندو هو "سڀ خير آهي." هن جو اهو ساڳيو پاڙيسري ڏکن جي هڪ وڏي ڳنڍ ڪلهي تي رکيو هلي پيو... ان جي ڏکن جو وزن به اُن جي تڪليفن جيترو ئي هو.

هُن ڪوڙ سارن سياستدانن ۽ انهن جي پوئلڳن کي به ڏٺو ڪوڙ سارن مرشدن ۽ مريدن کي ڏٺو عقلمند هجي يا بيوقوف، امير هجي يا غريب، صحت مند هجي بيمار، هر هڪ جي ڏکن جي ڳنڍ هڪجيتري هئي. هو حيرت جي درياهه ۾ ٻڏي ويو. اڄ تائين هن رڳو انهن ماڻهن جا چهرا ڏٺا هئا، پر انهن جي ڏکن جي وزن کي اڄ ڏسي رهيو هو اوچتو هڪ آواز آيو پنهنجي پنهنجي ڏکن جي هڙ ڪنڌن ۾ لٽڪائي ڇڏيو. ان فقير سميت هر ڪنهن پنهنجي ڳنڍ لاهي ڦٽي ڪئي هر ڪو پنهنجي دردن مان نجات جو خواهشمند هو. جلد کان جلد ڇوٽڪارو چاهي پيو.

ان کان پوءِ وري آواز آيو. هاڻ توهان مان جيڪو به چاهي پنهنجي پسند جي ڳنڍ کڻي... اسان سمجهون ٿا ته انهيءَ فقير يڪدم ڪنهن ٻئي جي دردن جي ڳنڍ کڻي ورتي هوندي.. نه هن ايئن نه ڪيو. انهيءَ کان اڳ جو هن جي ڏکن واري ڳنڍ ڪو ٻيو

کٽي ها. هن يڪدم پنهنجي اصلي ڳڻيڙ کٽي ڪُلهي تي رکي. جي هو تڪڙ ۾ ايئن نه ڪري ها ته مسئلو ٽي پوي ها جو سموريون ڳڻيڙون هڪ جهڙيون هيون. ان ڪري هن پنهنجي ڳڻيڙ ئي واپس کٽڻ بهتر سمجهي. چاڪاڻ ته هو پنهنجي ڳڻيڙ ۾ موجود مسئلن جو اڳ ۾ ئي عادي ٽي چڪو هو. ڪهڙي خبر ته ٻين جي ڳڻيڙين ۾ ڪهڙا مسئلا هئا. جاڻ ۾ آيل ڏک ته پوءِ به سهڻ جهڙا هوندا آهن. اهي تڪليفون جن کي ماڻهو اڳ ۾ ئي منهن ڏئي رهيو هجي، پوءِ به قبول ڪرڻ جي قابل آهن.

انهيءَ ڪري جذباتي انداز ۾ ڊوڙندي وڃي هن پنهنجي ڳڻيڙ کنئي. انهيءَ کان اڳ جو ٻيو ڪو انهيءَ تي هٿ رکي. پوءِ هن آس پاس نهاريو ته هن کي خبر پئي ته ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ به پنهنجي ساڳي ڳڻيڙ کٽڻ کانسواءِ ٻي ڪا ڳڻيڙ کٽڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. ماڻهن انهيءَ کان سوال ڪيو ته توهان ماڻهو پنهنجون ئي چڏيل ڳڻيڙيون واپس حاصل ڪرڻ لاءِ ايترو پريشان چو آهيو؟

"اسان خوفزده ٽي ويا هئاسين. اڳ ۾ اسان اهو سمجهون پيا ته اسان کانسواءِ هر ڪو خوش ۽ مطمئن آهي ۽ رڳو اسان ئي ڏکن پريشانين ۾ ورتل آهيون" ماڻهن جواب ڏنو.

انهيءَ عمارت ۾ فقير جنهن کان به اهو سوال ڪيو انهيءَ ساڳيو ئي جواب ڏنو هر ماڻهو اهوئي چيو ته هواهو سمجهي پيو ته هن کانسواءِ باقي سڀ ماڻهو سُکيا آهن. فقير وري انهن کان سوال ڪيو ته توهان پنهنجون چڏيل ڳڻيڙيون واپس چو ڪنيون؟ ۽ ڪنهن ٻئي جي سورن واري ڳڻيڙ ڇو نه ڪنئي؟

انهن جواب ڏنو ته "اڄ صبح جو اسان مان هر هڪ ڇٽي خدا کان اهائي دعا گهري هُئي ته اسان کي ٻئي ڪنهن جا ڏک ڏٺا وڃن پر جڏهن اسان ڏٺو ته هر ماڻهوءَ جو ڏک هڪجهڙو آهي ۽ جيئن اسان سوچيو هو ڪوبه ڏکن کان آجو ڪونه هو. انهيءَ

ڪري اسان خوفزده ٿي وياسين ۽ پنهنجا ئي ڏک واپس ڪڍڻ ۾ بهتري نظر آئي. ڇاڪاڻ ته اُهي ڏک ۽ تڪليفون ته اسان اڳ ۾ ئي ڏسي ۽ سهي چڪا آهيون. انهيءَ ڪري ڪنهن ٻئي جا نوان ڏک ڪڍڻ مان ڀلا ڪهڙو فائدو ۽ جهڙا تهڙا ئي سهي پر وري به پنهنجا ڏک ته آهن جن جي سهڻ جا اسان عادي ٿي ويا آهيون. سو انهيءَ رات ڪنهن به ماڻهوءَ ڪنهن ٻئي جا ڏک پنهنجي ڏکن جي بدلي ۾ ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪئي. اهو فقير نند مان سجاڳ ٿيو. هن خدا جو شڪر ادا ڪيو جنهن هن کي سندس ئي ڏک واپس ڪيا هئا. هن هاڻ ڏکن کان نجات جي دعا گهرڻ ئي ڇڏي ڏني هئي.

هن سموري داستان جي پنڌيان هڪ حسابي عمل لڪل آهي. جڏهن اسان ٻين جي مهانڊن ۽ پنهنجي حقيقتن تي نظر وجهون ٿا ته اسان هڪ وڏي غلطيءَ جو شڪار ٿيون ٿا. اسان جي زندگي ۽ موت جي وچ ۾ به اهو ئي حسابي عمل جاري و ساري آهي. توهان هميشه ٻين کي مرندي ڏٺو آهي. ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي مرندي ناهي ڏٺو. اسان رڳو ٻين کي مرندي ڏسون ٿا پر ڪڏهن به اهو ڄاڻي نه سگهيا آهيون ته هن جي اندر مان ڪا شيءِ بچي به آهي يا نه؟! ڇاڪاڻ ته موت جي وقت اسان مٿان بي هوشيءَ واري ڪيفيت ڇانيل هوندي آهي جنهن ڪري موت اسان لاءِ ڏاريو ۽ اجنبي هوندو آهي. انهيءَ ڪري اهو ضروري آهي ته اسان رضاڪارانه طور تي موت ڏانهن سفر ڪيون. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪ پيرو موت کي پنهنجي هوش حواس جي ذريعي ڏسي ته اُهو هميشه لاءِ موت جي خوف کان ٻاهر نڪري ايندو. موت کان نجات حاصل ڪري ونندو. انهيءَ مٿان فتح حاصل ڪري ويندو. حقيقت ۾ ته انهيءَ کي فتح مندي قرار ڏيڻ به بي معنيٰ هوندو. موت ته اهڙي شيءِ آهي ئي ڪانه جنهن کان ڪا بازي کٽي سگهجي.

اهڙيءَ طرح موت هڪ غلط فهمي ثابت ٿئي ٿو. معنيٰ ته موت جو ڪو وجود آهي ئي ڪونہ!

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻہ ۾ ٻہ جوڙ چار ڪرڻ بدران پنج لکي ڇڏي ۽ ٻئي ڏينهن ان کي خبر پوي ته ٻہ ۾ ٻہ چار ٿيندا آهن ته اُهو چا چوندو ته هن پنجن تي فتح حاصل ڪري ورتي آهي ۽ پنجن کي چار ڪري ڇڏيو آهي نہ پر هو چوندو ته انهيءَ ۾ هار ۽ جيت جو ته سوال ئي ڪونہ هو. چاڪاڻ ته اُتي ته پنجن جي ته ڪا جاءِ ئي ڪانہ هئي. انهيءَ مجموعي کي پنج قرار ڏيڻ هن جي غلطي هئي. اها هن جي اڻ ڄاڻائي هئي. هن جو حساب غلط هو ان جو جواب ته چارئي هو. هن انهيءَ کي پنج ڪيو هو ۽ اها هن جي پنهنجي غلطي هئي، اها هن جي اڻ ڄاڻائي هئي. هن جو حساب غلط هو. هن چئن کي پنج ڄاتو اها ته سندس ئي غلطي هئي. جڏهن هڪ پيرو توهان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويجي ته ڳالهہ اتي ئي ختم ٿي ويئي. انهيءَ کان پوءِ ڪوبہ ماڻهو اهو ناهي چوندو ته هو پنجن مان ڪيئن نجات حاصل ڪري؟ هاڻ مان ڄاڻان ٿر ته ٻہ ۾ ٻہ چار آهن، جڏهن ته اڳ ۾ انهيءَ کي مان پنج سمجهي ويٺو هئس، هاڻ مان پنجن کان ڪيئن ٿو آزادي حاصل ڪري سگهان ۽ انهيءَ بي معنيٰ آزاديءَ جو هو ڪڏهن بہ گهرجائو نہ ٿيندو. چاڪاڻ ته جڏهن هڪ ماڻهو اهو ڄاڻي ونيٰ ٿو ته ٻہ ۾ ٻہ جوڙ ڪرڻ سان جواب چار اچي ٿو ته ڳالهہ ئي ختم ٿي وئي. ان کانپوءِ ته پنجن جو وجود ئي نہ رهيو ته پوءِ پلا اها ڪهڙي شيءِ وچي بچندي. جنهن کان هو نجات جو گهرجائو ٿيندو؟ نہ ته ڪنهن کي موت کان آزاديءَ جي ضرورت آهي ۽ نہ ئي ڪنهن کي موت تي فتح حاصل ڪرڻ جي ضرورت. هن لاءِ ته بس موت بابت آگهي ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ضرروت آهي.

موت بابت ڄاڻ ئي آزاديءَ جي خوشخبري آهي. اها ڄاڻ ئي فتح منديءَ جي نشاني آهي. اهوئي سبب آهي جو مون شروعات ۾ ئي چيو هو تہ آگهي، ڄاڻ ئي اصل طاقت آهي. ڄاڻ ئي آزادي آهي. ڄاڻ فتح مندي آهي. موت بابت ڄاڻ، موت کي ئي فنا ڪري ڇڏي ٿي ۽ پوءِ اوچتو ۽ پهريون پيرو اسان صحيح معنيٰ ۾ زندگيءَ سان ڳنڍجي ويون ٿا.

انهيءَ ڪري مون توهان کي ٻڌايو تہ ڏيان، مراقبو ئي حقيقت ۾ موت سان رضاڪارانہ ملاقات جو نالو آهي. ۽ ٻي ڳالهہ جيڪا مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو. اها هيءَ آهي تہ جيڪو موت سان مرضيءَ سان ملندو آهي اهو يڪدم زندگيءَ کي ٻہ ڄاڻي وٺندو آهي. ايستائين جو موت اچڻ کان اڳ ۾ جيڪو موت جي ڳولا ۾ نڪرندو آهي، اهو ئي زندگيءَ جي حقيقت کي ڄاڻي وٺندو آهي. انهيءَ جي باوجود جو هو پنهنجي ڳولا جي نتيجي ۾ موت جي گنبڊ ۾ داخل ٿيو هجي، هو پاڻ کي يڪدم زندگيءَ جي عبادت خاني ۾ ڏسندو ۽ جيڪو موت جي گنبڊ مان فرار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندواُهو ڪڏهن ٻہ زندگيءَ جي عبادت خاني تائين پهچي نہ سگهندو.

مون کي چوڻ ڏيو تہ، زندگيءَ جي عبادت خاني جي ديوارن تي موت جا پاڇا اڳ ۾ ئي موجود آهن. مان ايئن ٻہ چئي سگهان ٿو تہ زندگيءَ جي عبادت گاهہ جي پٽين تي موت جا چٽ چٽيل آهن ۽ جڏهن اسان موت کان فرار چاهيندا آهيون تہ اسان حقيقت ۾ زندگيءَ جي عبادت گاهہ کان پري پڇندا آهيون. جڏهن اسان موت کي دل سان قبول ڪنداسين تڏهن ئي اسان انهن پٽين جي وجود کي ٻہ قبول ڪنداسين. جڏهن ٻہ اسان موت سان هٿ ملائيندا سين تہ عملي طور اسان زندگيءَ جي عبادت گاهہ ڏانهن ڇڪجي ويندا سين. زندگيءَ تي فتح حاصل ڪرڻ جو دارومدار

موت جي ديوارن پٽيان آهي. موت جا نظارا زندگيءَ جي عبادت گاهه جي هر ديوار تي چٽيل آهن ۽ اسان اُهي منظر ڏسي زندگيءَ کان پري پيڇي ويندا آهيون.

جيڪڏهن توهان ڪڏهن ڪجوراهو ويا هوندؤتہ اُتي توهان هڪ عجيب شيءِ محسوس ڪئي هوندي تہ ڪجوراهو جي مندرن جي ديوارن تي هرپاسي جنسي منظر چٽيل آهن. سمورا نقش اُگهاڙا ۽ اعتراض جوڳي حالت ۾ آهن. انهن کي ڏسڻ کانپوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو تڪڙو اُتان نڪرندو تہ اُهو زندگيءَ جي عبادتگاهه جي انڪار نہ ڪرڻ جهڙين حقيقتن تائين پهچ ڪيئن حاصل ڪندو؟ انهن جي اندر ۾ خدا جو وجود آهي ۽ باهران رڳو جنسي ٻڪ ۽ ميلاپ جا منظر آهن. اهي ماڻهو يتيسن حيرت جوڳا هئا جن ڪجوراهو جا عبادت خاند جوڙيا. انهن زندگيءَ جي اڻ وسرندڙ حقيقتن کي اُتي چٽيو آهي. انهن اهو ٻڌائي ڇڏيو تہ زندگيءَ جي عبادت گاهه ۾ جنس انڪار نہ ڪرڻ جهڙي حقيقت آهي. جيڪڏهن توهان جنس کان پري پيڇندؤ تہ آفاقي صفتون حاصل نہ ٿا ڪري سگهو. اُهي وصفون تہ توهان جي وجود جي اندر موجود آهن. جڏهن توهان پنهنجي وجود جي ديوارن کان ٻاهر ايندؤ تہ الهامي وصفن کي ڄاڻي سگهندؤ. وجود جي ديوارن تي رڳو فاني دنيا جا چٽ چٽيل آهن. پر ياد رکو تہ هن فاني دنيا جي هر شيءِ جي اندر هو پاڻ موجود آهي.

اها ئي ڳالهه مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ ڪٽي، ڪنهن ماڳ تي اسان کي هڪ اهڙي عبادت گاهه جوڙڻ گُهرجي، جنهن جي ديوارن تي فنائيت جون تصويرون چٽيل هجن ۽ دائمي زندگي اتي ئي لڪل آهي. اهائي سچي صورتحال آهي. سو جيستائين اسان فنا جي خوف ۾ ٻڏل رهنداسين اوستائن ابدي زندگيءَ جي تصور کان اڻ ڄاڻ رهنداسين.

ٻه ڳالهيون ٿو چوان: ڏيان، رضاڪارانه موت جي قلعي ۾ داخلا جو نالو آهي ۽ اهو ته، جيڪو هڪ ڀيرو اُنهيءَ قلعي ۾ داخل ٿئي ٿو اُهو ابدي زندگي حاصل ڪري وڃي ٿو. مطلب ته جيڪو پاڻ موت سان مهاڏو اٽڪائي ٿو، موت ان کان پري پڇي ٿو ۽ هو پاڻ کي ابدي زندگيءَ جي هنج ۾ ڏسي ٿو. ظاهر۾ اُهي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي سان تضاد ۾ آهن، ته توهان موت جي ڳولا ۾ نڪرو ۽ زندگيءَ کي حاصل ڪري وڃو. پر اهو تضاد آهي ڪونه.

مثال طور مون کي ڪپڙا پاتل آهن ۽ توهان مون کي ڳولياندا مون تائين پهچو ۽ منهنجا ڪپڙا ڏسي خوفزده ٿي مون کان پري پڇي وڃو ته ان صورت ۾ توهان مون تائين پهچ نه ٿا حاصل ڪري سگهو. ڇاڪاڻ ته مون کان اڳ ۾ لباس آهي، مان پاڻ ته لباس ناهيان، سو جيڪڏهن توهان منهنجي ڪپڙن کان خوفزده ٿيڻ کانسواءِ منهنجي ويجهو ايندؤ ته منهنجي ڪنڌن جي هيٺان منهنجو وجود هوندو. جڏهن ته وسيع مفهوم ۽ معنيٰ ۾ ته منهنجو جسم به منهنجو لباس ئي آهي. جيڪڏهن توهان منهنجي جسم کي ئي قبول نه ڪندؤ ته پوءِ پلا ان کان ڪيئن واقف ٿي سگهندؤ جيڪو منهنجي جسم جي اندر موجود آهي. جيڪڏهن توهان جسم کان خوفزده ٿيڻ کانسواءِ پنهنجي ڳولا ۾ اڳتي وڌندا رهو ها، اهو ڄاڻي ته اصل ۾ جسم به هڪ لباس آهي، تڏهن يقينن توهان اوستائين پهچ حاصل ڪري وڃو ها، جيڪو اندر موجود آهي، اهو ئي هڪ جنهن سان هر ڪو ملڻ جو خواهشمند آهي. ڪيڏي نه دلچسپ حقيقت آهي. جسم جون پٽيون ناهي هو پاڻ وڏي وقار سان اندر ويٺل آهي. پٽيون فاني مادي مان ناهيون ويون آهن ۽ جيڪو اندر ۾ موجود آهي، اهو لافاني آهي، اُتي آگهي، سڃاڻي پوري آب تاب سان موجود آهي، فاني جسم جي اندر لافاني وجود، يقينن اُهي تضاد پريون ڳالهيون آهن، پر جيڪڏهن توهان

صحيح طور تي سمجهي سگهيا آهيون تہ اُهي پتيون اصل ۾ موت آهن ۽ انهن ديوارن جي اندر ۾ لافاني حياتي موجود آهي.

جڏهن بہ ڪو مصور تصوير ٺاهي ٿو تہ اڇي رنگ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ گهري رنگ جو پس منظر تخليق ڪندو آهي. اڇيون ليڪون گهري رنگ ۾ صاف ۽ نمايان هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو گهري رنگ کي ناپسنديده سمجهندو تہ اُهو اڇي رنگ جي وجود کي بہ گوارا نہ ڪري سگهندو. اهڙي طرح هو انهيءَ حقيقت جي ادراڪ کان بہ قاصر رهندو اصل ۾ گهري رنگ جي ڪري ئي اهو اڇو رنگ اُپرندو آهي.

ڪنڊن جي وچ ۾ ئي گلاب جا گل مهڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنڊن کان خوفزده ٿي وڃي تہ پوءِ پلا هو گلابن جي خوشبوءِ تائين ڪيئن پهچ حاصل ڪري سگهندو؟ جيڪڏهن هو ڪنڊن کان پاڻ بچائيندو تہ پوءِ گلابن جي مهڪ کان بہ دور ٿي ويندو؟ پر جيڪڏهن هو ڪنڊن جي وجود کي قبول ڪندي ڪنهن خوف کانسواءِ گلاب کي سونگهندو تہ کيس خبر پوندي ڪنڊا تہ بس رڳو گلابن جي حفاظت لاءِ آهن. ڪنهن کي نقصان پهچائڻ لاءِ ناهن ۽ ڪنڊن جي وچ ۾ ئي تڙندڙ گلاب خوبصورت لڳندو آهي. ڪنڊا گل جا دشمن ناهن هوندا. گل ڪنڊن جو حصو آهن ۽ ڪنڊا گل جو حصو آهن. ڪنڊا توڙي گل هڪ ئي ٻوٽي جي حياتيءَ جو حصو آهن. اهڙيءَ طرح جنهن کي اسان حياتي چئون ٿا يا وري جنهن کي اسان موت سڏيون ٿا، ٻئي هڪ ئي قوت جي پيداوار آهن. مان ساهہ ڪڻان ٿو هڪ ساهہ اندر وڃي ٿو. هڪ ساهہ ٻاهر اڇي ٿو اهوئي هڪ ساهہ جيڪو ٻاهر وڃي ٿو سوئي واپس موٽي اندر وڃي ٿو ۽ اهو ساهہ جيڪو اندر وڃي ٿو سوئي ٻاهر موٽي ٿو. ساهہ جو اندر اچڻ زندگي آهي ۽ ساهہ جو ٻاهر وڃڻ موت آهي. قدم بہ قدم زندگي ۽ موت گڏوگڏ آهن.

زندگي پهريون قدم آهي تہ موت ٻيون قدم. پر جيڪڏهن اسان ساهن کي ڏسي سگهون، محسو ڪري سگهون تہ پوءِ حياتِ جاوداني، امر زندگيءَ جي تصور کان واقف ٿي سگهنداسين. ايندڙ ٽن ڏينهن تائين اسان پنهنجو ڏيان موت ڏانهن ئي رکنداسين.

ءِ موت جي مختلف پاسن تي مان ڳالهائيندس. اڄ رات سان مراقبي جي پهرئين شروعاتي مشق ڪنداسين. انهيءَ لاءِ توهان کي ڪجهہ ڳالهين جي جاڻ ڏيڻ چاهيان ٿو.

هن وقت توهان کي منهنجي نقطءِ نظر کان انتهائي گهرائي ۾ هيٺ هڪ خاص نڪتي تائين پهچڻو آهي. ان جاءِ تي جتي موت جو ڪوبہ امڪان ڪونهي، اسان کي پنهنجون ٻاهريون دائرو ڇڏڻو پوندو. جيئن مرڻ کانپوءِ اسان پنهجي جسم کي ڇڏي ڏيندا آهيون. مرڻ کانپوءِ خيال، احوال، دوستيون، دشمنيون، ايستائين جو هر شيءِ کي ڇڏي ڏيندا آهيون، سمورا ٻاهريان معاملا ڇڏي ڏيندا آهيون، اسان بس اسان ئي وڃي رهندا آهيون. مراقبو ۾ ڏيان بہ ايئن ئي آهي، اسان ٻاهر جي هر شيءِ ترڪ ڪري ڇڏيندا آهيون، بس اسان جا ساهہ ۾ اسان هوندا آهيون. ياد رکو تہ ڏيان يوگ يا وري مراقبو هڪ حيرت انگيز لفظ آهي. مڪمل توجهہ ڏيان کي هنديءَ ۾ "سماڌي" بہ چوندا آهن ۾ مرڻ واري جي مٿان جوڙيل قبر کي بہ "سماڌي" چوندا آهن. ان ڳالهہ تي توهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ آخر ٻنهي کي "سماڌي" ڇو ٿا چون؟ حقيقت ۾ ٻنهي جي اندر هڪجهڙو راز لڪل آهي. ها اهڙو ماڻهو جيڪو مڪمل مراقبي يعني "سماڌي" ۾ هجي ان جو جسم بہ قبر ۾ پيل هڪ جسم وانگر ٿي ويندو آهي ۾ ان کانپوءِ ئي هن کي خبر پوندي آهي تہ سندس اندر ۾ روشني موجود آهي ۾ هن کان ٻاهر چوڌاري اوندهہ ئي اوندهہ آهي.

ڪنهن انسان جي مرڻ ڪانپوءِ اسان انهيءَ جي مٿان قبر ٺاهي چڏيندا آهيون ۽ ان ۾ "سماڌي" چيو ويندو آهي. پر اُها سماڌي ٻيا ٺاهيندا آهن. پر ٻين جي ٺاهڻ کان اڳ جيڪڏهن اسان پاڻ پنهنجي اندر ۾ هڪ سماڌي ٺاهي چڏيون ته اُها اسان لاءِ ڪارائتي هوندي. جيڪڏهن اسان پنهنجي هٿن سان پاڻ سماڌي تيار ڪيون ته انهيءَ صورت ۾ اسان جو جسم ته ضرور مري ويندو پر اسان جو روح ڪڏهن به فنا نه ٿيندو. پوءِ اسان ڪڏهن به نه مرنداسين. پر اها حالت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهجي زندگيءَ ۾ ئي موت ڏانهن ويندڙ سمورا ڏاڪا طئ ڪرڻا پوندا. مان توهان کي اُهي ئي مرحلا ڏيکارڻ چاهيان ٿو جن وٽان اسان کي گذرڻو پوندو. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته اُن کي اهو موقعو اڄ ئي حاصل ٿي وڃي ۽ هو سماڌيءَ جي ذريعي هميشہ لاءِ فنائيت کان نجات حاصل ڪري ابدي بقا ماڻي وٺي.

اُهي ٽي مرحلا هيئن آهن ته. پهرئين مرحلي ۾ توهان پنهنجي جسم کي صفا ڏورو چڏيو. توهان کي پنهنجو جسم ايترو ڏورو چڏڻو پوندو جو جيئن توهان کي اهو محسوس ٿئي ته توهان جو جسم توهان کان پري ڪجهہ فاصلي تي پيو آهي. ان کان پوءِ توهان کي پنهنجو سمورو ڌيان پنهنجي اندر تي ڏيڻو آهي. سموري توانائيءَ جو زور اندر طرف ڪرڻو پوندو. ڪڏهن توهان هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏنو آهي ته جڏهن توهان جي اندر ۾ ڪاوڙ ايندي آهي ته ان وقت واڌو توانائي توهان جي اندر ۾ ڪٿان ايندي آهي؟ ڪاوڙ جي حالت ۾ توهان ايترو وڌو پٽر ڪٽي سگهو ٿا جيڪو عام حالتن ۾ توهان لاءِ ڪٽڻ ناممڪن آهي. جڏهن ته توهان جو جسم ته ساڳيو ئي آهي. جيئن ته ان وقت توهان جي آڏو هڪ دشمن هوندو آهي. انهيءَ ڪري جسم يڪدم واڌو توانائي کي تڪڙو استعمال هيٺ آڻيندو آهي. توهان کي اها خبر نہ هوندي آهي ته جيڪڏهن

توهان فوري طور تي اهو پٽر اُتان نہ ڪنيو تہ توهان کي نقصان بہ پهچي سگهي ٿو. جنهن ڪري توهان پنهنجي اندر ۾ موجود سموري توانائيءَ کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري استعمال ڪندا آهيو.

هڪ پيري ائين ٿيو تہ هڪ همراهہ مفلوج ٿي ويو. ٻن سالن تائين هو بستري تي ستل رهيو. هو نہ اُٺي سگهي پيو نہ ويهي سگهي پيو. پنهنجي سر پاڻ کابہ چرپر نہ پيو ڪري سگهي. هڪ رات هو گهر ۾ اڪيلو هو گهرياتي ڪنهن پاسي ويل هئا جو اوچتو هن جي گهر کي باهہ وکوڙي وئي. خوف سبب هن جي جسم ۾ چرپر آئي ۽ هو ڊوڙندو پنهنجي پيرن تي باهر آيو. هن جا گهر وارا جڏهن آيا تہ ڏنائون گهر کي باهہ لڳل آهي ۽ گهر جو مالڪ پاڻ پنهنجي پيرن تي باهر بيٺل آهي. گهر ياتين اچي حيرت مان هن کي چيو تہ توکي تہ فالج هو. تون ڪيئن باهر آئين؟" هن همراهہ کي ياد آيو "اوهہ. مان تہ مفلوج هئس" ايئن چئي هو وري ڪري پيو ۽ پيرن تي نہ بيهي سگهيو. ۽ وري ڪڏهن بہ بستري کان نہ اُٺيو. خطرو محسوس ڪري هن جي ذهن سندس جسم کي سموري توانائي مهيا ڪئي تہ هو بيماري وساري پيرن تي هلندو باهر آيو ۽ جڏهن حالتون نارمل ٿيون تہ وري هن جو ذهن پرسڪون ٿيو تہ هو وري ڪري پيو. باهہ لڳڻ وقت پيرن تي اُٺي بيهڻ کو معجزو نہ هو. پر ذهن ۽ جسم جو ڪمال هو. جيڪي ٻئي هڪ ٿي ويا هئا. خطرو ڏسي سموري جسم جي توانائي هڪ مرڪز تي اچي ويئي هئي. توهان اهڙا ڪوڙ مثال ٻڌا هوندا تہ ڪافي سارا فالج جا مريض اوچتو ئي اوچتو ٺيڪ ٿي ويا. ڪنهن خطري وقت، سو منهنجو مطلب آهي تہ اسان پنهنجي جسم کي سموري توانائي پاڻ ئي فراهم ڪندا آهيون. پر انهيءَ توانائي کي استعمال ڪرڻ کان اڻ واقف آهيون. رات جي وقت، اسان آرام ۽ سڪون محسوس ڪندا آهيون. جوتہ جسم جي

ضايع ٿيل توانائي واپس موٽندي آهي ۽ اهو سڪون آرام جي ڪيفيت ۾ منتقل ٿي ويندو آهي ۽ ڏينهن جو وري اسان رات جي آرام کانپوءِ فريش ٿي ويندا آهيون. پر ڪافي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي رات جي وقت به پنهنجي جسماني توانائي کي پنهنجي اندر جي مرڪز ۾ داخل ڪري سگهن. انهن جي توانائي انهن جي اندر ۾ ئي قيد رهندي آهي. جنهن ڪري انهن کي رات جو ننڊ به ناهي ايندي. رات جو ننڊ نه اچڻ ان ڳالهه جي علامت آهي. جيڪا توانائي جسم ۾ داخل آهي ان کي پنهنجي مرڪز ڏانهن واپسيءَ جو رستو نه ٿو ملي. سو مراقبي جي پهرئين مرحلي ۾ جسم کي مهيا ڪيل سموري توانائي لازمي طور تي واپس ونڊي پوندي. انهيءَ ڪري اسان جي پهرئين ضرورت جسم جي بنيادي ٿوت حيات يا جسماني توانائي کي پنهنجي مرڪز ڏانهن موڪلڻ جو عمل آهي. اُنهيءَ عمل جي ذريعي اسان جو جسم هڪ ڇلڪي جيان بي حرڪت بنجي پوندو ۽ جيئن ناريل جو کوپو اُن جي اندر جي ڳر کان ڏار وجود ۾ بدلجي ويندو آهي. بلڪل اهڙي طرح اسان پاڻ ته به هر رهجي ويندا آهيون ۽ اسان جو جسم هڪ کوپي جيان ڏار پيو هوندو آهي. جيئن اسان کو لباس لاهي ڇڏو ڪندا آهيون.

انهيءَ کانپوءِ ٻيون مرحلو شروع ٿيندو. پنهنجي ساهن تي ڪنٽرول ڪرڻ. ساهن کي هڪ جاءِ تي ٻيهارڻ. اسان جي ساهن جي انتهائي ڳوڙهي گهرائيءَ ۾ اسان جي اصل قوتِ حيات موجود آهي. جڏهن انسان جا ساهه رڪجي ويندا آهن ته انسان مري ويندو آهي. اسان جي ساهن جي اچ وچ سان ئي اسان جي زندگيءَ جو ڏاڳو جڙيل آهي. ساهه اهڙي پُل آهن جن جي ذريعي اسان موت ۽ حيات سان ڳنڊيل آهيون. انهيءَ ڪري ئي ساهن کي پُراڻ يا روح چوندا آهن. جيئن ئي ساهه ٻيهي ٿو روح پرواز ڪري

ويچي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ ڪوڙ سارا تجربا ٻ ڪيا ويا آهن. جڏهن هڪ انسان مڪمل طور تي پرسڪون ٿي ويندو آهي تہ ڇا ٿيندو؟ ڇا هن کي مُردي جيان مانيٽو ۽ بي جان ٿيڻ ۾ مدد ملي ٿي؟ آهستي آهستي ساهہ انهيءَ نقطي تي پهچي ٿو جو انسان کي اها ٻ خبر ناهي پوندي تہ هو ساهہ کڻي ٻ پيو يا نہ؟ ڪڏهن ڪڏهن تہ هو حيرت ۾ پئجي ويندو آهي تہ هو زنده ٻ آهي يا نہ؟ ساهہ اچن ويڻ ٿا يا نہ؟ ساهہ ايترو تہ پُرسڪون ٿي ويندا آهن جو اهو اندازو لڳائڻ ٻ مشڪل ٿي پوندو آهي، تہ انهن ۾ ڪا ڇُرپر ٻ آهي يا نہ؟

توهان کي پنهنجي ساهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪا شعوري ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن توهان اهڙي ڪوشش ڪندؤ تہ پوءِ ڪڏهن ٻ پنهنجي ساهن تي ڪنٽرول حاصل نہ ڪري سگهندؤ. ساهہ ٻاهر ايندو ۽ توهان هن کي اندر روڪڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ نہ بيهندو جي هو اندر ويڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ هو زوري ٻ اندر ويندو. ان لاءِ منهنجي صلاح هيءُ آهي تہ توهان کي شعوري طور تي ڪجهہ ٻ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. توهان رڳو پاڻ کي پرسڪون رکو ساهہ کي اندر ٻاهر اچڻ ويڻ ڏيو بس خاموشيءَ سان اُن جي ڇرپر تي نظر رکو ان کي ڏسندا رهو انهيءَ ڏيان جي نتيجي ۾ هڪ وقت اهڙو ايندو جڏهن ساهہ پرسڪون ٿيڻ لڳندو ۽ توهان کي حواسن ۽ جسم جي وچ ۾ لامحدود مفاصلي جو ادراڪ ٿيندو. عين ان وقت توهان تي حقيقت جو انڪشاف ٿيندو. روشنيءَ جو اهڙو چمڪو ٿيندو جنهن ۾ توهان تي هڪ اهڙو انڪشاف ٿيندو جو توهان لاءِ ڪوبہ ڳجهہ نہ رهندو. ان روشنيءَ جي هڪ پل جي چمڪي ڪانپوءِ پل چؤطرف اونداهہ ٿي ويڻ، پر توهان تي هڪ پل جي انڪشاف ۾ ئي موت ۽ حيات جي حقيقت ڪلي پوندي. جڏهن ساهن تي ڪنٽرول ٿي ويڻ تہ فنائيت جو خوف ختم ٿي ويڻ ٿو ان ڪانپوءِ

ٽئين مرحلي ۾ ذهن کي آزاد ڇڏڻو آهي ، جيڪڏهن ساهه پُرسڪون ٿي وڃن ۽ ذهن بہ ڪنٽرول ۾ هجي تہ اندر ۾ روشني چمڪڻ لڳندي پر اهو چوڻ مشڪل آهي تہ انهيءَ وچ ۾ ڇا ظاهر ٿيندو؟ ڇو تہ ذهن جيڪڏهن خيالن ۾ اُلجهيل آهي تہ حقيقت کي پرکڻ ڏکيو آهي. روشني اندر ۾ ايندي بہ تہ ان کان واقف اسان ان جي ويجهڙ کانپوءِ ٽيندا سين سو اندر جي روشني چمڪڻ سان گڏ ذهن جو پُرسڪون هجڻ بہ ضروري آهي. جڏهن خيال هڪ هنڌ بيهندا تہ حقيقت جي منڪشف ٽيڻ جو احساس قائم ۽ دائم رهندو. خيالن جي ڇار مان نڪرڻ کانپوءِ روشني کي قائم ۽ دائم رکي سگهجي ٿو. ان لاءِ خيالن کان آزادي ضروري آهي.

اسان کي انهن ٽن مرحلن مان گذرڻ کانپوءِ چوٿين مرحلي ۾ خاموش ٿي ويهڻو پوندو. جيڪڏهن توهان ليٽي ماڻ جو مراقبو ڪرڻ چاهيو تہ اهو اڃان بہ وڌيڪ بهتر ثابت ٿيندو.

اسان کي ٽن مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ چوٿين مرحلي مان گذرڻو پوندو. ڏهہ منٽن تائين چپ چاپ سواءِ ڪنهن ڇرپر جي ويهڻو پوندو. انهيءَ مانار دؤران توهان جو خيال موت طرف هئڻ گهرجي. توهان کي پنهنجو ڏيان موت ڏانهن ڏيڻ گهرجي، قبر جي مانار تي سوچڻ گهرجي. موت کي پاڻ مٿان طاري ٿيڻ ڏيو. موت جي وادي ڏانهن هلندا هلو جسم کي ڍرو ڇڏي ڏيو. ساهن کي ڏيمي رفتار سان هلڻ ڏيو. ذهن کي خيالن کان آزاد ڪريو. اکيون بند ڪيو. موت جي اونداهي ۽ مانار کي محسوس ڪيو. بس اندر تي ڏيان ڏيو. خارج کي وساري ڇڏيو. جسم کان پري ٿيندا وجو. اندر. اندر روح جي گهرائين ۾ لهندا وجو. جڏ تہ جسم آهي ئي ڪونہ.

ها بس ماڻ وينا هجو جيڪو جتي آهي، اُهو اُتي ويٺو جي، هاڻ محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. ڏسو آهستي آهستي توهان جي

جسم ۾ سڪون ايندو پيو ويجي، سڪون کي لهڻ ڏيو بنان چرپر و ينا هجو. جسم جي هر حصي کي ڏرو ڇڏي ڏيو. بنان چرپر وينا هجو. جسم جي هر حصي کي ڏرو ڇڏي ڏيو. ساهن ۾ خيالن کي مانو ڪري ڇڏيو ڏسو توهان جي اندر جي توانائي حيات بخشش توانائي، توهان جي مرڪز ۾ گڏ ٿي رهي آهي. توهان جي قوت حيات توهان جي اندر ۾ ئي منتقل ٿي رهي آهي، توهان جي جسم جي وجايل سموري توانائي واپس موٽي رهي آهي، انهيءَ توانائي جو رُخ توهان جي اندر طرف آهي. هاڻ توهان جو جسم پرسڪون ٿي رهيو آهي، جسم پرسڪون ٿي رهيو آهي، جسم پُرسڪون ٿي رهيو آهي، ڪابہ مزاحمت نہ ڪيو ڪابہ چرپر نہ ڪيو ايئن محسوس ڪيو جڙ تہ توهان زنده ئي ناهيو توهان جي اندر ۾ ڪابہ حياتي واري وصف ناهي، توهان جا ساهہ مانا ٿي رهيا آهن، جسم بي ساهو آهي، خيال گم ٿي رهيا آهن. پاڻ پنهنجي سر ڪجهہ بہ نہ ڪيو. نہ ڪنهن کي روڪيو نہ ڪو عضوو چوريو بس سڀ ڪجهہ پنهنجو پاڻ ٽيڻ ڏيو بس توهان ايئن محسوس ڪيو تہ ساهہ مانار جي رهيا آهن. ساهہ پرسڪون ۽ خاموش ٿي رهيا آهن. ساهن جي اڇ وچ پرسڪون انداز ۾ ٿي رهي آهي. ساهہ تہ مڪمل طرح پرسڪون آهن، هاڻ ڌهن کي بہ پرسڪون ٽيڻ ڏيو ۽ اهو محسوس ڪيو تہ خيال بہ هڪ هنڌ بيهي رهيا آهن، ڌهن بہ پُرسڪون ٿي ويو آهي ۽ ڌهن صفا پرسڪون ٿي ويو آهي. بس هر پاسي مانار خاموشي ۽ سڪون آهي ۽ انهيءَ مانار ۽ سڪون جي سمنڊ مان ئي توهان موت ۽ حيات جا راز ڄاڻي ونندؤ.

باب ٻيو

زندگي هڪ خواب آهي

دوستو!

گذريل رات جي ڪيل ڪچهريءَ کان پوءِ ڪجهه سوال پڇيا ويا آهن.

هڪ دوست جو سوال آهي ته:

"اهو ته چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن مرڻ واري جي زندگيءَ جو خاتمو سندس مڪمل هوش حواس ۾ هوندي ٿئي، پر ڪو پنهنجي موت وقت ڪيئن ٻلا هوش حواس ۾ رهي سگهي ٿو؟"

حقيقت ۾ ڏسجي ته، موت ۽ حياتي ٻه ڏار واقعا نه آهن، اُهي ٻئي هڪ ئي تصوير جا ٻه رخ آهن. بلڪل ايئن جيئن ڪنهن سڪي جا ٻه پاسا هوندا آهن، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن سڪي جو ڪو هڪ پاسو ڏسي سگهي ٿو ته پوءِ سڪي جو ٻيو پاسو ڏسڻ ٻه سندس وس ۾ هوندو آهي. اهو ممڪن ناهي ته مان سڪي جو هڪ پاسو هٿ ۾ ڪڻي اهو سوچيان ته هن جو ٻيو رخ ڪيئن ڏسندس؟ ٻيو پاسو ٻه پنهنجو پاڻ منهنجي هٿ ۾ آهي.

موت ۽ حياتي ٻه ايئن ئي آهن، جيڪڏهن موت حواس موجود هئڻ دوران ايندو ته پوءِ زندگي کي ٻه هوش حواس ۾ هوندي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن موت اڻ ڄاڻائي ۾ ايندو ته زندگي ٻه اڻڄاڻائي جي ڪيفيت ۾ ملندي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي موت اچڻ وقت مڪمل طرح هوش حواس ۾ هو ته ڪيس ٻي زندگي ملڻ تي ٻه هو هوش حواس ۾ ئي هوندو.

اسان ماڻهو بي خبريءَ ۾ مارجي ويندا آهيون ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي حالت ۾ پيدا ٿيندا آهيون، جنهن ڪري اسان کي پنهنجي گذريل جنمن بابت ڄاڻ ئي ناهي هوندي، پر انهيءَ باوجود ۽ گذريل جنمن جون ڪجهه ڳالهيون اسان جي حافظي ۾ موجود هونديون آهن. جيڪڏهن اسان چاهيون ته پر اٽين يادگيرين کي ڪم آڻي سگهون ٿا.

جنم حاصل ڪرڻ کان اڳ اسان ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون، پر موت لاءِ جيڪو ڪجهه به اسان ڪري سگهون ٿا، پنهنجي هن زندگيءَ ۾ ڪري سگهون ٿا. جيڪو ماڻهو اڻ ڄاڻائي جو موت مري ٿو اهو اوستائين ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي جيستائين وري ٻيون جنم نه ماڻي. ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي. زندگيءَ کان اڳ بس اڻ ڪٽ اونداهي آهي. سو جيڪڏهن توهان گذريل جنم ۾ اڻ ڄاڻائي وارو موت ماڻيو آهي ته پوءِ هن جنم ۾ به توهان کي اڻ ڄاڻائي ۾ ئي پيدا ٿيڻو پوندو. مقصد ته توهان کي جيڪو ڪجهه به ڪرڻو آهي سو موت کان اڳ ۾ ئي ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته مرڻ کان اڳ اسان وٽ اڻ ڪٽ موقعا آهن جيڪي اسان کي هن زندگيءَ ۾ ملیا آهن. اسان کي هر حال ۾ سجاڳ ٿيڻ ۽ هوش ۾ اچڻ گهرجي، اهڙي طرح آگهي، ڄاڻ جي حاصلات لاءِ ضروري آهي ته ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش موت کان اڳ ۾ ئي ڪرڻ گهرجي. آگهي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي باقاعدي منصوبا بندي ڪرڻي پوندي، اڳوات تياريءَ کانسواءِ ماڻهو هوش مندیءَ سان موت کي منهن نه ٿو ڏئي سگهي پر جيڪڏهن کو نئين جنم وقت هوش ۾ رهڻ جو خواهشمند ناهي ته پوءِ موت وقت بي هوشيءَ جي حالت ۾ هجڻ ئي هن لاءِ بهتر آهي.

تاريخ 1915ع ۾ ڪاشيءَ جي حڪمران کي معدي ۾ زخم جي ڪري آپريشن جي ضرورت پئجي وئي ۽ بي هوشيءَ واري دوا

استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ اهو دنيا جو پهريون آپريشن هو. برطانيا جي ٽن ڊاڪٽرن بي هوش ڪرڻ ڪانسواءِ آپريشن کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهن جو چوڻ هو ته هيءُ ڏکيو آپريشن آهي، هن ۾ ايڊائي کان ٽن ڪلاڪن تائين معدي کي کليو رکيو ويندو. ان لاءِ مريض جو بي هوش هڻڻ ضروري آهي، پر اهو حاڪم ان ڳالهه تي ضد ڪيو ويٺو هو ته هو جڏهن مراقبي ۾ هوندو ته به ٽي ڪلاڪ ڪيس ڪنهن ڳالهه جي به خبر نه پوندي. هن جو چوڻ هو ته هو بي هوشيءَ واري دوا جي استعمال ڪانسواءِ آپريشن ڪرائڻ جو خواهشمند آهي، پر ڊاڪٽر ايئن ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. انهن کي اها پڪ هئي ته هوش ۾ رهندي کوبه ماڻهو ايڏي وڏي تڪليف برداشت نه ڪري سگهندو. نيٺ جڏهن معاملو حل نه ٿيو ته ڊاڪٽرن هن کي مراقبي ۾ ويڙهڻ جي فرمائش ڪئي. ايئن ڪرڻ ڪانپوءِ اُنهن هن جي هٿ کي هلڪو جهير ڏنو ۽ ڏنائون ته هن ۾ ذرڙو به چرپر نه ٿي. بن ڪلاڪن تائين هن کوبه رد عمل ظاهر نه ڪيو. ايڊائي ڪلاڪن ڪانپوءِ هن هٿ ۾ سور ٿيڻ جي شڪايت ڪئي. نيٺ اهو آپريشن ايئن ئي ڪيو ويو.

اهو دنيا جو پهريون آپريشن هو جنهن ۾ ڊاڪٽرن، مريض کي بيهوشيءَ واري دوا ڏيڻ کانسواءِ بن ڪلاڪن تائين هن جي معدي جو آپريشن ڪيو ۽ انهن بن ڪلاڪن دوران انهيءَ حاڪم کوبه رد عمل ظاهر نه ڪيو.اهڙي قسم جي آگهي جي لاءِ انتهائي ڳوڙهي محويت ۽ استغراق جي ضرورت آهي، اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن ذات ۽ جسم جي وچ ۾ مفاصلي هڻڻ جو ذرڙو به شڪ نه هجي، چو ته ان حالت ۾ ذات جو جسم سان لاڳاپو انتهائي خطرناڪ به ٿي سگهي ٿو.

هڪ معنيٰ ۾ ته موت به عظيم الشان سرجري آهي، ڪنهن به ڊاڪٽر سموري زندگيءَ ۾ ايترو وڏو آپريشن نه ڪيو هوندو. جيترو

وڏو هيءُ آپريشن آهي، روح جسم کان پرواز ڪري ٿو. ان کانپوءِ پلي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ڪنهن کي ڪوبہ فرق نہ پوندو.

فطرت هڪ خاص مصلحت هيٺ انهيءَ ڳالهہ جو بندوبست ڪيو آهي تہ موت اچڻ وقت اسان مٿان بي هوشي ڇانئجي ويندي آهي. اها فطرت جي خاص مهرباني آهي، نہ تہ موت جي وقت اسان کي ناقابل برداشت تڪليف ٿيڻي پوي ها. اها ڳالهہ اسان جي مفاد ۾ آهي تہ موت اچڻ وقت اسان مٿان بي هوشي ڇانئجي ويندي آهي. قدرت اهو نہ ٿي چاهي تہ اسان جي يادگيرين ۾ موت جي مرحلي مان گذرڻ وقت جون تڪليف ده گهڙيون موجود رهن. اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ هميشہ اهي ئي غلطيون ورجائيندا رهندا آهيون جيڪي اسان پنهنجي گذريل زندگيءَ ۾ ورجائي چڪا آهيون. جيڪڏهن اسان ياد ڪري سگهون تہ سوچيون اسان پنهنجي گذريل جنم ۾ چا چا ڪري چڪا آهيون، ٿي سگهي ٿو تہ ٻيهر اسان ساڳي ڪڏ ۾ نہ ڪرون. جيڪڏهن اسان پراڻي جنم جي ڳالهين کي ياد رکون ها تہ موجوده جنم اسان جو ايترو ڏکيو نہ گذري ها. ڇو تہ هر پيري موت دولت جي گڏ ڪيل انبارن کي بي معنيٰ بنائي ڇڏي ٿو. پراڻي جنم کي ياد رکون ها تہ اڄ اسان دولت جا ڍڳ گڏ نہ ڪيون ها. هزارين ڀيرا اسان محبت ۾ مبتلا ٿيا آهيون ۽ ان کي موت وقت بي معنيٰ ڏٺو اٿئون تہ پوءِ هاڻ اسان ڪنهن جي بہ موهہ ۾ مبتلا نہ ٿيون ها. هزارين ڀيرا ماضيءَ ۾ اسان محنت ڪئي آهي، ڪاميابي ماڻي آهي پر موت وقت سموري حاصلات اجائي آهي، هر شيءِ نيٺ متيءَ ۾ ملندي رهي آهي، ٿورڙو سوچي ڏسو ماضيءَ جا سمورا معاملا جيڪڏهن اسان جي ذهن جي حافظي ۾ موجود هجن ها تہ شايد هن زندگيءَ ۾ حاصلات ۽ جدوجهد جا جذبا ڪجهہ ٽڏا هجن ها ۽ اسان ڪڏهن بہ اهڙي عذاب ۾ نہ هجون ها جهڙو هن وقت آهيون.

جيئن ته اسان کي گذريل جنم بابت ڪجھ ياد ناهي سو اسان گھاٽي جي ڏڳي جيان ھڪ ئي دائري ۾ چوڦير ڦرون پيا، ڪوبہ ماڻھو نہ ٿو ڄاڻي ته انھيءَ دائري جو پنڌ ڪيٽلو آھي. بس موت ۽ حياتيءَ جي چڪر جو اھو ڦرٽو پيو ڦرندو ۽ انسان گھاٽي جي ڏڳي جيان پيو گول دائري ۾ ھلندو. آخر ماڻھو اھڙي نقصان کان ڪيئن ٿو نجات حاصل ڪري سگھي. ان لاءِ سڃاڳي ۽ تجربي جي ضرورت آھي.

ھڪ ڳالھ ھيءُ بہ اھم آھي ته ڪوبہ ماڻھو ھر وقت پاڻ کي موت حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ناھي ھوندو. موت جي اوچتي جھٽڪي وقت ته ھو خود آگاھہ بہ ناھي ھوندو. ان لاءِ موت کي سمجھڻ لاءِ اسان کي انتھائي آھستگيءَ سان تجرباتي مرحلن مان گذرڻو پوندو. صفا آھستگيءَ سان ته جيئن انھن مرحلن مان گذرڻ وقت اسان انھن کي ڇڳيءَ طرح ڄاڻي بہ سگھون. مثال طور توھان کي مٿي ۾ سور آھي ته توھان ھڪ ئي پل ۾ سمجھي ويو ٿا ته توھان کي مٿي ۾ سور آھي. ايئن نہ چوندؤ ته توھان جي مٿي کي سور آھي، مٿي جي سور جو ابتدائي مرحلو ۽ سور جو پھريون تجربو ئي توھان کي اھو سيکاري ڇڏي ٿو ته مٿي ۾ سور جو مقصد ڇا آھي.

اھڙيءَ طرح ماڻھوءَ کي معمولي درجي جي تڪليفن سھڻ کان پنھنجي تجربن جي شروعات ڪرڻ گھرجي، روزاني زندگيءَ ۾ ڪنھن نہ ڪنھن پل ڪنھن نہ ڪنھن تڪليف سان واسطو پوي ٿو. تڪليفن سھڻ سان گڏ خوشين کي برداشت ڪرڻ جو بہ تجربو ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ خوشين ملڻ دوران حواسن کي قائم رکڻ ڏکن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڏکيو آھي. اھو سمجھڻ ڪجھ ڏکيو ناھي ته انسان جو مٿو ۽ ان ۾ موجود سور بہ الڳ الڳ شيون آھن، پر اھو سمجھڻ ڏکيو آھي ته ڇا جسم ۽ بيماريءَ کان درستي جي خوشي بہ بہ ڏار ڏار شيون آھن يا نہ. جڏھن اسان خوش ھوندا

آهيون تہ جسم جي وڌيڪ ويجهو هوندا آهيون، پر ڏکن ۾ سورن ۾ وري اسان جسم کان پري ٽيڻ چاهيندا آهيون. ان کري خوشيءَ ۾ جسم سان ويجهو ناتو ۾ ڏکن ۾ ڏوراهو لاڳاپو ٿي ويندو آهي. انسان ۾ اهو تجربو کرڻ گهرجي تہ خوشي دوران جيڪڏهن هو حواسن ۾ آهي تہ ڇا ساڳا حواس هو ڏکن ۾ بہ برقرار رکي سگهي ٿو يا نہ ۾ لازمي آهي تہ اهڙن تجربن جي ذريعي هڪ ماڻهو پاڻ کي ڏکن ۾ مبتلا کندو رهندو ۾ بنيادي طور اهو تجربو سمورن عبادتن ۾ رياضتن جو نچوڙ آهي. زندگيءَ جو حقيقي حاصل رضاکارانہ طور تي پنهنجو پاڻ کي ڏکن حوالي کرڻ آهي. مثال طور تي، کو ماڻهو روزانو لکي ٿو تہ هو اهو ڇاڻڻ جي کوشش کري ٿو تہ بک سندس شعور تي کهڙو اثر کري ٿي. حقيقت ۾ روزي جو مقصد هڪ خاص کيفيت کي محسوس کرڻ آهي. اها کيفيت هيءَ آهي تہ منهنجو جسم بکيو آهي، پر مان ناهيان. سو کوبہ ماڻهو پنهنجو پاڻ تي زوري بک مڙهي اهو ڇاڻڻ ڇاهيندو آهي تہ ڇا واقعي بک جو کو وجود آهي؟ مان ڇاڻان ٿو تہ بک جو وجود آهي. جسم کي بک محسوس ٿئي ٿي پر اهو احساس آهستي آهستي فنا ٿي ويندو ۾ اڳتي هلي جسم بکيو هئڻ باوجود بہ مون کي بک محسوس نہ ٿيندي.

بس رڳو جسم کي بک محسوس ٿيندي، مون کي ان جو ادراک بہ هوندو پر احساس نہ هوندو ۾ ان وقت ئي مون مٽان روزي جي اصل حقيقت ظاهر ٿيندي ۾ پوءِ اهو رڳو جسماني بک کاڻڻ جي مثال نہ هوندو.

عام طور تي جڏهن بہ کو روزو رکندو آهي تہ اهو سمورو ڏينهن اهو سوچيندو رهندو آهي تہ هو بکيو آهي ۾ اهو تہ هن سمورو ڏينهن کجهہ بہ ناهي کاڌو. هن جو ذهن روزي کانپوءِ ملندڙ خوراک بابت سوچيندو رهندو آهي. اهڙي قسم جي روزي جي

ڪاڻ اهميت ڪانهي، اهو تہ بس ڇڻ پنهنجوپاڻ کي ڪاڏي پيتي کان روڪڻو آهي. پاڻ کي ڪاڏي پيتي کان روڪڻ ۾ حقيقي روزو رکڻ ۾ فرق آهي.

روزي جو مطلب آهي، ويجهي کان ٻہ وڌيڪ ويجهو رهڻ... ڪنهن جي ويجهو رهڻ؟ يعني تہ پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ ويجهو رهڻ جسم ۽ جان جي وچ ۾ وڏ کان وڏ فاصلو پيدا ڪري ڇڏڻ.

روزي جو مطلب اهو ناهي تہ بس کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏجي. روزي جو مطلب آهي وڏ کان وڏ خدا کي ويجهو ٿيڻ ۽ اڳتي ملي اها ٻہ صورت پيدا ٿي سگهي ٿي تہ ڪو ماڻهو کائيندو ٻہ هجي ۽ روزي ۾ ٻہ هجي. سو روزو رکڻ بک جو احساس ناهي پر اندروني آگهي ۽ ڄاڻ ٻہ آهي. بک جي احساس کي پاڻ کان پري رکڻ هڪ نفسياتي آگهي جو نالو آهي. جنهن کي روزو يا ورت چون ٿا.

اهڙي قسم جون ٻيون تڪليفون ٻہ رضاڪارانہ طور تخليق ڪري سگهجن ٿيون ها پر اهڙي قسم جي ڪاڻ تڪليف تخليق ڪرڻ انتهائي گهري تجربي جي گهرجائو آهي. ڪوبہ ماڻهو ڪنڊن تي اهو تجربو ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿو تہ ڪنڊا هن جي جسم کي ٻہ ڇُهيي رهيا آهن پر ڪيس نہ. سو شعور ۽ جسم جي وچ ۾ ڏاريائپ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪاڻ تڪليف از خود ٻہ اختيار ڪري سگهجي ٿي.

پر اسان وٽ دنيا ۾ ڪوڙ ساريون مصيبتون گهرڻ کانسواءِ ٻہ موجود هونديون آهن ۽ وڌيڪ مصيبتن کي سڏ ڪرڻ جي ضرورت ناهي ڪوڙ سار ڏک دنيا ۾ اڳواٽ ئي موجود آهن. انهن کان ئي تجربن جي شروعات ڪرڻ گهرجي، ڪوڙ ساريون پريشانيون زندگيءَ ۾ گهرڻ کانسواءِ ٻہ هليون ايندیون آهن. جيڪڏهن انهن تڪليفن دؤران انسان اهو شعور برقرار رکي تہ هو پنهنجي

تڪليفن کان اڻ لاڳاپيل آهي تہ پوءِ اها تڪليف هڪ روحاني تجربو (ساڏنا) بنجي پوندي آهي.

انسان کي اهڙي قسم جي ڪيفيت انهن خوشين وقت بہ برقرار رکڻ گهرجي جيڪي زندگيءَ ۾ پنهنجو پاڻ اچن ٿيون. ڏکن ۾ مبتلا هوندي اهو ممڪن آهي تہ اسان پنهنجو پاڻ کي فريب ڏئي ويجون ۽ پاڻ کي اهو سمجهائي ويجون تہ "مان ڏکن ۾ ناهيان" پر خوشيون هجن تہ پوءِ انهن کان لاتعلق هئڻ جو تصور قائم ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هر ماڻهو هر صورت ۾ خوش رهڻ چاهي ٿو سو خوشين ۾ هوندي پاڻ کي ڏکن ۾ سمجهڻ ناممڪن هوندو آهي.

حقيقت ۾ خوشين جي موقعي تي پاڻ کي انهن کان پري رکڻ انتهائي تڪليف ڏينڙ عمل آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان هر صورت ۾ خوشين جي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻڻ چاهي ٿو ۽ اهو وساري ويهي ٿو تہ اُهي خوشيون تہ عارضي آهن. خوشي اسان کي ٻوڙي ڇڏي ٿي، ڏک اسان کي پنهنجو پاڻ کان ڪٽي پري ڦٽي ڪن ٿا. ڏکن ۾ اسان اها ڳالهہ قبول ڪيون ٿا تہ انهن کي سهڻ کانسواءِ اسان وٽ ڪو ٻيو رستو ڪونهي. پر خوشين کان پنهنجو پاسو بچائڻ ڏکيو هوندو آهي.

ياد رکو: زندگيءَ ۾ جيڪي ڏک توهان جي رستي ۾ اچن انهيءَ وقت بہ سجاڳ رهو ۽ اگر خوشيون ملن تہ انهيءَ وقت بہ سجاڳ رهو. ڪڏهن ڪڏهن رڳو تجربي خاطر ڏکن سان ناتو جوڙي ڏسو.

اگهاڻن پيرن رستي هلندي اوچتو توهان کي ڪو ڪنڊو لڳي وڃي. اهو تہ هڪ حادثو آهي ۽ ان جي تڪليف سڀ کان گهٽي محسوس ٿيندي آهي. پر اهو تجربو ۽ ڪيفيت وري ان حادثي کان انتهائي مختلف هوندي جڏهن توهان هڪ ڪنڊو

هٿ ۾ کٽي پنهنجو پاڻ کي پاڻ هٿن اهو ڇاڻڻ لاءِ ته آخر هڪ ڪنڊي ڇيڙ سان انسان کي ڪهڙي تڪليف ٿيندي آهي. مان توهان کي اهو نه ٿو چوان ته هروپرو پنهنجو پاڻ کي اذيت ڏيو. ڇاڪاڻ ته ڪوڙ ساريون اذيتون اڳ۾ئات ئي اسان جي زندگيءَ ۾ موجود آهن. مان توهان کي جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو ان جو مقصد هيءُ آهي ته ڏکن يا خوشين واري دؤر ۾ بس توهان سجاڳ رهو خود آگاهه ٿيو.

ياد رکوا حادثاتي طور تي ڏکن کي منهن ڏيڻ ۾ ازخود ڪنهن تڪليف کي دعوت ڏيڻ هڪ غير معمولي ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ ته هر ماڻهو خوشين جي ڳولا ۾ آهي ۽ ڪوبه ماڻهو هوش حواس ۾ رهندي ڏکن کي دعوت ڏيڻ نه ٿو چاهي ۽ مزي جي ڳالهه اها به آهي ته جن ڏکن کان اسان پري پڇندا آهيون اهي اڻ گهريئي اسان وٽ هليا ايندا آهن ۽ اهي خوشيون جن جي اسان کي ڳولا هوندي آهي ڪڏهن به اسان وٽ هلي ناهن ايندیون. پر جيڪڏهن اڇن به ٿيون ته گهرجي دروازي کان ٻاهر ئي ٻيئيون هوندیون آهن. جن خوشين کي اسان چاهيندا آهيون، اُهي ناهن ايندیون ۽ جن خوشين جو اسان کي تصور به ناهي هوندو اُهي زوري به اسان وٽ هليون ايندیون آهن. جڏهن ڪو ماڻهو ڏکن سهڻ جي طاقت گڏ ڪري وٺندو آهي ته ان جو مطلب اهو آهي ته هو ايترو خوش آهي جو ڏکن کي پنهنجو پاڻ دعوت ڏئي سگهي ٿو ۽ ڏکن کي رضاڪارانه طور دعوت ڏيندڙ ماڻهو وٽ خوشين جا ڍڳ هوندا آهن ۽ هن وٽ ڏکن جو نالو به ناهي هوندو ۽ جيستائين اسان انهيءَ مشاهدي لاءِ پاڻ کي تيار ڪري سگهون اوستائين اسان کي انهن ڏکن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. جيڪي اوچتو اسان مٿان نازل ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن اسان هر ايندڙ ڏک کي اڳواٽ منهن ڏيڻ جي قابل ٿي ويون ته پوءِ اسان موت جي اچڻ وقت به

هوش ۾ حواس ۾ رهڻ جي قابل ٿي ويندا سين. قدرت اسان کي موت جي وقت حواس ۾ رهڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي. خدا کي اها چاڻ آهي ته جڏهن هڪ انسان ڏکن ۾ به هوش حواس ۾ رهي سگهي ٿو ته پوءِ اُهو موت جي وقت به پنهنجو هوش نه وڃائيندو. سو جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڏکن کي سهڻ جو ڪو اڳواٽ تجربو نه هجي ته پوءِ موت جي اوچتي ڪڙڪي پوڻ تي هر ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي ويهي ٿو. ڪجهه سال اڳ پي ڊي او اسپنسڪي نالي همراهه فوت ٿيو. اُهو روس جو هڪ وڏو رياضي دان هو. اهو واحد ماڻهو آهي جنهن موت بابت انتهائي گهرا مشاهدا ڪيا هئا. پنهنجي موت کان ٿي مهينا اڳ ۾ هو بيمار ٿي پيو هو. ڊاڪٽرن هن کي سختيءَ سان بستري تي آرام ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي پر هن انساني تصور کان به مٿانهون ٿي اهڙا قدم کنيا جن تي يقين ئي نه ٿو اچي. هو رات جو سمهندو ڪونه هو. هميشه سفر ۾ هوندو هو. مطلب ته هو بستري تي سمهڻ بجاءِ هر وقت چرپر ۾ رهندو هو. هن جا ڊاڪٽر حيران ٿي ويا انهن جي خيال ۾ ته هن کي هر وقت بستري تي پيو رهڻ گهرجي ها. هن سمورن دوستن کي گڏ ڪيو پر کين ڪجهه به نه چيائين. اُهي سمورا دوست جيڪي ٽن مهينن تائين هن سان گڏ هئا انهن جو چوڻ آهي ته انهن پنهنجي اکين سان هڪ ماڻهوءَ کي هوش ۾ اهڙي موت حوالي ٿيندي ڏٺو.

جيتوڻيڪ دوستن ۾ مائٽن اوسپنسڪي کي ڪيترائي پيرا ڊاڪٽرن جي صلاحن تي هلڻ جو زور پريو پر هن هر پيري اهو جواب ڏنو ته: "مان هر قسم جي درد جو جو تجربو ڪرڻ چاهيان ٿو. موت جي درد جو تجربو ڪرڻ چاهيان ٿو ان لاءِ مان موت کان اڳ ۾ ايندڙ هر درد کي سهڻ جي صلاحيت پاڻ ۾ پيدا ڪيان ٿو ته جيئن موت جي اچڻ وقت هوش حواس ۾ رهڻ جو تجربو ڪري سگهان.

هن جي دوستن لکيو آهي تہ هر ڪم ۾ هن جا دوست ۽ صحتمند ماڻهو تہ ٽڪجي پوندا هئا پر اوسپنسڪي ڪڏهن بہ سُستيءَ جو مظاهرو نہ ڪيو. ڊاڪٽر ڪيس چوندا رهيا تہ جيڪڏهن هن آرام نہ ڪيو تہ ڪيس نقصان سهڻو پوندو پر هن مٿان ڪوبہ اثر نہ ٿي پيو. پنهنجي زندگيءَ جي آخري رات بہ اوسپنسڪي لاءِ‌يتو پنهنجي ڪمري ۾ پَسار ڪندو رهيو. جيڪي ڊاڪٽر اتي موجود هئا انهن جو چوڻ هو تہ هن جي ٽنگن ۾ هاڻ هلڻ جي طاقت ڪونهي پر انهيءَ باوجود بہ هو سموري رات ڪمري ۾ هلندو رهيو.

هن چيو تہ بستري تي سمهي بي هوشيءَ جي حالت ۾ مرڻ بجاءِ هو گهمندي ڦرندي مرڻ چاهي ٿو. هلندي هلندي هن دوستن کي چيو بس هاڻ مان وڃان ٿو شايد ايندڙ ڏهہ قدم بہ مس کٽي سگهان... منهنجي دل بيهي رهي آهي، پر مون کي آخري ساهہ تائين ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي نہ تہ موت مون کي بي خبريءَ ۾ وکوڙي ويندو مان بستري تي ليٽي پُرسڪون انداز ۾ بہ موت کي ڏسي سگهان ٿو پر نہ مان خاموش موت نہ ٿو چاهيان.

اهڙي طرح اوسپنسڪي آخري قدم تائين هلندو رهيو. شايد تمام ٿورڙا ماڻهو ئي دنيا ۾ هوندا جيڪي ائين گهمندي ڦرندي مري ويا هجن. هن جو جسم ان وقت ئي هيٺ ڪريو جڏهن موت هن کي کنيي کٽي ويو. آخري قدم کڻڻ وقت بہ هن اهو چيو تہ "هاڻ مان هيٺ ڪرڻ وارو آهيان، مان پٺهنجو جسم تہ ڪلاڪ کن اڳ ۾ ئي ڇڏي ڇڪو آهيان، ان باوجود ڏسو تہ مان زندهہ آهيان جسم سان منهنجا سمورا ناتا ٽٽي ڇڪا آهن، هاڻ هيٺ رڳو منهنجو جسم ڪرندو پر ان سان گڏ مان هيٺ ڪونہ ڪرندس جو مان جسم کان مٿاهون ٿي ڇڪو آهيان. هن جي مرڻ وقت هن جي اکين ۾ سندس دوستن هڪ خاص قسم جي روشني محسوس

ڪئي. هڪ نور جهڙي روشني سُرور، خوشي هن جي اکين مان ظاهر هئي. هڪ اهڙي عجيب ڪيفيت جيڪا زندگيءَ جي داخلي دروازي وٽ بينل انسان جي اکين ۾ ٿي سگهي ٿي. پر اهڙي موت لاءِ انسان کي شعوري طور تي ڪوشش ڪرڻ لازمي آهي. هڪ مسلسل، لاڳيتي جدوجهد، جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي ان ڳالهه تي راضي ڪري وٺي ته موت هن جو هڪ اڻ مُلهه تجربو هوندو. اهڙي صورتحال کان وڌيڪ قيمتي ڪو ٻيو موقعو ڪونهي. جو ته موت وقت جيڪي مشاهدا ڪري سگهجن ٿا سي زندگيءَ ۾ ناممڪن آهن. موت سان به جڙ پوءِ عشق ٿي پوندو آهي، جو ته موت وقت ئي اها خبر پوندي آهي ته اسان بس هڪ مادي وجود آهيون. موت کان اڳ ۾ هرگز به اها ڄاڻ نه ٿي پوي.

ياد رکو! رات جيتري اونداهي هوندي اوترائي آسمان تي چمڪندڙ ستارا وڌيڪ نظر ايندا. اهڙي طرح جڏهن موت اسان جي وجود جو مڪمل گهيرو ڪندو آهي ته عين انهيءَ وقت اسان جي مرڪز ۾ زندگي پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان جلوه گر ٿيندي آهي، ان کان اڳ ۾ ڪڏهن به نه. جڏهن موت مٿان اچي بيهندو آهي ته ان وقت زندگي، پوءِ توهان ان کي آتما چئو روح چئو مڪمل طرح سان وجود جي اندر سرگرم ٿي ويندي آهي. روح جي چمڪ جسم جي اندر ڇانيل سمورين اونداهين کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. موت کي بس آخري گهڙين ۾ ئي زندگيءَ جي آگاهي ملندي آهي. خودشناسي حاصل ٿيندي آهي. زندگيءَ جي حقيقت کلندي آهي سو مرڻ وقت شعور کي بيدار رکڻ ضروري آهي ۽ خيال ئي اها شيءِ آهي جيڪو شعور کي زنده رکي ٿو.

خيال، مراقبو يا ڌيان انهيءَ تجربي جو نالو آهي، جيڪو آهستي، آهستي، ڏاڪي به ڏاڪي موت ڏانهن اسان جي رهنمائي ڪري ٿو. اهڙي اُهو تجربو آهي جيڪو خود اسان کي پنهنجي

ذات جي اندر داخل ٿي جسم جڏهن سيکاري ٿو جيڪا هن کي ماڻهو سموري زندگي سوچ ويچار کندو رهي، ڏک خوشيءَ سان سهندو رهي ته پوءِ اُهو زندگيءَ جي خاتمي وقت پنهنجي شعوري کيفيتن کي برقرار رکي سگهندو. جڏهن موت شعوري حالت ۾ ماڻڻو آهي ته پوءِ ٻيو جنم بہ انسان مڪمل طرح پنهنجي شعوري حالت سان طئي ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻيو شروع ٿيل هن جي زندگيءَ جو پهريون ڏينهن اڻ ڄاڻائي ۽ جهالت جي اونداهي بجاءِ سموري ڄاڻ ۽ آگهي جي حالت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح جو هو ماءُ جي پيٽ ۾ بہ مڪمل طرح هوش حواس ۾ هجي ٿو جيڪو ماڻهو شعور جي حالت ۾ فنا کي ماڻي ٿو ان لاءِ شعور جي حالت ۾ ٻيهر پيدا ٿيڻ جو رڳو هڪ ئي موقعو هوندو آهي. انهيءَ هڪ موقعي کانپوءِ وري نئون جنم ماڻڻ جو ڪوبہ امڪان باقي ناهي رهندو. ڇاڪاڻ ته جنهن کي بہ اهو تجربو ٿي ويجي ته ڇمڻ ڇا آهي؟ زندگي ڇا آهي؟ موت ڇا آهي؟ ته اهو مڪمل طرح نجات (مُڪتي) بقا حاصل ڪري وٺندو آهي، هميشہ جي لاءِ ۽ اُهو ماڻهو موت ۽ حياتيءَ جي ڦيري کان فارغ ٿي پُرسڪون ٿي ويندو آهي.

اُهي ماڻهو جيڪي شعور جي حالت ۾ موت کي ماڻيندا آهن، انهن کي اسان اوتار، پيغمبر، ولي، مسيح، ڪرشنا ۽ ٻڌ جي نالي سان ڄاڻون ۽ سڃاڻون ٿا. ۽ انهيءَ کي جيڪا شيءِ اسان کان اعليٰ ۽ مٿانهون ڪري ٿي اها ڄاڻ، علم ۽ آگهي آهي. اُهي سڃاڻ هوندا آهن، جڏهن ته اسان ننڍ ستل هوندا آهيون. انهن وٽ ضرور ڪا اهڙي شيءِ هوندي آهي، جيڪا اسان وٽ ناهي هوندي. اهڙن هر وقت سڃاڻ انسانن ۽ اسان ۾ هڪ ئي فرق آهي، جو انهن جي گذريل زندگين ۾ آيل موت شعوري حالت ۾ ٿيو هو. بس اُهي ٻيو جنم مڪمل سڃاڻي ۽ شعوري حالت ۾ ئي ماڻيندا آهن.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو مرڻ کاپوءِ به هوش ۾ رهي سگهي ٿو اُن کي اهاڃاڻ ئي ناهي هوندي ته هو مري چڪو آهي. جڏهن ماڻهو هن جو لاش ڪلهن تي کڻي شمشان گهاٽ ۾ ساڙڻ شروع ڪندا آهن، تڏهن ئي هن کي يقين ايندو آهي، ته هو مري چڪو آهي. ماڻهوءَ جي اندر ۾ موجود ڪا شيءِ اصل ۾ ناهي مرندي، بس روح ۽ جسم ۾ هڪ مفاصلو پيدا ٿي ويندو آهي. زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ان فاصلي جو تجربو ناهي ٿيندو روح ۽ جسم ۾ فاصلو رکڻ جو تجربو عجيب قسم جو هوندو آهي، ان جي تشريح ڪرڻ ممڪن ناهي، جسم بس اهوئي محسوس ڪندو آهي ته ڪا شيءِ هن کان ڌار ٿي وئي آهي. هن کي موت جو يقين تڏهن ئي ٿيندو آهي، جڏهن سندس آس پاس موجود ماڻهو سندس ساڻي ٿيل جسم مٿان بيهي روئڻ، رڙيون ڪرڻ ۽ پٽڻ لڳندا آهن يا هن جي جسم کي ساڙڻ لاءِ شمشان گهاٽ ۾ ڇتا تي رکي باهه ڏني ويندي آهي ته پوءِ اُهو سمجهندو آهي ته سڀ ڇڄ سندس موت ٿي چڪو آهي. لاش کي جلد فنا ڪرڻ جو به هڪ سبب آهي، اُهو هيءُ ته جسم کان ڌار ٿيل روح کي اهو يقين ڏيارڻو هوندو آهي جسم مري چڪو آهي. ان کي ساڙي رک ڪيو ويو آهي، پر انهيءَ حقيقت کان به فقط اُهو ماڻهو واقف ٿي سگهي ٿو جيڪو شعور ۽ آگهيءَ جي حالت ۾ مُئو هجي. بي شعوريءَ واري حالت ۾ مرندڙ ماڻهو اهڙين ڪيفيتن کان اڻ ڄاڻ هوندو آهي.

اهڙي طرح هڪ انسان مرڻ کان پوءِ يڪدم هڪ نئين دنيا ۾ داخل ٿي ويندو آهي. هڪ اهڙي دنيا ۾ جنهن جي باري ۾ زندگيءَ ۾ اسان کي ڪابه ڄاڻ ناهي هوندي. اُها دنيا اسان لاءِ ڊيڄارينڊڙ ۽ خوفناڪ به ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته اها دنيا اسان جي ماضيءَ جي پيٽ ۾ بلڪل به انوکي هوندي. ماضيءَ جي تجربي کان مڪمل طرح مختلف، جيئن اسان زندگي ۾ ڪنهن نئين ملڪ ۾

ويندا آهيون، اُتان جي ٻولي اُتان جا ماڻهو اُتان جو قانون ۽ رسم رواج مختلف هوندا آهن، جنهن ڪري ڪنهن ٻ اجنبي ملڪ ۾ پهچي ڪجهه وقت لاءِ اسان حيران پريشان هوندا آهيون.

اسان اڃڪلهه جنهن دنيا ۾ رهون ٿا اها مادي جسمن جي دنيا آهي، اسان جيئن ئي زندگيءَ جي سرحد پار ڪريون ٿا تہ هڪ مختلف ۽ نئين دنيا جا در اسان متان کلن ٿا. اُها دنيا اسان لاءِ اجنبي هوندي آهي، ماضيءَ کان بلڪل مختلف هوندي آهي، سو اُتي اسان خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ٿي سگهون ٿا. هن دنيا ۾ اسان ڪهڙي ٻ ملڪ ۾ وڃون پر هڪ ڳالهه يقيني آهي تہ سمورا انسان مادي جسم رکندڙ هوندا آهن. پر مادي وجود کانسواءِ وجود رکندڙ دنيا جو تصور انتهائي خوفناڪ آهي، انهيءَ ڪري ئي مذهبن اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ٻي دنيا ڪيئن هوندي. مرڻ هڪ عمل آهي، سو مرڻ واري کي اڳواٽ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي، تہ ايندڙ دنيا ڪيئن هوندي ۽ موت جو بهترين تجربو مراقبو ڏيان ۽ خيال جي يڪسوئي آهي.

مان ڪافي دير کان اهو محسوس ڪيان پيو تہ اُهي ماڻهو جيڪي زندگيءَ سان پيار ڪن ٿا انهن کي موت سان ٻ دلچسپي آهي. ياد رکو تہ زندگيءَ کي ماڻڻ جو تجربو صرف ۽ صرف موت سان لاڳاپيل، مري جيئڻ ئي حقيقي طور زندگيءَ کي ماڻڻ آهي، يقين ڄاڻو تہ اسان انهيءَ حالت ۾ ئي جنم ونندا آهيون، جنهن حالت ۾ اسان جو موت ٿيندو آهي. هڪ بيدار ذهن لاءِ ايندڙ جنم ۾ پنهنجي پسند جي زندگي ماڻڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي، ياد رکو بي هوشيءَ جي حالت ۾ ڪوبہ سُرور نہ ٿو ماڻي سگهجي.

زندگي ۽ موت کي ماڻڻ لاءِ سڃاڻ هجڻ، باشعور هجڻ لازمي آهي. سو پنهنجي پسند جي ڪابہ شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ توهان وٽ خاص صلاحيت هجڻ گهرجي. هڪ غريب ماڻهو پنهنجي

زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پسند جو گهر حاصل ڪري نه ٿو سگهي. هڪ لک پتي ماڻهو پنهنجي رهڻ جي جاءِ پاڻ پسند ڪندو آهي، گهر ۾ ڪيترا ڪمرا هجن، دروازا دريون ۽ روشنيون ڪٿي هجن، سج جي روشني ڪيئن، ڪٿي پوڻ گهرجي، اُهي سموريون ڳالهيون هو پاڻ ئي طئ ڪندو آهي.

سو هڪ بيدار ذهن ئي پنهنجي پسند جي زندگي ماڻي سگهي ٿو. باقي هيءَ عام زندگي جيڪا اسان کي بخشي وئي آهي سا غلامي واري زندگي آهي. هن زندگيءَ ۾ انسان پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي. مٿي بيان ڪيل موت واري ڪيفيت ۽ شعور جي حاصلات کانپوءِ ئي اسان پسند جي زندگي گذاري سگهون ٿا. فنا کان پوءِ شعوري طور بقا حاصل ڪندڙ ماڻهو ئي جيون ۾ سڪون ماڻي سگهي ٿو. هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو شعور ۾ رهندي مُئو هوندو. اُهو ئي حواس ۾ رهندي پيدا ٿيندو ۽ پوءِ هن جو نئون جنم هن جي نئين زندگي مڪمل طرح آزاد ۽ خودمختيار هوندا. هو پنهنجي مرضيءَ سان جيئندو ۽ مرندو.

شايد اسان نجات، مڪتي لفظ جي معنيٰ کي مڪمل طرح نه سمجهندا هجون. نجات يا جيون مڪت انهيءَ حالت کي چوندا آهن جڏهن ڪو انسان جنم وقت به مڪمل طرح هوش حواس ۾ هجي. بس اُهوئي سڪون سان جيون گذاري سگهندو. باقي بي شعوري طور مرندڙ ۽ جنم ونندڙ ماڻهو غلاميءَ واري زندگي گذاريندو. فطرت جي غلامي هيٺ ئي هن کي رهڻو پوندو. پلي ڪٽي هو سموري زندگي آزاديءَ جي جدوجهد ڪندو آهي پر ڪيس آزادي، نجات ۽ مڪتي وري به موت کانپوءِ ٻي دنيا ۾ ملندا. هن زندگيءَ ۾ نجات ممڪن ناهي. هن زندگيءَ ۾ پُرسڪون، جيون مڪت هجڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻيو جنم شعور واري حالت ۾ ٿيو

هجي ۾ شعور وارو جنم تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن موت بہ شعور واري حالت ۾ ٿيو هجي.

جيئن تہ هن وقت اسان زنده آهيون. موت اڃان پري آهي. يقينن موت ايندو ان بابت ڪو بہ شڪ ڪونهي. موت تي هر ڪنهن کي يقين آهي، جڏهن تہ هن دنيا ۾ ڪوڙ سارا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي خدا جي وجود تي شڪ ظاهر ڪندا آهن جن کي خدا تي يقين ڪونهي، پر دنيا ۾ توهان کي ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ ملندو جنهن کي موت تي شڪ هجي. جنهن کي موت تي يقين نہ هجي، هر ڪنهن کي پڪ آهي، تہ موت لازمي طور تي ايندو ڏنو وڃي تہ روزانو موت ويجهي کان بہ ويجهو ٿيندو پيو وڃي. انسان کي اڳواٽ ئي موت جي استقبال ڪرڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي. بس مان چاهيان ٿو تہ توهان کي شعور واري، سجاڳيءَ واري حالت ۾ موت جو رستو پار ڪرڻ سيکاريان. مراقبو ڏيان، توهان کي موت جي استقبال جي اڳواٽ تياري ڪرائيندو.

هڪ دوست سوال ڪيو آهي تہ مراقبي ۾ گذريل جنم جي وچ ۾ ناتو ڪهڙو آهي؟"

ڏنو وڃي تہ ڏيان يا مراقبو هڪ ندي هڪ درياهہ وانگر هوندو آهي ۽ ان کي سمنڊ جي ڳولا هوندي، ان کي سمنڊ سان ملڻو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ڏيان يا مراقبو توهان کي يقيني طور تي خدا تائين پهچائي ڇڏيندو. ننڍين ننڍين جيان ڪيترائي طريقا آهن، جيڪي مراقبي جي درياهہ ۾ اچي پون ٿا. مراقبي جي ذريعي اسان موجوده زندگيءَ جو رخ پنهنجي گذريل جنم ڏي موڙي سگهون ٿا. مراقبي جو مطلب آهي ڪنهن بہ نقطي تي خاص توجهہ ڏيڻ، ڏيان ڏيڻ، پنهنجي خيال کي هڪ جاءِ تي بيهاري ڇڏڻ ئي مراقبو آهي. خيال ماضي، حال، مستقبل ڪان مٿانهون آهي، سو خيال کي ماضيءَ ڏانهن گذريل جنم ڏانهن بہ موڪلي سگهجي ٿو.

ياد رکوا خيال ڪڏهن ب مري نہ ٿو. خيال گم يا پوشيده رهي ٿو. اگر مان توهان کان سوال ڪيان تہ پهرئين جنوري 1950ع تي ڇا ٿيو هو ۽ توهان کوب جواب نہ ڏئي سگهندا پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ان ڏينهن تي ڪجهہ ٿيو ئي نہ هوندو. توهان کي ائين محسوس ٿيندو جڏ جنوري 1950ع وارو ڏينهن توهان لاءِ خالي هو جيئن تہ اهو ڏينهن گذري چڪو آهي سو يقيني طور تي خالي نہ هوندو. اهڙيءَ طرح اڃوڪو ڏينهن سياڻي ياد رکڻ سان خالي ئي لڳندو ۽ ايندڙ ڏهہ سالن کانپوءِ اڃوڪي ڏينهن تي ڪيل سرگرمي تہ اسان کي بلڪل ب ياد نہ هوندي.

جيئن تہ اڄ پهرئين جنوري 1950ع جو ڏينهن موجود ناهي تہ ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ان ڏينهن تي توهان ب موجود ڪونہ هئا. هن وقت صرف ايترو ئي چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن توهان کي اڄ جي ڏينهن بابت ڪا ڄاڻ ناهي تہ پوءِ اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي تہ اُهو ڏينهن ڪڏهن آيو ئي نہ هو. حقيقت ۾ اُهو ڏينهن موجود هو. پر اُن ڏينهن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو آهي. ذهن جو رخ اوڏانهن موڙي سگهجي ٿو. ٻيئن ذهن ۾ يادگيرين جا ڪرٽا ٻرڻ شروع ڪندا توهان حيران ٿي ويندؤ اُهو ڏينهن اڄ جي ڏينهن وانگر توهان مٽان روشن ٿي ويندو.

مثال طور اهو سڀ ائين ٿيندو جو جڏ جيئن ئي هڪ ماڻهو اونداهي ڪمري ۾ داخل ٿئي ۽ چئني پاسي تارچ جي روشني کي ڦوڙائي سو جنهن پاسي تارچ جي روشني پوي اُتان جو منظر تہ ظاهر ٿي پوي باقي ڪمري جو منظر اونداهيءَ ۾ ٻڏل هجي. يقينن جتي تارچ جي روشني پوندي اُتان جون شيون تہ ظاهر هونديون پر جنهن پاسي تارچ جي روشني نہ هوندي اُتان جون شيون اونداهيءَ ۾ لڪل ئي رهنديون سو جيڪڏهن اسان مان ڪو ماڻهو زندگيءَ کي روشن ڪرڻ ٿو چاهي تہ پوءِ ان کي ذهن جي تارچ کي خيال جي

طاقت سان ڏيان، مراقبي جي ذريعي روشن ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو گم ٿيل شين کي ڏسڻ ٿو چاهي يا غيب کي پسڻ ٿو چاهي تہ ان کي ڏيان جو ڏيئو روشن ڪرڻو پوندو. مان چاهيان ٿو تہ هتي توهان منهنجي ڳالهہ کي مڪمل توجهہ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

ڏيئي جي روشنيءَ جو ڪو خاص حدف يا نشانو ناهي هوندو. ڏيئي جي روشني تہ اونداهہ ۾ سڀاڻ ڪنهن حدف جي اونداهہ ۾ چئني پاسي ڦهلجندي آهي، ڏيئي کي رکو ڪنهن هڪ پاسي کي روشن ڪرڻ سان دلچسپي ناهي هوندي، ڏيئي جي دائري ۾ جيڪا بہ اونداهي اچي وڃي هو اُن کي روشن ڪندو آهي. جڏهن تہ تارچ جي روشني ڪنهن هڪ طرف جي پابند هوندي آهي. اها ڪنهن هڪ پاسي کي ئي روشن ڪندي آهي.

تارچ جي روشني اسان بس ڪنهن هڪ پاسي ئي رکي سگهون ٿا. ان لاءِ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪجهہ شيون ڏنڊليون بہ نظر اچن، پر شين کي واضح ۽ چٽو ڏسڻ لاءِ اسان کي روشنيءَ کي ڪنهن هڪ نقطي تي گڏ ڪرڻو پوندو آهي. اهو ڪم تہ تارچ ئي ڪري سگهي ٿي. پر ياد رکو تہ تارچ جي روشني اسان کي هڪ پاسو ئي ڏيکاريندي. ٻئي پاسي جون شيون اونداهيءَ ۾ گم رهنديون. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪجهہ شين کي ئي واضح ۽ چٽو ڏسڻ جو خواهش مند آهي تہ پوءِ ان کي باقي شين کي اونداهيءَ ۾ ڇڏي بس سمورو ڏيان ۽ سموري توجهہ هڪ ئي نقطي تي گڏ ڪرڻو پوندو.

اهڙي طرح جيڪو بہ ماڻهو سڌو سنئون زندگيءَ جي حقيقتن کي ڄاڻڻ جو خواهشمند آهي ان کي پنهنجو سمورو ڏيان ڏيئي جيان ڦهلائڻو پوندو. اهو ئي ان جو بنيادي مقصد هوندو. ڏيئي جي حيثيت بس زندگيءَ جو مٿاچرو مشاهدو ڪرڻ واري آهي، ان

کانپوءِ ان جو ڪردار ختم ٿي ويندو. جيڪڏهن ڏهن جي روشنيءَ کي ڪنهن خاص مقصد ۽ خاص طور ماضي ۽ مستقبل کي جاڙڻ لاءِ استعمال ڪرڻو هجي تہ پوءِ ان کي گهربل پاسي لڳائڻو پوندو. سمورو ڏيان، سمورو خيال هڪ هنڌ ٻيهارڻو پوندو. انهيءَ سلسلي ۾ بن ڪن نقطن تائين مان توهان سان گڏ آهيان. سمورن نقطن جي وضاحت انهيءَ لاءِ ضروري ناهي جو توهان مان شايد ئي ڪو ماڻهو هجي جيڪو منهنجي سمجهايل نقطن تي عمل ڪرڻ جو ارادو رکندو هجي. باقي ڪو واقعي مراقبي کي سکڻ چاهي تہ پوءِ ذاتي طور تي اچي مون سان ملي. ان لاءِ هتي مان بن يا ٽن نقطن جو ذڪر ڪندس جيڪي واقعي بہ گذريل زندگيءَ جي يادگيرين کي تازو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت نہ ٿيندا ها ايترو ضرور آهي جو انهن تي عمل ڪرڻ کانپوءِ توهان هڪ اندازو قائم ڪري سگهندا. مان جاڻي ٻُجهي انهيءَ مشق جي باري ۾ سيڪجهہ ٻڌائڻ انهيءَ لاءِ ضروري نہ ٿو سمجهان ڇو تہ هر ڪنهن عام ماڻهوءَ لاءِ هيءُ تجربو ڪرڻ فائديمند ناهي. ڇاڪاڻ تہ هيءُ تجربو ڪڏهن ڪڏهن فائدي بجاءِ نقصان جو سبب بہ ٿيندو آهي.

اهڙي ئي قسم جي هڪ حادثي کان توهان کي واقف ڪرڻ چاهيان ٿو تہ جيئن مان جيڪو ڪجهہ بہ چوان پيو اهو توهان تي واضح ٿي وڃي ڏيان(مراقبي) جي سلسلي ۾ هڪ عورت پروفيسر بن ٽن سالن تائين مون سان رابطي ۾ هئي. هوءَ پنهنجي گذريل زندگي، گذريل جنم جي باري ۾ جاڻڻ جي لاءِ بي چين هئي. جيتوڻيڪ مون هن کي ڪوڙ سارين گهربل مشقن کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن کي سمجهايم تہ گذريل جنم جي باري ۾ جاڻ حاصل ڪرڻ ان وقت تائين ٺيڪ ناهي جيستائين هوءَ سموريون مشقون پوريون نہ ٿي ڪري. اڌوري عمل ذريعي مليل جاڻ هن لاءِ نقصان جو سبب ٿي سگهي ٿي.

هونئن ته ماڻهوءَ لاءِ گذريل هڪ جنم جي ڄاڻ کي برداشت ڪرڻ مشڪل آهي، پر اهڙي قسم جي مشقن سان هڪ ته ڇا گذريل ٻن تن جنمن جون يادگيريون خيال جا بند ٽوڙي ذهن ۾ داخل ٿي سگهن ٿيون ۽ ائين خيالن جي هجوم سبب ماڻهوءَ جي چرئي ٿيڻ جو خدشو موجود آهي، اهوئي سبب آهي جو قدرت انهيءَ ڳالهه جو بندوبست ڪيو آهي ته اسان پنهنجا گذريل جنم وساري ويهون تا ته جيئن ذهن تي ڳهڙو وزن نه پوي. جيستائين ذهن جي وزن کڻڻ جي طاقت کي وڌايو نه وڃي اوستائين ان تي ضرورت کان وڌيڪ وزن وجهڻ تڪليفن جو سبب ٿي سگهي ٿو. پر اُها عورت پروفيسر ضد ڪندي رهي ته هن ني اضافي مشقن ڪرڻ سان ڪو فرق نه پوندو ۽ هوءَ ذهني ارتڪاز مراقبي جي مشقن ۾ مصروف ٿي وئي. ۽ جڏهن گذريل زندگيءَ جي يادگيرين جو سيلاب بند ٽوڙي هن جي ذهن تي حملي آور ٿيو ته رات جو ٻين وڃي ڏاري هوءَ ڏوڙندي مون وٽ آئي. هوءَ مڪمل طور تي ذهني انتشار ۽ برداشت کان ٻاهر بيچينيءَ جو شڪار هئي. چوڻ لڳي ته ڪنهن به طرح سان يادگيرين جي ٻوڏ کي روڪڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو. مان ڪنهن به قيمت تي گذريل جنمن جي حقيقتن کي ڏسي نه ٿي سگهان. ياد رکو جڏهن هڪ پيرو يادگيرين جي لهر کي آزادي ملي ويندي آهي، ته پوءِ اُن کي روڪڻ سؤلو ناهي هوندو. انهن يادگيرين جو دروازو نه رڳو سؤلائي سان کلي پوندو آهي پر ائين سمجهو ته اُهو ٽٽي پوندو آهي. اهڙيءَ طرح عورت پروفيسر جي ذهن ۾ آيل يادگيرين جي ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ پندرنهن ڏينهن لڳي ويا هئا. توهان ٻڌايو ته آخر اُتي مسئلو ڪهڙو هو ۽ انهيءَ عورت جي دعويٰ هئي ته هوءَ نهايت ئي نيڪ ۽ بي داغ ڪردار جي مالڪ آهي. پر جڏهن گذريل زندگيءَ جي يادگيرين جو سلسلو شروع ٿيو ته هن تي اهو راز ظاهر ٿيو ته ماضيءَ ۾ هوءَ

طوائف هئي. وئشيا هئي، جڏهن سندس ماضيءَ جي فحاشيءَ جا منظر هن جي ذهن جي اسڪرين تي هلڻ لڳا تہ هوءَ ڏڃي وئي. هن جي موجوده پاڪيزه زندگي تباهہ ۽ برباد ٿي وئي.

اهڙي قسم جي يادگيرين ۾ اهو شڪ بہ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ اُهي ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ جا منظر آهن، اُها عورت جيڪا پاڻ کي پاڪيزه سمجهندي هئي، هاڻ اُها پاڻ کي طوائف جي روپ ۾ ڏسي رهي هئي. ائين ٿيندو آهي تہ ماضيءَ ۾ ڪا عورت طوائف رهي هجي ۽ پوءِ اُها ايندڙ جنم ۾ وري نيڪ سيرت ٿي ويندي آهي. نئون جنم، پراڻي جنم ۾ ڏنل ڏکن ۽ تڪليفن جي پيٽ ۾ سؤلو ۽ سنهنجو ٿيندو آهي. سو گذريل جنم ۾ ڏنل ڏکن ۽ سورن جي ڪري اُها عورت موجوده جنم ۾ هڪ نيڪ سيرت پاڪيزه عورت بنجي وئي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ جيڪي ماڻهو گذريل جنم ۾ گناهگار رهيا هجن اُهي موجوده زندگيءَ ۾ درويش ۽ اولياءَ بنجي وڃن. اهوئي سبب آهي جو گناهگارن ۽ درويشن جي وچ ۾ ناتا وڌيڪ مضبوط ٿيندا آهن. ياد رکو جيڪو جنم اسان گذاريندا آهيون ان جي تجربن جي ڪري اسان ايندڙ جنم ان کان مختلف گذارڻ چاهيندا آهيون. قصا اسان جي ذهن ۾ موجود هوندا آهن. اسان جي ذهن جو گهڙيال هميشہ اُبتڙ پاسي چرپر ڪندو آهي، جيئن گهڙيال جو پنڊولم لڏندو لمندو هڪ انتها تي پهچندو آهي تہ وري ٻئي پاسي چرپر ڪرڻ شروع ڪندو آهي، ڪابي پاسي جي انتها تي پهچڻ ڪانپوءِ هو وري ساڃي پاسي ڦرندو آهي. ايان هو ساڃي پاسي انتها تي پهچندو آهي تہ وري ڪابي پاسي هلڻ شروع ڪندو آهي، سو زندگيءَ جي جنم چڪر ۾ بہ ائين ٿيندو آهي، گناهگار نيڪ بنجي ويندو آهي ۽ نيڪ گناهگار بنجي ويندو آهي.

اها هڪ عام ڳالهه آهي، اهڙي قسم جا لاها چاڙها هر هڪ جي زندگيءَ ۾ ايندا آهن. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي، اڄ جيڪو نيڪ ۽ پرهيزگار آهي اُهو ڪالهه گناهگار رهيو هجي ۽ اڄ جيڪو گناهگار آهي سو نيڪ رهيو هجي، اهو ضروري ناهي ته جيڪي توهان اڄ آهيو سي ڪالهه به رهيا هجو. ماڻهو هميشه پنهنجي ابتڙ طرف واري زندگي گذارڻ جو خواهشمند آهي.

مون هڪ ڳالهه ٻڌي آهي ته:

هڪ نيڪ ماڻهو ۽ هڪ فاحش عورت آمهون سامهون رهندا هئا. ٻنهي جو موت هڪ ئي ڏينهن تي ٿيو هو. فاحش عورت جي روح کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو ۽ نيڪ ماڻهوءَ جي روح کي دوزخ ڏانهن موڪليو ويو. جيڪي ملائڪ انهيءَ ڪم تي لڳايا ويا هئا اُهي انهيءَ فيصلي تي حيران هئا ۽ هڪٻئي کان پڇڻ لڳا ته ڪٿي ڪا غلطي ته نه ٿي آهي؟ اسان هڪ نيڪ ماڻهوءَ جي روح کي دوزخ ڏانهن ڇو پيا وٺي وڃون؟ ڇا هو سچ پچ نيڪ نه هو؟

انهن مان هڪ ملائڪ چيو ته بي شڪ دنيا ۾ هيءُ نيڪ ماڻهو هو پر هن کي فاحشا عورت سان ساڙ هو. هو انهيءَ عورت جي گهر ۾ ٿيندڙ دعوتن موسيقيءَ جي محفلن ۽ خوشين جي شادمانن تي سوچيندو رهندو هو ۽ سندس دل انهن ۾ شرڪت لاءِ چوندي هئي ته پر هو ماڻهن جي طعنن کان اوڏانهن نه ويندو هو. انهيءَ فاحشا جي گهر ويندڙ ماڻهو سندس پايل جي جهنڪار ۽ راڳ تي ايترو مسرور ۽ مست نه ٿيندا هئا جيترو اُهو نيڪ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ هوندي به خوش ٿيندو هو. ان همراهه جا خيال ۽ ڌيان هر وقت فاحشا عورت طرف لڳل هوندا هئا. ايستائين جو عبادت ڪرڻ وقت به هن جو خيال انهيءَ فاحشا عورت ۾ اٽڪيل هوندو هو. انهيءَ جي ابتڙ جڏهن اُها فاحشا عورت گراهڪن کان فارغ ٿيندي هئي ته ڪيس انهيءَ نيڪ انسان جي زندگيءَ تي رشڪ

ايندو هو هوءَ اهڙي زندگي گذارڻ جي خواهش مند هئي پر زماني جي ڪري مجبور هئي. هوءَ جڏهن صبح جو ماڻهن کي پوڄا جا گل ڪٽي ويندي ڏسندي هئي تہ دل ۾ سوچيندي هئي اهڙو وقت آخر ڪڏهن ايندو جو مان بہ ٽالهيءَ ۾ پوڄا جا گل ڪٽي مندر ويندیس. هوءَ پاڻ کي ايترو تہ نجس ۽ ناپاڪ سمجهندي هئي جو عبادت گاهہ ۾ داخل ٿيڻ جي بہ سندس ۾ همت نہ هئي. هوءَ گهر ۾ اگر بتيون ٻاري، پوڄا جا گيت هلائي خيال ئي خيال ۾ عبادت ڪندي هئي. اهڙي طرح اُها فاحشا عورت هميشہ نيڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي سوچيندي رهندي هئي ۽ نيڪ ماڻهو وري انهيءَ فاحشا عورت جي خوشين ڀري زندگيءَ تي سڙندو رهندو هو.

ٻنهي جا خيال ۽ عمل هڪٻئي کان بلڪل مختلف هئا. اُهي پنهنجي اندر ئي اندر ۾ مڪمل طرح تبديل ٿي چڪا هئا. انهيءَ ڳالهہ ۾ قدرت جي مرضي بہ شامل هوندي آهي، ها تہ انهيءَ عورت پروفيسر جي گذريل جنم جا واقعا جڏهن سامهون آيا تہ هن سخت تڪليف محسوس ڪئي. هوءَ پنهنجي انا جي شڪست سبب انتهائي گهٽو ڪايل هئي هاڻ هوءَ پنهنجي گذريل جنم جي يادگيرين کان جان ڇڏائڻ چاهي پئي. جڏهن تہ مون هن کي اڳواٽ تياري کانسواءِ گذريل جنم جهاتي پائڻ کان هن کي ڪافي روڪيو هو. هاڻ جڏهن توهان مون کان سوال ڪيو آهي تہ مان گذريل جنم جي باري ۾ توهان کي ڪجهہ سؤليون ڳالهيون ضرور ٻڌائيندس پر ياد رکجو تہ اُهي ڳالهيون زندگي بابت تجربو ڪرڻ ۾ ڪمر نہ ايندیون. اُهي ماڻهو جيڪي انهيءَ تجربي جا خواهشمند هجن انهن کي ڏار هن مامري بابت سبق ونڊا پوندا.

هن سلسلي ۾ پهريون شرط اهو آهي تہ جڏهن بہ ڪو ماڻهو گذريل زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻڻ چاهي تہ ان کي پنهنجو ذهن مستقبل جي طرف کان مڪمل طرح بند ڪرڻو پوندو. اسان

جو ڏهن مستقبل پرست آهي پر ماضي پرست ناهي. عام طور تي اسان جي ڏهن جو مرڪز مستقبل ۾ هوندو آهي. ڏهن هميشہ مستقبل ڏانهن سفر ڪندو آهي. اسان جي خيالن جو وهڪرو هميشہ ايندڙ وقت ڏانهن هوندو آهي ۽ اهوئي زندگيءَ جي حق ۾ بهتر هوندو آهي. تہ خيال ماضيءَ ڏانهن گهٽ ويندا آهن. ماضيءَ ڏانهن ڏيان ڏيڻ جو ڪهڙو فائدو؟ اُهو تہ گذري چڪو آهي. ختم ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري اسان کي ايندڙ وقت ۾ ظاهر ٿيندڙ واقعن کي ڄاڻڻ جو تجسس رهندو آهي. اسان نجوم جو علم ڄاڻندڙن کان اهو ڄاڻڻ جي خواهش رکندا آهيون تہ ايندڙ وقت ۾ اسان لاءِ ڇا ڇا هوندو؟ اهڙي طرح اُهي ماڻهو جيڪي ماضيءَ ۾ ڏسڻ جا خواهشمند آهن انهن کي مستقبل سان هر ناتو هر رشتو ٽوڙڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ اگر هڪ پيرو ٻہ ذهن جي ٽارچ جو رخ مستقبل ڏانهن ٿي ويندو خيال جو وهڪرو مستقبل ڏانهن مڙي ويو تہ ان جي واپسي ماضيءَ ڏانهن ممڪن نہ هوندي.

انهيءَ ڪري پهرئين ڳالهہ جنهن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي سا آهي هڪ مقرر مدي تائين مستقبل کان مڪمل طرح لاتعلقي. اڳ ۾ اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ايندڙ ڇهہ مهينن تائين مستقبل جي باري ۾ ڪجهہ ٻہ ناهي سوچڻو. جيڪڏهن مستقبل بابت ڪو خيال اچي ٻہ تہ ان کي خدا حافظ چئي موڪلائڻو پوندو. آهستي آهستي مستقبل جا سمورا خيال ذهن کان موڪلائي هليا ويندا.

انهيءَ ڪري ابتدائي ڇهہ مهينا مستقبل کي وسارڻ ۽ ماضيءَ ڏانهن موٽڻ جي مشق ڪرڻي پوندي. مسلسل ماضيءَ ڏانهن خيال کي موٽائڻو پوندو. اهڙي طرح جيئن ذهن مان مستقبل جو خوف ختم ٿي ويندو. اوترو تيزيءَ سان خيال جو وهڪرو ماضيءَ طرف موٽ کائيندو ۽ ياد رکو! ابتدا ۾ توهان کي موجوده جنم جي

ماضيءَ ڏانهن موٽڻو پوندو. يڪدم گذريل زندگيءَ جي جهان ۾ داخل ٿيڻ ممڪن ناهي. موجوده زندگيءَ جي ماضيءَ کي ڏسڻ جا به مختلف طريقا آهن. مثال طور جيئن مون چيو ته توهان کي اهو ياد ناهي ته توهان جي زندگيءَ ۾ آيل پهرئين جنوري 1950ع تي چا ٿيو هوا ان کي ياد ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اهو ڄاڻڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، جيڪڏهن توهان منهنجي ٻڌايل طريقي تي ڌيان لڳايو ته ڏهن منٽن کان پوءِ جڏهن خيال هڪ هنڌ ٻيهي رهندو. جسم ڍرو ٿي ويندو. ساهن ۾ سڪون اچي ويندو. ذهن تي مانار ڇانئجي ويندي ته ان وقت ذهن تي اها ڳالهه تري ايندي ته پهرئين جنوري 1950ع واري ڏينهن چا چا ٿيو هو ۽ پنهنجي ذهن جي خيال کي صرف ۽ صرف هڪ نقطي تي ڇمائي رکو. جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن تائين هڪ ئي ڳالهه توهان جي ذهن ۾ پلجندي رهي ته يڪدم وقت جي وڇوٽيءَ جو پردو کڄي ويندو ۽ پهرئين جنوري واري ڏينهن جون سموريون يادگيريون توهان جي ذهن تي هلڻ لڳنديون. اُهي گذريل گهڙيون توهان ٻيهر ڏسي رهيا هوندا جن کي توهان پهريون پيرو پهرئين جنوريءَ جي ڏينهن ڏٺو هو. سو سڀ کان اول توهان کي موجوده جنم جي ماضيءَ ڏانهن ئي موٽڻو پوندو.

پنج سالن جي عمر تائينءَ جي يادگيرين ڏانهن واپسي صفا سولي آهي ۽ ان دؤر کان هيٺ واري زندگي ڏانهن موٽڻ انتهائي ڏکيو آهي ۽ اڪثر اسان اهو ناهيون ڄاڻي سگهندا ته پنج سال کان هيٺ واري زندگي اسان کيئن گذاري هئي. پنج سالن کان هيٺ واري زندگي بابت ڄاڻڻ ماضي شناسيءَ جي انتها ئي ڏوراهين حد آهي. ها ڪجهه خاص ماڻهو زندگيءَ جي ابتدائي ٽن سالن تائين جي يادگيرين تائين پهچي ويندا آهن. پر ٽن سالن کان هيٺ واري زندگي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ انتهائي مشڪل

هوندو آهي. ٽن سالن کان هيٺ واري زندگيءَ جي يادگيرين تي تالو لڳل هوندو آهي، جيڪو ماڻهو ماضيءَ جي يادگيرين کي زنده ڪرڻ جي اهليت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. اُهو پنج سالن تائين جي عمر جي ڪنهن به ڏينهن جي يادگيرين کي ڇاڻي سگهي ٿو. يادگيريون زنده ٿي سامهون ايندیون. منهنجي هن دعويٰ جي تصديق ڪري سگهجي ٿي، مثال طور تي اڄوڪي ڏينهن تي پيش ايندڙ واقعن کي ڪنهن ڊائريءَ ۾ لکي اها ڊائري تالي ۾ رکي ڇڏيو. ٻن سالن کان پوءِ اڄوڪي ڏينهن جي يادگيريون ذهن ۾ آڻيو ۽ پوءِ ڊائري ۾ لکيل تحرير ڪيڊي پڙهو. ٻنهي خيالن کي ملايو ته توهان حيران ٿي ويندؤ ته ذهن جا خيال ۽ يادگيريون ان ڏينهن بابت تحرير ۾ آيل ڳالهين کان وڌيڪ هوندیون. سمورا واقعا توهان جي ذهن جي لاشعور ۾ وڌيڪ تفصيل سان موجود هوندا آهن.

گوتم ٻڌ ان کي "الياد گيان" جو نالو ڏنو آهي. اسان جي ذهن ۾ هڪ اهڙي ڪنڊ موجود آهي، جنهن کي گوتم ٻڌ "الياد گيان" جو نالو ڏنو آهي، جنهن جو مطلب آهي اسان جي شعور جو مرڪز. جيئن اسان پنهنجي گهرن ۾ ڪاٺ ڪاڙ رکڻ جي لاءِ ٿه خانو استعمال ڪندا آهيون، اهڙي طرح اسان جي حافظي ۾ هڪ اهڙو مقام آهي جتي انسان جون يادگيريون محفوظ ٿيندیون رهنديون آهن ۽ اتان ڪوبه نقطو صاف ناهي ٿيندو. انهيءَ ڪري جو انسان کي اها خبر ناهي پوندي ڪيڏي مهل، ڪهڙي وقت ڪيس ڪهڙي شيءِ جي ضرورت پوندي اسان جو مادي جسم ته تبديل ٿي ويندو آهي پر ذهن هميشه ساڳو رهندو آهي. اُهو آئنده زندگين ۾ گودام جو ڪم ڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي زندگين ۾ جيڪو ڪجهه به ڪيو آهي، جيڪي به تجربا ڪيا آهن، اُهي سڀ جيئن جو تيئن موجود هوندا آهن. اهڙو ماڻهو

جيڪو پنهنجي عمر جي پنجين سال تائين جي يادگيرين تائين پهچي ويي ان لاءِ ان کان اڳتي وڃڻ بہ گهٽو مشڪل ناهي هوندو. انهيءَ تجربي جي حقيقت بلڪل ائين ئي هوندي. اهڙي طرح پنج سالن تائين جي يادگيرين جي بحالي سان اڳتي سمورو رستو کلي ويي ٿو ۽ توهان جنم واري گهڙيءَ جي يادگيرين تائين پهچي ويو ٿا. ان کانپوءِ وري هڪ ڏکيو مرحلو اچي ٿو ماءُ جي پيٽ ۾ رهڻ دؤران واري عرصي جون يادگيريون اُهي بہ دماغ مان گم ناهن ٿيندیون.

ماڻهو انهيءَ ۾ مرحلي کي بہ ياد ڪري سگهي ٿو جڏهن هن جي ماءُ پيءُ جا جينس پاڻ ۾ ملیا هئا ۽ روح انهن ۾ داخل ٿيو هو. هڪ ماڻهو پنهنجي گذريل زندگين ۾ تڏهن ئي داخل ٿي سگهي ٿو جڏهن هو شعور جي انهيءَ مرحلي تائين پهچي ويي. هو سڏو سنئون گذريل جنم ۾ داخل نہ ٿو ٿي سگهي. يادگيرين جي انهيءَ سفر ۾ جڏهن ماڻهو انهيءَ منزل تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويي تہ پوءِ ئي هُو گذريل جنم ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. گذريل جنم تائين پهچڻ کانپوءِ جيڪا پهرئين يادگيري ايندي اُها انهيءَ جنم جي آخري واقعي کان شروع ٿيندي. بهرحال ياد رهي تہ اها صورتحال انتهائي ڏکي هوندي ۽ ڳالهين جي مفهوم کي سمجهڻ ايترو سؤلو نہ هوندو. جيئن اسان ڪنهن فلم کي آخر کان ڏسندي شروعات ڏانهن ويون يا ڪنهن ناول کي پڇاڙيءَ کان پڙهندي ابتدا ڏانهن ويون. نتيجي ۾ اسان خيالن جي هجوم ۾ ڦاسي پونداسين پهريون پيرو گذريل جنم ۾ داخل ٿيڻ پاڻ کي حيرت جي جهان ۾ ٻوڙڻ برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ اُتي پيش ايندڙ واقعن جي ترتيب بلڪل ابتڙ ۾ هلندڙ هوندي آهي.

جڏهن توهان گذريل جنم ڏانهن موٽندؤ تہ سڀ کان اڳ ۾ توهان آڏو موت جو منظر ايندو ان کانپوءِ ٻوڙهائپ ۾ پيش آيل

واقعا ظاهر ٿيندا. پوءِ جواني، ننڍپڻ ان کانپوءِ توهان جي پيدائش جو ڏينهن. سڀ کجهہ اُبتي ترتيب سان پيش ايندو. اهڙيءَ طرح معاملن کي درست انداز ۾ سجاڻڻ توهان لاءِ سؤلو نہ هوندو. سو جڏهن بہ پهريون پيرو گذريل جنم جي يادگيرين جو سلسلو شروع ٿيندو تہ سڀ کجهہ اُبتي ترتيب ۾ هجڻ جي ڪري توهان کي کجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو. توهان بي چين ۽ پريشان ٿي ويندؤ. اهو سڀ ان ڪري آهي جو اڳ ۾ اسان کي اها خبر پوندي تہ اسان هن دنيا مان ڪهڙي طرح موڪلايو هو ۽ پوءِ خبر پوندي تہ هن دنيا ۾ پيدائش ڪيئن ٿي هئي؟

اسان شروع ۾ هڪ بج پوکيون ٿا. آخر ۾ انهيءَ ۾ گل ڦٽندا آهن سو جيڪڏهن ڪو بج کي اُبتي نظر سان ڏسي تہ ان کي گل نظر ايندو پوءِ پنکڙي، پوءِ پن ۽ ٽاريون، آخر ۾ ٽڙ ۽ ان کانپوءِ پاڙ ۾ بج نظر ايندو. جيئن تہ اسان کي انهيءَ ترتيب سان ڏسڻ جي عادت اڳ ۾ ڪانهي سو انهن واقعن کي درست ترتيب ۾ رکڻ لاءِ اسان کي گهڻي محنت ڪرڻي پوندي، سڀ کان وڌيڪ حيرت انگيز صورت اها هوندي جو موت اسان کي سڀ کان اول نظر ايندو. ان کانپوءِ پوڙهائپ جواني ۽ ائين هر پل اسان کي پنهنجي ڪيفيت بدلجندي نظر ايندي، جيڪڏهن توهان شادي کانپوءِ طلاق ڏئي چڪا آهيو تہ توهان کي اُها طلاق بہ نظر ايندي، سو ماضيءَ جي پيش آيل پيچيده واقعن کي سمجهڻو پوندو. جيئن تہ اسان جو ذهن رڳو هڪ رخ تي سوچڻ جو عادي هوندو آهي. سو شين کي ابتڙ ڏسڻ سؤلو ناهي. اسان اهڙي قسم جي تجربن جا عادي ناهيون، ان لاءِ اهڙن واقعن کي ڏسڻ اسان لاءِ انوکو تجربو هوندو.

يقيني طور تي گذريل زندگيءَ جون يادگيريون اسان جي موجوده زندگي کي مڪمل طرح لوڏي ڇڏيندیون ڇو تہ توهان پوءِ

موجوده زندگيءَ مان مطمئن نہ ٿيندا آهيو. ڇو تہ توهان جي گذريل زندگيءَ جون سوچون توهان تي حاوي ٿي ويندیون آهن. توهان کي پراڻيون دوستيون، دشمنيون، پراڻيون ڪاميابيون، ناڪاميابيون، محروميون ۽ خوشيون ياد اچي ويندیون. ماضيءَ جا منظر توهان کي شين کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. ماضيءَ جي سچاڻپ توهان جي زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيندي. توهان جي موجوده زندگيءَ جي ڪيفيت ئي تبديل ٿي ويندي ۽ ماضي يقيني طور تي حال کان مختلف ئي هوندو آهي.

مون ٻڌو آهي تہ هڪ پيرو هڪ ماڻهو هڪ بزرگ وٽ ويو ۽ پاڻ کي مريد ٿيڻ لاءِ پيش ڪيائين پر ان بزرگ کيس قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان همراهہ سوال ڪيو تہ کيس عقيدت مندیءَ جي حلقي ۾ داخل ڪرڻ کان ڇو پيو انڪار ڪيو ويجي، ان بزرگ جواب ڏنو تہ مان گذريل جنم ۾ اهڙن مريدن کي دشمنن ۾ تبديل ٿيندي ڏٺو آهي. بزرگ چيو تہ مون تجربي مان ڄاتو آهي تہ خدمت گارن جو مطلب آهي مخالفت ڪندڙ ۽ دوست بنائڻ جو مطلب آهي دشمن ناهڻ سو مان توهان کي پنهنجو دشمن بنائڻ لاءِ تيار ناهيان ان لاءِ ڪنهن کي پنهنجو دوست ٻہ بنائي نہ ٿو سگهان. مون کي اها ڄاڻ پئجي وئي آهي تہ اڪيلائپ ئي سڀ کان بهترين شيءِ آهي. ڪنهن کي پنهنجي ويجهو آڻڻ جو مطلب آهي ان کي پري پڃائڻ.

گوتم ٻڌ جو قول آهي تہ، پنهنجي من پسند ماڻهوءَ سان ملاقات خوشيءَ جو سبب هوندي آهي، پر پنهنجي اڻ وڻندڙ ماڻهوءَ کان پري ٿيڻ ٻہ خوشي ڏيندڙ ڳالهہ هوندي آهي. پنهنجي محبوب کان جدائي ڏک ڏيندڙ هوندي آهي پر پنهنجي رقيب کان دوري ٻہ خوشيءَ جو سبب هوندي آهي، محبوب سان نہ ملڻ درد ڏيندو آهي نہ رقيب سان ملاقات ٻہ ڏک ڏيندڙ هوندي آهي، اهڙيءَ طرح اها

حقيقت ظاهر ٿي ته ڏک ۾ خوشي کابه معنيٰ نه ٿا رکن. ماضي جي ياد اڇڻ سان ڏک خوشي ۾ ۽ خوشيون ڏکن ۾ تبديل ٿيڻ جا امڪان آهن. ڇو ته هر شيءِ جو منظر نامو تبديل ٿي ويندو آهي. مراقبي ڪرڻ سان دماغ جون دريون کلي ويندیون آهن. ماضي، حال مستقبل ظاهر ٿي پوندا آهن. يادگيرين جي اوچتي ٻوڏ اگر ذهن مٿان اچي وڃي ته پوءِ ماڻهوءَ جي چرئي ٽيڻ جا امڪان پيدا ٿي پوندا آهن.

هڪ پيرو مون وٽ هڪ ڇوڪريءَ کي وٺي آيا جنهن جي عمر اندازن يارنهن سال هئي. غير متوقع طور تي هن جي ذهن ۾ ٽن جنمن جون يادگيريون ظاهر ٿيون هيون. هن ڪنهن به قسم جو ڪو مراقبو ڪونه ڪيو هو. پر انسان وٽ غلطين جي گنجائش رهي ٿي. سو انهيءَ يارنهن سالن جي ڇوڪريءَ کي اوچتو پنهنجي گذريل ٽن جنمن جون يادگيريون اچي ويون هيون. اُها ڇوڪري پنهنجي گذريل زندگيءَ ۾ منهنجي گهر کان اندازن اسي ميل جي فاصلي تي رهندي هئي ۽ ست سالن جي عمر ۾ اُها فوت ٿي هئي. انهيءَ وقت هوءَ جن ماڻهن جي وچ ۾ رهندي هئي اُهي هاڻ منهنجي ڳوٺ ۾ رهن ٿا هوءَ انهن سيني کي سڃاڻي پئي ايستائين جو هزارين ماڻهن جي وچ ۾ به هوءَ پنهنجي گذريل جنم جي مائٽن کي سڃاڻي وٺي پئي. هن جا پائر، پينرون، انهن جا پوٽا، پوٽيون اُهي به هو سڃاڻي پئي. هوءَ انهن ماڻهن جي زندگيءَ جون اهڙيون ڳالهيون به بيان ڪري پئي جن بابت خود انهن ماڻهن کي به ڄاڻ ڪانه هئي. ان ڇوڪريءَ ٻڌايو ته گذريل جنم ۾ سندس وڏو ڀاءُ اڃان به زنده آهي. ان جي مٽي تي هڪ معمولي ڏڪ لڳڻ سبب نشان موجود آهي. آزمائش خاطر ڇوڪريءَ کان سوال ڪيو ويو ته اهو نشان ڪهڙي قسم جو آهي.

چوڪريءَ ٻڌايو تہ شاديءَ جي موقعي تي گھوڙي تي سوار ٿيڻ وقت سندس پاءُ ڪري پيو ھو ان جي مٿي تي ڏاڪ لڳو ھو ۽ معمولي زخم آيو ھو ان جو نشان اڄ بہ سندس مٿي تي موجود آھي. ڇيڪ ڪيو ويو تہ چوڪريءَ جي ڳالھہ سچي نڪتي، ان ڪانسواءِ انھيءَ چوڪريءَ گھر جي آڳر مان اُھو خزانو بہ ڪوٽي ٻاھر ڪڍيو جيڪو گذريل جنم ۾ ھن انھيءَ گھر ۾ ڪڏ ڪوٽي لڪايو ھو.

گذريل جنم ۾ ھوءَ ست سالن جي عمر ۾ فوت ٿي ھئي، جڏھن تہ انھيءَ کان بہ اڳئين جنم ۾ ھوءَ آسام جي ڪنھن ڳوٺ ۾ پيدا ٿي ھئي جتي ھوءَ ست سالن جي عمر ۾ مري وئي ھئي. جيتوٽيڪ ھن کي آسام جي ان علائقي ۽ ڳوٺ جو نالو ياد ڪونہ ھو جتي ھوءَ جائي ھئي پر ھوءَ آسامي زبان سؤلائي سان ڳالھائي رھي ھئي.

اھڙيءَ طرح انھيءَ چوڪريءَ کي پنھنجي زندگيءَ جي گذريل ستھہ ۽ موجوده زندگيءَ جي يارنھن سالن جو تجربو ھو. توھان ھن جي اکين ۾ پنجھتر کان اٺھہ سالن جي عورت جي جھلڪ صاف ڏسي پيا سگھو. جڏھن تہ ھوءَ بظاھر يارنھن سالن جي مس ھئي، ھوءَ پنھنجو پاڻ کي وڏي عمر جو سمجھندي ھئي، ان لاءِ ھوءَ پنھنجي عمر جي ٻارن سان راند بہ نہ ڪيڏندي ھئي. ھن جي ذھن ۾ پنجھتر سال موجود ھئا ۽ ھوءَ پاڻ کي پنجھتر سالن جو سمجھي رھي ھئي. ھوءَ اسڪول بہ نہ ويندي ھئي جو اسڪول ٽيچر کي ھوءَ پنھنجو ٻار سمجھندي ھئي. ھوءَ يارنھن سالن جي ھوندي بہ پنجھتر سالن جي عورت ھئي. ھاڻ ھوءَ ھر وقت بي چين ۽ بي قرار رھندي ھئي، ھن جي ٻاراٽي جسم ۽ ذھن ۾ ھڪجھڙائپ نہ ھئي. ھوءَ انتھائي ڏکاري ۽ تڪليف ده ڪيفيت ۾ زندگي گذاري رھي ھئي. مون ھن جي والدين کي چيو تہ منھنجي ڏسيل واٽ تي عمل ڪندي چوڪريءَ جي ذھن مان ماضيءَ جي يادگيرين کي ختم

ڪري سگھجي ٿو. جيئن ماضيءَ کي حال ۾ آڻڻ جو رستو آهي تيئن ماضيءَ کي واپس ميٽڻ جو طريقو به آهي، پر هن جي والدين کي چوڪريءَ جو ذهن صاف ڪرڻ سان دلچسپي ڪانه هئي، چو ته ماڻهن جو هجوم چوڪريءَ جي انوڪائپ جي ڪري آس پاس موجود هو. ماڻهو ته ان کي ديوي ڪري پوڄڻ لڳا هئا. مون چوڪريءَ جي والدين کي خبر دار ڪيو ته اُها چوڪري اڳتي هلي چري ٿي پوندي ۽ هاڻ ٻڌو اٿم ته ان چوڪريءَ کي پاڳل پن جا دورا پون ٿا. سو چوڪريءَ جو جسم ته نئون هو پر ذهن پراڻو هو ۽ ائين هوءَ ذهن ۽ جسم جي ڇڪتاڻ سبب پريشان هئي. اها انتهائي ڏکي صورتحال آهي.

پر اهو ته هڪ حادثو هو. توهان تجربن جي ذريعي ماضيءَ جي دريءَ کي کولي سگھو ٿا. پر يد رکو ته ماضيءَ ۾ جيئڻ سؤلو ناهي. توهان مان جيڪي ماڻهو ماضيءَ ۾ جهاتي پائڻ جا خواهشمند آهن انهن کي پنهنجي ذهن کي مراقبو ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ گھرجي.

جڏهن به ڪو ماڻهو گذريل زندگيءَ جي يادگيرين کي ذهن ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو ان کي موجوده زندگي هڪ خواب وانگر لڳندي. جن ماڻهن هن دنيا کي "مايا" جو نالو ڏنو آهي انهن اها ڳالهه ڪنهن فلسفياڻي نظريي هيٺ ناهي ڪئي، پر ان جو بنياد گذريل زندگيءَ کي ياد ڪرڻ جي ڪري آهي. جيڪو به ماڻهو پنهنجي گذريل زندگي ياد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو ان کي موجوده زندگيءَ ۾ هر شيءِ خواب وانگر نظر ايندي. هنجي گذريل زندگي جا مٽ، مائٽ، يار، دوست ڪٿي آهن، هو ڪهڙي گھر ۾ رهندو هو ۽ ٻي هر اُها شيءِ جنهن سان هو وابستا هو ڪيس خواب وانگر نظر ايندين. ها گذريل زندگي خواب هو. جيڪو اسان ڏٺو هو.

مون ٻڌو آهي تہ:

هڪ پيري هڪ بادشاهہ جو پٽ موت جي بستري تي ستل هو. اٺ ڏينهن تائين هو بي هوشيءَ جي حالت ۾ هو نہ تہ هو مري پيو نہ تہ صحت ياب ٿئي پيو هڪ پاسي بادشاهہ هن جي زندگيءَ جون دعائون گهري پيو. ٻئي طرف وري هن جي سڪرات واري حالت ڏسي، هن جي زندگيءَ کي اجايو سمجهي رهيو هو. اُهو بادشاهہ لاچگيتو اٺ راتيون سمهي نہ سگهيو هو. نيٺ هڪ رات جو فجر جي وقت هن کي ننڊ وڪوڙي وئي ۽ هو خواب ڏسڻ لڳو.

اسان اڪثر خوابن ۾ پنهنجون اُهي خواهشون ڏسندا آهيون، جيڪي پوريون ناهن ٿيندیون. بادشاهہ پنهنجي بيمار پُٽ جي پرسان ستل هو ۽ خواب ڏسي رهيو هو. هن جا ٻارنهن جوان ۽ خوبصورت پٽ آهن. هن جا ڪيترائي عاليشان محل آهن، هن خواب ۾ پاڻ کي وڏي حد تائين خوش ڏٺو هو ۽ اهو سڀ هو خواب ۾ ڏسي رهيو هو. خواب ۾ وقت تمام تيزيءَ سان گذرندو آهي. خواب جي هڪ پل ۾ ڪيترائي سال گذري ويندا آهن ۽ ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ تي توهان کي حيرت ٿيندي آهي تہ هڪ ننڍڙي خواب ۾ ايترو وڏو عرصو ڪيئن گذري ويو.

اهڙي طرح اُهو بادشاهہ جڏهن پنهنجي ٻارنهن پٽ ۽ انهن جون خوبصورت زالون پنهنجا محلات ۽ خوشيون ڏسي رهيو هو تہ انهيءَ وچ ۾ هن جو ٻارنهن سالن جو پٽ فوت ٿي ويو. راڻيءَ جي روئڻ تي هن جو اُهو خوبصورت خواب چڪناچور ٿي ويو. هو هڪ جهٽڪي سان سجاڳ ٿي ويهي رهيو ۽ سوچن ۾ پڌي ويو تہ راڻي هن کي چيو چا کيس پنهنجي پٽ جي مرڻ تي ڏک ناهي ٿيو تہ بادشاهہ جواب ڏنو مان سوچ ۾ آهيان تہ مان ڪهڙي ڳالهہ تي لڙڪ وهايان ها هڪ پٽ جي فوت ٿيڻ تي يا پنهنجي انهن ٻارنهن پٽن جي گم ٿيڻ تي جيڪي خواب ۾ ٿوري دير اڳ مون سان گڏ هئا.

جڏهن مان خواب ۾ هئس تہ نہ تون ۽ نہ هيءَ هڪڙو پٽ مون کي ياد هو ۽ تہ اُتي مون سان گڏ ٻارنهن پٽ ۽ انهن جون زالون هيون ۽ هاڻ جڏهن سجاڳ ٿيو آهيان تہ تون ۽ هيءُ هڪ مئل پٽ مون سان گڏ آهيو. ۽ مان ٻارنهن پٽ ۽ انهن جون خوشيون ويجائي چڪو آهيان. جيڪي خواب ۾ مون سان گڏ هئا. آخر سچ چا هو؟ خواب واري زندگي يا هيءُ موجوده زندگي مان انهيءَ مونجهہ ۾ ورتل آهيان.

اهڙي طرح توهان جيئن ئي پنهنجي پراڻي زندگيءَ کي ياد ڪندؤ تہ توهان کي اها پڪ ڪرڻ ۾ مشڪل پيش ايندي تہ حقيقت چا آهي گذريل زندگي حقيقت هئي يا موجوده زندگي حقيقت آهي. سمورا واقعا توهان کي خواب جهڙا لڳندا.

فلم ڏسڻ دوران اسان کي لڳندو آهي تہ جڻ فلم جي ڪهاڻي حقيقت تي ٻڌل آهي، پر فلم ختم ٿيڻ کانپوءِ خبر پوندي آهي تہ حقيقت تہ ڪا ٻي آهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي گذريل زندگي دوران واقعن کي ياد ڪري سگهون تہ اسان کي موجود، زندگي ۽ خواب وانگر لڳندي. اسان جيڪڏهن انهيءَ حقيقت کي سمجهي سگهون تہ اسان کي جاڻ پوندي تہ "مايا" جو تصور چا آهي؟ انهيءَ سان گڏ اسان کي اها جاڻ پوندي تہ گذريل سمورا واقعا غير حقيقي ۽ سچاڻپ ۾ نہ ايندڙ آهن. بس هڪ خواب ايندو آهي ۽ ان کان پوءِ خوابن جو سلسلو هلندو رهندو آهي. هڪ پل کان سفر شروع ٿيندو آهي ۽ وري نئين پل ۾ داخل ٿي ويندو آهي. هڪ پل کان پوءِ ٻيو پل ۽ ايئن زندگيءَ جو سفر اڳتي وڌندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان کي ٻہ تجربا حاصل ٿيندا آهن. هڪ اهو تہ "مايا" مادي دنيا بس رڳو هڪ فريب آهي. بس ان کي ڏسڻ وارو حقيقي آهي. ٻيو تہ جيڪو ڪجهہ ٻہ اسان ڏسون پيا اُهو ٻہ فريب آهي. تبديل ٿيندڙ آهي ۽ ڏسندڙ اڻ تبديل ٿيندڙ آهي سو نظارن جي حقيقت جاڻڻ

لاءِ شاهد ۽ نظارا بنائيندڙ کي پرچائڻ ضروري آهي ۽ جيستائين اڳيان موجود نظارا غير حقيقي نہ لڳن اوستائين شاهد ۽ مشهود کان واقفيت حاصل نہ ٿي ڪري سگهجي.

انهيءَ ڪري منهنجو اهو چوڻ آهي تہ زندگيءَ جون يادگيريون فائديمند ٿي سگهن ٿيون پر انهيءَ صورت ۾ جڏهن توهان مراقبي جي گهرائين ۾ گم ٿي وڃو ڏيان ۾ گم ٿي وڃو تہ جيئن توهان کي زندگي هڪ خواب وانگر لڳي. مهاتما يا درويش انسان بنجڻ بہ هڪ چور بنجڻ وانگر آهي. توهان سڀ خواب بہ ڏسي سگهو ٿا ۽ خراب خواب بہ ڏسي سگهو ٿا. پر دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ چور بنجڻ وارو خواب جلد ئي گم ٿي ويندو پر درويش بنجڻ وارو خواب دير سان ختم ٿيندو ڇو تہ اها اسان جي پسنديده ڪيفيت هوندي. انهيءَ ڪري چور بنجڻ جي ڀيٽ ۾ درويش بنجڻ وارو خواب وڌيڪ خطرناڪ آهي. اسان سڀن خوابن ۾ گم رهڻ پسند ڪيون ٿا. جڏهن تہ ڏک ڏيندڙ خواب پنهجي پاڻ گم ٿي وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو هڪ گناهگار تمام جلد خدا جو قرب حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ هڪ نيڪ ماڻهو خدا تائين پهچ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو.

مون توهان کي گذريل جنم ۾ وڃڻ بابت ڪجهہ ڳالهيون ٻڌايون آهن پر گذريل جنم ۾ وڃڻ کان اڳ اسان کي مراقبي جي مشق ڪرڻي پوندي يا ڏيان ۽ توجهہ کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻو پوندو ڇو تہ اڳوات تياريءَ کانسواءِ گذريل زندگيءَ ۾ وڃڻ ممڪن ناهي.

مثال طور ڪجهہ تهہ خانن تي ٻڌل هڪ وڏو گهر آهي. عمارت کان ٻاهر بينل ماڻهوءَ کي اڳ ۾ گهر جي اندر وڃڻو پوندو. چاڪاڻ تہ تهہ خانن ۾ وڃڻ جو رستو گهر جي اندران آهي، ٻاهران ڪونهي. اسان جا گذريل جنم بہ انهن تهہ خانن جيان آهن. سو گذريل ڳالهيون ياد ڪرڻ لاءِ دماغ جي اندر شعور جي تهہ خانن ۾ لهڻو پوندو ۽ اهو عمل وجود جي اندران ٿيندو.

منهجي هڪڙي دوست، جيڪو يوگي آهي، ان دعويٰ ڪئي آهي تہ هُو گذريل جنم ۾ جهرڪيءَ جهڙو پکي هو. هن مون کان سوال ڪيو آهي تہ ڇا ائين ممڪن آهي؟ ياد رکو جسم تبديل ڪرڻ کان اڳ ممڪن آهي تہ ڪو ماڻهو گذريل جنم ۾ جانور بہ رهيو هجي، پر اُهو ٻيهر جانور جي جسم ۾ ظاهر نہ ٿو ٿي سگهي. جسم جي تبديليءَ دوران ڪوبہ پاڻ کان گهٽ واري جسم ۾ تبديل نہ ٿو ٿي سگهي. بلنديءَ ڏانهن سفر تہ ممڪن آهي، پر موجوده مقام کان هيٺاهين طرف وڃڻ ممڪن ناهي. بس بہ صورتون آهن يا تہ اسان موجوده مقام کان مٿانهون سفر ڪيون يا وري ساڳي ئي مقام تي رهون.

بلڪل ائين جيئن ڪو ٻار پهريون درجو پاس ڪندو آهي تہ ان کي ٻئين درجي ۾ ويهاريو ويندو آهي. پر جيڪڏهن اُهو فيل ٿيندو آهي تہ پوءِ بہ ساڳي ئي درجي ۾ پڙهندو آهي، ائين ڪونهي تہ ٻئين درجي واري کي فيل ٿيڻ جي صورت ۾ پهرئين درجي ۾ موڪليو ويجي. سو فيل ٿيڻ جي صورت ۾ بہ ساڳي حيثيت برقرار رهندي آهي، هڪ مدت تائين اسان هڪ نسل ۾ رهي سگهون ٿا پر ڪنهن اعليٰ نسل ۾ منتقل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي مقام کان گهٽ واري جنم ڏانهن واپسي ممڪن ناهي.

سو گذريل جنم ۾ ڪو انسان جانور يا پکي رهيو هجي پر انساني جامو حاصل ڪرڻ کانپوءِ جانور يا پکي ٿيڻ ممڪن ڪونهي.

اهو يقين ڪرڻ ۾ نہ تہ ڪا حيرت جي ڳالهہ آهي نہ ناممڪن تہ انسان گذريل ڪنهن جنم ۾ ڪو جانور يا پکي رهيو هجي، پر هڪ ڳالهہ ڏيان تي رکڻ جهڙي آهي تہ انسان جو قالب حاصل ڪرڻ کانپوءِ جانور جو جسم حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي، ها باقي ائين ٿي سگهي ٿو تہ اسان انسان هجڻ جي باوجود بہ ڪنهن جانور جهڙِ روپي جا مالڪ هجون. باوجود انسان هجڻ جي اسان جي

ڏهني سطح ڪنهن جانور جي ڏهني سطح جهڙي ٿي سگهي ٿي، ڪجهه ماڻهن جي روين ۾ سيرت جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ اندازو ٿئي ٿو ته اُهي بظاهر هاڻ جانور نه آهن پر سندن خيال انسان ۾ جانورپڻ جي وچ ۾ اٽڪيل آهن ۽ جڏهن به انهن کي موقعو ملي ٿو ته اهي انسان مان ڦري جانور ٿي پون ٿا.

مثال طور توهان شريفاڻي انداز سان رستي تي هلي رهيا آهيو ڪو ماڻهو اچي توهان کي ٺونشا هڻي ٿو ۽ گاريون ڏئي هليو وڃي ٿو اوچتو توهان جي اندر ۾ ويٺل جانور شرافت جي پردي کي ڦاڙي باهر نڪري پوي ٿو ۽ توهان جو چهرو ڪاوڙ ۾ ڪنهن جانور جهڙو ٿي وڃي ٿو. اُهو جانور جيڪو گذريل جنم ۾ توهان هئو.

اسان جو وجود گذريل جنم جي اهڙين خاصيتن جو مرڪب آهي جيڪو اسان گذاري چڪا آهيون. اسان پنهنجي اندر ۾ جيڪڏهن جهاتي پايون ته شعور جي تهه خانن ۾ لهي گذريل جنم کي جانچي سگهون ٿا. اسان پهاڙ به ٿي سگهون ٿا ته ڪو جانور به ۽ ڪجهه وقتن تي اهڙا مظاهرا به اسان ڪندا آهيون پر پوءِ وري جلد پنهنجي موجوده جنم جي اصليت ڏانهن موٽي ٿا ويون.

اسان جي اندر ۾ اهڙيون خوبيون آهن جو ڪنهن ڏينهن اسان پيغمبر به بنجي سگهون ٿا، پر ڪو انسان نه.

بس اسان وٽ هن وقت انهن سمورن جنمن جو عرق آهي، جيڪي اسان گذاري چڪا آهيون.

ٻه ڳالهيون ياد رکو! جڏهن به توهان اندر ۾ گهرائپ تائين جهاتي پائيندؤ ته توهان کي گذريل زندگيءَ جا عڪس ضرور نظر ايندا. ٻيو ته جيڪڏهن اسان جا خيال مستقبل ڏانهن هلڻ شروع ڪن ته اسان پنهنجي ايندڙ زندگيءَ جو مشاهدو به ڪري سگهون ٿا. ها جيڪي به ماڻهو وڏو ٽپ ڏيندا آهن سي هڪ خاص وقت تائين ته زمين کان مٿي هوا ۾ هوندا آهن، پر پوءِ نيٺ زمين تي اچي

ڦهڪو ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن اسان گذريل جنم جي اثرن سبب انسان مان ڦري جانور ٿي پوندا آهيون، پر پوءِ وري جلد ئي پنهنجي اصلي انسان واري حالت تي موٽي ايندا آهيون.

توهان شهر ۾ فقيرن کي ڏٺو هوندو. اُهي شام جو پنڌ ناهن ايندا، هميشہ صبح جي وقت خيرات گهرندا آهن، ڇاڪاڻ تہ رات ٽيڙ تائين هڪ ماڻهوءَ جو سمورو ڏينهن انسان بنجي رهڻ ممڪن ناهي هوندو. هڪ ماڻهو سموري رات جي ننڊ ڪانپوءِ صبح جو تازو توانو ٿي اُٺندو آهي ماڻهوءَ جي صبح ويل تازگي ۽ خوشيءَ جي احساس جي ڪري فقير اُهو سمجهندو آهي تہ کين ضرور خيرات ملندي جو ان وقت ماڻهوءَ ۾ ٿوري گهڻي انسانيت ضرور هوندي آهي. فقير شام جي وقت خيرات جي اُميد گهٽ رکندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن کي اها ڄاڻ آهي تہ سمورو ڏينهن هڪ ماڻهو آفيس، بازار ۾ ڪم ڪار ڪندو آهي، اخبارون پڙهندو آهي، سياست تي تبصرا ڪندو آهي ۽ شام ٽيڙ تائين اُهو ماڻهو ٽڪجي، ٽٽجي هڪ وحشي جانور جهڙو روپ اختيار ڪري وٺندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ جو وحشي انسان، وحشت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ رات جو نائٽ ڪلبن، شراب خانن جو رخ ڪندو آهي، سموري ڏينهن جو ٽڪل انسان رقص، ناچ، موسيقي اگهاڙن جسمن ۽ شراب ۾ تسڪين محسوس ڪندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو شام جي بجاءِ صبح جو وقت عبادت لاءِ بہ موزون هوندو آهي. عبادت گاهن ۾ پوڄا جا گهنڊ رڳو صبح جي وقت ۾ ئي وڄايا ويندا آهن. رات جو تہ بس نائٽ ڪلبن، شراب خانن ۽ رقاصائن جي گهرن جا در ڪليل هوندا آهن ۽ اُتي انهن جا گراهڪ پنهنجي وحشت کي ضايع ڪرڻ لاءِ پهچندا آهن.

سموري ڏينهن جي محنت کان پوءِ انسان جي اندر جو جانور جاڳي پوندو آهي، سو صبح جي وقت ئي ماڻهو ماڻهو هوندو آهي،

اهوئي سبب آهي جو ننڍي عمر جا نوجوان عبادت ڏانهن گهٽو مائل هوندا آهن. وڏي عمر وارا ماڻهو عبادت خانن ۾ گهٽ نظر ايندا آهن. اُهي زندگيءَ جي اهڙي حصي ۾ هوندا آهن، جتان کانئن زندگيءَ جي هر خوشي موڪلائڻ لڳندي آهي. سو زندگيءَ جي شام ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي اچو ته نئون سفر شروع ڪيون، زندگيءَ جي حقيقت جي ڳولا ڪيون.

زندگيءَ جي حقيقت جاچڻ لاءِ ڏيان ۾ مراقبو ضروري آهي ۽ ان جا ٻي مرحلا آهن پهرئين پنهنجي بدن کي صفا ڏيرو ڇڏي ڏيو. ٻيو ساهن کي اعتدال ۾ رکو. ٽيون خيالن کي هڪ هنڌ ٻيهاريو. جسم، ساهه ۽ خيال ٽنهي کي آزاد ڇڏي ڏيو. هڪ ٻئي کان ٿورو ٿورو فاصلي تي ويهي رهو. ٿورو اڳتي يا پٺتي ٻي ويهو. اهو خيال رکو ته هڪٻئي سان ڇڪ نه ٿيو.

جڏهن جسم صفا ساڻو ٿي پوي ته ڪنهن جي ڪهڙي خبر ته هو اڳتي ڪرندو يا پٺتي. هوش جي حالت ۾ ته توهان جسم تي ڪنٽرول رکي سگهو ٿا پر حواسن مان نڪرڻ کانپوءِ جسم توهان جي ڪنٽرول ۾ نه رهندو. جسم کي آزاد ڇڏيو. اهو فڪر نه ڪيو ته ڪٿي ڪرندو. اگر جسم جي آزادگيءَ دوران توهان ڪنهن جي مٿان ڪرو يا وري ڪو توهان جي مٿان ڪري پوي ته ان کي روڪيو نه. جيڪڏهن ڪنهن جو ڪنڌ توهان جي ڪلهي تي اچي پوي ته گهبرايو نه. بس خيال جسم ۽ ذهن کي آزاد ڇڏي ڏيو. پنهنجون اکيون بند رکو. جسم ڏيرو ڇڏيو. هاڻ مان هدايتون ڏيڻ شروع ڪيان ٿو.

توهان جو جسم ڏيرو ٿيندو پيو وڃي، اسان سڀ ماڻ جي ڳُ ۾ لهندا پيا وڃون. جسم کي ساڻو ٿيندي محسوس ڪيو. جسم کي آزاد ڪيو. ڏيرو ڇڏيو. پنهنجي خيال کي پنهجي اندر ۾ گهڙندي محسوس ڪيو اُهي خالي گهر ۾ داخل ٿيندا آهن، توهان جا خيال توهان جي شعور جي تهه ۾ لهي رهيا آهن. پنهنجي اندر ۾

داخل ٿيو. جسم کي سکون ڏيو. مڪمل آرام ۾ سکون. جسم کي بي جان ٿيڻ ڏيو جيئن خواب ۾ جسم آزاد هوندو آهي جسم تي ننڊ طاري ٿئي پئي. جسم سمهي رهيو آهي. خيال آزاد آهي. توهان سمهي رهيا آهيو. بي خبر سکون جي ننڊ ۾ آهيو.

مان سمجهان ٿو ته توهان جو جسم مڪمل طرح سکون ۾ آهي. هاڻ توهان جو پنهنجي جسم تان ڪنٽرول ختم ٿي چڪو آهي توهان جو جسم جيڪڏهن هيٺ ڪري ٿو ته ڪرڻ ڏيو. توهان خيال ۾ اهو آڻيو ته توهان تي باهريون ڪوبه دباءُ ناهي. توهان جا خيال آزاد آهن. ساهه پُرسکون ۽ جسم ننڊ ۾ آهي.

ها. هاڻ جسم بي حس ٿي چڪو آهي. ساهه آهستي آهستي ڪجي رهيا آهن. خيالن جي وهڪري کي هڪ هنڌ روڪي ڇڏيو. بس توهان جڙ زنده نه پر مُرده ٿي چڪا آهيو.

هاڻ هر پاسي مانڌار آهي. خاموشي آهي. هر باهرئين شيءِ بي جان ٿي چڪي آهي. هر شيءِ مري چڪي آهي. هر شيءِ تي مڪمل طرح مانڌار ڇانيل آهي. بس توهان جي اندر ۾ هڪ روح جو ڏيئو روشن آهي. روح باقي آهي. باقي هر شيءِ فنا ٿي چڪي آهي. فنا ٿيڻ ڏيو هر شيءِ کي ختم ٿيڻ ڏيو. بس جڙ ته هيءُ دنيا ۽ توهان آهيو ئي ڪونه. سمورا وجود گم ٿي چڪا آهن. توهان جا ساهه ساڪن آهن. خيال بيٺل آهن. جڙ ته ڪائنات تي موت ڇانيل آهي. بس پنهنجي اندر ۾ گم ٿي وڃو. باهران سڀ ڪجهه ختم ٿيڻ ڏيو. ائين سمجهو ظاهر ۾ توهان مري چڪا آهيو. هر شيءِ فنا آهي. بس توهان جي اندر ۾ هڪ روشني آهي. هڪ ڏيئو آهي. جيڪو روشن آهي. باقي هر پاسي اوندهه آهي. مانڌار آهي. اندر ۾ پاڻ کي گم ڪريو خالي پڻ. مرده پڻ ۽ فنا جي ڪيفيت ۾ پاڻ کي ڏهه منٽن تائين گم ڪري رکو. مانڌار جي حالت ۾ موت جو مشاهدو ڪيو. توهان جي آس پاس جي هر شيءِ گم ٿي چڪي

آهي. توهان جو جسم ۽ روح ڏار ڏار ٿي چڪا آهن يا جسم پري آهي، روح ٻاهر آهي، ٻاهران بيهي جسم جي اندر جو مشاهدو ڪيو. ڏهن منٽن تائين پنهنجي پاڻ کي آزاد ڇڏي ڏيو.

پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسندا رهو. ٻاهران هر شيءِ فنا ٿي ويندي. توهان کي ائين محسوس ٿيندو جڙ توهان مري چڪا آهيو. توهان جو جسم مرده ۽ ساکت آهي. ساهن کي بس آهستي آهستي هلڻ ڏيو. جيڪو ڪجهه ٻ توهان سان ٿئي پيو ان کي ٿيڻ ڏيو. پنهنجو اختيار پاڻ تان گم ڪري ڇڏيو.

دماغ خالي ۽ خاموش ٿي ويو آهي. ذهن مڪمل طور خيالن کان خالي آهي، ڪوشش ڪيو ته بس ماڻار ئي ماڻار هجي، اندر توڙي ٻاهر خاموشي ۽ ماڻار جو مشاهدو ڪيو.

سموري شعوري حالت سان پنهنجي اندر جو مشاهدو ڪيو. روح جسم کان ڏار آهي. توهان جسم کي ڇڏي روح جي روشنيءَ ۾ آهيو. توهان جي اندر ۾ هڪ نور جو شعور جو ڏيئو ٻري رهيو آهي. توهان فنا جي حقيقت کان واقف ٿي رهيا آهيو. بقا ڏانهن سفر جاري آهي.

هاڻي نهايت ئي سڪون ۽ آهستگيءَ سان ساهه ڪڍو ساهه ڪڍڻ جو مشاهدو ڪيو. ساهه پساهه تي نگراني ڪيو ساهه ڪيئن اندر وڃي ٿو. ڪيئن ٻاهر اچي ٿو ان حالت جو مشاهدو ڪيو. ساهن جي رفتار ۾ سڪون اچڻ سان ذهن تي اڃان ٻ وڌيڪ ماڻار ۽ خاموشي ڇانئجي ويندي. آهستي آهستي ڪجهه ساهه ڪڍو پوءِ آهستگيءَ سان اکيون کوليو. توهان مان جيڪڏهن ڪو ماڻهو زمين تي ليٽيل هجي ته اُٿي ويهي رهي، ها پر اُٿڻ ۾ تڪڙ نه ڪيو. اکيون کلڻ ۾ پريشاني ٿئي پئي ته پهرئين وڏو ۽ گهرو ساهه ڪڍو پوءِ آهستي آهستي اکيون کوليو.. نرمي ۽ آهستگيءَ سان زمين تان مٿي اُٿو. ڪنهن ٻ عمل ۾ ڪاهه تڪڙ نه ڪيو. اهڙيءَ طرح اسان جو هيءُ صبح سوير جو مراقبو پورو ٿيو.

باب ٽيون

سموري ڪائنات هڪ عبادت گاهه آهي

منهنجا پياروؤ!

هڪ دوست سوال ڪيو آهي ته:

توهان آفاقي سچائي ڄاڻڻ لاءِ اسان کي پنهنجي وجود جو انڪار يا نفي ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو آهي. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ خودشناسي لاءِ هر شيءِ جي نفي ڪرڻ، ڇا ان عمل جي ابتڙ ڪرڻ سان به نتيجا حاصل ٿي سگهندا؟ ڇا اسان هر شيءِ ۾ خدا جو نظارو پسي سگهون ٿا ۽ ڇا اسان ان هستيءَ کي هر شيءِ جي اندر محسوس نه ٿا ڪري سگهون؟"

اهو سڀ ڄاڻڻ لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته: جيستائين ڪو ماڻهو خدا کي پنهنجي اندر ۾ محسوس نه ڪندو آهي ان کي ڪٿي به سڃاڻي نه سگهندو. جنهن خدا کي پنهنجي اندر ۾ ناهي ڏٺو ان کي ٻين جي اندر ۾ به سڃاڻي نه سگهندو. ذات جو مطلب آهي شيءِ آهي جيڪا توهان کي سڀ کان وڌيڪ ويجهي هجي، جيڪو ڪجهه به توهان کان پري آهي سو خدا ناهي. جيڪڏهن توهان خدا کي جيڪو توهان کي توهان جي ساهه کان به ويجهو آهي ان کي پنهنجي اندر ۾ نه ٿا ڏسي سگهو ته پوءِ ٻيا ماڻهو جيڪي توهان کان مفاصلي تي آهن، توهان کان ڏار آهن، انهن جي اندر ۾ توهان خدا کي ڪيئن ٿا ڏسي سگهو. ان ڪري اڳ ۾ توهان کي خدا کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪرڻو پوندو. خدا کي ڄاڻڻ جو ويجهي کان ويجهو رستو اهو ئي آهي.

ياد رکو! جنهن کي به پنهنجي ذات جي آگهي خودشناسيءَ مان ٿيندي آهي ان کي هر شيءِ جي حقيقت جي ڄاڻ پئجي ويندي آهي. پنهنجي اندر کان واقف ٿيڻ سمورين شين جي ڳجهه کي ڄاڻڻ جي برابر آهي. ان کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڪيس هر ڪنهن شيءِ جي اندر داخل ٿيڻ جو اختيار حاصل ٿي ويو آهي. چاکاڻ ته ظاهر ۾ اسان هڪجهڙي ڪان ڪيترائي ڀيرا مختلف سهي پر اندر ۾ هميشه هڪجهڙا آهيون.

ظاهر ۾ ڪنهن وڻ جا پن هڪجهڙي کان مختلف لڳندا آهن پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان وڻ جو هڪ پن پٽي اُن جو مشاهدو ڪري ته هو ان نتيجي تي پهچندو ته وڻ جا سمورا پن هڪجهڙا آهن. ڏار ڏار ڏسڻ هر هڪ پن جي جوڙجڪ ڏار نظر ايندي. پر جڏهن توهان پنن جي اندروني جوڙجڪ کي ڏسندؤ ته اهو راز ظاهر ٿيندو ته سمورا پن جتان ظاهر ٿيندا آهن انهن جو مرڪز هڪ ئي ٿڙ آهي. هڪ پن جڙ ته سمورن پنن جو نمائندو هوندو آهي.

مان ۽ تون جي وچ ۾ فرق رڳو ان وقت تائين رهي ٿو جيستائين اسان پنهنجي اندر جو مشاهدو نه ٿا ڪيون. جڏهن اسان پنهنجو پاڻ ۾ اندر داخل ٿيندا سين ته اسان جي اندر ۾ "مان" سان گڏ "تون" به گم ٿي ويندو ان کانپوءِ جيڪو ڪجهه به نظر ايندو بس اهو "ڪُل" ئي هوندو.

پر اها به حقيقت آهي ته "ڪُل" مان ۽ تون" جي وندر يا ڪٺ ناهي. اها ته اُها ڪيفيت آهي جڏهن "مان ۽ تون" ۾ئي گم ٿي ويندا آهن. انهيءَ جي نتيجي ۾ جيڪو ڪجهه به حاصل ٿيندو آهي اهو ئي "ڪُل" هوندو آهي. يلي ڪٽي ماڻهو ڪنهن وڻ جا سمورا پن چاڻي پاڻ وٽ گڏ ڪري پر اُهي وڻ جو متبادل نه هوندا آهن. پن ۽ وڻ جو وجود ڏار ڏار هوندو آهي. وڻ رڳو پنن جو مجموعو ناهي.

انهيءَ ڪري اسان جيئن ٿي پنهنجو پاڻ ۾ سمائجي ويندا آهيون تہ اسان جي "مان" جو خاتمو اچي ويندو آهي. جڏهن ہ پنهنجي وجود جي نفي ٿيندي آهي تہ هر غير جي نفي پنهنجو پاڻ ٿي ويندي آهي ۽ بس پوءِ باقي وڃي "ڪُل" بچندو آهي.

۽ ان کي "ڪُل" چوڻ ہ صحيح ناهي ڇاڪاڻ تہ اُهو "ڪُل" ہ انهيءَ قديم جو مرڪز هوندو آهي، اُهي جيڪي انهيءَ حقيقت کان واقف آهن ان کي ڪُل چوڻ جي بجاءِ اُبتو سوال ڪندا تہ "ڪُل ڇا آهي؟" بس پوءِ اها حقيقت ظاهر ٿيندي تہ سڀ ڪجهہ "هڪ" ئي آهي، حقيقت بس "هڪ" آهي.

پر وري اهو سوال پيدا ٿيندو تہ هڪ جي سڃاڻپ لاءِ ٻيو ہ ضروري آهي ڇو تہ هڪ اڪيلي جي ڪا ہ معنيٰ نہ هوندي آهي، واحد جي سڃاڻپ لاءِ ٻيو ہ ضروري آهي. جيڪي ماڻهو ڳوڙهو ادراڪ رکندا آهن اهي ان ڳالهہ تي هرگز ہ زور ناهن ڀريندا تہ سڀ ڪجهہ رڳو هڪ آهي، پر اُهي چوندا آهن تہ ٻُڙي ڪجهہ ہ نہ سيڪجهہ آهي.

هاڻ ڏسو تہ صورتحال ڪيتري نہ دلچسپ ٿي وئي آهي، اُهي چوندا آهن تہ ٻہ ڪٿي ہ ناهن سڀ ڪجهہ هڪ آهي، هڪ ئي سڀ ڪجهہ آهي ٻہ ڪجهہ ہ ناهن.

ڪو سوال ڪري سگهي ٿو تہ توهان ڳجهارتن ۾ چو پيا ڳالهايو؟ سادي طريقي سان اهو چو نہ ٿا چئو تہ صرف "هڪ" ئي برحق آهي. پر "هڪ" کي برحق چوڻ ۾ اها رڪاوٽ آهي تہ هڪ سان گڏ ٻئي جو تصور ہ لازمي اُپرندو. جڏهن اسان اهو چئون ٿا تہ ٻہ ناهن تہ لازمي طور اهو نتيجو نڪرندو تہ ٽي ہ ناهن. آخري نتيجو اهو نڪرندو تہ نہ هڪ آهي نہ گهٽا آهن، حقيقت ۾ تہ تصور بس پنهنجي هڪ اڪيلي وجود مان اُپريو آهي، انهيءَ ڪري پنهنجي ذات جي ورهاست سان جيڪا ئي سڀ ڪجهہ آهي وري ہ وڃي هڪ ئي بچي ٿو.

پر اهو ڄاڻڻ ڪانپوءِ ته ڇا اسان اُهو سڀ ڪري سگهون ٿا جنهن جي ڀَالهه اسان جو دوست ڪري رهيو آهي. ڇا اسان هر شيءِ ۾ خدا جو مشاهدو ڪري سگهون ٿا ۽ ائين ڪرڻ رڳو تصوراتي طور تي ممڪن آهي ۽ خيال يا تصور ڪرڻ ڀَالهه جي ڳجهه تائين پهچڻ جي برابر ناهي.

ڪافي عرصو اڳ ڪجهه ماڻهو هڪ نيڪ همراهه کي مون وٽ وٺي آيا هئا. انهن مون کي ٻڌايو ته هيءُ همراهه گذريل ڪجهه سالن کان خدا کي هر شيءِ ۾ ڏسي رهيو آهي. گلن ۾، ٻوٽن ۾، جبلن ۾، وڻن ٽڻن ۾، مطلب ته هر شيءِ ۾ ڪيس خدا نظر اچي ٿو. مون هن کي چيو جيڪڏهن هو ڪنهن مشق يا وظيفي يا چلي جي ذريعي خدا کي ڏسي رهيو آهي ته پوءِ سندس اهو تصور باطل آهي. هن منهنجي ڀَالهه نه سمجهي، مون ٻيهر هن کي چيو ته، ڇا تو ڪڏهن خدا کي هر شيءِ ۾ ڏسڻ جي خواهش يا تصور ڪيو آهي؟ هن چيو ته ها ڪجهه سال اڳ مون "ساڌنا" جي مشق شروع ڪئي هئي، جنهن ۾ خدا کي هر شيءِ ۾ ڏسڻ جي خواهش شامل هئي ۽ ائين مان ڪجهه عرصي کانپوءِ خدا کي هر شيءِ ۾ ڏسڻ لڳس. مون هن کي ٽن ڏينهن تائين پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چيو ۽ انهيءَ وچ ۾ خدا کي هر شيءِ ۾ ڏسڻ واري عمل کان پري رهڻ جي لاءِ چيو. هو اُن ڀَالهه تي راضي ٿي ويو. پر ٻئي ڏينهن تي ئي هو چوڻ لڳو ته، تو مون کي سخت نقصان پهچايو آهي، ايڏا، ٻارنهن ڪلاڪ مس گذريا آهن جو مون کي هاڻ پٽر، عام پٽر جيان نظر اچي ٿو ۽ گل ۽ گل جهڙو ئي لڳي ٿو. تو ته مون کي خدا کان صفا پري ڪري ڇڏيو تون ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهين؟

مون چيو ته: رڳو ٻارنهن ڪلاڪ مشق نه ڪرڻ سان خدا گم ٿي سگهي ٿو ته پوءِ تون اڄ تائين جيڪو ڪجهه ٻه ڏسندو رهيو آهين سو خدا ناهي. بس تنهنجي لڳاتار مشق جو تصوراتي نتيجو

هو. ائين سمجهه جيئن ڪو ماڻهو ريگستاني سفر ۾ پاڻي جي اُڄ سبب واريءَ جي رُڃ کي پاڻي سمجهي ويهندو آهي ۽ نظر جي دوکي جو شڪار ٿي ويندو آهي. ان لاءِ خدا کي ڪنهن جبل جي پٿر ۾ ڏسڻ ڪو حقيقي ناهي جيستائين خود خدا پاڻ نه چاهي. خدا جي مرضي ۽ انسان جي مرضي ۾ وڏو فرق آهي. خدا پنهنجي مرضيءَ سان ته هر شيءِ ۾ سمائجي سگهي ٿو پر انسان جي مرضيءَ سان هر شيءِ ۾ نظر اچي سو ناممڪن آهي.

انهن ٻنهي تصورن ۾ تضاد آهي. توهان پنهنجي مرضي ۽ خيال سان تصوراتي طور تي ته خدا کي پٿر ۾ ڏسڻ شروع ڪري سگهو ٿا پر اُهو خدا سواءِ توهان جي خيالي خاڪي جي ٻيو ڪجهه به نه هوندو. اُهو صرف اهڙو ئي خدا هوندو جنهن کي توهان پنهنجي خيال موجب پٿر ۾ گهڙيندؤ اُهو خدا رڳو توهان جي تصور جي تخليق هوندو. اهو رڳو توهان جو خيالي پاڇو هوندو. اهڙو خدا بس توهان جي خيال کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو. خدا کي پنهنجي خيال موجب ڏسڻ کا وڏي ڳالهه ڪانهي. پر اُهو ته خيال جي دنيا ۾ رهڻ جهڙو عمل آهي. ان جو خدا جي حقيقي وجود سان ڪوبه لاڳاپو ڪونهي. خيال ۾ ائين ٿيندو آهي. جو ڪڏهن. ڪڏهن انسان کان پنهنجو وجود وسري ويندو آهي ۽ نتيجي ۾ هو خدا کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڏسي ناهي سگهندو. پوءِ ان کي اهو محسوس ناهي ٿيندو ته خدا پٿر ۾ آهي. پر هو سوچيندو ته پٿر آهي ئي ڪونه. اُتي ته بس رڳو خدا آهي. منهنجي نظر ۾ جيڪو فرق آهي. ڇا توهان ان کي سمجهي سگهيا آهيو. پوءِ ڪوبه ماڻهو اهو نه سمجهندو ته خدا انسان ۾. گلن ۾. وڻن ٻوٽن يا پٿرن ۾ آهي. ڇو ته خدا جو ڪوبه وجود ناهي. هن جو ته ڪو به مثل ناهي. جي خدا آهي ته پوءِ وڻ. ٻوٽا. پٿر انسان ڪجهه به ناهن. بس هر جاءِ هُو ئي آهي. هر طرف. هر نظارو جيڪو ڪجهه به نظر اچي ٿو سو خدا

ئي خدا آهي. ٻيو ڪجھ ٻہ ناهي، ان ڪري مشق ۾ چلا ڪشيءَ سان خدا کي ڏسڻ جو تصور ئي غلط آهي. روحانيت جي مشق (ساڌنا) ۾ سڀ کان وڏو خطرو خيال جي وهڪري جو هوندو آهي. اسان حقيقتن کي تصورن جو روپ ڏئي سگھون ٿا اهڙي حقيقت جيڪا بس اسان جو ذاتي تجربو آهي، تصورن جي جوڙجڪ ۾ تجربي ۾ هڪ فرق آهي. هڪ ماڻھو جنھن جو سمورو ڏينھن بک ڪاٽيندي گذريو هجي، جيڪڏھن اُهو خواب ۾ ڪجھ ڪائيندو ته پاڻ کي ڏايل محسوس ڪندو. شايد هو سجاڳيءَ ۾ ڪاڏو ڪائڻ؟ سان ٻہ ايترو مطمئن نہ ٿئي ها جيترو هو خواب ۾ ڪاڏو ڪائي ٿيو هوندو. خواب ۾ پنھنجي پسند مطابق جيڪو ڪجھ ٻہ چاهي هو خيالي طور ڪائي سگھي ٿيو. پر صبح جو جاڳڻ وقت وري هن جو معدو خالي هوندو جيڪو ڪجھ ٻہ هن خواب ۾ ڪاڏو پيتو اُهو هن جي جسم کي توانائي فراهم نہ ڪندو ائين ننڍ ۾ ڪائيندي پيئندي هو نيٺ هڪ ڏينھن موت حوالي ٿي ويندو ڇو تہ هن خواب ۾ جيڪو ڪجھ ٻہ ڪاڏو پيتو پي سو هن جي جسم لاءِ نہ هو. هن جي رت ۾ تصوراتي ڪاڏو شامل نہ ٿي سگھيو گوشت، هڏا ۽ ماس ڳرندو ويو بس خواب وارو ڪاڏو تہ هڪ فريب هو.

اهڙيءَ طرح تصور ۾ نہ رڳو ڪائي پي سگھجي ٿو پر ائين خواب ۾ خيال ۾ خدا کي ڏسي سگھجي ٿو خواب تہ فريب هوندا آهن، حقيقت ڪان پري هوندا آهن، انساني ذهن ۾ پاڻ کي توڙي ٻين کي دوکو ڏيڻ جي لامحدود گنجائش موجود هوندي آهي. سو اهڙي قسم جي تصور ۾ ٻڌل رهڻ سان حقيقي آزادي يا خوشي هرگز ٻہ حاصل نہ ٿيندي.

ان ڪري مان توهان کي هرگز ٻہ اها ترغيب نہ ٿو ڏئي سگھان تہ هر شيءِ ۾ خدا کي ڳولڻ شروع ڪيو. مان تہ بس توهان کي پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائڻ ۽ پاڻ کي ڄاڻڻ تي راضي ڪري رهيو

آهيان. پنهنجي اندر ۾ توهان کي ڇا ٿو ملي؟ جڏهن توهان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ شروع ڪندؤ تہ سڀ کان اول توهان فنا في الوجود يعني پاڻ کان گم ٿي ويندؤ. توهان پاڻ کي پنهنجي اندر ۾ ڏسي نہ سگهندؤ توهان کي پهريون پيرو اهو احساس ٿيندو تہ توهان جي "انا" تہ بس هڪ درکو هو. جيڪا گم ٿي چڪي آهي، اُها هاڻ موجود ئي ناهي، توهان جيئن ئي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائيندؤ تہ توهان ڏسندؤ تہ توهان جي "مان" توهان کان موڪلائي چڪي آهي، توهان مٿان "مان" جو پاڇو اوستائين ڇانيل رهي ٿو جيستائين توهان پنهنجي وجود جي حقيقت تي نظر نہ ٿا وجهو. اندر ۾ جهاتي پائڻ کان اڳ ۾ توهان ان ڪري خوف کائيندا هئو جو توهان کي اندر ۾ جهاتي پائڻ سان خوديءَ جي گم ٿيڻ جو ڊپ هو.

شايد توهان بہ ان همراهہ کي ڏٺو هجي جيڪو سرڪس ۾ برندڙ مشعل کي هوا ۾ ڦيرائي ڦيرائي باهہ جو هڪ روشن گول دائرو ٺاهيندو آهي.

حقيقت ۾ اُتي ڪوبہ دائرو نہ هوندو آهي. جڏهن مشعل کي تيزيءَ سان ڦيرايو ويندو آهي تہ پري کان ڏسڻ واري کي اُهو گول دائرو لڳندو آهي، ويجهي توهان وڃي ڏسو تہ توهان اهو ئي چوندؤ تہ اها گول ڦرندڙ مشعل آهي ۽ باهہ جو دائرو تہ بس نظر جو فريب آهي، اهڙي طرح جڏهن اسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسنداسين ۽ هوشياريءَ سان اهو تجربو ڪنداسين تہ اهو ڄاڻي ونڊنداسين تہ هيءُ دنيا نظر جي فريب کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، جيئن تيزيءَ سان هوا ۾ ڦرندڙ مشعل کي ڏسي پري کان باهہ جود ائرو محسوس ٿيندو آهي. اسان جي ذهن جي شعوري حالت اسان کي فريب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي، اها هڪ سائنسي حقيقت آهي ۽ ان کي سمجهڻ ضروري آهي.

توهان شايد اڄ تائين ڏيان نہ ڏنو هجي تہ زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ سمورا نظر جا فريب تيزيءَ سان ڦيريون پائيندڙ شين جي ڪري آهن. پتيون اسان کي ٺوس وجود جهڙيون نظر اچن ٿيون، پيرن هيٺان زمين بہ اسان کي سخت محسوس ٿيندي آهي، پر سائنسدانن موجب پٽر جهڙي سخت ۽ ٺوس شيءِ ڪابہ ڪانهي. اها هڪ ڄاتل سڃاتل حقيقت آهي تہ سائنسدانن جيترو مادي جو مطالعو ڪيو آهي اوترو ئي اُهو گم ٿيندو ويو آهي. جيتوٽيڪ سائنسدان مادي کان پري هٽا پر پوءِ بہ ان تي يقين رکندا هئا، ماضيءَ ۾ سائنسدان مادي کانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ کي اهميت نہ ڏيندا هئا پر هاڻ اُهي مادي جا بہ انڪاري ٿي رهيا آهن. انهن جو چوڻ آهي تہ توانائي جي گهمندڙ ڦرندڙ طاقت ئي وزن ۽ جسم آهي پر ان وزن ۽ جسم جي بہ ڪا هڪڙي حقيقت ناهي.

مثال طور، بجليءَ تي هلندڙ پکو ايترو تيزيءَ سان ڦرندو آهي جو اسان ان جا ڦرندڙ پر نہ ڏسي سگهندا آهيون. هلڻ وقت ان جا پر ڳڻي بہ نہ ٿا سگهون، جيڪڏهن توهان کي پکي جي پرن مٿان ويهاريو وڃي تہ توهان کي پکي جي پرن جي وچ وارو مفاصلو بہ محسوس نہ ٿيندو ۽ توهان محسوس ڪندؤ تہ توهان هڪ لوهہ جي ڦرندڙ ٽڪري تي وينا آهيو. مادي جا جزا بہ هن دنيا ۾ ايترو تيزيءَ سان ڦيرائيون پائي رهيا آهن، اُهي ڦرندڙ جزا مادو ناهن، پر اُهي ڦيريون پائيندڙ جزا برقياتي توانائي آهن. مادو اسان کي تيزيءَ سان ڦرندڙ بجليءَ جي جزن ڪري ٺوس شڪل ۾ نظر اچي ٿو. جيتوٽيڪ اُهي اسان کي ٺوس شڪل ۾ نظر اچن ٿا پر حقيقت ۾ انهن جو وجود ٺوس ناهي، بلڪل اهڙيءَ طرح اسان جي شعوري توانائي نهايت تيز رفتاريءَ سان چرپر ۾ آهي جنهن جي ڪري "مان" جو فريب وجود ۾ اچي ٿو. دنيا ۾ بن قسمن جا دوڪا آهن، پهريون مادي جو دوڪو. پيو "مان" يعني "انا" جو دوڪو. ٻئي

حقيقت ۾ فريب کانسواءِ ٻيو ڪجھ ب ناھن. ويجھڙائي وارو مشاھدو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ انھن شين جو ڪٽي ب ڪو وجود ناھي. جيئن جيئن سائنس مادي جي ويجھو اچي پئي، مادي جو وجود گم ٿيندو پيو ويو. اھڙيءَ طرح جڏھن مذھب اسان جي ويجھو ايندو آھي تہ اسان جي "انا" گم ٿي ويندي آھي، مذھب اسان کي اھو ٻڌايو آھي تہ اسان جي "مان" جو ڪوب وجود ڪونھي. سائنس ب اسان کي اڄ اُھو ٻڌائي ٿي تہ مادي جو ڪوب وجود ڪونھي. جيترو اسان مادي شين جي ويجھو ويندا سين اوترو انھن شين جي فريب ۾ مبتلا ٿيندا سين.

انھيءَ ڪري مان چوان ٿو تہ پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائيو ويجھي کان ڏسو توھان جي اندر ۾ ڪٽي "مان" موجود آھي. آئون توھان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيان پيو تہ توھان "مان" ناھيو جيڪڏھن توھان اھو سمجھو ٿا تہ ان جي حيثيت ڪوڙي عقيدي جھڙي آھي، جيڪڏھن توھان منھنجي ڳالھ تي يقين ڪريو ۽ سوچيو تہ "مان ناھيان، انا ڪوڙي آھي، مان روح آھيان، مان برھمڻ آھيان، انا ڪوڙي آھي" ائين توھان پاڻ کي مونجھاري ۾ وجھي ڇڏيندؤ. جيڪڏھن انھيءَ ورد کي پنھنجو وظيفو بنائيندؤ تہ اھو سڀ بيڪار ھوندو. مان توھان کي ڪنھن ب ورد، وظيفي لاءِ نہ چوندس. مان تہ بس اھو چوان پيو تہ "پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائي ڏسو" پنھنجي پاڻ کي سڃاڻو" اھڙي طرح جيڪو ب ماڻھو پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائيندو ان تي اھ ڳالھ واضح ٿي ويندي تہ "مان ڪجھ ب ناھيان" ۽ جيڪڏھن 'مان" ناھيان تہ پوءِ آخر منھنجي اندر ۾ ڪير آھي؟ جي مان ب اندر ۾ ناھيان ٻيو ڪو تہ ضرور اندر ۾ موجود آھي "مان ناھيان" جو ھرگز ب مطلب اھو ناھي تہ اندر ۾ ڪو ب ناھي، ڇاڪاڻ تہ جنھن فريب ۾ اسان مبتلا آھيون، ان جي سڃاڻپ لاءِ ڪنھن نہ ڪنھن کي تہ اندر ھجڻ ڪپي.

جيڪڏهن مان ناهيان تہ پوءِ اُتي ڪير آهي؟ اندر ۾ پنهنجي غير موجودگيءَ جو تجربو ٿي خدا جي موجودگيءَ جو تجربو هوندو. اهو تجربو يڪدم لامحدود وسعت اختيار ڪري وٺندو. پنهنجي فنا سان گڏ "تون" بہ ختم ٿي ويندو ۽ "هو" بہ فنا ٿي ويندو. بس ڄاڻ جو آگهيءَ جو لامحدود سمنڊ باقي وڃي بچندو. ان وقت توهان ڏسندؤ تہ بس رڳو خدا ئي خدا موجود آهي. هر پاسي خدا ئي خدا آهي. پوءِ تہ شايد اهو چوڻ بہ غلط ٿيندو تہ خدا آهي، ڇو تہ پوءِ اهو چوڻ بہ غير ضروري هوندو.

"خدا آهي" چوڻ ان لاءِ غير ضروري هوندو تہ خدا جو نالو ئي آهي جيڪو حقيقت آهي، حقيقت ۾ خدا آهي ٻيو ڪجهہ ناهي، سو خدا چوڻ بس رڳو لفظن جي راند آهي. نيٺ خدا آهي چوڻ مان ڇا مراد آهي اسان شين جي سڃاڻپ "آهي" سان ڪندا آهيون، جيڪا "ناهي" ۾ بہ تبديل ٿي سگهي ٿي. اسان چوندا آهيون ميز آهي. پر ممڪن آهي تہ اُها سياڻي نہ هجي ۽ اهو تہ اها ڪالهہ بہ موجود نہ هئي، جيڪو ڪجهہ موجود ڪونہ هو اُهو سياڻي ختم بہ ٿي سگهي ٿو. پوءِ آخر اهو چوڻ جو ڪهڙو فائدو تہ هيءُ "آهي" خدا تہ اهو ناهي جيڪو اڳ ۾ موجود ڪونہ هو ۽ هاڻ آهي يا وري سياڻي گم ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اهو چوڻ تہ "خدا آهي" بي معنيٰ لفظ آهي. بس "هو تہ آهي" حقيقت ۾ وجود حقيقي تہ خدا جو ئي آهي، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسان "هو آهي" جي لفظ کي خدا لاءِ استعمال ڪنداسين تہ پنهنجي پاڻ کي خود فريبي ۽ ڪوڙ ۾ مبتلا ڪنداسين. ياد رکو جيڪي خدا اسان پاڻ تخليق ڪيا آهن، اُهي هٿ نوڪيا آهن، ائين هر ڪنهن جو پنهنجو خدا آهي، هندوئن جو خدا ڌار آهي تہ مسلمانن جو خدا الڳ آهي. عيسائين ۽ جينن مت وارن جو خدا بہ ڌار آهي، يعني هر ڪنهن جو پنهنجو خدا

آهي. هر ڪنهن مذهب وري خدا جا ڌار ڌار نالا ۽ تخليق ڪيا آهن. هر پاسي خدا ناهڻ جي هڪ وسيع منطق ڦهليل آهي. ماڻهو ته پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ ۽ خدا جوڙي ونڻ ٿا. ماڻهو پنهنجا خدا پاڻ ناهن ٿا. وري اُهي ماڻهو پنهنجي، پنهنجي هٿ جي ناهيل خدا کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ هڪبئي سان وڙهن ۽ ٿا چوته هر ڪنهن جو خدا مختلف آهي.

حقيقت ۾ جيستائين "مان آهيان" جو لفظ موجود آهي، منهنجي هٿ جي جوڙيل هر شيءِ توهان کان جدا هوندي. جيستائين مان آهيان، مُنهنجو مذهب، منهنجو خدا جهڙا لفظ هوندا انا ۽ باقي هوندي. حقيقت ۾ جيڪڏهن دنيا ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو مذهب ناهڻ جي آزادي مليل هجي ها ته اڄ دنيا ۾ ايترا مذهب هجن ها جيترا هن دنيا ۾ ماڻهو موجود آهن. مذهبن جي گهٽ تعداد هئڻ جو نتيجو آهي جو انساني آزاديءَ جي صحيح رخ جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي.

هڪ هندو پيءُ ٻار جي شعور سنيالڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي پٽ کي هندو بنائڻ تي خاص ڌيان ڏئي ٿو. هڪ مسلمان پيءُ پنهنجي پٽ کي پڪو مسلمان بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. چاڪاڻ ته باشعور ٿيڻ کانپوءِ ڪوبه نوجوان هندو يا مسلمان ٿيڻ پسند ڪونه ڪندو انهيءَ ڪري شعورسنيالڻ کان اڳ ۾ ئي معصوم ٻارن کي مذهب جا خرافات سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. هر هڪ ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد مٿان پنهنجو مذهب مڙهڻ جي ڪوشش ۾ هوندو آهي. ٻار جيئن جيئن وڏو ٿيڻ لڳندو آهي، ان جي ڀاران ٿينڙ سوالن کي هر هڪ ماڻهو مخصوص مذهبي سانچي اندر رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. والدين پنهنجي اولاد کي ننڍپڻ ۾ ئي مذهبي موضوع تي پڪو پختو بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جنهن ڪري اڄ جا ٻار

سياڻي جڏهن وڏا ٿيندا آهن تہ پوءِ اهي هندو سک، عيسائي، بڌ مت ۽ مسلمان، کين جيڪو ڪجهہ والدين بنائڻ چاهيندا سي بنجي ويندا آهن.

ان ڪري اهڙا ماڻهو جن کي اسان مذهبي چاڻندا آهيون، اڪثر انهن جو عقل گهٽ هوندو آهي، انهن ۾ عقل جي ڪوٽ هوندي آهي، چاڪاڻ تہ جنهن کي اسان مذهب چئون ٿا اُهو اسان کي انهيءَ منزل تي پنهنجي اثر ۾ آڻي ڇڏيندو آهي جڏهن اسان ايڏا شعور جي منزل تي ناهيون پهچندا، ان ڪانپوءِ اسان سموري عمر مذهب جي اثر هيٺ رهندا آهيون ۽ ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهيون هوندا. ان ۾ تعجب جي ڳالهہ ناهي تہ هندو ۽ مسلمان خدا جي نالي تي هڪٻئي سان وڙهن ٿا.

سوال هيءُ آهي تہ ڇا خدا جون ڪيتريون ئي صورتون آهن ۽ ڇا هندو جنهن خدا کي پوڄين ٿا اُهو ٻيو آهي ۽ مسلمان جنهن جي عبادت ڪن ٿا اُهو ڪو ٻيو آهي ۽ انهيءَ ڪري هندو بت پرستيءَ جي مخالفت کي پنهنجي خدا جي بي عزتي تصور ڪن ٿا ۽ وري هڪ مسلمان ڪنهن مسجد تي حملي کي خدا جي بي عزتي تصور ڪري ٿو.

ڏٺو وڃي تہ خدا تہ بس هڪڙو ئي آهي، مسجد ۾ بہ اُهو آهي تہ مندر ۾ بہ اُهو آهي، قتل گاهن ۾ بہ اُهو موجود آهي تہ ڪنهن خانقاهہ ۽ عبادت گهر ۾ بہ موجود آهي، هڪ چور جي اندر ۾ بہ اُهو آهي تہ هڪ درويش، بزرگ ماڻهوءَ جي اندر ۾ بہ ساڳو ئي خدا موجود آهي، هو تہ راوڻ بہ آهي تہ رام بہ آهي. هندو هجي يا مسلمان، پر هر انسان ۾ ان هڪ خدا جو جلوو موجود آهي.

اصل ۾ مسئلو هيءُ آهي تہ اگر اسان ان ڳالهہ کي قبول ڪري وٺون تہ ڪائنات ۾ بس هڪ ئي خدا آهي تہ پوءِ انسانن جي خداسازيءَ جي جيڪا صنعت آهي اُها تباهہ ٿي ويندي. ان ڪري

اهڙي صورتحال کان بچڻ لاءِ اسان پنهنجو پنهنجو خدا ٺاهيو ويٺا آهيون. جڏهن هڪ هندو ڪنهن گلاب جي گل تي نظر وجهندو ته ان ۾ به ڪيس خدا نظر ايندو ۽ هڪ مسلمان به گل ۾ خدا جي وجود کي ئي ڏسندو. پر پنهي جي تشريح جدا جدا هوندي ۽ اتان ئي هندو مسلم جهيڙو شروع ٿئي ٿو.

جيتوڻيڪ ٻئي هڪ خدا کي مڃين ٿا پر انهن جا دڪان ڌار ڌار آهن ۽ هر هڪ پنهنجو وکرو ڪڻڻ جي ڪوشش ۾ آهي.

مون هڪ وڏي بزرگ ۽ درويش جي باري ۾ ٻڌو آهي ته هو تمام گهٽو ڏاهو هو.

ها، هو رام جو چيلو هو هڪ ڀيري ان کي مندر ۾ وڃي ويٺا جڏهن هن ڪرشن جي بُت جي هٿ ۾ بانسريءَ کي جهليل ڏٺو ته ان جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. بت جي سامهون بيهي هو چوڻ لڳو ته، "تون ان صورت ۾ مهنجو ديوتا ٿي سگهين ٿو ۽ مان ان وقت تنهنجي آڏو جهڪندس جڏهن تنهنجي هٿ ۾ بانسريءَ بجاءِ تير ڪمان هجي ها."

ڪيڏي نه حيرت جي ڳالهه آهي جو اسان پنهنجي ديوتائن مٿان به پنهنجا شرط لاڳو ڪيون ٿا ته اُهي اسان جي خيال موجب اسان آڏو پاڻ کي پيش ڪن. اسان پنهنجي خيال ۽ تصور موجب خدا کي ڏسڻ جا خواهشمند آهيون ۽ ان جي عبادت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون نه ته نه.

اها ڪيڏي نه افسوس ۽ حيرت جوڳي ڳالهه آهي ته اسان جو خدا ڪيئن هجڻ گهرجي اها ڳالهه به اسان ئي طئ ڪيون. اسان وٽ هميشه ائين ئي ٿيندو آيو آهي اسان اڄ تائين جنهن خدا کي پنهنجو چوندا آيا آهيون، اُهو ته بس اسان جي خيال ۽ تصور جو عڪس آهي. جيستائين انسانن جو خلقيل خدا اسان جي آڏو رهندو ان وقت تائين اسان انهيءَ خدا کي نه سڃاڻي سگهنداسين

جيڪو اسان جو گھڙيل ناهي. اسان اصل خدا کي هرگز بہ نہ ڄاڻي سگھنداسين، جنھن اسان کي ناهيو آهي، جيڪڏھن اسان کي پنھنجي خالق خدا کي ڄاڻڻ جي خواهش آهي جيڪو سچو خدا آهي تہ اسان کي گھرجي تہ انسانن جي جوڙيل تصوراتي خدائن کان نجات حاصل ڪريون. پر اهو ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. خاص ڪري هڪ نرمل دل ۽ نيڪ انسان لاءِ ائين ڪرڻ ممڪن ڪونھي. انسانن جي هٿ نوڪين جوڙيل خدائن کان تہ اُهي ماڻھو بہ نجات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگھيا جن کي اسان ڏاھا يا عقل مند چئون ٿا، اُهي ماڻھو بہ پنھنجي بنيادي عقيدن سان سختيءَ سان چنبڙيل رهيا هئا، جيئن بيوقوف ۽ جاهل ماڻھو پنھنجي عقيدي سان چنبڙيل هو ندا آهن، هڪ بي وقوف ماڻھوءَ کي تہ غلط عقيدي تي معاف ڪري سگھجي ٿو پر هڪ عقل مند کي هرگز بہ معاف نہ ٿو ڪري سگھجي.

پاڪستان مان جڏھن خان عبدالغفار خان هندوستان آيو هو تہ هن سموري هندستان ۾ هندو مسلم اتحاد جو پرچار ڪيو هو پر پاڻ هو ڪٽر مسلمان هو جيڪا هڪ اٽل حقيقت آهي، اها ڳالھ هو واري وينو تہ جيڪڏھن هو پاڻ هڪ ڪٽر مسلمان آهي تہ پوءِ هندو مسلم اتحاد جو سڏ ڏيڻ ڪيئن پيو سونھين. گانڌي جي هڪ ڪٽر هندو ۽ غفار خان ڪٽر مسلمان هئا تہ پوءِ آخر هندوستان ۾ هندو مسلم اتحاد ڪيئن وجود ۾ اچي ها. هر ڪو پنھنجو پنھنجو نقطءِ نظر مڙھڻ لاءِ آتو هو سو اُهي ماڻھو جيڪي هندو مسلم اتحاد جا خواهش مند آهن، اُهي سوچين تہ ٻنھي ڌرين طرفان پنھنجي عقيدن تان هٽ ڪٽڻ کانسواءِ اُهو اتحاد ڪيئن ممڪن آهي، اهڙي طرح جڏھن مختلف ماڻھن جا خدا مختلف هجن، عبادت گاهون ڌار ڌار هجن، جڏھن هڪڙن لاءِ گيتا پويتر هجي ۽ هڪڙن لاءِ قرآن

مقدس هجي ته پوءِ اهڙن مذهبن وچ ۾ ٽڪراءُ ۽ دشمني ته هميشه موجود هوندي.

هڪڙا چون ٿا ته سڀ گيتا پڙهو فساد ڇڏيو ۽ سمورا انسان هڪ ٿي ويو ٻيا چون ٿا، قرآن پڙهو فساد ڇڏيو ۽ سمورا انسان هڪ ٿي ويو. اسان اهو ته ٿا سمجهون ته قرآن ۽ گيتا ۾ ڳالهه ساڳي آهي پر هڪ ڪتاب پڙهڻ ۽ ٻئي کي ڇڏڻ جي ڳالهه ڪرڻ ئي فساد جي جڙ آهي.

جيڪڏهن هتي رڳو ڳئون جو کير پُڄ وڏي ته هندو مسلم فساد شروع ٿي وڃن ٿا ۽ اسان ڪجهه شرپسندن کي ان جو ذميوار قرار ڏيون ٿا اُهي چند شر پسند اسان کي ان ڪري ويڙهائن ٿا جو اسان جا مُلا، پنڊت ان فساد کي هوا ڏين ٿا، حقيقت ۾ اسان جا مذهبي پيشوا هڪ ٿي وڃن ته فسادي ڪجهه ٻه نه ڪري سگهندا. پر مذهبي اڳواڻن کي ته پنهنجي دڪانداري ٻه چمڪائڻي آهي.

ڏسجي ته سموري فساد جي جڙ ڪٿي آهي؟ سماج ۾ سمورين خرابين جو ذميوار بس توهان جو ڳهڙيل خدا آهي، اُهو خدا جيڪو توهان جي گهر ۾ تخليق ڪيو ويو آهي، پنهنجي گهر ۾ تيار ڪيل خدائن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪريو توهان پنهنجي گهر ۾ ڪنهن ٻه خدا کي تخليق نه ٿا ڪري سگهو هٿ جي ناهيل خدا جو نقشو ته خود فريبيءَ تي ٻڌل هوندو. مان توهان کي ڪنهن ٻه خدا جو تصور يا نقشو ناهڻ نه ٿو سيکاريان، نيٺ خدا جي نالي تي توهان تصور ۾ ڪهڙو خدا ناهيندا، ڪرشن جو پوڄاري چوندو ته مان خدا کي هڪ ٽنگ تي بيهي جهنگ ۾ پُرسڪون انداز ۾ بانسري وڄائيندي ڏسان ٻيو رام جو پوڄاري چوندو ته نه ڪرشن جي هٿ ۾ تير ڪمان آهي ۽ مان خدا کي ان روپ ۾ ڏسان ٻيو اهڙيءَ طرح هر انسان پنهنجي تصور موجب خدا جو ڌار ڌار روپ ڏسيندو. سو اسان جي خواهشن ۽ خاڪي ڪانسواءِ

خدا کجھ بہ ناهي ۽ اُهو خدا کنهن کي جو ناهي، سچي ۽ حقيقي خدا تائين پهچڻو آهي تہ پوءِ اسان کي پنهنجي تصورن کي، خيالن کي ۽ سوچن کي گم کرڻو پوندو. پنهنجي انا زنده هجي، خودي هجي ۽ خدا ملي اهو ناممڪن آهي، توهان جي سوچ موجب سچو خدا ڪڏهن بہ ملي نہ سگهندو. ياد رکو! مان آفاقيت جي دائري ۾ اوستائين داخل نہ ٿو ٿي سگهان، جيستائين منهنجي اندر ۾ منهنجي "مان" ۽ "انا" موجود آهي.

مون هڪ ڪهاڻي پڌي آهي، هڪ همراهہ سڀ کجھ ڇڏي ڏنو ۽ خدا جي راهہ ۾ نڪري پيو ان همراهہ عزت، شهرت، دولت، زال، اولاد، سماج، سڀ کجھ ڇڏي خدا جي راهہ ورتي هئي پر رستي ۾ ڪنهن هن کي روڪي ورتو ۽ چيائين واپس وڃ ۽ سڀ کجھ ترڪ ڪري اچ.

ان همراهہ چيو تہ هو سڀ کجھ پنڌتي ڇڏي آيو آهي، پر ڪيس جواب مليو تہ، تون پنهنجي "مان" انا کي گڏ ڪٹي آيو آهين، خدا جي راهہ ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي ڪا اهميت ڪانهي، بي شڪ تون پيو تہ سڀ کجھ پنڌتي ڇڏي آيو آهين، پر انا ۽ "مان" تنهنجي وجود ۾ ايڏا بہ موجود آهي، وڃ انهن کي بہ ڪٹي گم ڪري آ ۽ پوءِ هن راهہ تي اچ.

همراهہ گهٹو ئي زور پريو تہ هن وٽ کجھ بہ ناهي پر ڪيس اهوئي چيو ويو تہ، وڃ انا کي گم ڪري اچ.

سوال هيءُ آهي تہ اسان پنهنجي "مان" مان ڪيئن جان ڇڏايون، پنهنجي ذاتي ڪوششن سان "مان" مان نجات حاصل ڪرڻ ممڪن ڪونهي. مان پنهنجي اصل "مان" مان ڪيئن نجات حاصل ڪيان، اهو ناممڪن آهي. اها شايد اهڙي ڪوشش هوندي، جيئن ڪو ماڻهو بوٽ جي ڪهين جي مدد سان پنهنجو پاڻ کي متي کٹي، نيٺ ڪيئن آئون پنهنجي "مان" کي

ڏٺو ڪريان؟ ايستائين جو پنهنجي هر شيءِ کي چڏي ڏيڻ باوجود منهنجي "مان" مون ۾ موجود رهي ٿي. ايستائين جو جڏهن ڪو ماڻهو اهو چوي ته هن پنهنجي "انا" کي ختم ڪري چڏيو آهي، ان باوجود به سندس "مان" ان سان گڏ هوندي آهي. پنهنجي انا مان جند چڏائڻ ڪانپوءِ وري هڪ ماڻهو خود غرض ٿي ويندو آهي، ته نيٺ هڪ انسان کي چا ڪرڻ گهرجي، اهو انتهائي ڏکيو سوال آهي.

پر مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته اها ڪا گهٽي ڏکي ڳالهه به ناهي. مان توهان کي ڪا به شيءِ چڏڻ لاءِ نه ٿو چوان. بلڪ مان ته توهان کي ڪجهه به ڪرڻ لاءِ نه ٿو چوان. ڪوبه عمل ڪرڻ سان ته ماڻهوءَ ۾ "مان" انا جاڳندي آهي. مان ته بس توهان کي ايترو چوان ٿو پنهنجي اندر ۾ جهاتي ٻائيو. پنهنجي اندر ۾ "انا" کي ڳوليو. جيڪڏهن اندر ۾ توهان کي انا لڀي پوي ته ان مان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ناهي هوندي. جيڪڏهن اُها هميشه کان اندر ۾ موجود آهي، ته پوءِ ان کان ٻلا چوٽڪارو ڪيئن ممڪن آهي ۽ جيڪڏهن توهان کي اندر ۾ انا نه ٿي لڀي ته پوءِ به ان مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي. توهان ٻلا ان شيءِ کان ڪيئن جان چڏائيندؤ جيڪا توهان ۾ موجود ئي ڪانهي.

ان ڪري توهان اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو ته اُتي "مان" موجود آهي يا نه؟ مان چاڻان ٿو ته جيڪو شخص به پنهنجي اندر ۾ لهي وڃي پنهنجي "مان" کي ڳوليندو. اُهو يقيني طور تي هڪ ڏينهن ٿڪ ڏيندو. اندر ۾ اهڙي ڪابه شيءِ موجود ڪانه هوندي ته پوءِ اندر ۾ ڪيس چا ملندو؟ اندر ۾ جيڪو ڪجهه به ملندو اُهو ئي ته "خدا" هوندو. خدا جنهن جي موجودگي آڻا جي گم ٿيڻ سان مشروط آهي، چا خدا توهان کان ڪڏهن به جدا ٿي سگهي ٿو جيڪو جتي، ڪٿي هر وقت موجود آهي. جڏهن توهان مان انا گم

ٿي ويندي ته خدا ظاهر ٿي پوندو. بس اها ته اسان جي انا آهي، جيڪا اسان ۾ خدا جي وچ ۾ رڪاوٽ ۽ پردو بڻيل آهي. جيڪا اسان کي ۽ توهان کي خدا کان جدا رکيو ويٺي آهي.

گهرجي پٽ کي ڏسو ان بابت اهو تصور آهي ته اُها گهر جي خلا کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويٺي آهي. جڏهن ته خلا ڪڏهن به ٻن حصن ۾ ناهي ورهائيبي، خلا ته اڻ ورهائجندڙ آهي. توهان ڪيتري به ٽُلهي ديوار بنايو گهر جي اندر جي خلا ۽ گهر جي ٻاهر جي خلا هڪ ئي آهي. توهان پٽ کي ڪٽي ڪيترو به اوچو بنايو پر گهر جي اندر توڙي ٻاهر ساڳي خلا موجود هوندي. گهر جي اندر رهڻ وارو همراهه پلي اهو سمجهندو رهي ته هن خلا کي ورهائي ڇڏيو آهي، پر جيڪڏهن اُها پٽ ڊهي پوي ته گهر جي اندر ۽ ٻاهر واري خلا ۾ ڪهڙو فرق هوندو؟ توهان ڪيئن اندازو لڳائيندؤ ته هيءَ خلا گهر ۾ اندر هئي ۽ هيءَ ٻاهر هئي، خلا ته بس خلا آهي ۽ هڪٻئي ۾ ملي هڪ ٿي ويندي.

بلڪل اهڙي طرح اسان شعور کي پنهنجي "مان" جي ذريعي ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جڏهن انا جي پٽ کي ڌاڻو ويندو ته ائين ڪونهي ته توهان خدا کي ڏسندؤ پر ٿيندو ايئن ته اها توهان جي "مان" خدا کي ڏسڻ شروع ڪندي. هن پيچيده فرق کي سمجهي ونو اهو چوڻ غلط هوندو ته مان توهان جي اندر ۾ خدا کي ڏسڻ شروع ڪندس، جڏهن ته ان کانپوءِ مان توهان کي ته ڏسي ئي نه سگهندس مان ته بس رڳو خدا کي ڏسي رهيو هوندس، ائين ڪونهي ته مان وڻ ۾ خدا کي ڏسي رهيو هوندس، وڻ ته منهنجي نظرن اڳيان گم ٿي چڪو هوندو مان ته بس رڳو خدا ئي ڏسي رهيو هوندس. جڏهن ڪو چوي ٿو ته خدا ڪائنات جي هر ذري ۾ موجود آهي. اهو سراسر غلطيءَ ۾ مبتلا آهي. چو؟ ان ڪري جو هو ذري ۾ خدا ٻنهي کي ڏسي رهيو آهي، ٻنهي کي گڏ ته ڏسي ئي نه ٿو

سگھجي. مادي جي حقيقت هيءَ آهي تہ هر ذرڙو خدا آهي. اهو ناهي تہ ذري ۾ خدا موجود آهي. ائين ڪونهي تہ هر ذري ۾ الڳ خدا موجود آهي. ڪائنات ۾ جيڪو بہ آهي، بس اهو ئي خدا آهي.

خدا تہ هڪ پيار جو نالو آهي. جيڪو اسان ان کي ڏنو آهي. باقي جيڪو ڪجھ بہ "هو" آهي سو سچ آهي. ۽ ان کي اسان پيار مان خدا سڏيون ٿا. ان ڳالھ سان بہ ڪو فرق نہ ٿو پوي تہ اسان هن کي ڪھڙي نالي سان سڏيون ٿا. ان لاءِ مان توهان وٽان اهو نہ ٿو چاهيان تہ توهان هر هڪ ۾ خدا ڏسڻ شروع ڪيو.

مان چوان پيو تہ "پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ شروع ڪيو توهان جيئن ئي اندر ۾ جهاتي پائڻ شروع ڪندؤ توهان پاڻ ۾ گم ٿي ويندؤ ۽ پوءِ اندر ۾ توهان جيڪو ڪجھ بہ ڏسندؤ اهو خدا هوندو."

هڪ دوست سوال ڪيو آهي تہ:

"جيڪڏهن مراقبي ذريعي خيال جي يڪسوئي ۽ خيال جي يڪسوئي جي ڪري خدا تائين پهچي سگھجي ٿو تہ پوءِ آخر عبادتگاهن جي ڪھڙي ضرورت آهي، ڇا اسان عبادتگاهن کي بہ ڇڏي ڏيون؟"

عبادتگاهن ۾ وڃڻ بي مقصد ضرور آهي پر انهن کي ڇڏڻ بہ ڳچي ڳالھ ناهي. جنهن جاءِ تي خدا موجود ئي ناهي ان کي ڇڏڻ جي تڪليف بہ ڇو ڪجي؟ عبادتگاهن کي ا نهن جي حال تي ڇڏي ڏيو. انهن مان نجات حاصل ڪرڻ جو پلا ڪھڙو جواز آهي، پر اهو سوال وري وري سامهون ايندو رهندو.

مثال طور حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو تہ خدا بتن وٽان نہ ملندو ان کري مسلمانن سوچيو تہ بتن کي ڇاهي ڇڏڻ گھرجي. ان کان پوءِ وري دنيا ۾ انوکي واقعن جنم وٺڻ شروع ڪيو. بت ناهيندڙن جوهڪ طبقو تہ اڳ ۾ موجود هو پوءِ وري بت توڙيندڙ جو هڪ طبقو وجود ۾ آيو هاڻ بت ناهڻ وارا پنهنجي

پوري مهارت سان بت ٺاهڻ ۾ مصروف آهن ۽ بت ڌاهڻ وارا ڏينهن رات انهن بتن کي ٽوڙڻ جا منصوبا ٺاهڻ ۾ مصروف آهن. کو مون کي اهو ٻڌائي ته حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ڪٿي اهو چيو ته پٿر جا بت ڌاهڻ سان توهان کي خدا ملي ويندو. چاڪاڻ ته خدا بتن ۾ ته موجود ئي ڪونهي ۽ ڀلا اهو ڪيئن ممڪن آهي ته جيڪو خدا بتن ۾ موجود ڪونهي سو توهان کي بت ٻيڻ سان ملي پوندو. جيڪڏهن بتن کي ٽوڙڻ سان خدا ملي ها ته پوءِ اهو به ڇئي سگهجي ٻيو ته بتن ۾ خدا موجود آهي. پر جيڪڏهن بتن ۾ خدا موجود ئي ڪونهي ته پوءِ انهن کي تباهه ڪرڻ مان ڀلا فائدو ڪهڙو؟

منهنجو مقصد اهو ناهي ته عباتگاهن کي ختم ڪري ڇڏجي. مان جيڪو ڪجهه به چوان ٻيو ان جو مقصد هيءُ آهي ته خدا جي موجودگيءَ کي هر جاءِ اُتي قبول ڪيو وڃي. جيڪڏهن هڪ پيرو انهيءَ سچ کي مڃي ڇڏجي ته پوءِ زمين تي موجود هر جاءِ عبادتگاهه بنجي پوندي. پوءِ جتي به انسان هوندو اُتي عبادتگاهه به هوندي. باقي هڪڙو نالو ۽ هڪ جاءِ عبادتگاهه آهي ئي ناهي. ان سان فساد برپا آهي. عبادتگاهن جي ورهاست انسانن جي ورهاست آهي سو هڪ خدا کي هر جاءِ تي مڃڻ سان هر ڪنهن جا ڏار ڏار جوڙيل خدا ئي بت ڏهي پوندا ۽ ان کانپوءِ جيڪو به هوندو سو ئي خدا جو سچو عڪس هوندو.

مان هرگز به اهو نه ٿو چوان ته عبادتگاهون ڌاهي ڇڏيو ۽ مان اهو به نه ٿو چوان ته عبادتگاهن ۾ خدا موجود نه هوندو آهي. مان ته بس اهو ٿو چوان ته جن ماڻهن کي مخصوص عبادتگاهن کانسواءِ خدا نظر نه ٿو اچي انهن کي خدا بابت ڪا ڄاڻ ئي ناهي.

جنهن به خدا جي وجود جو اقرار ڪيو آهي، ان کي خدا هر جاءِ تي ملندو. عبادتگاهه ۾ به ته عبادتگاهه کان ٻاهربه. پوءِ اها

ورهاست ڪرڻ ممڪن ناهي تہ ڪهڙي عبادتگاهہ خدا جي آهي ۽ ڪهڙي ناهي. خُدا تہ هر جاءِ تي موجود آهي. پوءِ عبادتگاهون جوڙڻ يا ٽوڙڻ جو سوال ئي ختم ٿي وڃي ٿو.

مون ڏٺو آهي تہ اڪثر ماڻهو منهنجي ڀَالهين کي چگّيءَ طرح سمجهڻ جي بجاءِ منهنجي چيل ڀَالهہ جو ابتڙ نتيجو ڪيندا آهن. ماڻهو اڪثر ان ڀَالهہ جي تاڙ ۾ هوندا آهن تہ انهن کي ڪهڙي شيءِ ٽوڙڻي ۽ ڦوڙڻي آهي. ڪنهن کي تباهہ ڪرڻو آهي. ڪنهن کي ختم ڪرڻو آهي. ماڻهو صحيح صورتحال کي ڇاڻڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن بس ا: 'زا ئي هڻن ٿا.

انسان هميشہ هڪ وڏي غلطي ڪندو آيو آهي. ان کي جيڪو ڪجهہ بہ چيو ويندو آهي. هو ان جو ابتڙ مطلب ڪيندو آهي. هن وقت توهان مان ڪجهہ ماڻهو مون کي عبادتگاهن جو دشمن سمجهڻ لڳا هوندا. پر عبادتگاهن سان محبت ڪندڙ مون کان وڌيڪ شايد ئي ڪو ٻيو ماڻهو توهان کي ملي. مان تہ چاهيان ٿو هيءُ سموري ڌرتي عبادت گاهہ ۾ تبديل ٿي وڃي. منهنجو تہ ان ڀَالهہ تي زور آهي تہ هيءَ سموري دنيا هڪ عبادتگاهہ جيان ڏسڻ ۾ اچي. پر منهنجي ڀَالهہ ڀڏڻ کان پوءِ نتيجو اهو ٿو ڪيو وڃي تہ عبادتگاهن جو وجود ختم ٿيڻ سان سماج جون حالتون بهتر ٿي ويندیون. عبادتگاهن کي ڍاهڻ مان ڪوبہ نتيجو نہ نڪرندو. معاملا تڏهن ئي درست ٿيندا جڏهن سموري دنيا هڪ خدا جي هڪ ئي عبادتگاهہ ۾ تبديل ٿي وڃي.

اُهي ماڻهو جيڪي خدا کي ڪنهن خاص عبادتگاهہ ۾ ڏسن ٿا ۽ اُهي ماڻهو جيڪي عبادتگاهن کي ٽوڙڻ جي ڀَالهہ ڪن ٿا اُهي پڻ غلطيءَ تي آهن. اهو جيڪو رڳو خدا کي عبادتگاهہ ۾ ڏسي ٿو سو بہ غلط آهي. ان جي غلطي اها آهي تہ اگر خدا رڳو عبادتگاهہ ۾ آهي تہ پوءِ ٻاهر ڪنهن جي حڪمراني آهي. ان مان تہ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ عبادتگاهہ کان ٻاهر خدا جو ڪو وجود ڪونهي.

عبادتگاھ تہ محدود آھي، خدا جو وجود تہ لامحدود آھي، پلا لامحدود خدا ھڪ خاص عمارت واري عبادتگاھ ۾ ڪيئن ٿو سمائجي سگھي. وري ٻي غلطي اھا ٻہ آھي تہ ڪو ماڻھو وري عبادتگاھن جو خاتمو ٿو چاھي، اُھو ھيءُ ٿو سمجھي تہ عبادتگاھن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ئي ھو خدا جو درشن ڪري سگھندو، پر ڇاو اقعي خدا ايترو ننڍڙو آھي جو ھڪ عبادتگاھ جي پٽين ۾ چٽين اندر قيد آھي ۽ عبادتگاھن کي ڊاھڻ کانپوءِ اُھو آزاد ٿي ويندو. حقيقت ۾ ٻئي خيال غلط آھن.

توھان منھنجي گفتگوءَ جي نتيجي کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪريو. مان توھان کي چوان ٿو اندر ۾ جھاتي پايو. ڏيان لڳائي مراقبو ڪيو. توھان جو بدن اُھا عبادتگاھ آھي جنھن ۾ خدا موجود آھي، خدا تہ چوويھ ئي ڪلاڪ توھان جي بدن جي عبادتگاھ ۾ موجود آھي، پوءِ ان کي ٻاھر عبادتگاھن ۾ ڳولڻ ڇوٿا وڃو!

ھڪ ماڻھو ڪنھن عبادتگاھ ۾ وڃي عبادت ڪري ٿو پر ان جو خيال، ان جو ڏيان ورھايل آھي تہ ڇا ورھايل ذھن کي خدا ملندو ھرگز نہ.

ھڪ ماڻھو ڪنھن بہ عبادتگاھ ۾ موجود ناھي، ڪليل ميدان يا پنھنجي گھر ۾ آھي پر ھُو اندر جي عبادتگاھ ۾ داخل ٿي ڏيان، مراقبي ۽ خيال جي يڪسوئي سان خدا بابت سوچي ٿو تہ سمورا حجابي پردا ختم ٿي وڃن ٿا ۽ ھن کي اندر ۾ ئي خدا نظر اچي ٿو جيڪو اڳ ئي اتي موجود آھي.

مون ٻڌو آھي تہ ھڪ ھمراھ پنھنجي زال جي ڪري تمام گھٽو پريشان ھو اڪثر ماڻھو زالن کان پريشان ھوندا آھن، جيئن تہ اُھو ھمراھ مذھبي ماڻھو ھو جڏھن تہ سندس زال وري ان جي خيالن جي اُبتڙ ھئي. اُھو مذھبي ھمراھ پنھنجي آزاد خيال زال کي مذھب ڏانھن آڻڻ لاءِ روزانو ڪيس تبليغ ۽ نصيحت ڪندو ھو اُھو ھمراھ

پنهنجي زال کي پنهنجي دين تي آڻڻ لاءِ هميشہ پريشان رهندو هو. ياد رکو مذهبي ماڻهو پين کي پنهنجي مذهب ۾ آڻي خوشي محسوس ڪندا آهن. سو اهو همراهہ بہ سدلن جا سال زال تي تبليغ ڪندو رهيو پر سندس سال مذهب ۾ اچڻ لاءِ تيار نہ هئي. نيٺ هڪ ڏينهن مايوس ٿي اهو همراهہ پنهنجي گرو (مرشد) وٽ آيو ۽ ڪيس سندس گهر اچي جوٽس کي سمجهائڻ جي درخواست ڪيائين.

نيٺ هڪ ڏينهن صبح جو سوير پنجين وڳي ان همراهہ جو گرو سندس گهر آيو همراهہ اڳ ۾ ئي پوڄا واري ڪمري ۾ موجود هو. ان جي زال گهر جي آڳر تي ٻوهاري ڏئي رهي هئي. گروءَ ان مائيءَ کي ٻوهاري ڏيڻ کان روڪي چيو: مون تنهنجي مڙس جي واتان ٻڌو آهي تہ توکي مذهب سان ڪابہ دلچسپي ڪانهي، نہ تہ تون پوڄا ڪندي آهين، نہ پگهوان کان دعا گهرندي آهين. تون گهر ۾ پنهنجي مڙس جي جوڙيل عبادتگاهہ ۾ جهاتي بہ ناهي پائيندين. پنهنجي مڙس کي تہ ڏس صبح جا پنج مس ٿيا آهن جو هو پوڄا ۾ مصروف آهي.

زال، گروءَ کي جواب ڏنو تہ مون کي تہ ياد بہ ناهي تہ هو ڪڏهن پوڄا گهر ۾ ويو هجي.

پوڄا گهر ۾ ويندل مڙس اهو جواب ٻڌي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هڪ مذهبي ماڻهوءَ کي ڪاوڙ بہ تمام تکڙي ايندي آهي سو همراهہ بہ زال جي جواب ۾ سخت ڪاوڙ ۾ اچي ويوهن جي ڪنن تي جڏهن زال جا لفظ پيا تہ ڪيس پنهنجي ڪنن تي يقين نہ پي آيو. هوءَ جيڪو ڪجهہ بہ چوي پئي سو نسورو بڪواس هو. هو اڄ بہ عبادتگاهہ ۾ وينو هو ۽ سندس زال گروءَ کي چوي پئي تہ هن مڙس کي ڪڏهن بہ عبادتگاهہ ۾ اندر ويندي ناهي ڏنو. هن تکڙ ۾ پنهنجي پوڄا ختم ڪئي ۽ ٻاهر نڪتو تہ جيئن زال جي ڪوڙ کي پڌرو ڪري سگهي.

گرو هن جي زال کي تبليغ ڪندي چيو تہ: تون اهو چا پئي چوين، مون کي جيتري خبر آهي تہ تنهنجو مڙس سواءِ ڪنهن وقفي جي عبادتگاهہ روزانو ويندو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي هن جي مڙس ايجان بہ تيز آواز ۾ گيتا جا اشلوڪ پڙهڻ شروع ڪيا. گرو چيو. "ڏس هو عبادت بہ ڪيتري نہ محنت سان پيو ڪري."

زال ٺهڪ ڏيندي چيو "مون کي يقين نہ ٿو اچي تہ توهان هن جي دعائن جي دوکي ۾ بہ اچي سگهو ٿا. مون کي اها ڄاڻ آهي تہ وڏي آواز ۾ هو خدا جو نالو وٺي توهان کي دوکو ڏئي رهيو آهي. جيستائين مون کي ڄاڻ آهي تہ هو عبادت نہ پر ڇڻ تہ ڪنهن بوٽن جي دڪان تي چڙهي، بوٽن واري سان قيمت تي وڙهي رهيو آهي."

هاڻ تہ حد ٿي چڪي هئي. همراهہ کان گهڻو برداشت نہ ٿيو. هن پوڄا کي اڌ ۾ ڇڏيو ۽ پوڄا گهر کان ٻاهر نڪري آيو. هن رڙ ڪري زال کي چيو تہ. "تون اها ڪهڙي بڪواس پئي ڪرين. تون روزانو ڏسندي ناهين تہ مان پوڄا گهر ۾ ويهي خدا جي عبادت ڪندو آهيان."

زال چيو: "ٿورو پنهنجي اندر ۾ ڏيان سان جهاتي پائي ڏس. چا تون سچ پچ پوڄا ۾ مصروف هئين ۽ چا تون بوٽن وٺڻ جي مامري تي دڪاندار سان قيمت بابت تڪرار نہ ڪري رهيو هئين. چا تنهنجو دوڪاندار سان جهيڙو نہ ٿي رهيو هو اها ڳالهہ ٻڌي همراهہ ڪجهہ ڀرو ٿيو سندس زال سچ چئي رهي هئي.

پر توکي اها خبر ڪيئن پئي؟" همراهہ سوال ڪيو.

گذريل رات تو سمهڻ کان اڳ ۾ مون کي چيو هو تہ اڄ ڏينهن جو تون جيڪو پهريون ڪم ڪندين سو اهو هوندو تہ هڪ سئو بوٽ خريد ڪندين. تو اهو بہ چيو تہ دوڪاندار کان سستي اگهہ تي هڪ سئو بوٽ خريد ڪندين. منهنجو تجربو اهو آهي تہ سمهڻ وقت ماڻهو جيڪو ارادو ڪري سمهندو آهي سو اُٺڻ وقت

سندس نيت ۾ خيال انهيءَ ۾ اٽڪيل هوندا آهن ۽ منهنجي دل چوي ٿي ته عبادت وقت بہ تنهنجي ذهن ۾ بوٽ خريد ڪرڻ واري ڳالهہ هلي رهي هئي. هن جي زال تفصيل سان جواب ڏنو.

همراهہ چيو ته هاڻ مون وٽ چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي بچيو چو ته جيڪا ڳالهہ تو ڪئي آهي اها بلڪل صحيح آهي مان يقينن زبان سان ته دعا گهري رهيو هئس، پر دل ۾ بوٽن جي خريداري جا خيال هلي رهيا هئا. تون شايد سچ پئي چوين ته مان بظاهر ته عبادتگاهہ ۾ هوندو آهيان پر جڏ ته عبادت ۾ ناهيان هوندو.

اهڙيءَ طرح ياد رکو:

عبادت گاهہ ۾ وڃڻ سؤلو آهي، پر عبادت ڪرڻ سؤلو ناهي. توهان جو جسم ته ضرور اُتي عبادت ڪندو هوندو پر توهان جو ذهن ۽ خيال ڪٿي هوندو؟ سو جسم نہ پر خيال ۽ ذهن کي عبادت ۾ شامل ڪرڻ ئي اصل عبادت آهي.

ياد رکو توهان جو جسم بہ هڪ مقدس عبادتگاهہ آهي، اندر ۾ جهاتي پائڻ کان وڌي پي ڪابہ عبادت ناهي.

اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو پنهنجي جوڙيل عبادتگاهہ کي ئي خدا جو گهر سمجهندا آهن اُهي غلط آهن،اُهي ڪليل گمراهيءَ ۾ مبتلا آهن ۽ جيڪي ماڻهو اهو سوچيندا آهن ته انسانن جي جوڙيل عبادتگاهن ۾ جيئن ته خدا موجود ناهي، ان لاءِ انهن کي ڏاهي ڇڏڻ گهرجي، اُهي بہ وڏي گمراهيءَ ۾ مبتلا آهن.

پلا ان ۾ ڪنهن عبادتگاهہ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ اسان جيڪڏهن ان وهم مان ٻاهر نڪري اچون ته خدا رڳو عبادتگاهہ ۾ موجود آهي ته اسان جا عبادت گهر هڪ خوبصورت ۽ خوشي ڏيندڙ جڳهہ ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪوبہ ڳوٺ يا شهر ڪنهن عبادتگاهہ جي وجود کانسواءِ ويران لڳندو آهي. پر ڪوبہ مندر، مسجد يا چرچ خدا جي وجود جي ڪمي پوري نہ ٿا ڪري سگهن.

اسان جي سماج ۾ هندو مسلم، عيسائي، سياست ايتري گهري آهي جو انهن مان ڪوبه ڪنهن ٻئي جي عبادت گهر کي خدا جو گهر سمجهڻ لاءِ تيار ئي ناهي، سو ڪوبه سچو ماڻهو مسجد يا مندر وڃڻ لاءِ تيار ناهي. مندر ۽ مسجدون ته هاڻ شرپسند عناصرن جي ور چڙهيل آهن. هر قسم جي تباهڪاريءَ جا منصوبا انهن عبادت گهرن ۾ جڙن ٿا، مان سمجهان ٿو هاڻ اڪثر عبادت گهر خدا جي خوشنوديءَ لاءِ نه پر شرارتي منصوبا جوڙڻ لاءِ ناهيا وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سموري دنيا ۾ انتشار ڦهليل آهي.

ڏٺو وڃي ته جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تان عبادتگاهن جو خاتمو آيو ته ان جو سبب لامذهب ماڻهو نه پر مذهب پرست ماڻهو هوندا. دنيا ۾ اڳ ۾ ئي ڪوڙ سارا ماڻهو لامذهب ٿي رهيا آهن ته ڪوڙ سارا مذهبي ماڻهو عبادت گهرن کان پري ٿي رهيا آهن. سو جيڪي ماڻهو عبادت گهرن جو وجود برقرار رکڻ چاهين ٿا، انهن کي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻا پوندا.

هڪ پيري آئون هڪ ڳوٺ ۾ ويس موڪلائڻ وقت ماڻهو ريلوي اسٽيشن تائين مون سان گڏ آيا ۽ انهن مان ڪجهه ماڻهن مون کي گلن جا هار پارايا، مون اُهي هار لاهي، پرسان بينل هڪ چوڪريءَ کي ڏنا، ڪجهه سالن کانپوءِ وري منهنجو انهيءَ ڳوٺ ۾ وڃڻ ٿيو ته اُها چوڪري مون وٽ آئي ۽ مون کي اچي چيائين ته ڇهه سال اڳ ۾ توهان جو ڏنل گلن جو هار مون وٽ محفوظ پيو آهي. چوڪريءَ چيو ماڻهو چون ٿا ته اُهي گل سڪي ويا آهن، انهن جو رنگ اڏامي ويو آهي، خوشبو ختم ٿي وئي آهي، پر منهنجي لاءِ اڄ به اهي تازا، خوبصورت آهن. منهنجي دل ۾ اُهي ساوا ۽ خوشبودار آهن. چو ته توهان مون کي اُهي ڏنا هئا، مان انهيءَ چوڪريءَ جي گهر ويس، هوءَ هڪ ڪاٺ جي خوبصورت

صندوق کٽي آئي جنهن ۾ منهنجو ڏنل گلن جو هار محفوظ پيو هو. گل مرجهايل هئا. خشڪ ٿيڻ سبب پنهنجي خوشبو گم ڪري چڪا هئا. مون هن کي چيو ته تو ايتري خوبصورت صندوق ۾ آخر ڇو هيءُ سڪل گل محفوظ ڪري رکيا آهن. آخر انهن گلن کي سانڍي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. صندوق تمام گهٽي قيمتي آهي. جڏهن ته انهن سڪل گلن جي هن وقت کابه اهميت ڪانهي. ڇوڪريءَ چيو مان گلن کي نه ٿي ڏسان پر مان ته انهيءَ گند ڪچري ۾ به توهان جو چهرو ڏسان ٿي توهان جي محبت ڏسان ٿي. هيءُ دنيا لاءِ بيڪار شيءِ آهي، پر مون لاءِ انهن جي هڪ اهميت آهي.

سو جيڪڏهن دنيا ۾ نهيل عبادت گهر، مندر، مسجدون، گرجا گهر انسان کي اهو ياد ڏيارين ٿا ته انهن کي هڪ خدا ڏانهن واپس موٽي ويڙهو آهي ته اهو بلڪل سچ آهي... گرجا جي اوچن منارن تي نظر وجهو مسجد ۾ مندر جا آسمان کي ڇهندڙ گنبذ ڏسو. يقيني طور تي اُهي خدا جي اعليٰ شان جا شاهد آهن پر انهن پٿريلين عمارتن جي ڪا خاص اهميت ڪانهي. بس اُهي ته عام گهر آهن، خدا ته لامحدود آهي، بي مثل آهي، هن کي پلا رهڻ لاءِ پٿين ۾ ڇت جي ڪهڙي ضرورت آهي. خدا ته آسمان جي بلندين کي ڇهندڙ آهي. ڇا توهان ڪڏهن نڪر جي انهن ڏيئن تي ڏيان ڏنو آهي جيڪي عبادت گاهن ۾ ٻرندا رهندا آهن ۽ توهان کي حيرت ناهي ٿيندي ته انهن ڏيئن کي ٻارڻ لاءِ خاص تيل، گيهه، يا مکڻ استعمال ٿيندو آهي. توهان کي اها ڄاڻ آهي ته دنيا ۾ ڏيئو اُها شيءِ آهي جنهن جي ٻرندڙ لاٽ ڪنهن به ريت زمين ڏانهن ناهي جهڪندي، ان جي ٻرندڙ لاٽ جو رخ هميشه مٿي هوندو آهي. توهان ڏيئي کي اونڌو ڪري ٻاريو تڏهن به ان جو شعلو آسمان ڏانهن ئي رخ ڪندو. اهو ٻاهه جو شعلو جنهن جو رخ هميشه

آسمان طرف هوندو آهي، اُهو انسان جي خواهش جي علامت آهي. اسان هن ڌرتيءَ تي رهندي بہ آسمان ۾ پنهنجو هڪ گهر جوڙڻ جا خواهشمند هوندا آهيون. پلي اسان زمين تي زنجيرن ۾ وکوڙيل هجون پر چاهيندا آهيون، تہ اسان آزاديءَ سان آسمان جي بلندين کي بہ ڇُهي سگهون.

توهان ڏٺو هوندو تہ ڏيئي ۾ ٻرندڙ شعلو هوا ۾ جيئن، جيئن بلند ٿيندو آهي تيئن پنهنجو وجود وڃائي ويهندو آهي. اها ڳالهہ ان جو ثبوت آهي تہ جيڪا بہ شيءِ پنهنجي اصل جاءِ کان متي ۽ بلند ٿيندي تہ ان جو وجود ميٽجي ويندو، اُها فضا ۾ گم ٿي ويندي. انهيءَ کري ڏيئي جو ٻرندڙ شعلو اسان کي اهو ئي پيغام ڏئي ٿو تہ پنهنجي جاءِ نہ ڇڏيو. هيءُ عمل ان حقيقت جو اعلان آهي تہ جيڪو بہ پنهنجي حد کان اڳتي وڌندو اُهو تباهہ ٿي ويندو.

ڏيئن ۾ پيل ٻارڻ پيار جو اظهار آهي، ڏيئي ۾ گاسليٽ بہ ٻري سگهي ٿو پر گيهہ ۽ مکڻ جا ڏيئا ٻارڻ پاکيزگيءَ جي علامت آهي ۽ ياد رکو جيڪو بہ پاڪ ۽ صاف هوندو اُهو ئي اعليٰ مرتبو ماڻيندو.

افسوس تہ اسان جا اڇلهہ جا عبادت گهر انسانيت جي بلند مرتبي کي وڌائڻ بدران نسل پرستي، مذهب پرستي، فرقي پرستي ۽ جهالت جي رجحانن کي وڌائي رهيا آهن. عبادت گهرن ۾ سياست گهڙي پئي آهي، هاڻ عبادت گهر ڪجهہ مستقل مفاد ماڻهن جو آکاڙو بنجي پيا آهن ۽ غريب جو استحصال اُتان جاري آهي.

مان توهان کي عبادت گهرن جي خاتمي تي نہ پيو اُپاريان، مان تہ بس اهو ٿو چاهيان تہ انهيءَ گند مان نجات حاصل ڪئي وڃي، جيڪو اڇلهہ عبادت گهرن جو حصو بنجي رهيو آهي. عبادت گهرن کي استحصالي، فسادي ادارا بنجڻ کان بچايو وڃي، انهن کي نسل پرستيءَ فتني اندازيءَ کان روڪيو وڃي. عبادت گهر حقيقت ۾ هڪ ٻئي جو مقدس ۽ متبرڪ مقام آهن. عبادت

گهر جيڪڏهن اسان کي خدا جي اعليٰ شان ۾ خدا پرستيءَ جي جهان ڏانهن وٺي وڃن تہ ان کان وڌيڪ بي ڪابہ چڱي ڳالهہ ناهي.

مان ٿو چوان تہ اسان جا عبادت گهر جيستائين سياست جا آکاڙا بنيل رهندا، اُهي اسان جي بدقسمتيءَ جو سبب بنجندا رهندا. جڏهن هندوئن لاءِ ڪو عبادت گهر جوڙيو وڃي ٿو تہ اُهو پنهنجو پاڻ سياست جو ميدان بنجي وڃي ٿو. سياست جو بنياد ئي نسل پرستي ۽ مذهب پرستي تي پيل آهي. جڏهن تہ خدا جو ۽ ان جي حقيقي مذهب جو سياست سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. مذهب تہ انسانيت سان پيار سيکاري ٿو سياست جو وجود ئي ويڑهہ تي آهي. مذهب جو بنياد محبت آهي سو بنهي جو پاڻ ۾ ڇا وڃي.

عبادت گهرن جي خدا جي علامت هڻڻ جي تصور ۾ ملاوٽ ٿي چڪي آهي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اُها ملاوٽ ختم ڪئي وڃي. مذهب، سياست جي ملاوٽ کان پاڪ ٿي وڃي تہ اُهو خدا جي لازوال حسن جي علامت بنجي پوندو. ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ جڙيل ڪابہ عبادت گاهہ، هندو، مسلم، سک، عيسائي عبادتگاهہ سڏجڻ بدران بس جي خدا جي ذات سان وابستا هجي، سمورن ماڻهن کي اُتي وڃڻ جي اجازت هجي تہ پوءِ اُها عبادت گاهہ ڪيتري نہ خوبصورت ۽ لاڀائتي هوندي؟ اُها عبادتگاهہ ان ڳوٺ جي پيشانيءَ تي ڪنهن خوبصورت جهومر جيان چمڪندڙ هوندي. پوءِ جيڪي بہ ماڻهو ان عبادت گهر ۾ اينداسي پاڻ کي ضرور خدا جي ويجهو پائيندا. پوءِ انهن کي اها ڄاڻ پوندي تہ اها جاءِ مراقبي ۾ ويهڻ ۽ خيال جي يڪسوئي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين جاءِ آهي. ڏيان، مراقبو ئي اسان کي خدا سان وڌيڪ ويجهو ۽ وڌيڪ آشنا ڪري ٿو.

ياد رکو عبادت گهرن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت ناهي، بس اسان کي رڳو ايترو خيال رکڻو آهي تہ ڪوبہ عبادت گهر انسانيت

۾ نفرتن جو سبب نہ بنجي. اسان کي ان ڳالھ جو خيال رکڻو پوندو تہ عبادت گھر ڪنھن ھندو يا مسلم کي رنجائڻ بدران سمورن انسانن کي ھڪ ڪرڻ جي ڪم اچي.

جيڪڏھن ڪنھن ڳوٺ جا ٻارڙا آزاديءَ سان ڪنھن مسجد ۾ وڃن تہ کين اوتري ئي آزادي مندر ۾ ٻہ وڃڻ جي ھجي، انھن کي گرجا ۾ ٻہ وڃڻ کان نہ روڪيو وڃي. ٻار مستقبل جي علامت آھن. عبادت گھر محبت جي علامت ھجڻ گھرجن.

مندر ھجي يا مسجد پر اُتي امن ۽ سڪون ھجي. سموريون عمارتون، مندر، مسجد، گرجا گھر سڀ خدا جا گھر آھن، پر اُتي اسان کي محبت ۽ امن پيدا ڪرڻو پوندو. جڏھن نفرتون ختم ٿينديون، عبادت گھرن مان امن، انسانيت ۽ محبت جو پيغام عام ٿيندو تہ ھر جاءِ تي خدا نظر ايندو. بس اسان کي خدا جو اھڙو گھر ناھڻ جي ضرورت آھي جتي ھر انسان کي عزت ۽ مان ملي ۽ ھن وقت تائين اسان اھڙو خدا جو گھر ناھڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگھيا آھيون.

مان انھن ماڻھن مان ناھيان جيڪي عبادت گھرن کان نجات حاصل ڪرڻ گھرن ٿا، اُن جي اُبتڙ مان تہ اھو ٿو چوان تہ اسان جا عبادت گھر انھن ماڻھن جي ھٿان تباھ ٿي رھيا آھن، جيڪي انھن جي جوڙڻ جا دعويدار آھن. اسان جو اھو خواب آخر ڪڏھن پورو ٿيندو. مان تہ اھا ڳالھ ڪيان ٿو پر ماڻھو سمجھن ٿا مان مندرن جو مخالف آھيان، پلا ڪنھن مندر کي ڌاھڻ سان مون کي ڪھڙو فائدو ٿيندو؟ ھا جيڪي ماڻھو مندرن تي قابض آھن، جيڪي انسانيت جا ويري آھن، انھن کي مٽائڻ ڪا خراب ڳالھ ناھي.

ھاڻ ھڪ ٻيو سوال آيو آھي، ان جو جواب ڏيڻ ڪانپوءِ وري اسان مراقبي جي طرف ھلنداسين، ھڪ دوست پڇيو آھي تہ "ڇا آتما، روح، يا شعور جسم کي چڏڻ کان پوءِ خلا ۾ ٽڪندا آھن؟"

موت کان يڪدم پوءِ ڪنهن بہ روح کي نئون جسم ڳولڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي. جنهن جو هڪ سبب آهي ۽ شايد توهان کڏهن اهو سوچيو بہ نہ هجي، رڪاوٽ جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن سمورن روحن کي ورهايو وڃي تہ ان جا ٿي حصا ٿيندا، هڪ حصو سڀ کان هينئين درجي جو هوندو، اهڙن ماڻهن جو جيڪي معمولي ذهني سطح جا مالڪ هوندا. ٻيا اعليٰ درجي واري ذهانت جا مالڪ هوندا، بهترين خودشناسيءَ جا مالڪ ماڻهو هوندا. ٽيان وري اُنهن ٻنهي جي وچ تي هوندا. هر درجي جون پنهنجون خاصيتون هونديون آهن.

اسان هڪ ننڍڙي ڏُهل يعني ڏمرون کي مثال طور کڻون ٿا، اُهو ٻنهي پاسن کان ويڪرو هوندو آهي ۽ وچ تي سوڙهو هوندو آهي. جيڪڏهن ان جي اها ترتيب اُبتڙ ڪري ڇڏجي تہ اُهو وچان ويڪرو ۽ ٻنهي ڪنارن وٽان سوڙهو ٿي وڃي تہ ان ۾ بي سرائپ اچي ويندي. اهڙيءَ طرح اعليٰ درجي وارن روحن کي ٻيو جسم ڳولڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي، عام روح تہ هڪ جسم کا ٻئي جسم ۾ هليا ويندا آهن ۽ وچولي درجي وارا روح بہ ڪو نہ ڪو خالي جسم حاصل ڪري وٺندا آهن. دنيا ۾ جڏهن بہ جتي بہ ڪو روح جسم ڇڏيندو آهي. عين انهيءَ وقت دنيا ۾ لکين جوڙا جنسي ميلاپ ڪري رهيا هوندا آهن، اهڙيءَ طرح روح ميلاپ ڪندڙ جوڙن مان جنهن کي بہ پسند ڪندو آهي ان عورت جي اندر داخل ٿي ويندو آهي. ياد رکو اعليٰ ذهن رکندڙ روح معمولي ذهن وارن جي جسمن ۾ داخل ناهن ٿيندا. اعليٰ درجو رکندڙ روح دنيا ۾ ڪنهن باشعور ۽ عامل جوڙي وٽ ئي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اعليٰ ذهن رکندڙ روح کي ڪافي وقت تائين اهڙي ڪامل ۽ باشعور جوڙي جي ڳولا ڪرڻي پوندي آهي، جتي هو جنم وٺي سگهن.

اهڙيءَ طرح اعليٰ ۽ غيرمعمولي قسم جي روحن کي نئون جسم حاصل ڪرڻ ۾ وقت لڳندو آهي، انهن کي ڪجھ وقت انتظار ڪرڻو پوندو آهي، پر وچولي درجي وارن روحن کي ڪونہ ڪو خالي جسم ضرور ملي ويندو آهي. معمولي درجي وارن ۾تڪندڙ روحن کي اسان بدروح قرار ڏيندا آهيون ۽ اعليٰ روحن کي اسان ديوتا جو درجو ڏيندا آهيون. پوت ۽ خبيث روح هيٺئين درجي وارا روح هوندا آهن. پنهنجي خباثت جي ڪري اُهي ۾تڪندا رهندا آهن. اعليٰ روح ڪونہ ڪو ڪامل جسم حاصل ڪري ونڊندا آهن ۽ وچولي درجي وارن کي انتظار ناهي ڪرڻو پوندو. بس اُهي هڪ جسم ڇڏي ٻئي ۾ هليا ويندا آهن.

هڪ ٻئي دوست وري هڪ ٻيو سوال ڪيو آهي تہ:

اُهي روح جيڪي ڪنهن جسم جي ڳولا ۾ هوندا آهن، ڇا اُهي ڪنهن زنده انسان جي اندر عارضي طور داخل ٿي ان کي پريشان ڪري سگهن ٿا؟"

"ها، اهو ٻہ ممڪن آهي." ڇاڪاڻ تہ اُهو معمولي قسم وارو روح جنهن کي جلد ڪو جسم نہ ٿو ملي اُهو گهڻو پريشان ۽ بي چين هوندو آهي ۽ ان کي جسماني لذتن کانسواءِ مزو ناهي ايندو. اعليٰ ۽ پاڪ روح تہ خواهشن کان پاڪ هوندا آهن پر معمولي درجي وارا هر قسم جي لذت جا عادي هوندا آهن. گهٽ حيثيت وارن روحن کي جسم جي اندر سور ۽ سک محسوس ناهي ٿيندوانهن روحن جون خوشيون مادي جسم سان لاڳاپيل نہ هونديون آهن. ڪجھ خوشيون ۽ لذتون مادي شين جي استعمال کانسواءِ ٻہ حاصل ٿي سگهن ٿيون. جيئن هڪ مفڪر ڪنهن اعليٰ خيال، سوچ مان لذت ماڻي ٿو. ان کان جنس، کاڌ خوراڪ ٻہ وسريل هوندي آهي، پر جي ڪو ماڻهو زندگيءَ ۾ جنس ۽ لذت جا مزا ماڻيندو رهيو آهي سو جسم کان سواءِ اُها لذت ملڻ مشڪل

آهي. سو معمولي انسان جو روح انهن لذتن جي حاصلات لاءِ پريشان رهي ٿو. اهڙيءَ طرح کو پتکندڙ روح جڏهن ڪنهن جسم ۾ ڪو معمولي درجي جو روح ڏسي ٿو ۽ اهو محسوس ڪري ٿو تہ ان جسم ۾ رهندڙ روح ۾ مزاحمت جي طاقت بہ گهٽ آهي تہ اُهو ان روح کي خوفزده ڪري جسم جي اندر داخل ٿي وڃي ٿو. ياد رکو خوف جي حالت انتهائي معنيٰ خيز آهي. خوف ان ڪيفيت کي چئبو آهي. جيڪو توهان جي اندر ۾ موجود روح کي سڪڙجڻ، سوڙهو ٿيڻ تي مجبور ڪري. جڏهن توهان خوف جي حالت ۾ هوندا آهيو تہ توهان جو روح ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ ڪو هڪ تہ جا پر باهر پتکندڙ ڪيترائي روح توهان جي جسم ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. ڪنهن باهرئين روح جي جسم ۾ داخل ٿيڻ جي ڳالهہ بلڪل سچ تي ٻڌل آهي.

خبيث ۽ معمولي روح تہ جسم حاصل ڪري ونندا آهن پر اعليٰ روحن کي سوين سال بہ جسم جي حاصلات جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري دنيا ۾ ڪرشن، مهاويرا، گوتم ٻڌ جهڙا ماڻهو هزارين سالن ۾ پيدا ٿيندا آهن. جيئن هندوستان ۾ اعليٰ روح رکندڙ شخص ٻڌ ۽ مهاويرا پيدا ٿيا ساڳي وقت يونان ۾ سقراط، افلاطون، ۽ ارسطو پيدا ٿيا. ان ئي دؤر ۾ چين ۾ لاتوزو ڪنفيوشس، چوانگزو، مينيٿيس، ۽ينگ زو وغيره پيدا ٿيا. اُهي اعليٰ روح رکندڙ ماڻهو دنيا جي مختلف حصن ۾ پيدا ٿيا. سموري دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙن اعليٰ روحن کي جڏهن بہ جتي بہ ڪو مناسب بدن ملندو آهي اُهي نئون جنم وٺي ڌرتي تي ايندا آهن.

ڪڏهن، ڪڏهن هڪ ئي وقت بهار جي موسم ۾ ٽڙندڙ گلن جيان اعليٰ روحن کي ساڳي ئي دؤر ۾ ڪوڙ سارا جسم ملي ويندا آهن ۽ دنيا جون مختلف ڪنڊون انهن ڏاهن ماڻهن جي خوشبوءَ سان واسجي ويندیون آهن. اهڙيءَ طرح ڪڏهن، ڪڏهن دنيا ۾

بدروحن کي بہ لاڳيتو ڪوڙ سارا جسم ملي ويندا آهن ۽ دنيا تي انهن جي حڪمراني ٿي ويندي آهي. جيئن هٽلر، چنگيز خان، مسوليني، استالن ۽ ٻيا ڊڪٽيٽر پيدا ٿيا هئا. استالن روس ۾ ڇهه لک ماڻهن کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هٽلر دنيا ۾ ڏهه لک ماڻهن کي موت حوالي ڪيو هو. چنگيز خان ماڻهن کي مارڻ ۽ اذيت ڏيڻ جا نوان نوان طريقا ايجاد ڪيا هئا. جيئن تہ هڪ ماڻهوءَ کي هڪ وقت قتل ڪرڻ سان ٻي جاءِ تي ٻيو ماڻهو جنم وٺي ٿو سو هٽلر تہ باهہ جون ٻنيون ناهي پنج، پنج هزار ماڻهن کي هڪ ئي وقت ساڙائي ڇڏيو نہ ڪنهن قبر جي ضرورت پئي نہ ئي رت ۽ گوشت ڪٽي نظر آيو. وڏي صفائي سان ماڻهن کي موت جي حوالي ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح هٽلر جي روح کي جسماني قالب حاصل ڪرڻ لاءِ لکين سال انتظار ڪرڻو پوندو. جڏهن دنيا ۾ ڪو اهڙو جوڙو پيدا ٿئي، جنهن جا گناهہ ڪيترن ئي جنمن تائين ڳڻي نہ سگهجن اُهي دنيا ۾ انتهائي گناهگار ترين ماڻهو هجن تڏهن ئي هٽلر جو روح انهن جي ميلاپ مان جنم وٺندو. پاڪيزه روح جي لاءِ بہ اُهائي صورت آهي جسم حاصل ڪرڻ جي، باقي هڪ معمولي ۽ عام روح کي بدن حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ تڪليف ناهي ٿيندي.

هاڻ اسان شام جي مراقبي ڏانهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃون. اڳ ۾ مون کي ڪجهہ ڳالهين جي وضاحت ڪرڻ ڏيو. مان ڏسان پيو تہ توهان ماڻهو هڪٻئي جي تمام گهڻو ويجهو وينا آهيو ۽ اهو عمل توهان کي مراقبي جي گهر اين ۾ لهڻ کان روڪيندو. ٿورو هڪٻئي کان فاصلو رکي، ڪليا ڪليا ٿي ويهو جيئي ماڻهو ليٽي پوڻ کي ترجيح ڏين ٿا اُهي پلي ليٽي پون. اهڙيءَ طرح جيئي وينل آهن، اُهي پلي مراقبي ۾ گم ٿي وڃن ۽ اگر مراقبي دؤران پاڻ کي زمين طرف ڪرندي محسوس ڪن تہ

پاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪن. مڪمل طرح ڌيان لڳائي، مراقبي ۾ گم ٿي وڃو. سمورا ظاهري حواس ختم ڪري ڇڏيو. جسم هيڻ ڪري ٿو تہ ڪرڻ ڏيو.

هاڻ سموريون لائيٽون بند ڪري ڇڏيو. پنهنجون اکيون بند ڪيو. جسم کي ڏرو ڇڏيو. مڪمل ڏرو ائين محسوس ڪيو توهان جي آس پاس جڙ ڪير بہ موجود ڪونهي. ائين محسوس ڪيو جسم جي سموري طاقت ۽ توانائي جسم جي اندر منتقل ٿي رهي آهي، پنهنجي پاڻ کي پنهنجي اندر ۾ داخل ٿيندي محسوس ڪيو. مان ٿن منٽن تائين توهان کي مختلف هدايتون ڏيندو رهندس، ڌيان سان ٻڌجو.

هاڻ پنهنجو جسم ڏرو ڇڏي ڏيو. جسم بي ساهو ۽ بي ست ڪري ڇڏيو. توهان جو هاڻ پنهنجي جسم تي ڪنٽرول ناهي، جسم آهستي آهستي هيٺ جهڪي رهيو آهي. جسم هيٺ ڪري تہ ان کي روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. اهو پهريون مرحلو آهي مراقبي جو.

وري ٿن منٽن تائين توهان کي ترغيب ڏيندس ان کان پوءِ اسان ڏهہ منٽن تائين وري خاموشيءَ ۾ گم ٿي ويندا سين.

توهان جو جسم سڪون ۾ اچي پيو. ان سڪون کي محسوس ڪريو. توهان جو جسم مان ٿي ويو آهي. ائين محسوس ڪيو توهان جو روح آزاد آهي، توهان جو جسم جڙ تہ هاڻ آهي ئي ڪونہ، توهان جسم کان آزاد آهيو.

پنهنجي احساسن کي پُرسڪون ڪيو. توهان جا ساهہ بہ پرسڪون آهن، هموار آهن. پنهنجي جسم کي آزاد ڇڏي ڏيو. ساهن کي آزاد ڇڏي ڏيو. تو ان مڪمل پرسڪون ۽ مانار ۾ ٻڏل آهيو.

توهان جا خيال بہ هڪ هنڌ بيهي ويا آهن. خيال گم ٿي رهيا آهن، ذهن سوچن کان خالي ٿي ويو آهي. توهان جي اندر

جي هر شيءِ خاموش، پر سڪون آهي، اسان مانار ۾ ٻڌندا ٻيا ويون، اسان اهڙي طرح گهرائيءَ ۾ ويون ٻيا. جيئن ڪو ماڻهو ڪوهه ۾ ڪرندو آهي، اسان گهرائيءَ ۾ خلا ۾ ٻڌي رهيا آهيون. اسان جو جسم ٻڙي، 'ٻڙي' زيرو ٿي ويو آهي، بس اهو ادراڪ رکو تہ توهان جسم کان آزاد آهيو. هڪ ٻاهرئين ماڻهوءَ جيان پنهنجي جسم جو مشاهدو ڪيو. بس ڏسندا رهو مانار رکي، خاموشيءَ کي محسوس ڪيو.

مشاهدو ڪندڙ جي حيثيت ۾ ڏسندا رهو خارج ۾ هر شيءِ فنا ٿي چڪي آهي، جسم هلڪو ٿي چڪو آهي. خلا ۾ تري رهيو آهي.

خاموشي گهرائپ ۾ بدلجي رهي آهي، مانار سڪون ۽ آزادي هر پاسي آهي. بس اسان جي آس پاس هڪ چمڪندڙ شعلو، چمڪندڙ نوراني روشني موجود آهي. هڪ ٻرندڙ لات جهڙو شعلو آهي ۽ بس.

هاڻ ڏهن منٽن تائين خاموشي ۽ مانار اختيار ڪيون ٿا، اُنهيءَ خاموشيءَ دوران پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائيو. پاڻ ۾ گم ٿي ويو. ڏهن منٽن تائين مشاهدو ڪندڙ بنجي ويو. هر شيءِ خاموش آهي. پنهنجي اندر ۾ ڏسو. ڏهن کي خالي ڪيو. خيال کي هڪ هنڌ ٻيهاريو. توهان پنهنجي جسم کي پنهنجي پاڻ کان پري پيل ڏسو. جڏ تہ اهو توهان جو نہ پر ڪهن ٻئي جو جسم آهي. تو هان پنهنجي جسم کان پري هليا ويو.

توهان جي روح، جڏ توهان جو جسم چڏي ڏنو آهي. ائين ڏسو جڏ ڪو ٻيو پيو ساهه کڻي. پنهنجي ذات جي اندر ۾ گهرائيءَ تائين لهي ويو. پنهنجي من اندر جي خلا کي ڏسندا رهو. توهان جو ڏهن خالي پڻ، عدم ۾ ٻڌندو پيو ويو. گهرائيءَ ۾ لهو اچا بہ گهرائيءَ ۾ لهو. توهان جو ڏهن هاڻ مڪمل طرح

پُرسڪون ٿي چڪو آهي. توهان ڏسو توهان جي اندر مان هاڻ توهان جي "مان" بلڪل ختم ٿي چڪي آهي. بس رڳو شعور سجاڳ آهي، آگهي آهي، خودشناسي کان سواءِ باقي سڀ ڪجهه گم ٿي چڪو آهي.

پنهنجي اندر ۾ ڏسو آهستي ، آهستي وڌا ءِ گهرا ساهه کڻو. هر ايندڙ ءِ ويندڙ ساهه جو مشاهدو ڪيو. توهان کي محسوس ٿيندو ته ذهن تي مانار چانيل آهي.

خيال هڪ هنڌ بيهي رهيا آهن.

آهستي ءِ نرميءَ سان ساهه کڻو اهو ڏسو ته توهان جي ءِ توهان جي ساهن جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي.

آهستگيءَ سان ڪجهه ساهه کڻو پوءِ آهستي آهستي اکيون کوليو اُٿي ويهڻ ۾ تڪڙ نه ڪريو جيڪڏهن توهان کي اکيون کولڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿئي ٿي ته جلدي ڪرڻ جي ضرورت ناهي، سڪون ءِ آرام سان هر عمل ڪيو.

اسان جو مراقبو پورو ٿي چڪو آهي.

باب چوٿون

خدا ڏانهن موٽ

هڪ دوست چاڻڻ چاهي ٿو ته:

"توهان ڪهڙي بنياد تي چيو آهي ته موت مٿان ڏيان يا مراقبي جي ذريعي فتح حاصل ڪري سگهجي ٿي؟ جڏهن اسان ننڍ ۾ هوندا آهيون تہ چا ساڳي ڪفيت ناهي هوندي ۽ جيڪڏهن هوندي آهي تہ پوءِ موت تي ننڍ جي ذريعي فتح حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙي رڪاوٽ آهي."

سڀ کان اول تہ توهان کي اهو سمجهڻو پوندو تہ موت مٿان فتح حاصل ڪرڻ جو مطلب هرگز بہ اهو ناهي تہ موت نالي ڪا شيءِ موجود آهي، جنهن مٿان فتح حاصل ڪرڻ جو تصور پيدا ٿئي؟ موت مٿان فتح حاصل ڪرڻ جو سادو مطلب اهو آهي تہ توهان اهو چاڻي ونو تہ موت جو ڪوبہ وجود ناهي، اهو چاڻڻ تہ دنيا ۾ موت نالي ڪا شيءِ آهي ئي ڪانہ. اُها ئي موت مٿان فتح حاصل ڪرڻ آهي، جيئن ئي اسان کي اها چاڻ پوي ٿي تہ موت جو ڪوبہ حقيقي وجود ڪونهي تہ پوءِ موت کان هارائڻ يا کٽڻ جو تصور ئي ختم ٿي وڃي ٿو. اسان جا ڪجهہ اهڙا بہ دشمن آهن، جن جو حقيقت ۾ ڪوبہ وجود ناهي هوندو پر ائين لڳندو آهي، تہ اُهي موجود آهن. موت بہ اهڙن ئي دشمنن مان هڪ آهي. جن جو ڪوبہ حقيقي وجود ڪونهي.

ان ڪري فتح حاصل ڪرڻ کي انهيءَ معنيٰ ۾ نہ ونجو تہ ڪو موت ڪٿي موجود آهي ۽ اسان ان مٿان فتح حاصل ڪنداسين.

اهو ائين ئي آهي جيئن ڪو چريو ماڻهو پنهنجي پاڇي سان وڙهڻ شروع ڪري ۽ نيٺ ڪيس ڪو سياڻو ماڻهو اهو ٻڌاءِ ته "غور سان ڏس، پاڇي جو ڪوبہ مادي وجود ڪونهي اهو ته بس هڪ منظر آهي." جيڪڏهن اهو ماڻهو پاڇي کي ڏسي اهو اعتراف ڪري ونڊي ته هو بيوقوفي ڪري رهيو هو ته ڪيس پنهنجي پاڻ مٿان ئي ڪِل ايندي. هو انهيءَ حقيقت کي سمجهي وڃندو ته هن حقيقت ۾ جڙ پاڇي مٿان فتح حاصل ڪري ورتي آهي. جڏهن ته پاڇي مٿان فتح حاصل ڪرڻ جو مطلب اها جاڻ هوندي ته پاڇي جو ڪوبہ حقيقي وجود ڪونہ هو. جنهن سان وڙهي سگهجي ها ۽ جيڪو بہ پاڇي سان وڙهندو سو پاڳل ئي سڏبو. اهڙيءَ طرح جيڪو ماڻهو موت سان وڙهندو سو هارائجي ويندو ۽ جيڪو ماڻهو موت جي حقيقت جاڻي وڃندو اهو اُن مٿان فتح حاصل ڪري وڃندو. ڳالهہ جو مطلب هيءُ آهي ته جيڪڏهن موت جو حقيقي وجود ناهي ته پوءِ ان جي اڇڻ جو بہ ڪو امڪان ڪونهي. پوءِ پلي ڪٽي اسان کي ان جي جاڻ هجي يا نہ. دنيا ۾ ڪٽي بہ اهڙا ماڻهو ڪونہ آهن، جيڪي مرن ٿا يا نہ ٿا مرن. دنيا ۾ ڪوبہ ماڻهو اهڙو ڪونهي جيڪو مري سگهي. ها هتي ٻن قسمن جا ماڻهو ضرور آهن، هڪ جيڪي موت جي حقيقت کان واقف آهن، ٻيا اُهي جيڪي موت جي حقيقت کي نہ ٿا جاڻين. ماڻهن ۾ بس ايترو ئي فرق آهي.

ننڍ ۾ بہ اسان انهن ماڳن تي وڃي سگهون ٿا جن ماڳن تي مراقبي جي حالت ۾ ويندا آهيون. ٻنهي صورتن ۾ بس هڪڙو ئي فرق آهي. ننڍ جي دؤران اسان پنهنجي هوش ۾ ناهيون هوندا، جڏهن ته مراقبي ۾ اسان باقاعدي هوش حواس ۾ هوندا آهيون. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ننڍ جي حالت ۾ بہ هوش حواس ۾ رهي سگهي ٿو ته ان لاءِ اهو تجربو مراقبي جهڙو ئي هوندو. ان جو مثال هيئن آهي ته جيڪڏهن اسان هڪ ماڻهوءَ کي بي هوشيءَ جي

حالت ۾ استريچر تي وجهي ڪنهن باغيچي ۾ ڪٽي ويون ٿا جتي اُس آهي، گل ٽڙيل آهن، هر طرف خوشبو ڦهليل آهي، پکي منڙا ٻول ٻڌائن پيا پر اُهو بي هوش ماڻهو انهن سمورن منظرن کان بي خبر ئي رهندو. جڏهن هن کي واپس ڪمري ۾ آڻي هوش ۾ آڻبو ۽ هن کان باغيچي جي منظرن بابت پڇا ڪبي ته هو ان باري ۾ اسان کي ڪجهه به ٻڌائي نه سگهندو. وري هوش حواس ۾ توهان هن کي باغيچي ۾ وڃي ويجو ته هو اُتان جي هر منظر کي ڪليل اکين سان ڏسندوءِ ان منظر کان متاثر ٿيندو. سو توهان بي هوشيءَ جي حالت ۾ به اُتي ويجي سگهو ٿا پر لاپ نه پوندو بي هوشيءَ جي حالت ۾ ويڑ کان بهتر آهي ته ماڻهو هوش حواس ۾ اوڏانهن ويجي.

اسان ننڍ ۾ به جنت تائين پهچي ويون ٿا ۽ مراقبي جي حالت ۾ به جنت جو سير ڪري سگهون ٿا، فرق اهو آهي ته سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ جنت جا منظر ياد ناهن رهندا. سو هوش حواس ۾ موت جي حقيقتن کي ڇاڻڻ ئي لاپائتو ثابت ٿيندو. دنيا ۾ انسان لاءِ سڀ کان وڏي سزا موت جي سزا آهي. ڇو ته موت سؤلو آهي، هڪ پل ۾ به اچي ويجي ٿو. ڪنهن کي ننڍ نه ڪرائڻ بدترين سزا آهي، کوڙ سارن ملڪن ۾ حڪومتي قيدين کي جيلن ۾ ننڍ ناهي ڪرڻ ڏني ويندي، جيڪڏهن ڪنهن انسان کي پندرنهن ڏينهن لاڳيتو سمهڻ نه ڏنو ويجي ته هو يقيني طور تي چريو ٿي پوندو ۽ حواس گم ڪري ڇڏيندو. ننڍ نه ڪرڻ جو عذاب انتهائي ڏکيو آهي. جنهن ڪري قيدي اها سموري ڇاڻ يڪدم ٻڌائيندو آهي جيڪا هو لڪائي رهيو هوندو آهي. هو نتيجن کان بي پرواهه ٿي وڃلندو آهي.

چين ۾ به قيدين کي ڇهه، ڇهه مهينن تائين سمهڻ ناهي ڏنو ويندو. جنهن ڪري اهي قيدي چريا ٿي پوندا آهن، اُهي اهو وساري ويهندا آهن ته اُهي ڪير آهن، انهن جو نالو ڇا آهي،

مذهب ڪهڙو آهي، ڪهڙي شهر يا ڳوٺ کان آيا آهن. انهن جو ملڪ ڪهڙو آهي. اُهي هر ڳالهه ٻاري ويهن ٿا. بي خوابيءَ جي ڪري انهن جا هوش حواس صفا گم ٿي ويندا آهن. ۽ اهڙي حالت ۾ انهن کان ڪجهه به پڇي سگهجي ٿو.

ڪوريا ۾ پڪڙجندڙ امريڪي قيدي جڏهن روس، يا چين کان آزادي ماڻي موٽندا آهن ته ننڊ نه ڪرڻ سبب انهن جي حالت انتهائي رحم جوڳي هوندي آهي، اهي مڪمل طرح امريڪا جا مخالف ۽ ڪميونزم جا حامي ٿي موٽندا آهن. ابتدا ۾ انهن قيدين کي ننڊ ڪرڻ ناهي ڏني ويندي پر ۽ انهن جي ذهنن ۾ ڪميونزم جون خوبيون پريون ويندیون آهن. لاڳيتو تبليغ سبب انهن جو برين واش ٿي ويندو آهي ۽ اُهي ڪميونسٽ بنجي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح آزاديءَ کان اڳ ۾ انهن جي شخصيت تبديل ٿي ويندي آهي. انهن فوجين کي ڏسي امريڪا جا نفسياتي ماهر به پريشان ٿي ويندا آهن.

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ننڊ ڪرڻ ناهي ڏني ويندي ته هو زندگيءَ جي ڏارا کان ڪٽجي ويندو آهي. جتي ماڻهن ۾ ننڊ نه اچڻ جو مرض هوندو آهي، انهن سماجن ۾ لامذهبيت وڌي ويندي آهي. جن به سماجن ۾ ماڻهو ننڊ گهٽ ڪندا، انهن سماجن ۾ لادينيءَ ۽ لامذهبيت وڌندي رهندي. جتي به ماڻهو سڪ جي ننڊ سمهندا هوندا، انهن سماجن ۾ مذهب جو اثر رسوخ وڌندو رهندو. جيڪو به ماڻهو رات جي پوئين پهر ۾ سڪون جي ننڊ ستو هوندو ان جو ايندڙ ڏينهن به سڪون سان گذرندو. جڏهن ته بي آراميءَ سان رات گذارينڊڙ ماڻهو ٻئي ڏينهن تي صبح جو به بي چين ۽ بي قرار هوندو. بي سڪون ۽ بي قرار دماغ ٻلا خدا جي رهائشگاهه ڪيئن ٿو بنجي سگهي. منتشر خيال، غير مطمئن ۽ ڪاوڙ وارو دماغ ڪڏهن به خدا جي

وجود کي قبول ناهي ڪندو. بلڪل اهڙو دماغ ته خدا جي وجود جو ئي منڪر هوندو آهي.

اولهه جي ملڪن ۾ لامذهبيت جي پنيان سائنس ناهي پر بي خوابي ۽ ننڊ جو گهٽ اڇڻ آهي. انسان ۾ موجود بي سڪوني ۽ بي آرامي آهي رڳو نيوبارڪ ۾ ئي ٽيهه سيڪڙو ماڻهو ننڊ آڻيندڙ دوائن جو استعمال ڪن ٿا. خواب آور ٽڪين ڪائڻ کانسواءِ ننڊ نه ٿا ڪري سگهن. نفسيات جي ماهرن جو خيال آهي ته جيڪڏهن اها حالت آهي ته ايندڙ ڪجهه سالن ۾ اولهه جي ملڪن جي سموري آبادي دوائن جي مدد کانسواءِ ننڊ نه ڪري سگهندي. دنيا جا ماڻهو ننڊ ڪرڻ جي اهليت وڃائي چڪا آهن. جيڪو ماڻهو ننڊ ڪرڻ جي اهليت وڃائي چڪو آهي، اهو توهان کان اهو سوال ڪري سگهي ٿو ته "توهان پُرسڪون ننڊ ڪيئن ڪندا آهيو؟" توهان جو جواب هوندو ته وهاڻي تي مٿو رکڻ سان ئي مون کي ننڊ وڪوڙي وڃي ٿي.

هن کي توهان جي ڳالهه تي اعتبار نه ايندو. ڇاڪاڻ ته هن دؤر ۾ ائين ٿيڻ ڏکيو آهي، هو ضرور اُهو سوچندو ته توهان وٽ ننڊ ڪرڻ جي ضرور کا ترڪيب آهي جيڪا توهان هن کي ٻڌائڻ نه ٿا چاهيو.

مان توهان کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته جيئن اڄ ننڊ اچڻ تي اعتبار گهٽ آهي، بلڪل ائين ئي ماضيءَ ۾ انسان بس سڪون سان ويهي اکيون ٻوٽيندو هو ۽ مراقبي ۾ هليو ويندو هو. ماضيءَ ۾ مراقبو به ائين هو جيئن سؤلائي سان ننڊ ڪرڻ هو اڄ ان ڳالهه تي يقين ڪرڻ مشڪل آهي ته اکيون ٻوٽڻ سان ئي خدا ملي ويندو پر اڳ ۾ ائين هو. ماضيءَ ۾ اُهي ماڻهو جيڪي فطرت کي ويجهو هئا سي خدا کي به ويجهو هئا. انهن لاءِ مراقبو خدا سان ملاقات جو ذريعو هو ۽ اهو ايترو سؤلو هو جيئن ننڊ ڪرڻ سؤلي هئي، پر اڄ

جو انسان جيئن سوڀلي ننڊ کان پري ٿي ويو آهي. بلڪل ائين خدا کان ٻه پري ٿي ويو آهي.

اُهو ماڻهو پلا خدا کي ويجهو ڪيئن ٿيندو جنهن جو دماغ هزارين خيالن سان پريل آهي. جيڪو سڪون جي ڳولا ۾ آهي. جنهن کي پرسڪون ننڊ جي تلاش آهي. اڄ جي انسان جو سڀ کان وڏو مسئلو پُرسڪون ننڊ آهي. جيڪڏهن هو چڱيءَ طرح سمهي نه سگهندو ته سندس سموري زندگي هڪ ڏيڇاريندڙ خواب جهڙي هوندي. هو دنيا کان بيزار هوندو. رشتن ناتن جي هن کي ڪا به پرواهه نه هوندي. ڳالهه ڳالهه تي هن کي ڪاوڙ ايندي. پر جيڪو ماڻهو پُرسڪون ننڊ ڪندو آهي، اُهو نرم مزاج ۽ شفيق هوندو آهي. امن ۽ خوشيءَ جون لهرون هن جي زندگيءَ ۾ موجود هونديون. هن کي دنيا جي هر شيءِ سان محبت هوندي آهي. پر جيڪڏهن هو ننڊ کان محروم ٿي ويندو ته سندس رويو تبديل ٿي ويندو. هن جي زندگيءَ جا سمورا معاملا مونجهاري جو شڪار ٿي ويندا. ننڊ اسان کي بي هوشيءَ جي حالت ۾ انهيءَ نقطي تائين وٺي ويندي آهي، جتي هڪ مختصر وقت لاءِ ئي سهي پر اسان خدا سان ملي سگهون ٿا. هڪ مڪمل صحت مند انسان پنهنجي رات جي اڌ ڪلاڪن ۾ ننڊ جي آخري گهرائي تائين ڏهه منٽ به مس پهچندو آهي. انهيءَ ڏهه منٽن جي دوران هو مڪمل طرح بي هوش هجي ٿو. دنيا سان هن جو لاڳاپيو ختم ٿي وڃي ٿو. ايستائين جو هو انهيءَ دؤر ۾ خواب به نه ٿو ڏسي.

ننڊ رڳو اوستائين ناهي پهچندي جتي اسان خواب ڏسندا آهيون. ان وقت به اسان ننڊ ۾ سجاڳيءَ جي وچ ۾ ڦيرا پائيندا رهندا آهيون. خواب جو مطلب آهي ته اکيون ته بند هجن پر توهان ستل نه هجو. خارجي اثر توهان کي متاثر ڪري رهيا هوندا آهن جن ماڻهن سان ڏينهن جو توهان ملي چڪا هوندا آهيو وري

خواب ۾ به انهن سان ملاقات جاري هوندي آهي. ننڊ ۾ سڃاڻيءَ جي وچ واري دؤر ۾ خواب اُها جاءِ پريندا آهن. ڪوڙ سارا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پُرسڪون ننڊ گم ڪري چڪا آهن. جيتوڻيڪ اُهي خواب ڏسندا رهندا آهن. صبح جو جاڳڻ وقت انهن کي اها ڳالهه به ياد ناهي هوندي ته رات انهن کهڙا کهڙا خواب ڏٺا. بهرحال اهو هڪ ڏار مسئلو آهي. امريڪا ۾ انسان جي گم ٿيندڙ ننڊ تي وڏي تحقيق ٿي رهي آهي. اُتان جون ڏهه وڏيون ليبارٽريون ماڻهن جي ننڊ تي تحقيق ڪري رهيون آهن. دنيا ۾ هر سال لکين روپين جون ننڊ ڏيارينڊڙ دوائون وڪرو ٿين ٿيون. ڪيترين ئي ليبارٽرين ۾ اُها تحقيق ٿي رهي آهي ته آخر ماڻهو پنهنجي ننڊ ڇو وڃائي رهيا آهن. ماڻهوءَ کي دماغ سان اليڪٽرونڪ تارون منسلڪ ڪري تجربا ڪيا پيا وڃن. انهن تجربن جي نتيجي ۾ اهو انڪشاف ٿيو آهي ته اڪثر ماڻهو رات جو خواب ڏسندا آهن، پر سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه ماڻهن کي ئي خواب ياد هوندا آهن، باقي وساري ڇڏيندا آهن. بهرحال تجربن مان اها به خبر پئي آهي ته مڪمل طور صحتمند ماڻهو ڏهه منٽن تائين گهري ننڊ، خوابن کان آجي ننڊ ۾ گم ٿي ويندا آهن. مشينن جي ذريعي خوابن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. خوابن جي حالت ۾ اسان جي دماغ جون رڳون متحرڪ هوندیون آهن، جيئن ئي خواب گم ٿي ويندا آهن، اُهي رڳون به چرپر کان ماڻ ٿي ويندیون آهن ۽ مشين اهو ٻڌائيندي آهي ته خوابن جو سلسلو بند ٿي ويو آهي. خوابن ۾ وقفو ان ڳالهه جي نشاني آهي ته اهو ماڻهو ننڊ جي گهراين ۾ گم ٿي ويو آهي.

دلچسپيءَ جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن انسان خواب ۾ هوندو آهي ته مشين جي اندر ان جون حرڪتون محفوظ ٿي ويندیون آهن، پر جڏهن ماڻهو گهري ننڊ ۾ گم ٿي ويندو آهي ته مشين اهو

ناهي ٻڌائي سگهندي ته ماڻهو ڇا پيو ڪري. ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي. ان ڪري خواب کان خالي ننڊ جو مطلب آهي مشين جي پهچ کان ٻه پري ٿي وڃڻ ۽ انهيءَ گهري ننڊ ڏوران انسان لامحدوديت جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويندو آهي. مشين گهري ننڊ جي ڏوران انسان جي تاثرن کي ڄاڻڻ کان قاصر آهي. مشين رڳو اوستائين دماغ جي سرگرمين کان واقف ٿي سگهي ٿي جيستائين انسان خواب ڏسڻ ۾ گم هوندو آهي، پر جڏهن خواب گم ٿي ويندا آهن ته انسان لامحدود گهرائين ۾ هليو ويندو آهي ۽ وري ڏهه منٽن کان پوءِ جڏهن ٻيهر مشين چرپر شروع ڪندي آهي ته خبر پوندي آهي ته ماڻهو خواب ڏسي رهيو آهي. امريڪا جا نفسياتي ماهر انهيءَ ننڊ جي ڏهه منٽن واري وڦي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اُتاولا آهن. اهوئي سبب آهي جو ننڊ قدرت جو هڪ پيچيده اسرار آهي. حقيقت هيءَ آهي ته خدا کانپوءِ ننڊ ئي سڀ کان وڏو دنيا جو ڳجهو اسرار آهي. ان کانسواءِ ٻيو ڪو به اهڙو اسرار ڪونهي. گهري ننڊ ڪرڻ يا ڪائنات جي لامحدود وادين ۾ گم ٿي وڃڻ هڪ ئي صورت جا ٻه نالا آهن. فرق ايترو آهي ته ننڊ جي ذريعي اسان آگهي ڄاڻ کانسواءِ خدا جي ويجهو ٿي ويندا آهيون. مراقبي جي ذريعي اسان هوش حواس ۾ خدا وٽ پهچندا آهيون. اهو ڪو معمولي فرق ڪونهي. توهان ننڊ جي ذريعي پنهنجي هزارين زندگين ۾ خدا جي ويجها ٿي ٻه ويجو پر پوءِ ٻه توهان کي خدا جي معرفت حاصل نه ٿيندي. پر جيڪڏهن توهان هڪ پل ٻه مراقبي، ڏيان ۾ گم ٿي وجو ته عين انهيءَ مقام تي پهچ حاصل ڪري سگهو ٿا جتي توهان لکين هزارين زندگين ۾ ننڊ ڏوران پهچندا رهيا آهيو پر هميشه بي خبر ۽ بي هوش رهيا آهيو. مراقبي جو تجربو توهان کي يڪدم تبديل ڪري ڇڏيندو.

هڪ دلچسپ حقيقت اها به آهي ته جڏهن به ڪو ماڻهو هڪ پيرو مراقبي جي گهراين ۾ لهي وڃي ٿو ته هو يڪدم لامحدود خلا ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. اهڙو خلا جنهن ۾ هو ننڊ دؤران داخل ٿيندو آهي. اهڙي طرح هو مڪمل هوش حواس ۾ به هوندو آهي.

ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو ته، "جڏهن سمورا ماڻهو سمهي رهندا آهن ته ان وقت به هڪ يوگي انسان جاڳندو رهندو آهي." ان جو اهو مطلب ناهي ته يوگي ماڻهو سمهندا ناهن. اصل ۾ اُهي اهڙي انداز ۾ ناهن سمهندا جهڙي انداز ۾ عام ماڻهو سمهندا آهن. يوگي انتهائي گهري ننڊ ۾ هوندي به سجاڳ هوندو آهي. هن جي ننڊ به بي خبريءَ واري نه پر هوش حواس واري هوندي آهي. ڪنهن به يوگي لاءِ جاڳڻ يا ننڊ ڪرڻ ساڳي ڳالهه هوندي آهي. هن وٽ ٻنهي ڪيفيتن ۾ ڪوبه فرق ناهي هوندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو ماڻهو مراقبي جي حالت ۾ پنهنجي اندر ۾ ذات جي گهرائين تائين پهچي وڃي ٿو ته پوءِ اُهو ننڊ دؤران به ڪڏهن بي خبر نه ٿو رهي.

آنند نالي چيلو گوتم ٻُڌ سان ڪيترائي سال گڏ رهيو هو. هو ٻڌ جي پاسي ۾ ستل هو. هڪ پيري صبح جو سويرِ هن ٻُڌ کي چيو ته آئون ڪيترائي سال توهان کي ستي ڏسندو آيو آهيان پر توهان کي مون ڪڏهن به ننڊ ۾ پاسو ورائيندي ناهي ڏٺو توهان سموري رات هڪ پاسي ۾ سمهندا رهندا آهيو. صبح تائين توهان جون ٻانهون انهيءَ حالت ۾ هونديون آهن، جنهن حالت ۾ سمهڻ وقت هونديون آهن. ايستائين جو توهان هلڪي ڇُرپُر به ننڊ ۾ ناهيو ڪندا. مان ڪيترائي پيرا راتين جو اُٺي ڏسندو هئس ته شايد توهان کا ڇُرپُر ڪئي هجي پر توهان هميشه ساڳي حالت ۾ هوندا آهيو. ڇا توهان پنهنجي ننڊ کي به ڪنهن ضابطي جو پابند بڻائي ڇڏيو آهي."

"مون کي پنهنجي ننڊ کي ضابطن ۾ قيد ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، مان، تہ ننڊ ۾ بہ سجاڳ هوندو آهيان، ان لاءِ مون کي پاسو ورائڻ جي بہ ضرورت ڪانهي پر جيڪڏهن مان چاهيان تہ پاسو بہ ورائي سگهان ٿو. پاسا ورائڻ ننڊ جي ضرورتن مان ناهي. اُها بي آرام ءِ بي سڪون ذهن جي ضرورت آهي." گوتم ٻڌ جواب ڏنو هو.

هڪ منتشر ذهن هڪ رات وچ ۾ ڪنهن بہ هڪ جاءِ تي ناهي هوندو ڏينهن جي وقت ان کي اڪيلو ڇڏي ڏيو. ايستائين جو رات جو سمهڻ دوران بہ اهڙو جسم بي آراميءَ جو مظاهرو ڪندو رهندو آهي.

توهان ڪنهن ماڻهوءَ جو رات جو سمهڻ دوران مشاهدو ڪيو اُهو توهان کي سموري رات بي چين نظر ايندو. توهان ڏسندؤ تہ هو پنهنجي هٿن کي اهڙي انداز ۾ ڄُرپُر ۾ آڻي رهيو هوندو آهي، جهڙو ڏينهن ۾ ڪندو آهي، هن جي ننڊ بہ پُرسڪون نہ پر بي سڪوني واري هوندي آهي. هن جي ننڊ بہ چڱ ننڊ ناهي هوندي. ان ڪري ئي گوتم ٻڌ چيو هو تہ "جيڪڏهن مان چاهيان تہ پاسو بہ ورائي سگهان ٿو. پرمون کي اُن جي ضرورت ناهي." سو ننڊ انسان جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي.

اندازن ڏهہ منٽن تائين هر شيءِ گم ٿي ويندي آهي، پر اهڙا ڏهہ منٽ رڳو انهن ماڻهن کي ئي نصيب ٿيندا آهن جيڪي ذهني ءِ جسماني طور تي مڪمل طرح صحتمند هوندا آهن. هر هڪ کي اهڙي گهري ننڊ نصيب ۾ ناهي هوندي. گهٽا ماڻهو گهري ننڊ جو مزو رڳو هڪ يا ٻن منٽن تائين حاصل ڪري سگهندا آهن. ٿورڙو سُرور يا خوشي اسان کي حياتيءَ جي مرڪز تائين پهچڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ آگهيءَ جو روشن ڏيئو تڏهن ٻري ٿو

جڏهن هو خودشناسي حاصل ڪري ٿو. ذات جي آگهي سان ئي حياتي جي مشعل هميشہ ٻرندي رهي ٿي.

مراقبو توهان کي حياتيءَ جي مرڪز ڏانهن ونڊي ويجي ٿو. ذات جي جاڻ پوڻ جي نتيجي ۾ توهان زندگيءَ جي روانيءَ لاءِ اڻ گڏيو ٻارڻ (حوصلو) حاصل ڪيو ٿا. توهان پاڻ زندگيءَ جي مرڪز ۾ داخل ٿي ويجو ٿا. توهان زندگيءَ جي ڏيئي ۾ اڻ کٽ ٻارڻ، تيل وجهي ٿا ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ تيل جو هڪ مڪمل سمنڊ توهان جي تصرف ۾ اڇي ويجي ٿو. توهان بذات خود سمنڊ ٿي پئو ٿا. اهڙيءَ طرح توهان ننڊ ۾ ٻہ هوندي سجاڳ هوندؤ جيئن ڪو يوگي سمهندو ضرور آهي پر سجاڳ هوندو آهي. هن جا خواب مڪمل طرح گم ٿي ڇڪا هوندا آهن. جڏهن اسان خوابن کان پري ٿي ويندا آهيون، اسان جا خيال ٻہ گم ٿي ويندا آهن. تڏهن ئي اسان کي ادراڪ ٿيندو آهي، اسان بيداريءَ جي حالت ۾ خيالن خوابن کان پاڪ ٿي ويندا آهيون. حقيقت ۾ خيال ۽ خوابن کان مٿانهون ٿي وڃڻ ئي موت تي فتح حاصل ڪرڻ برابر آهي.

جڏهن خواب گم ٿي ويندا آهن. جڏهن خيال ٻہ گم ٿي ويندا آهن، جنهن ڏينهن خيال گم ٿي ويندا آهن، ان ڏينهن خواب ٻہ پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندا آهن. جيڪو ڏينهن خيالن کان خالي گذرندو اها رات ٻہ خوابن کان خالي گذرندي. ياد رکو! خواب توهان جي ننڊ ۾ رڪاوٽ هوندا آهن ۽ خيال ٻہ توهان کي غافل رکندا آهن. ٻنهي ڳالهين کي چڱيءَ طرح سمجهي ونو. خواب توهان کي سمهڻ نہ ٿا ڏين. خيال توهان کي سجاڳ ٿيڻ نہ ٿا ڏين. جيڪڏهن خواب ختم تہ ننڊ ٻہ ختم، جيڪڏهن خيال ختم تہ سجاڳي ٻہ ختم. جڏهن سجاڳي ۽ ننڊ ٻئي ختم ٿيندا تہ پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ ٻلا ڪهڙو فرق بچندو ۽ بس ايترو تہ اکيون ڪليل آهن يا بند آهن ۽ جسم ڪم ۾ آهي يا آرام ۾ آهي. "جيڪو ماڻهو

مڪمل طرح بيدار هوندو آهي، ۽هو مڪمل طرح سمهندو به آهي." ٻنهي حالتن ۾ هن جون شعوري ڪيفيتون هڪجهڙيون هونديون آهن، شعور تبديل ناهي ٿيندو بس رڳو جسم ۾ تبديليون ٿيندڙيون آهن، انسان جاڳي پيو ته جسم ڪم ڪري پيو، انسان ستل آهي ته آرام ۾ آهي، جنهن دوست اهو سوال ڪيو آهي ته ننڊ جي ذريعي خدا تائين رسائي ڇو نه ٿي سگهي ته ان لاءِ منهنجو جواب هيءُ آهي ته:

"انهيءَ حالت ۾ به خدا تائين رسائي ممڪن آهي پر جيڪڏهن توهان ننڊ ۾ به سجاڳ رهي سگهو ته." منهنجو ٻڌايل مراقبي جو طريقو به ننڊ جهڙو ئي آهي، ننڊ ۾ به سجاڳ رهڻ جو طريقو ننڊ اچڻ باوجود به هوش ۾ رهڻ جو طريقو ان لاءِ ئي مان توهان کي مراقبي دوران پنهنجو جسم ڏرو ڇڏڻ تي چوندو آهيان. پنهنجا ساهه پُرسڪون رکڻ لاءِ چوندو آهيان. خيال کي هڪ هنڌ بيهارڻ جي تاڪيد ڪندو آهيان. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته ڪجهه دوست انهيءَ وچ ۾ سمهي ۽ پوندا آهن. ظاهر آهي اهو سڀ ڪجهه ننڊ آڻڻ لاءِ ته ڪيو ويندو آهي. ننڊ جي تياري دوران ڪين خبر ئي ناهي پوندي ته اُهي ڪيڏي مهل سمهي پوندا آهن. ان لاءِ مان پنهنجي ڪيترين هدايتن کي ورجائيندو رهندو آهيان. اندروني طور سجاڳ رهو. جسم کي ڏرو ڇڏي ڏيو. ساهه مڪمل طرح آزاد رکو. ان کان به آزاد جيترو ساهه ننڊ دوران هوندو آهي، ها پر اندران سجاڳ رهو پنهنجي اندر ۾ آگهي، سجاڳيءَ جو چراغ روشن رکو ته جيئن توهان ننڊ جي گرفت ۾ نه اچو.

مراقبي ۽ ننڊ جي ابتدائي حالت تقريباً ساڳي هوندي آهي، ها پر ٻنهي جي آخر ۾ هڪ واضح فرق آهي، ابتدائي حالتن ۾ جسم ڏرو هجڻ گهرجي، جيڪڏهن توهان بي خوابيءَ ۾ مبتلا آهيو ته توهان جو ڊاڪٽر سڀ کان اڳ ۾ پُرسڪون ٿيڻ لاءِ توهان

کي چوندو. جسم کي چڪتاڻ کان ٻاهر ڪيو. جسم کي ڪپهه جي ڏيري جيان نرم ڪيو توهان ڪڏهن ڪنهن ڪتي يا ٻليءَ کي سمهندي ڏٺو آهي، اُهي بلڪل بي خبر ٿي سمهندا ناهن. ڪنهن ٻار کي ننڊ جي حالت ۾ ڏٺو آهي تہ ان مٿان ڪنهن بہ قسم جو دٻاءُ نہ هوندو آهي، هڪ نوجوان يا پوڙهي کي ڏسو انهن جي ننڊ ۾ توهان کي بي چيني محسوس ٿيندي. ان ڪري ڊاڪٽر توهان کي مڪمل طرح پُرسڪون رهڻ لاءِ چوندو آهي.

ياد رکو: جيترو خيالن جو وهڪرو تيز هوندو آهي دماغ کي اوترو رت جي فراهمي بہ تيزيءَ سان ٿيندي آهي ۽ اهڙي حالت ۾ ننڊ جو اچڻ ناممڪن هوندو آهي. ننڊ جي ضرورتن مان هڪ ڳالهہ اها بہ آهي تہ دماغ ڏانهن رت جو وهڪرو آهستي ٿي وڃي. اسان مٿي هيٺان وهاڻو انهيءَ ڪري ڏيندا آهيون، وهاڻي کان سواءِ مٿي ۽ جسم جو ليول هڪ ٿي ويندو آهي ۽ رت سموري جسم ۾ هڪ ئي رفتار سان ڊوڙڻ لڳندو آهي پر جڏهن مٿو باقي جسم کان مٿي هجي تہ رت جو مٿاهين طرف وهڪرو آهستي ٿي ويندو آهي. دماغ کي رت جي فراهمي گهٽ ٿيڻ لڳندي آهي جڏهن تہ رت باقي جسم ۾ تيزيءَ سان ڊوڙندو رهندو آهي. سو جيئن، جيئن ننڊ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي مٿي کي وهاڻن جي ضرورت وڌيڪ پوندي آهي. دماغ ڏانهن رت جي فراهمي گهٽ ٿي وڃي تہ دماغ کي سڪون ايندو آهي ۽ ننڊ ڪرڻ سؤلي ٿي پوندي آهي.

خيالن جي تيز وهڪري سان گڏ رت بہ تيز ڊوڙڻ لڳندو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو ڪاوڙ جي حالت ۾ انسان جو چهرو ۽ اکيون ڳاڙهيون ٿي ويندیون آهن. اهو انهيءَ واڌو رت اچڻ سبب ٿيندو آهي، جيڪو اسان جي رڳن ۾ تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳندو آهي، ڪاوڙ جي حالت ۾ جيئن تہ خيالن جي رفتار ٻيڻي ٿي ويندي آهي، ان لاءِ رت بہ تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳندو آهي. اهڙي طرح دماغ

تي جڏهن جنسي هيجان جو غلبو ٿيندو آهي تہ ساهہ تيزيءَ سان هلڻ شروع ٿي ويندا آهن. جيئن تہ خيالن جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي ان لاءِ رت بہ تيزيءَ سان دوڙڻ لڳندو آهي. سو پُرسڪون مراقبي ۾ ننڍ لاءِ دماغ جو پُرسڪون هجڻ ضروري آهي. مراقبي ڏانهن ڏيان لڳائڻ لاءِ ابتدائي ضرورتون بہ اُهي ساڳيون آهن. جيڪي ننڍ لاءِ ضروري هونديون آهن.

"خيالن کان جان چڏائڻ. خيال کي هڪ هنڌ بيهارڻ" ان لاءِ جسم کي ڍرو چڏڻو پوندو. ساهن کي سڪون ڏيڻو پوندو. خيالن کان پيڇو چڏائڻو پوندو. ها ننڍ ۾ مراقبي ۾ جيڪڏهن فرق آهي تہ آخري مرحلي ۾ آهي. ننڍ ۾ توهان آخر ۾ مڪمل بي هوش هوندا آهيو ۾ مراقبي ۾ مڪمل طرح سجاڳ هوندا آهيو.

ان لاءِ اسان جي دوست جو سوال پنهنجي جاءِ تي بلڪل درست آهي: ننڍ ۾ مراقبي جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو آهي. ها باقي هڪ نهايت غير معمولي فرق ضرور آهي. هوش ۾ بي هوشيءَ جو. ننڍ بي هوشيءَ جو نالو آهي ۾ مراقبو هوش جو نالو آهي. هڪ دوست اهو بہ ڄاڻڻ چاهي ٿو تہ مراقبي ۾ خود تنويمي (پنهنجو پاڻ کي هدايتن ذريعي ننڍ ڏيارڻ) ۾ ڪهڙو فرق آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ انهيءَ جي وچ ۾ بہ اهو ئي فرق آهي جيڪو ننڍ ۾ مراقبي ۾ آهي. ان کي تفصيل سان سمجهڻ جي ضرورت آهي.

ننڍ اُها آهي جيڪا قدرتي طور اچي وڃي ۾ جيڪا ننڍ ڪوشش ڪرڻ سان اچي اُها خود تنويمي چئبي آهي. بنهي ۾ اهو ئي بنيادي فرق آهي.

جيڪڏهن ننڍ جي لاءِ سازگار حالتون جسم ۾ پيدا ٿين تہ جسم تڪڙو ننڍ ڏانهن راغب ٿي ويندو. جسم جو زميني حقيقتن سان واسطو ناهي هوندو. بس اهو تہ حڪم جو غلام هوندو آهي.

جيڪڏهن توهان کي روزانو رات جو يارنهين وڳي ماني کائڻ جي عادت آهي ته پوءِ رات جا يارنهن ٽيندي ئي توهان جو جسم بک جو اعلان ڪندو. جيڪڏهن توهان اڌ رات جو سمهڻ لاءِ بستري تي ويڃ جا عادي آهيو ته رات جا ٻارنهن ٽيڻ جو اعلان ٽيندي ئي توهان تي ننڊاکائي ڇانئجڻ شروع ٿي ويندي. جسم يڪدم چوندو ته رات جا يارنهن ٽيا آهن، هاڻ سمهڻ گهرجي. بستري تي هلڻ جو وقت اچي ويو آهي.

جسم انتهائي فرمانبردار غلام آهي پر هڪ صحتمند جسم ئي فرمانبردار هوندو آهي، بيمار جسم نہ. جسم اسان جي خيال پٽيان هڪ پاڇي جيان هلندو آهي، جڏهن جسم حڪم مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي ته مشڪلاتون پيش ايندڙون آهن. ان لاءِ خود تنويميءَ جي ذريعي جسم کي حڪمن جو پابند ته بنائي سگهجي ٿو پر قدرتي ننڊ نہ ٿي اچي سگهي.

منهنجي چوڻ جو مقصد هيءُ آهي ته، جسم اسان جي ڏنل هدايتن تي عمل ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان مصنوعي ننڊ ڪرڻ چاهيون ته خود تنويمي، خود ترغيبي جي ذريعي دماغ تي ۽ جسم تي ننڊ طاري ڪري سگهون ٿا پر اُها ننڊ مصنوعي هوندي. قدرتي ننڊ ته بي هوشيءَ واري هوندي آهي. هن جديد دؤر ۾ ڪو به ترقي يافته ملڪ اهڙو ڪونهي جتي اسپتالن ۾ هپناٽيزم جا ماهر موجود نہ هجن. ان جو سبب هيءُ آهي ته ڪوڙ سارين بيمارين جو علاج عام ڊاڪٽر نہ ٿا ڪري سگهن. ان لاءِ نفسياتي ماهرن جي ضرورت آهي، جيڪي ماڻهوءَ جي دماغي حالت کي درست بنائين. هيپناٽزم جو ماهر مريض کي ذهني سڪون بابت هدايتون ڏئي ٿو. ان سان ماڻهوءَ جي صحت تي بهتر اثر پون ٿا. ڇا توهان کي ڄاڻ آهي ته دنيا ۾ رڳو تي سيڪڙو نانگ زهريلا هوندا آهن. عام طور تي هڪ غير نقصانڪار نانگ جي چڪ سان به ماڻهو مري ويندا

آهن. رڳو ان ڪري جو ڪين اها خبر آهي تہ نانگ جو زهر انسان کي ماريندو آهي،اهڙو ماڻهو جنهن کي سچ پچ زهريلي نانگ چڪ هنيو هجي پر جيڪڏهن ان کي اهو يقين ڏياريو وڃي تہ نانگ جي زهر جو علاج ٿي ويو آهي ۽ مٿس زهر اثر ڪونہ ڪندو تہ هو زنده بچي پوندو. انسان جي موت جو سبب نانگ جو چڪ يا زهر ناهي هوندو پر نانگ جي ڏنگيل جي اندر جو خوف هوندو آهي، جيڪو ڪيس ماريندو آهي.

مون ٻڌو آهي تہ:

هڪ ڀيري هڪ همراهہ رات جو هڪ هوٽل ۾ ترسيل هو. ان اُتي رات جو ماني کاڌي ۽ صبح جو سوير اُٺان روانو ٿي ويو. هڪ سال کانپوءِ ٻيهر جڏهن هو ان هوٽل ۾ ترسيو تہ هوٽل جي مالڪ ان کي ڏسي حيرت مان چيو "توهان ٺيڪ ٺاڪ آهيو؟"

هن جواب ڏنو تہ "ها، مان بلڪل ٺيڪ آهيان، پر تو ڇا ڳالهہ آهي؟"

هوٽل مالڪ چيو: "اسان خوفزدہ هئاسين، ڇاڪاڻ تہ گذريل سال جڏهن توهان هتي رات ترسيا هئا تہ ان رات بورچي خاني ۾ کاڌي پيتي جي ٽانون ۾ هڪ نانگ ويٺل هو. جيڪو پاڇي ۾ پچي ويو هو توهان سميت ڇٻن ماڻهن کي اهو زهريلو کاڌو کارايو ويو هو. جنهن سبب چار ماڻهو اسان جي هوٽل ۾ مري ويا هئا توهان جيئن تہ صبح جو سوير هليا ويا هئا سو اسان کي خبر نہ پئجي سگهي هئي تہ توهان جو ڪهڙو حال ٿيو هو.

هوٽل مالڪ جي اها ڳالهہ ٻڌندي ئي همراهہ هيٺ ڪريو ۽ مري ويو. هڪ سال تائين زنده رهڻ باوجود هو خوف سبب يڪدم مري ويو. اهڙي قسم جي حالت ۾ خود ترغيبي يا خود تنويمي بهتر عمل آهي. ان جو مقصد ڪوڙ جي ديوار کي ڊاهڻ آهي، ياد رکو! جيڪڏهن توهان جي پير ۾ ڪو فرضي ڪنڊو لڳي ويو آهي تہ

ان کي اصلي ڪنڊي سان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي، ائين ڪرڻ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. ياد رکو فرضي ڪنڊو ڪڍڻ ۾ نہ ٿو نڪري سگهي. وڌيڪ اهو تہ اصلي ڪنڊو توهان جي پير کي سڄ پڄ ۾ زخمي ڪري سگهي ٿو. فرضي ڪنڊي کي فرضي ڪنڊي سان ئي ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿو.

ان ڪري مراقبي ۾ خود تنويم ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ان کي ڇاڪاڻ پوندو. ياد رکو دل ۾ آيل اجاين وهمن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ خود ترغيبي جي ضرورت هوندي آهي.

جڏهن مان اهو چوان ٿو تہ "پنهنجي جسم کي ڍرو ڇڏي ڏيو." تہ اها ترغيب يا تنويم آهي. جڏهن تہ توهان جو شعور توهان کي ٻڌائي ٿو تہ جسم کي ڍرو نہ ٿو ڇڏي سگهجي، پر منهنجي بار بار لفظ ورجائڻ سان توهان جو جسم ڍرو ٿيڻ شروع ٿي ويي ٿو.

آهستي آهستي لفظن جي ورجاءُ سبب توهان جو دماغ مزاحمت ڇڏي ڏئي ٿو. توهان جو جسم نرم ٿي ويي ٿو. توهان جسماني ۽ ذهني ڇڪتاڻ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري جسماني ۽ ذهني طور پُرسڪون ٿي ويو ٿا.

اها خود ترغيبي ۽ تنويم جي انتها ۽ وڏي پهچ آهي. جڏهن توهان اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو تہ جسم ڍرو پئجي ويو آهي، ساهہ پُرسڪون ٿي ويا آهن. دماغ ۾ خيالن جو وهڪرو بيهي رهيو آهي. اهائي تنويم آهي ۽ ايستائين پهچ حاصل ڪرڻ ۾ مراقبي جو ڪوبہ عمل دخل ناهي. مراقبو تہ ان کانپوءِ شروع ٿئي ٿو ڇو تہ ايان بہ توهان هوش حواس ۾ آهيو. جڏهن توهان پنهنجي اندروني ڪيفيتن کان آگاهي رکو ٿا، جڏهن ايان توهان اها شاهدي ڏئي سگهو ٿا تہ جسم ڍرو پئجي ويو آهي، توهان جي ساهن جي رفتار آهستي ٿي وئي آهي ۽ اهو تہ توهان جي ذهن ۾ ايندڙ خيال بند ٿي ڇڪا آهن يا اڇن ۽ وڇن پيا. جڏهن توهان

اهو سڀ ڏسي رهيا آهيو. ڏسڻ، مشاهدي ڪرڻ جو عمل جاري آهي، ان کانپوءِ مشاهدو ختم ٿي وڃي ٿو. ڏسڻ جو عمل بہ ختم ٿي وڃي ٿو ۽ اهو ئي استغراق يا مراقبو آهي، ان کان اڳ جيڪو ڪجهہ بہ هو تنويمي عمل هو. تنويم، خود ترغيبي جي ضرورت ان وقت پيش اچي ٿي. جڏهن توهان پاڻ کي تنويم جي اُبتڙ مامرن ۾ ڦاسايو ٿا. سائنسي اصطلاح ان کي "اُبتڙ ترغيب" چون ٿا. هڪ مثال ڏيان ٿو. هڪ همراهہ سائيڪل هلائڻ سکي رهيو آهي، سائيڪل هلائڻ جي مشق ڪرڻ لاءِ هو هڪ ويڪري روڊ جي چونڊ ڪري ٿو. اهو روڊ ست فوٽ ويڪرو آهي، جنهن جي هڪ پاسي تي ميل ٻڌائيندڙ پٿر بہ لڳل آهي، جيڪڏهن اهو همراهہ انڌاڌنڌ سائيڪل هلائي تہ بہ ان ڳالهہ جو امڪان گهٽ آهي، تہ هو ڪوانهيءَ سنگ ميل سان وڃي ٽڪرائجي، پر جيئن تہ ان همراهہ کي ايڏا سائيڪل هلائڻ اچي ئي نہ پئي، ايڏان هو سائيڪل تي چڙهيو بہ نہ هو جو هن جي نظر اوچتو وڃي روڊ جي ڪناري تي لڳل سنگِ ميل تي پئي ۽ ان سان ٽڪرائجڻ جو خوف کيس وڪوڙي ويو. جيئن هن جي دل ۾ سنگِ ميل سان ٽڪرائجڻ جو خوف پيدا ٿيو هو تنويم، خود ترغيب جي عمل ڏانهن هليو ويو ۽ هاڻ هن کي ويڪرو روڊ نظر نہ ٿي آيو پر سندس ذهن تي پٿر سان ٽڪرائجڻ جو خوف ڇانئجي ويو هو هو پٿر کان خوفزده هو. جيئن هن سائيڪل هلائڻ شروع ڪئي سندس دماغ تي ڇانيل خوف سبب هن جي سائيڪل جو هئنڊل پنهنجو پاڻ ان سنگِ ميل ڏانهن مڙي ويو ۽ هو اُن پٿر سان ٽڪرائجي وڃي ٿو. اندر جي خوف سبب هو خيالي طور تي ان پٿر ڏانهن ڇڪجندو ويو باوجود ان کان بچڻ جا خيال اچڻ جي هو نيٺ وڃي ان پٿر سان ٽڪرايو هو.

ان سائيڪل هلائيندڙ همراهہ کي ڏسي هڪ ڏهين ماڻهوءَ کي حيرت ٿيندي تہ ايتري ويڪري روڊ تي ڪو ماڻهو آخر ڪيئن

روڊ جي ڪناري تي لڳل پٿر سان وڄي ٽڪرايو آهي. هو ان پٿر کان پاڻ کي بچائي ڇو نه سگهيو ان ڳالهه مان هڪ شيءِ واضح آهي ته هن جو دماغ تنويم، خوف جي ترغيب جي زيراثر اڇي چڪو هو. هن جو سمورو ڌيان پٿر ڏانهن هو ته ڪٿي هو ان سان ٽڪرائجي نه وڃي ۽ پوءِ ائين هن جي سائيڪل پنهنجو پاڻ ڇڪجي وڃي پٿر سان لڳي. خوف جي طاقت هن کي وڃي ڪيرايو هو. اهڙيءَ طرح اسان زندگيءَ ۾ عام طور تي اهي غلطيون ڪندا آهيون جن کان اسان کي بچڻو هوندو آهي. اسان دماغ جي خود ترغيبيءَ هيٺ ائين ڪندا آهيون. مثال طور تي هڪ ماڻهوءَ کي انديشو آهي ته هو پنهنجو سڪون وڃائي ويهندو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ويندو. اهڙي حالت ۾ هو چوويهه ڪلاڪن دوران پاڻ کي ڪيترائي ڀيرا ڪاوڙ ۾ محسوس ڪندو. هو ڪاوڙجڻ کان مسلسل ڊڄندو رهي ٿو. اهائي ڪيفيت مٿس ڇانئجي وڃي ٿي. هڪ ٻيو همراهه جيڪو حسين ۽ خوبصورت عورتن کي ڏسڻ کان خوفزده آهي، اُهي عورتون هن جا جنسي جذبا جاڳائڻ جو سبب بنجنديون رهنديون.

اهڙي طرح جنهن سماج ۾ جنس تي پابندي لڳل هوندي اُتي جنسي بي راهه روي جنم وٺندي. جيڪو سماج به جنس کي گناهه سمجهي ٿو، جنس جو مخالف هوندو اوترو ئي ان سماج جا فرد ذهني طور تي جنسي بيمار هوندا. اوترو ئي اُهي گندي ذهنيت ۽ جنسي خواهشن جا غلام هوندا. سو ڏٺو وڃي ته پنهنجي ئي خيال ۽ وهمي خوف سبب اسان سماج ۾ غلط تنويم، خود ترغيبي جي اُبتڙ وارا خيال پنهنجي ذهن مٿان حاوي ڪري چڪا آهيون. انهيءَ غلط و همن، وسوسن ۽ خوف کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪي ذريعا ڳولڻا پوندا.

يقيني طور تي ساڌنا، ڌيان، استغراق ۽ مراقبي جهڙن روحاني عملن جي ذريعي اسان کي وهمن جي جار کي ٽوڙڻو پوندو. مراقبو ئي واحد رستو آهي، خدا تائين پهچ حاصل ڪرڻ جو، پر ان لاءِ خوف کي ختم ڪرڻو پوندو.

هڪ مثال ٻڌو. ڪو ماڻهو دوارڪا جي شهر ۾ ستل آهي پر هو خواب ڏسي ٿو ته ڪلڪتي ۾ آهي، ۽ دوارڪا ۾ سندس زال بيمار آهي،هن کي ته دوارڪا ۾ هجڻ گهرجي هو ڪلڪتي ۾ چا پيو ڪري اهو سوچي هو خواب ۾ ئي پريشان ٿيڻ شروع ڪري ٿو. هو دوارڪا واپس پهچڻ لاءِ جهاز، ريل گاڏي، بس اڈن تي پهچي ٿو پر ان کي واپسي لاءِ ڪابه سواري نه ٿي ملي، خواب جي انهيءَ حالت ۾ دوارڪا واپسي لاءِ هن کي جيڪي به صلاحون ڏيبيون سڀ بيڪار ويندیون، ڇو ته هو خواب ۾ آهي ۽ ان پريشانيءَ جي خاتمي لاءِ نند جو ٽٽڻ لازمي آهي، نه ته هو اوستائين پريشان رهندو جيستائين خواب ۾ آهي.

دوارڪا واپس موٽڻ لاءِ ڪابه سواري ڪم جي ناهي، اهڙي طرح سمورا رستا بي معنيٰ آهن. سمورا رستا ڪوڙا آهن. ايستائين جو اُهو همراهه خواب ۾ ڪنهن سواريءَ ۾ چڙهي پهچي به وڃي ته اها سواري به ڪوڙي هوندي. خواب ۾ ماڻهو ڪڏهن به درست راهه جي چونڊ نه ٿو ڪري سگهي. ها جڏهن اهو همراهه نند مان سجاڳ ٿيندو ته سچ پچ پاڻ کي دوارڪا ۾ ڏسندو ۽ پريشاني ڪاڻ هوندس، هو پاڻ کي اُتي ٺيڪ ٽاڪ ۽ خوش ڏسندو. هو حيران ٿيندو ته ڪجهه ديرُ اڳ ڏٺل سموري پريشاني ته ڪوڙ تي ٻڌل هئي. هو ته خواب ۾ هو اهڙي طرح هن جو ڪلڪتي وڃڻ به فريب هو ته واپس موٽي اچڻ به فريب هو.

يقيني طور تي خدا جو وجود به هڪ اٽل ٽر، اٽ مٽ، ازلي حقيقت آهي، ڪوبه ماڻهو ڪڏهن به انهيءَ حقيقت کان پري يا

ٻاهر ناهي. ڪو ڏاهي به نه ٿو سگهي. چاڪاڻ ته خدا اڻ مٽ هستي آهي، اهڙو ڪوبه رستو ڪونهي جيڪو اسان کي ان کان پري وٺي ويڃي. خدا کان پري هجڻ جو خيال بس هڪ فريب آهي، دوکو آهي، خدا ڏانهن واپس اچڻ جو تصور به هڪ فريب آهي، پر جيئن ته اسان تصوراتي سفر تي نڪري چڪا هوندا آهيون، ان لاءِ واپس موٽڻو پوندو آهي. واپس موٽڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي. اسان کي خدا ڏانهن واپسيءَ جا طريقا ڳولڻا پوندا ۽ جڏهن اسان واپس خدا وٽ پهچي چڪا هونداسين ته پوءِ اهو احساس ٿيندو ته سمورا طريقا دوکو هئا. فريب هئا سموريون عبادتون ۽ رياضتون فريب هيون. مراقبو ڌيان، ساڌنا، جو عمل بس اسان جي خوابن جي دنيا کان واپس موٽڻ لاءِ ضروري هو. جڏهن اها ڳالهه اسان جي سمجهه ۾ اچي ويندي ان کانپوءِ شايد ڪنهن به مراقبي جي ڪنهن به ذريعي جي ضرروت نه پوي، پر جيئن ته هن وقت توهان خواب ۾ آهيو ننڊ ۾ آهيو ان لاءِ منهنجي ڳالهه کي سمجهڻ توهان کي ڏکيو لڳي رهيو هوندو.

هڪ دوست سوال ڪيو آهي ته:

"ڇا توهان جي خدا سان ملاقات ٿي آهي؟"

هيءُ هڪ اهڙو ئي سوال آهي جيئن خواب ۾ ڪلڪتي پهتل همراهه کان پڇجي ته ڇا توهان دوارڪا ڏٺو آهي. مان پنهنجي ان دوست کان هڪ سوال پڇڻ چاهيان ٿو "ڇا اسان ڪڏهن خدا کان جدا به هوندا آهيون." جيڪڏهن مان اهو چوان ته ها مان خدا سان مليو آهيان ته پس منظر ۾ ان جو مطلب اهو هوندو ته مان خدا کي وڃائي پوءِ ڳوليو آهي. خدا ته ابتدا کان هر ڪنهن سان گڏ آهي. اهو ته اسان فرض ڪري ويٺا آهيون ته اسان خدا کي گم ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي خيال ۾ هجي يا نه هجي پر هو ته هر وقت هر هنڌ موجود آهي. جيڪڏهن ڪو چوي ٿو ته هن خدا کي ڳولي

ورتو آهي تہ اهو غلط ٿو چوي، هو شايد اها ڳالهہ سمجهي ناهي سگهيو تہ خدا تہ ڪڏهن بہ گم ناهي ٿيندو. ان لاءِ جيڪي ماڻهو خدا کي سڃاڻن ٿا اُهي ڪڏهن بہ اُهو نہ چوندا تہ خدا کي انهن ڳولي لڏو آهي. خدا تہ هميشہ آهي. هميشہ رهندو تہ پوءِ ان کي ڳولڻ يا ان کي گم ڪرڻ جو ڇا مطلب آهي؟ جنهن ڏينهن تي گوتم بڌ کي گيان حاصل ٿيو تہ ماڻهن هن کي گهيري ورتو هو ۽ کانئس پڇيو تہ "توهان ڇا ڏٺو آهي؟" گوتم بڌ جواب ڏنو هو تہ "مون تہ ڪجهہ بہ ناهي ڏٺو" بس ائين آهي تہ مون کي اها ڄاڻ پئي آهي تہ هو مون سان گڏ آهي ان تي ماڻهن هن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو "افسوس ايتري محنت کان پوءِ بہ توکي ڪجهہ نہ نظر آيو."

گوتم بڌ چيو "ها، سچ پچ مون عبادتون ۽ رياضتون تہ اجايون پئي ڪيون اجايو بکون کاڌيون، ڪشالا ڪڍيم. هن کي ڳولڻ لاءِ تہ ڪنهن عبادت جي ضرورت ناهي، جو تہ هو هر وقت اسان سان گڏ آهي، هن کي ٻاهر وڃي جهنگلن، جبلن ۾ ڳولڻ جي ضرورت ئي ناهي. مان بس اهو ئي، تہ ڄاڻي سگهيو آهيان، ٻاهر ڪجهہ بہ ناهي هو تہ مون ۾ ازل کان موجود آهي."

اسان خوابن ۾ الاهي تہ ڪٿان ڪٿان جو سير سفر ڪندا آهيون. ننڊ مان جاڳڻ کانپوءِ بس پنهجي بستري تي ئي موجود هوندا آهيون، اهڙي طرح ڪنهن خواب جيان سمورا مذهب، عبادتون مراقبا، رياضتون سڀ ڪوڙ آهن. ان ڪري جو اُهي سمورا رستا واپسيءَ جا رستا آهن. پر خدا سان ملڻ لاءِ انهن مان ڪجهہ طريقا فائديمند بہ آهن."

ڪوڙ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙا طريقا بہ اختيار ڪيا ويندا آهن، خدا گم ناهي ٿيو پر اسان فرض ڪري ورتو آهي تہ هو اسان کان پري آهي. ان لاءِ ڳولا کان نہ ڏجو سوال پڇو. پر اهڙا

سوال نہ پڇو تہ "توهان کي خدا مليو آهي يا نہ" اُهو سوال درست ناهي. ڪير ٿو ڳولي ڪنهن کي ٿو ڳولي، ڳولا تہ گم ٿيل جي ڪبي آهي، اهو جيڪو آهي، ان کي ڀلا ڪٿي ڳولبو ۽ جنهن ڏينهن توهان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي توهان ڏسندؤ تہ توهان ڪجهہ بہ ناهي ويايو سڀ ڪجهہ آهي سو هن دنيا ۾ نہ تہ ڪو مري ٿو نہ ڪو جئي ٿو. بس جيڪو جتي آهي، سو آهي.

وري هڪ ٻيو سوال آيو آهي تہ:

"آواگون (جنم چڪر) مان آزادي، مڪتي ملڻ مان ڇا مراد آهي؟"

جيئڻ، مرڻ جي چڪر مان نجات ملڻ مان اها مراد ناهي تہ توهان هن دنيا ۾ ٻيهر پيدا نہ ٿيندؤ ان جو مطلب هيءُ آهي تہ هاڻ توهان کي ڪيڏانهن بہ اچڻو ۽ وڃڻو ناهي، جتي آهيو اتي هميشہ موجود هوندؤ ۽ اهائي نجات اهائي ابدي خوشي آهي. موت ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ چڪر لڳائڻ خواب ۽ سجاڳيءَ جي وچ ۾ هجڻ جهڙو عمل آهي، سو موت ۽ حياتي جي چڪر مان مڪتي نجات حاصل ڪرڻ جو مطلب آهي پنهنجي اصل مقام ڏانهن واپسي، پنهنجي گهر ڏانهن واپسي.

خدا سان ملڻ ائين ڪونهي تہ توهان گهر کان ٻاهر ويا هئيو واپس آئيو تہ اتي مهمان موجود آهي ۽ اهو توهان کان سوال ڪري ٿو تہ ڪيڏانهن ويا هئو؟

اهڙي قسم جو گمشده خدا توهان جي تخليق آهي، خود ترغيب آهي، اها خود فريبي آهي، دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو طريقو ڪونهي، جو گم ٿيل خدا کي توهان ڳولي سگهو. اسان جي ٻولي، زبان يا لفظ اسان لاءِ غلط تاثر پيدا ڪن ٿا. خدا کي ڏسڻ، خدا کي ڳولڻ يا خدا جو اوچتو ملي پوڻ، اُهي سڀ دوکي ۽ خودفريبي وارا خيال آهن، خدا تہ هر وقت اسان جي سامهون موجود آهي، خدا تہ

هميشہ آهي، هر وقت آهي، پوءِ ملڻ ڇا جو اُهي تہ بس سکڻا لفظ آهن. خدا کي ڏسي سگهجي ٿو من جا هٿ پير آهن، چهرو آهي، اُهي تہ سپ دوکا آهن، خدا تہ بي مثل آهي، ڏسڻ کان مٿانهون آهي، جيڪڏهن کو جسماني خدا توهان جي سامهون اچي تہ هوشيار ٿجو. اهڙو خدا رڳو توهان جي خيال جي پيداوار هوندو. اهو تہ خود ترغيبي، تنويم ننڊ جهڙو عمل هوندو جنهن جي کابہ حقيقت نہ هوندي. هاڻ اچو تہ مراقبي ڏانهن هلون. مراقبي جي تياري کيون. هڪڙي کان فاصلو پيدا کيو جسم کي ڏرو ڇڏيو. ساهن جي رفتار کي آهستي کيو خيالن کي روکيو ذهن کي خالي کيوءِ مراقبي دؤران توهان جو جسم کنهن پاسي کري تہ کرڻ ڏيو. ان کي روکجو نہ.

اکيون ٻوٽيو ماڻار ڏانهن ڏيان ڏيو کو ٻارڙو ٻہ نہ ڳالهائيندو. ڏهہ منٽن تائين خاموش رهو اکيون بند هجن. جسم ڏرو هجي، خيال جي سموري قوت کي هڪ نقطي تي ٻيهاريو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پايو. اسان پنهنجي ذات ۾ اندر لهندا ٿا وڃون. آهستي آهستي، آس پاس کان غافل ٿيندا پيا وڃون. اسان جو جسم اسان کان پري پيو آهي، ميرن کپڙن جيان، روح آزاد آهي، ٻاهر. جسم پري پيو آهي، اسان جا ساهہ پُرسکون آهن. جسم آرام ۾ آهي، خيال گم ٿي ويا آهن.

خيال کان پاڻ کي آزاد کيو جسم تي سکون ڇانئجڻ ڏيو. توهان پُرسکون آهيو مطمئن آهيو خيالن کان آزاد آهيو کا بہ پريشاني، کوبہ خيال ناهي.

ساهہ پُرسکون آهي، جسم پُرسکون آهي، ڏهہ منٽن تائين اندر جو مطالعو ءِ مشاهدو کندا رهو. ڏهہ منٽن تائين هر شيءِ فنا ٿي چکي آهي. اسان پنهنجي ذات جي اندر روح جي روشني، نور جي برندڙ چراغ جو مشاهدو کري رهيا آهيون.

جسم اسان کان پري آهي، ساهه ماناريل آهن، خيال گم آهن. بس هر شيءِ بيهجي چڪي آهي. فنا ۾ آهي، اسان پنهنجي اندر ۾ آگهي جي روشني محسوس ٿا ڪيون. اسان جي اندر موجود ذات سجاڳ ۽ بيدار ٿي رهي آهي.

پنهنجي اندر جي مشاهدي ۾ ڏهه منٽن تائين مصروف رهو. اندر ۾ ڏسندا رهو هڪ مشاهدو ڪندڙ ڏسندڙ بنجي پئو اندر جي اونداهين ۽ گهاٽين گهراين ۾ لهندا وڃو. توهان هڪ اڻ ڪُٽ ۽ لامحدود خلا ۾ پهچي چڪا آهيو. بس ڏهه منٽن تائين پنهنجي ذات جو مشاهدو جاري رکو.

دماغ مان آهي، هڪ خلا آهي، هڪ گهرو ۽ اڻ کٽ خلا. توهان خلا ۾ اڏري رهيا آهيو ۽ پوءِ هيٺ لهنداٿا وڃو. ائين جڙ ڪنهن گهري ۽ اونهي کوهه ۾ ڪرندا پيا وڃو. ڪرندا وڃو هيٺ لهندا وڃو ڪرندا وڃو. پنهنجي ذات ۾ گهڙندا وڃو. هاڻ هوش ڏانهن اچو. جاڳڻ ڏانهن موٽو. پر اندر ۾ ٻه ڏسندا رهو هر شيءِ مري چڪي آهي، اسان جو جسم ڪٽي اسان کان پري پيو آهي، ساهه بند ٿي چڪا آهن. خيال گم ٿي چڪا آهن. بس اسان جي ذات زنده آهي. مراقبي ۾ ٻه سجاڳيءَ جي حالت ۾ ڏسندا رهو. دماغ پُرسڪون آهي، خيالن کان خالي آهي، آهستگيءَ سان ڪجهه پُرسڪون ساهه ڪڍو ۽ مراقبي کان ٻاهر نڪري اچو. اکيون آهستي آهستي کوليو. هاڻ هتي اسان جو اچوڪو مراقبو پورو ٿيو.

باب پنجون

پنهنجي راهه پاڻ ئي ڳوليو

هڪ دوست جو سوال آهي ته:

"هڪ موقعي تي توهان چيو هو ته موت کان پيو وڌو سچ ڪوبه ناهي، وري اوهان ئي ڪٿي اهو چيو آهي ته موت نالي ڪابه شيءِ ناهي، پنهنجي ڀالهين مان آخر ڪهڙي ڀالهه سچي آهي؟"

ٻئي ڀالهيون ئي حق تي ٻڌل آهن. جڏهن مان اهو چوان ٿو ته موت سڀ کان وڏو سچ آهي ته مان توهان جو ڌيان ان طرف ڇڪايان ٿو ته موجوده زندگيءَ جو خاتمو سڀ کان وڏو سچ آهي ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ جو اهو پاسو جنهن کي اسان "زندگي" چئون ٿا سو يقيني طور تي فنا ٿيڻو آهي، موت اڻ ٽر آهي. يقيني طور تي مون کي به مرڻو آهي، ۽ توهان کي به مرڻو آهي، موجوده زندگيءَ کي فنا ٿيڻو آهي. هيءَ زندگي متيءَ ۾ ملي ويندي. خاڪ ٿي ويندي ختم ٿي ويندي.

۽ جڏهن مان چوان ٿو ته موت، کان وڏو سچ ٻيو ڪو ڪونهي ته مان توهان کي اهو ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو اسان سيني کي مرڻو آهي ۽ جڏهن مان چوان ٿو ته موت هڪ فريب آهي، دوکو آهي، ته مان اهو ياد ڪرائڻ چاهيان ٿو ته اسان جي "مان" يا "تون" جي اندر ۾ ڪا اهڙي شيءِ به آهي جيڪا ڪڏهن به فنا نه ٿي ٿئي ۽ جنهن کي توهان زندگي چئو ٿا، اها بي معنيٰ ۾ بلڪل مختلف زندگي آهي، اهڙيءَ زندگي جتان موت جو گذر ڪڏهن به نه ٿو ٿئي. اُهي ٻئي ڀالهيون سچ آهن. موت جو هجڻ ۽ نه هجڻ ٻئي حق

تي بڏل ڳالهيون آهن. جيڪڏهن توهان انهن مان رڳو ڪنهن هڪ ڳالهه کي صحيح ٿا سمجهو ۽ بيءَ کي غلط ته پوءِ توهان جڙ اڌ سچ کي قبول ڪيو ٿا ۽ اڌ سچ کي نه.

جيڪڏهن ڪو اهو چوي ٿو ته پاڇو هڪ حقيقت آهي ۽ اوندهه به هڪ حقيقت آهي ته اُهو درست ٿو چوي. ڇاڪاڻ ته جيئن اوندهه جو وجود آهي، اهڙيءَ طرح پاڇي جو به وجود آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو چوي ٿو ته انڌيرو موجود ناهي ته اهو حق تي آهي. ڇاڪاڻ ته اوندهه جو زندگيءَ لاءِ ڪو مثبت وجود ڪونهي. جيڪڏهن مان توهان کي اوندهه سان پريل ۾ ٽيلها آڻڻ لاءِ چوان ته يقيني طور تي توهان اُهي نه آڻي سگهندؤ. هڪ ڪمري ۾ صفا اوندهه آهي ۽ توهان کي چيو وڃي ته هن اوندهه کي ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪيو ته توهان ائين به نه ڪري سگهندؤ. مان اهو چوان ته اوندهه موجود آهي ان کي ٻاهر وٺي اچو تڏهن به توهان ان کي نه آڻي سگهندؤ اوندهه هڪ منفي ۽ غير حقيقي وجود آهي. جيڪو رڳو روشني نه هجڻ جي ڪري هوندو آهي. جيتوڻيڪ اوندهه موجود آهي پر ان جو سبب روشنيءَ جو نه هجڻ آهي. باقي حقيقت ۾ اوندهه جو وجود ڪونهي. جيڪڏهن توهان اوندهه کي ختم ڪرڻ ٿا چاهيو ته لازمي طور تي توهان کي روشني ڪرڻي پوندي ۽ جيڪڏهن توهان اوندهه کي آڻڻ چاهيو ٿا ته روشني بند ڪرڻي پوندي. روشني نه هجڻ جي صورت ۾ توهان سڏو سنئون اوندهه کي ختم نه ٿا ڪري سگهو.

توهان ڪنهن روڊ تي جاگنگ پيا ڪريو توهان جي پٺيان توهان جو پاڇو به ڊوڙي رهيو آهي. اُهو توهان سان گڏ گڏ ڊوڙندو آهي. هر ڪو ماڻهو ان پاڇي کي ڏسي به ٿو ڪوبه ان جي وجود کان انڪار نه ڪري سگهندو. پر ائين به ڇئي سگهجي ٿو ته پاڇي جو ڪو حقيقي وجود ناهي. پاڇو ان ڪري آهي جو توهان جو

جسم روشن ۽ زنده آهي، جڏهن روشني ۽ زندگي جسم مان هلي ويڃي تہ پاڇي جو وجود بہ ختم ٿي ويندو آهي، جڏهن سڄ مٽان اڇي ويندو آهي تہ پاڇو گم ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن اسان انساني وجود کي شيشي جهڙو ٽرانسپرنٽ ٺاهي سگهون تہ پاڇو ٿيندو ئي ڪونہ. ڇاڪاڻ تہ روشني شيشي مان آر پار لنگهي ويندي آهي. جڏهن روشنيءَ ۾ رڪاوٽ ايندي آهي تہ پاڇو وجود ۾ ايندو آهي. اهڙو پاڇو بہ روشنيءَ جي آڙ هوند جو نالو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪو چوي ٿو تہ پاڇي جو ڪوبہ وجود ڪونهي تہ اهو مڪمل سچ ئي ڇئي رهيو هوندو آهي. ان جو مطلب هيءُ ٿيو تہ پاڇو هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪو وجود رکڻ باوجود بہ غير حقيقي آهي. سو پنهنجي سوچ ۽ ويچار موجب اسان ڪنهن بہ شيءِ کي رڳو نہ ٿا ڏسي سگهون، جيستائين ان شيءِ جي ٻنهي رخن کي جاچي نہ ٿا ڏسون.

هڪ پيري هڪ همراهہ مٽان ڪتل جو ڪيس هليو. ان هڪ همراهہ کي قتل ڪري ڇڏيو هو. جن ماڻهن اُهو قتل ٿيندي ڏٺو هو اُهي اکين ڏٺا شاهد بڻجي ويا هئا. هڪ شاهد چيو تہ "ڏوهہ ڪليل آسمان هيٺان ٿيو هو ۽ آسمان تي اُن وقت تارا چمڪي رهيا هئا مون تارن کي بہ ڏٺو ۽ قتل ٿيندي بہ ڏٺو." ان ڪانپوءِ وري هڪٻئي شاهد چيو تہ "ڏوهہ گهرجي اندر ۽ دروازي جي پرسان ڪيو ويو پاسي واري پت تي رت جا چنڀا بہ لڳا ۽ جيئن تہ مان پت کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هئس، منهنجي ڪپڙن کي بہ رت جا چنڀا لڳا هئا. سو قتل جو واقعو گهرجي اندر ٿيو هو." جج مونجهاري جو شڪار ٿي ويو. ٻنهي اکين ڏٺن شاهدن جا بيان مختلف ۽ تضاد ۾ هئا. يقيني طور تي انهن شاهدن مان ڪو هڪ همراهہ ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو قاتل ٺهڪ ڏيڻ لڳو. جج هن کان ٺهڪ ڏيڻ جو سبب پڇيو تہ هن چيو "مان ٿو توهان کي ٻڌايان، هيءُ ٻئي صحيح پيا چون. گهر تہ هو

پر اُن جي ڇت کي ايان ڏکيو ڪونہ ويو هو. جنهن جي ڪري مٿان ڪليل آسمان ۾ چمڪندڙ ستارا هئا. پر جيئن تہ دروازي جي پرسان موجود هئاسين سو مقتول جي رت جا ڇنڊا پٽ کي لڳا هئا. ان ڪري ٻئي شاهد صحيح پيا چون. بلڪل ائين ئي زندگيءَ ۾ ڪوڙ سارا مونجهارا ۽ پيچيدگيون آهن. هڪ نقطہء نظر جي لحاظ کان موت زندگيءَ جو سپ کان وڏو سچ آهي، اسان جهڙيءَ طرح زندگي گذاريون پيا ان جو خاتمو ضرور ٿيندو.

هيءَ زندگي هر حال ۾ ختم ٿيندي، هن وقت جيڪا اسان جيئُ رهيا آهيون، مٽ مائٽ زال مڙس، پٽ، پيءُ، يار دوست سيني کي مرڻو آهي، پر انهيءَ باوجود بہ موت هڪ فريب، هڪ دوکو آهي، پٽ جي اندر ۾ ضرور ڪا اهڙي شيءِ آهي، جيڪا رڳو جسم ناهي. پر اها لافاني شيءِ آهي، پيءُ جي اندر ۾ بہ ضرور ڪا اهڙي شيءِ آهي جيڪا رڳو پيءُ جو جسم ناهي پر اُها لافاني آهي. سو جسم کي منجهڻو برباد ٿيڻو آهي، پر هن جي اندر ۾ ڪا اهڙي شيءِ آهي جنهن کي ڪڏهن بہ موت نہ ٿو اچي.

سو موت آهي ۽ ناهي بہ. ٻئي ڳالهيون صحيح آهن. ان لاءِ موت جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ انهن ٻنهي ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي.

هڪ دوست جو وري ٻيو بہ سوال آهي:

"جن شين وهمن ۽ وسوسن کي اسان ختم ڪرڻ ٿا چاهيون توهان جي ڳالهين مان تہ ان جي تصديق پئي ٿئي. ائين ٿو لڳي جڙ توهان جي چوڻ موجب موت ڪانپوءِ بہ سچ پچ ڪا زندگي آهي. اهڙي طرح خدا ۽ ٻيون فطرت کان مٿانهيون شيون بہ موجود آهن. روحن جو ٻين جسمن ۾ داخل ٿيڻ، اهڙي صورت ۾ تہ وهمن ۽ وسوسن کان جان ڇڏائڻ ڪيئن ممڪن آهي؟ ڇا ائين ڪرڻ سان وهمن وسوسن کي وڌيڪ ترقي نہ ملندي."

هتي ٻن ڳالهين کي خاص طور تي سمجهڻ جي ضرورت آهي، جيڪڏهن سواءِ ڪنهن تحقيق ۽ تصديق جي مافوق الفطرت شين کي قبول ڪيو وڃي تہ ان صورت ۾ سماج ۾ تمام گهٽا وهم ۽ وسوسا وڌندا. اها ڳالهہ تمام گهٽي وهمي ذهن جي علامت آهي، هڪ ماڻهو پوتن ۽ بدروحن تي يقين رکندڙ آهي تہ توهان ان کي وهم ۾ مبتلا ماڻهو چئو ٿا. توهان کي يقين آهي تہ اهڙي ڪابہ شيءِ ڪانهي، توهان پاڻ کي وڏو عقلمند سمجهو ٿا، پر اصل سوال هيءُ آهي تہ آخر وهم ۽ وسوسا آهن ڇا؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهو جانچ ۽ تحقيق کانسواءِ پوتن ۽ بدروحن تي يقين رکي ٿو اُهو يقيني طور وهم ۾ مبتلا آهي. پر اُهو ماڻهو جيڪو سواءِ تحقيق ۽ تصديق جي انهيءَ وجود کان انڪار ڪري ٿو سو بہ تہ وهم جو شڪار آهي. ڪنهن بہ شيءِ جي حقيقت ڄاڻڻ کانسواءِ ان کي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ ٻئي ڳالهيون وهم ۾ اچن ٿيون. توهان جي عقيدن سان اختلاف رکندڙ ماڻهو لاءِ اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ هو وهم ۾ مبتلا آهي.

خدا تي يقين رکندڙ ماڻهو بہ اوترو ئي سنڊس وجود کان بي خبر ٿي سگهي ٿو جيترو خدا جي وجود تي يقين نہ رکندڙ ماڻهو. اسان کي عقل ۽ ذهن کان مٿاهين شين جي سڃاڻپ لاءِ واضح ليڪ ڪيڏي پوندي، سواءِ تصديق جي ڪنهن بہ شيءِ کي مڃڻ يا انڪار ڪرڻ وهم جي ذمري ۾ اچي ٿو.

روس جا ماڻهو پنهنجي فڪر ۾ وهمي طور تي لامذهب آهن ۽ هندوستان جا ماڻهو پنهنجي انڊي عقيدت سبب وهمي آهن، نہ تہ روسين خدا جي وجود کان انڪار لاءِ ڪا وڏي جانچ ۽ تحقيق ڪئي آهي ۽ نہ ئي هندوستان جي ماڻهن "خدا" جي وجود کي مڃڻ لاءِ ڪا وڏي تحقيق ۽ جاچ ڪئي آهي. ياد رکو! رڳو مذهبي ماڻهو ئي وهمي ناهن پر لامذهب ماڻهو بہ وهمي آهن ۽ انڊي

عقيدي جا پوئلڳ آهن. مزي جي ڳالهه اها آهي ته سائنسي خيالن ۾ مفروضن ۾ به وهم موجود آهن. اها ڳالهه قبوليت ۾ نه ٿي اچي ته کو سائنس جو بنياد به وهم تي ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن توهان رياضي دان بوڪلڊ کي پڙهيو هوندو ته سندس نظريئي موجب ڪنهن به سڌي ليڪ جي ڏيگهه ته هوندي آهي پر ويڪر ناهي هوندي. هاڻ توهان ئي ٻڌايو ته ان کان وڏو وهم ٻيلا کهڙو هوندو ته ڪنهن ليڪ جي ڏيگهه ته هجي پر ويڪر موجود نه هجي. ويڪر ڪانسواءِ ليڪ جو تصور ڪيئن ممڪن آهي؟ ٻارن کي پڙهايو ويندو آهي ته "ٽپڪو" نه ته ڏيگهه رکندو آهي ۽ نه ئي ويڪر. ايستائين جو وڏا وڏا سائنسدان به اُن مفروضي جي بنياد تي ڪم ڪندا آهن، ڇا سچ پچ کو نقطو ڏيگهه ۽ ويڪر ڪانسواءِ ٿي سگهي ٿو؟

اسان سڀ هڪ ڪان نوَن تائين انگ استعمال ڪندا آهيون، ڪوبه اهو پڇڻ ۾ حق بجانب هوندو ته ڇا اها ڳالهه به ٻيلا ڪنهن وهم ڪان گهٽ آهي؟ نَوَ انگ ڇو؟ ڪوبه سائنسدان اهو نه ٿو ٻڌائي سگهي ته آخر نَوَ انگ ئي ڇو آهن. ست ڇو ناهن، ست نه ته ٻيلا ٽي انگ ڇو ناهن. مشهور رياضيءَ جو ماهر لائيز ته نَوَ انگن کي رد ڪندو هو هو ته بس ٽن انگن تي حساب ڪتاب هلائيندو هو ۽ مشهور سائنسدان آئن استائن ته حساب ڪتاب لاءِ رڳو ٻن انگن کي ڪافي سمجهندو هو هو چوندو هو ته نَوَ انگن جي ڪابه ضرورت ڪانهي، سو نوَ انگن کان گهٽ انگن کي قبول نه ڪرڻ به هڪ عقيدو آهي، وهم آهي، سائنسي طور تي اسان هزارين اهڙين ڳالهين کي صحيح سمجهون ٿا جيڪي حقيقت ۾ رڳو مفروضا يا وهم آهن. اڄ جي دؤر ۾ مذهبي وهم پرستي ختم ٿيندي پئي وڃي ۽ سائنسي وهم پرستيءَ کي وڌايو پيو وڃي، جيڪڏهن اڄ توهان ڪنهن مذهب پرست ماڻهوءَ کان اهو سوال ڪيو ته "تو خدا کي

ڪيئن سڃاتو آهي؟" تہ هو اهو جواب ڏيندو تہ اسان جي مذهبي ڪتابن ۾ لکيل آهي ۽ جڏهن ڪنهن رياضيءَ جي ماهر کان پڇندؤ تہ توهان کي ڪيئن خبر پئي تہ بنيادي طور تي نَوَ انگ آهن، تہ هو توهان کي چوندو رياضيءَ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي، پنهنجي جي وچ ۾ هاڻ ٻڌايو تہ ڪهڙو فرق آهي. هڪ سوال جو جواب گيتا ۽ قرآن مان ڏنو ويجي ٿو پئي جو وري رياضيءَ جي ڪتابن مان، تہ پوءِ آخر ڪهڙو فرق ٿيو ڪجهہ تہ فرق هجڻ گهرجي؟ پر صورتحال ٻڌائي ٿي تہ اسان سمورا ماڻهو وهم پرست آهيون، وهم پرستي جو وجود، عدم ڄاڻ، عدم واقفيت آهي.

ڏنو ويجي تہ اسان جي سماج ۾ وهم پرستيءَ جا کوڙ سارا قسم آهن. اهو بہ ياد رکجو تہ هڪ تعليم يافتہ انسان جي وهم پرستي هڪ اڻ پڙهيل ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ خطرناڪ آهي، چاڪاڻ تہ پڙهيو لکيو ماڻهو پنهنجي وهم کي وهم مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هوندو آهي. تعليم يافتہ ماڻهوءَ لاءِ سندس عقيدو ايترو تہ گهرو هوندو آهي جو هو ان کي وهم مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهي هوندو. اسان جو هڪ دوست چوي ٿو تہ اسان کي سماج مان وهم پرستيءَ جي زنجير کي ٽوڙڻ گهرجي، پر سڀ کان اڳ ۾ ان ڳالهہ جو تہ فيصلو ڪرڻ گهرجي، واقعي سماج ۾ وهم پرستيءَ جي ڪا زنجير موجود آهي بہ يا نہ؟ نہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ ڪوشش ۾ توهان سماج ۾ وري ڪنهن پئي ماڻهوءَ جا هٿ پير ٽوڙي وجهو. وهم جا زنجير ان وقت ختم ڪري سگهجن ٿا جڏهن اُهي سچ پچ موجود هجن. جيڪڏهن اهڙو زنجير موجود ئي نہ هجي تہ پوءِ؟ ان ڳالهہ جي بہ پڪ ڪيو تہ جنهن کي توهان وهم جي زنجير سمجهو پيا اهو ڪو اهڙو زيور تہ ڪونهي جنهن جي اڻتي هلي توهان کي پائڻ جي ضرورت پوي. عقيدن بابت خيال بہ سوچ ويچار ڪرڻ جي دعوت ڏين ٿا.

مان پاڻ بہ هر قسم جي وهم پرستيءَ جي خلاف آهيان. مان چاهيان ٿو تہ سماج مان هر قسم جا وهم ۽ وسوسا ختم ٿي وڃن، پر مان چاهيان ٿو تہ ڪنهن بہ قسم جي عقيدن ۽ ويچارن خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڍڻ کان اڳ ۾ مڪمل ڄاڻ ۽ آگهي حاصل ڪئي وڃي. شين جا سمورا پاسا ڏسڻ کانسواءِ انهن جي خاتمي جي مهم هلائڻ هڪ قسم جي وهم پرستي بہ ٿي سگهي ٿي.

اهڙيءَ طرح وري هر عمر جا پنهنجا وهم هوندا آهن، اهو بہ ياد رکو تہ وهم پرستيءَ جون ڪيتريون ئي شڪليون آهن.

عمر ۽ تجربي جي آڌار تي ماڻهو پنهنجا پراڻا وهم ڇڏي نوان وهم اختيار ڪندو رهي ٿو. عقيدن ۾ ردوبدل ٿيندي رهي ٿي.

مثال طور هڪ وقت ۾ اهو وهم هوندو هو تہ مٿي تي تلڪ سجائيندڙ ماڻهو ئي رڳو مذهبي ماڻهو هوندو آهي، سمجهہ ۾ اهو نہ ٿو اچي تہ مٿي تي ڪو نشان لڳائڻ سان ڀلا ماڻهو يڪدم ڪيئن مذهبي ٿيو وڃي، ماضيءَ ۾ جيڪو مٿي تي تلڪ نہ سجائيندو هو ان کي مذهب کان پري سمجهيو ويندو هو. موجوده وقت ۾ تہ ان پراڻي وهم جو خاتمو اچي ويو آهي، پر هاڻ وري اسان کوڙ سارن نون وهمن جو شڪار ٿي ويا آهيون. هتي ڪو سوڀ پائي ٿو ۽ ٽاءِ ٻڌي ٿو تہ ان کي مهذب ۽ بهتر انسان سمجهيو وڃي ٿو. هاڻ تلڪ جي جاءِ ۾ تہ ٽاءِ ورتي آهي. جڏهن تہ ماڻهو ۽ سماج تہ ساڳو ئي آهي، پر خيال بدلجي ويو آهي.

ڏٺووجي تہ ان ملڪ ۾ ٽاءِ لڳائڻ بلڪل بي معنيٰ آهي جتي گرمي گهٽي پوندي هجي. ڇاڪاڻ تہ ٽاءِ ٽڏن ملڪن ۾ ڳچيءَ کي ٽڏ کان بچائڻ لاءِ رواج ۾ آندي وئي هُئي، پر گرم ملڪ جا فيشن ايبل ۽ امير ماڻهو ٽاءِ کي ٻڌن ٿا، ڇا امير ڪبير هجڻ جو اهو مقصد آهي تہ گرمي هوندي بہ ٽاءِ جو ڦاهو ڳچيءَ ۾ پيو هجي. آخر توهان کهڙي سائنسي عقيدي هيٺ ٽاءِ کي ڳچيءَ ۾ لڙڪائي هلندا ٿا

وتو بس ٽاءِ جو ٻڌڻ اڃوڪي دؤر ۾ مهذب هجڻ جو هڪ وهم آهي. جڏهن ته مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته مٿي تي پيشانيءَ جي وچ تي تلڪ لڳائڻ وهم ناهي پر ان جو هڪ سائنسي سبب به موجود آهي. تلڪ پيشانيءَ جي وچ تي ٻنهي اکين کان ٿورو مٿي لڳايو ويندو آهي، تلڪ جتي لڳائبو آهي اتي "آگيا چڪر" يا وري ٽئين اک جو چڪر موجود هوندو آهي. ٿورڙي استغراق يا مراقبي ڪرڻ سان ان جاءِ تي گرمائش پيدا ٿي ويندي آهي، پر اُها گرمي اتي صندل جي ڪاڻيءَ جو ٻورو لڳائڻ سان ختم به ٿي ويندي آهي. صندل جي ڪاٺ جو ٻورو لڳائڻ هڪ سائنسي ترڪيب آهي پر هاڻ اُها ڳالهه رواج ۾ ناهي، ختم ٿي چڪي آهي، ماڻهن جو هاڻ ان لاءِ سائنس سان ڪو به واسطو ناهي رهيو هاڻ ان جي اهميت کي رڳو اُهي ماڻهو ئي سمجهي سگهن ٿا جن ڪڏهن آگيا چڪر جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪئي هجي. جيڪڏهن ڪنهن اهو مراقبو ڪيو هوندو ته ان کي ئي حقيقت جي ڄاڻ هوندي.

گرم ملڪن ۾ ٽاءِ جو استعمال ڏسي ماڻهو حيران ٿين ٿا، جڏهن ته ٺڏن ملڪن ۾ ٽاءِ جي استعمال پويان سائنسي منطق نظر اچي ٿي. جيئن ته آگيا چڪر جو مراقبو ڪرڻ واري کي پيشانيءَ تي گرمائش محسوس ٿيندي آهي ۽ ان کي دور ڪرڻ لاءِ صندل جي ڪاٺ جو ٻورو لڳائبو آهي، اگر آگيا چڪر کي ٺڏو نه رکيو وڃي ته ان سان دماغ کي نقصان پهچڻ جو انديشو هوندو آهي.

سو منهنجي چوڻ جو مطلب هيءُ آهي ته، اسان کي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪهڙي ڳالهه وهم آهي ۽ ڪهڙي نه، ان لاءِ سموري پس منظر کي ڄاڻڻ جي ضرورت آهي. هڪ ڳالهه سڪٽو وهم آهي پر ان جي پويان ڪا حقيقت لڪل هوندي آهي، هڪ ڳالهه بظاهر سائنسي لڳندي آهي پر رڳو مفروضو هوندي آهي. سو حالتن جي چڱيءَ طرح ڄاڻ ضروري آهي.

جيئن تبت ۾ اهو عام رواج آهي تہ اُتي ماڻهو رڳو سال ۾ هڪ پيرو غسل ڪندا آهن. ان ملڪ ۾ اها ڳالهہ ان ڪري قابل قبول لڳي ٿو جو تبت ۾ مٽي ۽ دز ناهي هوندي. موسم سڄو سال ٺڏو رهي ٿو ماڻهن کي پگهر بہ ناهي ايندو. جنهن جي ڪري انهن کي وهنجڻ جي گهٽ ضرورت پوي ٿي. روزانو وهنجڻ سان انهن جي جسم کي نقصان پهچڻ جو انديشو هوندو آهي. چاکاڻ تہ انهن جي جسم جي گرمائش گهٽ ٿيڻ جو خطرو موجود هوندو آهي. تبت جهڙي ملڪ ۾ ڪپڑن کانسواءِ اگهاڙي بدن گهمڻ ڦرڻ ممڪن ئي ناهي. پر جي هندوستان جهڙي ملڪ ۾ ڪو ماڻهو انگ اگهاڙي گهمندو ڦرندو آهي تہ ان کي مهان ۽ درويش سمجهي پوڄيو ويندو آهي. جيڪڏهن مهاوير جو ڪو چيلو يا وري ڪو مذهبي ماڻهو تبت ۾ ڪپڑن کان آجو ٿي گهمي تہ ان کي يڪدم ذهني مريضن جي اسپتال پهچايو ويندو. جو تبت جي موسم ۾ ڪو چريو ماڻهو ئي ڪپڑن کانسواءِ گهمي ڦري سگهي ٿو. تبت ۾ ڪپڑن کانسواءِ گهمڻ غير سائنسي ۽ غير منطقي ڳالهہ آهي پر هندوستان ۾ نہ. سو وهم پرستي جتي ڪٿي موجود آهي.

جڏهن تبت جو ڪو لاما هندوستان ايندو آهي تہ اُهو هتي بہ ناهي وهنجندو. هڪ پيرو منهنجي ملاقات تبت جي هڪ لاما سان ٿي نہ وهنجڻ جي ڪري سندس جسم مان ايتري تہ بدبوءِ ۽ ڏپ اچي رهي هئي جو مان هن وٽ ڪجهہ گهڙيون ئي مس ويهي سگهيو هئس، هو مون کي انسان نہ پر ڪنهن جانور جهڙو ٿي لڳو. پگهر ۾ شل، مٽيءَ ۾ پيوت لاما پنهنجي بدبوءِ کان بي خبر هتي گهمي ڦري رهيو هو. هن جي فطرت ۾ وهنجڻ تہ بس سال ۾ هڪ پيرو ئي سمايل هو. اهو ئي سبب آهي جو مان وهم پرستي ۽ سائنس کي جاڙڻ جي سوال تي آگهيءَ جو قائل آهيان. ان ڪري

سماج ۾ سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي عقيدن تي ٽيڪا ٽپڙي يا جرح کان اڳ معاملي کي ڇاڻڻ گهرجي.

هڪ تجسس پريو ءِ ڳولائڻ ڏهن ئي صحيح نتيجا حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه وهمن ۾ مبتلا ڏهن به لطف اندوزي ءِ سُرور جو سبب هجي ٿو ءِ وري ڪڏهن ڪنهن عقيدي جي مخالفت به سُرور ٻنجي ٿي. مزو اچي ٿو وهم ۾ مبتلا هجڻ ان ڪري مزيدار آهي جو ان سان اسان جو ذهن سوچڻ جي تڪليف کان ڇٽي پوي ٿو. اسان به اڪثر ان ڳالهه کي ميون ٿا. سماج ۾ گهڻا ماڻهو جنهن ڳالهه کي قبول ڪن ٿا اسان عقيدن جي بنياد تي ڇاڻون به نه ٿا پر پوءِ به ميون ٿا، بس عقلي دليلن ءِ ڳولا جي خفي ۾ پيلا اسان ڇو پئون، جنهن پاسي ماڻهن جي گهڻائي وڃي ٿي اسان به اوڏانهن ئي هليا ٿا وڃون. اهڙي طرح وهم ۾ مبتلا رهڻ سڀلو آهي، جڏهن ته آگهي ءِ ڇاڻ جو سفر ڏکيو آهي.

ڪوڙ سارا ماڻهو ته پهرئين درجي جا وهمي هوندا آهن ءِ اهو ان ڪري آهي جو وهمي ماڻهن جي سبب ڄيڪي ماڻهو دانشمند ءِ ڏاها نه هوندا آهن سي به سماج ۾ ڏاها ءِ دانشور سڏبا آهن.

ڏاهو ءِ عقلمند ٽيڙ به ڪا سؤلي ڳالهه ته ناهي، هر شيءِ جي اصليت ءِ حقيقت ڇاڻڻ لاءِ نور نچوڙ پوي ٿو جسم جي سمورن عضون کي تڪليف ڪٽي پوي ٿي، خاص ڪري دماغ کي ته وڏو ڪم ڪرڻو پوي ٿو. ڪوڙ سارا ماڻهو مظهرن يا لقائن کي سڏو سنئون ڏسڻ باوجود به انهن کي ترتيب سان بيان نه ٿا ڪري سگهن. انهن جي ڳالهه شرطيا هوندي آهي، يعني تبت ۾ هجي ته ماڻهوءَ کي سال ۾ هڪ پيرو وهنجڻ گهرجي ءِ هندوستان ۾ ماڻهو هجي ته ان کي روزانو وهنجڻ گهرجي. اهڙي قسم جي ڳالهه ٻولهه فد سفياڻو دماغ رکندڙ ماڻهو ئي ڪندا آهن.

جيڪي ماڻهو ڏاهپ ۾ دانشوريءَ جي وهم ۾ مبتلا هوندا آهن، اُهي سماج جي پرواهه ناهن ڪندا. بس ڳالهه ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي سماج ۾ موجود رسمن جي ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ سان ڪم هوندو آهي، اُهي ته بس وهمن جو خاتمو چاهن ٿا. انهن لاءِ هر شيءِ جي تباهي ئي اصل مقصد هوندو آهي، ڪنهن شيءِ جي تعمير سان کين ڪو واسطو ناهي هوندو. منهنجو مقصد آهي ته جيڪڏهن توهان سوچڻ، سمجهڻ کانسواءِ رڳو عقل جي بنياد تي شين جي ڇڄ ڊاهه ڪندؤ ته ان سان به سماج جي اصلاح نه ٿي سگهندي. بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ ڊاهڻ سان گڏ تعمير ۾ ترقي بابت سوچڻ به ضروري آهي. ڳالهين جي پس منظر کي جانچي پوءِ نتيجا ڪيڻ گهرجن. شين کي چڱيءَ طرح جانچي، پرکي، مشاهدو ڪري پوءِ اسان درست نقطءِ نظر تي اچي سگهون ٿا، نه ته وهم پرستيءَ جا امڪان هميشه موجود رهندا.

اولهه جي ملڪن ۾ تحليل نفسي جو تمام گهڻو رجحان آهي ۽ مزي جي ڳالهه اها آهي ته هن وقت تحليل نفسي اهو ئي ڪم ڪري رهي آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ ڳوٺ جو ڊاڪٽر يا جادوگر ڪندا هئا. موجوده وقت ۾ فرانس ۾ هڪ سائنسدان هڪ نئين مذهبي تنظيم ناهي آهي، جنهن ۾ هو سائنسي لفظن کي اصطلاحن طور استعمال ڪري ٿو پر هو حقيقت ۾ انهن ڳالهين ۽ خيالن تي عمل ڪري ٿو جن تي جادوگر يا ڊاڪٽر عمل ڪندا آهن.

توهان ان ڳالهه تي حيرت زده آهيو ته هڪ ڳوٺ جو سادو ان پڙهيل ساڌو ڪنهن بيمار کي الله جي نالي تي هڪ چپٽي مٽي يا خاڪ ڏئي ٿو ته ان کي وهم پرستي سڏيو وڃي ٿو جيتوڻيڪ اُها مٽي به ايتري ئي مؤثر هوندي آهي جيترو ڪنهن ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر جي دوا.

هڪ منفرد تجربو لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ ڪيو ويو هڪ ئي بيماريءَ ۾ ورتل هڪ سؤ مريضن کي ٻن ڏار گروپن ۾ ورهايو ويو. پنجاهه ڇٽن کي دوائن سان پريل انجيڪشنون لڳايون ويون ۽ پنجاهه ڇٽن کي پاڻي سان پريل انجيڪشنون هنيون ويون. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ٻنهي گروپن جا مريض گڏوگڏ ٺيڪ ٿي ويا. اُتي سوال اُٽاريو ويو ته آخر ائين ڇو ٿيو؟

نفسياتي ماهرن ٻڌايو ته ان ۾ دوا جو گهٽ ۽ مريضن جي سوچ جو وڏو اثر هو. عام طور سماج ۾ اهو خيال ڪيو ويندو آهي ته مهانگي دوا جلد اثر ڪندي آهي. تنهان ڪري هوندو ته مشهور ۽ مهانگن ڊاڪٽرن وٽ مريضن جون قطارون هونديون آهن. حقيقت ۾ ته سچي ڳالهه هيءَ آهي ته سنو ڊاڪٽر ٽيڪ لاءِ دوائن جي باري ۾ وڏي ڄاڻ جي ضرورت ناهي پر توهان رڳو پبلسٽي سٽي انداز ۾ ڪيو. جيترو توهان جي مشهوري وڌندي اوترو توهان جو علاج مؤثر ٿيندو ويندو. ان لاءِ اهو سوال پيدا ٿيو هو ته آخر مريض ٺيڪ ڪيئن ٿا ٿين؟ جيئن ڳوٺ جو حڪيم. سنياسي. ويد متي يا رک جي ڪيءَ سان مريض جو علاج ڪري رهيو آهي ته پوءِ اسان تي لازم آهي ته انهيءَ ڳالهه تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيون. خاص طور تي اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته اهڙي قسم جي وهمن کي ختم ٿين گهرجي يا نه. جيتوڻيڪ هڪ اڪثر ساهه ۽ بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ وارو پٽو ڳچيءَ ۾ لٽڪاءِ مريضن کان هزارين روپيا اوڳاڙي کين ٺيڪ ڪري رهيو آهي ته ڇا ان ۾ سندس ڪمال آهي يا مريض جو وهم ته مهانگو علاج جلد ٺيڪ ڪندو آهي. ڇا توهان کي اها خبر آهي ته ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر پنهنجي دوائن جي پرچي عجيب غريب ٻوليءَ ۾ لکندا آهن. ان جو سبب هيءُ آهي ته جيڪڏهن توهان انهن جي لکت کي سمجهي ويندؤ ته پوءِ انهن دوائن جا نالا ياد ڪري پاڻ ئي بازار

مان اُها دوا خريد ڪندؤ پوءِ توهان کي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ضرورت نہ پوندي. جنهن ڪري ڊاڪٽر ڇاٽي ٻجهي اهڙي تحرير لکندا آهن تہ عام ماڻهو جيئن ان کي نہ پڙهي سگهي. ٻي مزي جي ڳالهہ تہ دوائن جا نالا هميشہ لاطيني يا يوناني زبان ۾ لکيا ويندا آهن. ان جو سادو سبب هيءُ آهي تہ جيڪڏهن اُهي انگريزي يا هنديءَ ۾ لکبا تہ توهان کين آخر هڪ انجيڪشن جا ڏهہ يا ويهہ روپيا ڇو ڏيندؤ؟ توهان اُهو ڇاٽي ونندؤ تہ اُهو نم يا لونگ جي پاٽيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

اُهي سڀ ڳالهيون ماڻهن کي نفسياتي طور تي مطمئن ڪرڻ جون آهن. جيئن هڪ ڳوناڻو ساڏو ڪنهن کي متيءَ جي چپٽي ڏئي مطمئن ڪندو آهي. ساڏو بہ مشهوري لاءِ رنگ بہ رنگي ڳاڙهو، ساوا، نيرا پهراڻ پائيندو آهي ۽ جي هو عبادتگذار رحمدل ۽ سخي طور مشهور آهي تہ پوءِ سندس متيءَ جي چپٽيءَ بہ وڏي ۽ تيزيءَ سان ڪم ڪندي آهي. هاڻ اسان کي اُهو طئہ ڪرڻو آهي تہ بيمارين جي علاج جو ڪهڙو طريقو مناسب آهي.

ضرورت هن ڳالهہ جي آهي ماڻهو ڏاهپ ۽ هوش سان ڪو فيصلو ڪن. حقيقت ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجي مٿان مصنوعي بيماريون آڻيون ئي نہ تہ علاج جي ضرورت ئي نہ پوندي. باقي ياد رکو توهان پراڻا طريقا ختم ڪندؤ تہ ان جي جاءِ تي نوان طريقا جاءِ والاريندا. دنيا ۾ بيمارين جي علاج جا سوين طريقا موجود آهن. ڪهڙو درست آهي سا اڄ تائين خبر ناهي پئي. ڇو تہ هر هڪ جي دعويٰ اها آهي تہ اُهي ئي درست آهن.

اسان جيترو انساني نفسيات جي جانچ ڪندا سين اوترو ئي واضح ٿيندو ويندو تہ هر بيماري انساني دماغ جي ڪنهن لکل حصي ۾ موجود هوندي آهي. ۽ جيستائين اُها بيماري دماغ ۾ موجود هوندي، اوستائين بيمارين جي علاج جا ڪوڙا طريقا بہ

جاري رهندا. مون کي کنهن بہ علاج جي طريقي تي اعتراض کونهي پر مون کي انساني دماغ ۾ موجود بيمارين کي نيڪالي ڏيڻ سان دلچسپي آهي. جيڪڏهن انسان جي دماغ مان بيماري ختم ٿي وڃي. جيڪڏهن انسان جو شعور سجاڳ ٿي وڃي جيڪڏهن هو شين ۾ فرق ڪرڻ سکي وڃي ۽ پريشان ڪندڙ حالتن ۾ گهبراءِ نہ تہ هو بلڪل نيڪ ٿي ويندو. باقي جيڪڏهن اڄ متي ۽ رک جو واپار جاري آهي تہ ان جو سبب اهو شخص ناهي جيڪو متي ورهائي پيو پر توهان پنهنجي وهم ڪري پريشان آهيو ۽ اُها متي خريد ڪيو پيا.

ڪوبہ ماڻهو پنهنجو پاڻ توهان جو ليڊر ناهي بنجي ويندو. اُهي توهان پاڻ آهيو جو ان کانسواءِ توهان نہ ٿا رهي سگهو جيڪڏهن توهان هڪ ليڊر کان جان ڇڏائيندؤ تہ اُن جي جاءِ ٻيو يا ٽيون ماڻهو پريندو رهندو اهو توهان جي لاشعور ۾ موجود آهي تہ جڏهن توهان کنهن هڪ ليڊر کي رد ڪري رهيا هوندا آهيو تہ پنهنجو پاڻ ٻيو کوان جي جاءِ والاري رهيو هوندو آهي. هڪڙو ٻيو توهان کي نہ ٿو وٽي تہ وري ٻئي ڏانهن پڇندا آهيو ٻئي توهان جي اعتماد کي ٽوڙيو تہ توهان وري پهرئين ڏانهن موٽندا آهيو ۽ اهو سبب ان ڪري آهي جو دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ رڳو ٻہ سياسي پارٽيون ئي راڄ ڪنديون آهن.

گذريل عام چونڊن جي موقعي تي راجپور ۾ آئون ترسيل هئس، منهنجو هڪ دوست جيڪو راجپور جو پراڻو رهواسي هو ۽ هر چونڊ ۾ ڪٽيندو هو. پر هن پيري هن کي شڪست آئي، منهنجي دوست کان ڪٽيندڙ اميداوار سياست ۾ صفا نئون هو مون پنهنجي دوست کان سندس هار جو سبب پڇيو تہ هن چيو ماڻهو منهنجو چهرو ڏسي ڏسي بور ٿي ويا آهن، سو هن پيري انهن نئين چهري کي ڪٽايو آهي.

اصل ۾ هتي سوال ڪنهن ليڊر کي هٽائڻ جو ناهي، نه ئي ڪنهن وهم کان پيڇو ڇڏائڻ جو. اصل مسئلو اُهو ناهي، مسئلو آهي انسان جي اندر بنيادي تبديلي آڻڻ جو. هڪ سائنسي ذهن، روشن خيال ماڻهو ته ڪنهن به وهم جي پرواهه ناهي ڪندو پر وهم ماڻهوءَ جو اوستائين پيڇو ناهن ڇڏيندا جيستائين ماڻهوءَ کي پنهنجي اندَن عقيدن تي اعتبار هوندو آهي، جيستائين انسان عقيدن کان هٽي ڪري پنهنجي شعور جون اکيون نه ٽو ڪولي، اوستائين اها اندَائپ ۽ وهمن جو وجود باقي رهندو.

ڪو مون کي اهو ٻڌاءِ ته اسان مان ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي اندر جون اکيون کولڻ لاءِ تيار هجي؟ ڪنهن کي به اندر جون اکيون کولڻ جي جرئت نه ٿي ٿئي، چاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان اکيون کولي ڇڏيون ته اسان کي اهو سڀ ڏسڻو پوندو جنهن کي اسان ڏسڻ نه ٿا چاهيون. ان ڪري اسان شعور جون اکيون بند ڪيو وينا آهيون ۽ جيڪا شيءِ اسان کي پسند آهي اها ئي اسان ڏسي رهيا آهيون. ڇا توهان ڪڏهن اکيون کولي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اصل ۾ زندگيءَ جي حقيقت ڇا آهي؟ حقيقت کي توهان ڏسڻ نه ٿا چاهيو چاڪاڻ ته پوءِ توهان کي پنهنجي خواهشن خلاف عمل ڪرڻو پوندو. هر ڪو ماڻهو هتي پاڻ کي نيڪ، مهاتما ۽ پاڪيزه سمجهي ٿو پر جيڪڏهن هو ڪليل اکين سان پنهنجي اندر ۾ ڏسي ته خوفناڪ حد تائين پاڻ کي وڏو گناهگار ڏسندو ۽ جيئن ته هو پنهنجي اصل صورت ڏسڻ نه ٿو چاهي، چو ته پوءِ هن کي پنهنجي مهانتا تان هٿ کڻڻو پوندو. ان ڪري هو پنهنجي طرف پنهنجون اکيون بند رکي ٿو رڳو اهو نه پر کوڙ سارا ماڻهو آهن جي اکين کي بند ڪرڻ ۾ سهڪار ڪن ٿا. هو پنهنجي آس پاس اهڙا ماڻهو گڏ ڪندو آهي جيڪي هر وقت ان کي وڏو ڪري پيش ڪن. ان لاءِ هو پنهنجي چؤڌاري

عقيدتمندن کي ميڙي رکندو آهي، پنهنجي آس پاس هو انهن ماڻهن کي ئي برداشت ڪندو آهي. جيڪي سندس اکين کي بند رکڻ ۾ سهڪار ڪن. ماڻهن کي پنهنجي چؤڌاري گڏ رکڻ لاءِ حيرت انگيز طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن، انهن مان هڪ طريقو هيءُ به آهي ته هر وقت اهو چوندا رهو ته مون ڏانهن ڪير به نه اچي. مان ڪنهن سان به گڏ رهڻ نه ٿو چاهيان. عام ماڻهو انهيءَ ترڪيب کان متاثر ٿيندو آهي ۽ آس پاس ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي ويندو آهي، هو جيترو ماڻهن کي ٻري ڇڄائيندو آهي اوترو ماڻهو هن کي مهاتما سمجهندا آهن. هڪ وڏو مهاتما ماڻهن کي بظاهر پري ڇڄائيندو آهي پر دل ۾ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي ئي سندس خواهش هوندي آهي.

مون هڪ همراهه جي باري ۾ ٻڌو آهي جيڪو ڪافي سالن تائين ڪيليفورنيا جي ساموندي ڪناري تي گهمندو ڦرندو رهندو هو. اُهو عام ماڻهن جي لاءِ دلچسپيءَ جو سبب بنجي ويو هو. ان لاءِ اها ڪهاڻي مشهور ٿي وئي هئي ته هو ايترو سادو ماڻهو آهي جو جيڪڏهن توهان هن کي ڏهه ڊالرن جو نوٽ يا وري ڏهه پئسن جو سڪو ڏيو ته هو ڏهه ڊالرن جي نوٽ کي ڇڏي ڏهه پئسن جو سڪو کڻي ونندو آهي، معنيٰ ته هو ايترو معصوم هو هڪ همراهه تجسس جي ڪري هن وٽ اٿ. ڏهه ڀيرا ويو ۽ هر ڀيري هن ان همراهه کي ماڻهن جي ميڙاکي ۾ ڏنو ماڻهو هن کان پڇندا هئا ته بابا توهان کي ڇا کپي ۽ هر ڀيري هو ڏهه پئسن وارو سڪو کڻندو هو. ماڻهو حيران ٿيندا هئا ته ويچارو ڪيترو نه سادو انسان آهي جو ڏهه ڊالرن جو نوٽ ڇڏي ڏهه پئسن جو سڪو کڻي ڀيو. ان تجسس ۾ ورتل همراهه کي يقين نه ٿي آيو ته ڪو ماڻهو ايترو معصوم ٿي سگهي ٿو جو هو وڏي عمر باوجود به ڏهه ڊالرن جي نوٽ ۽ ڏهه پئسن جي سڪي ۾ فرق نه ڪري سگهندو

هجي. اها ته معصوميت جي انتها آهي هڪ پيري جڏهن ان مهان همراهه وٽان ماڻهو هليا ويا ۽ هو اڪيلو رهجي ويو ته جانچ ڪندڙ همراهه وٽس ويو ۽ ان کي چيائين "مان گذريل ويهه سالن کان توکي ڏسندو پيو اچان مون کي حيرت آهي ته اها راند ايتري دڳهي عرصي کان جاري آهي، ڇا سچ پچ توکي ڏهه ڏالرن جي نوٽ جي سچاڻپ ڪانهي." ان همراهه کلندي چيو "مون کي ته شروع کان ئي خبر آهي ته ڏهه ڏالر ڏهه پئسن کان گهٽا هوندا آهن، پر جيڪڏهن مان اها ڳالهه ظاهر ڪيان ها ته پوءِ هن راند ۾ مزو ئي ڪهڙو هجي ها. پهرئين ڏينهن ئي هن راند جو خاتمو ٿي وڃي ها. مان ڏهه ڏهه پئسا ڪري روزانو هزارين ڏالر ڪمائيندو آهيان ته پوءِ آخر هڪ ڏهه ڏالرن جي نوٽ کي مان ڇا ڪندس. جيڪڏهن مان پهرئين ڏينهن کان ئي ڏهه ڏالر قبول ڪيان ها ته پوءِ مان هزارين رپيا ڪيئن ڪمايان ها. مون کي ڏالر ۽ پئسي جي وچ ۾ فرق جي خبر آهي پر مان ته ماڻهن کي بيوقوف بنائي رهيو آهيان. مون کي روزانو سڪن جي صورت ۾ پنج کان ڇهه سؤ ڏالر جي ڪمائي ٿئي ٿي سو مان ڏهه ڏالر جو نوٽ ڇا ڪندس."

اسان جاکوڙ سارا مهاتما اهڙا آهن جڏهن انهن سان دولت جي ڳالهه ڪندؤ ته هو ظاهر ائين ڪندا جڙ کين پئسن جي ضرورت ئي نه هجي پر هن سان گڏ ويٺل چيلو ماڻهن جا ڏنل پئسا سندس ئي ٽجوڑيءَ ۾ رکندو ويندو آهي. مهاتما ته پئسن کي هٿ ناهي لائيندو پر سندس ٽجوڑي پريل هوندي آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن کو ماڻهو پنهنجو پاڻ انڊو ٿي ويٺل رهي ته پوءِ ٻيو ڀلا ان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهي؟ ڪير اهڙو چريو آهي جو انهن جي اکين تي ٻڌل انڊي عقيدي جي پٽي کولي. سمنڊ ڪناري گهمندڙ به هٿي وڏا وڏا ڪلاڙي موجود آهن، ماڻهو ته بيوقوف آهن، اُهي ته بس

پوئلڳي ڪن ٿا. اسان جي سماج ۾ ان ڪري ئي مذهبي مدارين جا دڪان هلي رهيا آهن.

ان ڪري مان چوان ٿو ته سماج ۾ موجود وهم جا زنجير ٽوڙڻ لاءِ فڪرمند نه ٿيو. جيڪو ماڻهو پاڻ اُهي زنجير زيورن وانگر سجايو وينو آهي، اهو انهن زنجيرن کانسواءِ زنده نه رهي سگهندو. هو زنجيرن جو عادي آهي، ان لاءِ هڪڙا نه ته ٻيا زنجير پائي ويهندو.

سمورن مذهبن، انسانن تي لڳل زنجيرن ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هر ماڻهو پاڻ لاءِ نوان نوان زنجير جوڙي ونيو ٿو دنيا ۾ اڄ تائين کوڙ سارا مذهب آيا، انهن انسانن جي اصلاح جي ڪوشش ڪئي پراڻن وهمن کي ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪئي پر پوءِ به سماج ۾ نوان نوان وهم جڙندا رهيا، جيڪي ماڻهو پراڻن عقيدن وهمن، وسوسن کان بور ٿي ٽڪجي پوندا هئا سي وري نوان وهم ۽ نوان عقيدا جوڙي ونندا هئا.

ان لاءِ اصل مسئلو هڪ فرد ۾ ذات جي آگهي، خود شناسي جو شعور اجاگر ڪرڻ آهي. ذات جي آزاديءَ جو شعور ئي ماڻهن کي وهم جي زنجيرن کان آزاد ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سماج مان انڌي عقيدي، جهالت، شخصيت پرستي جو خاتمو اچي وڃي ته سمورا وهم متيءَ ۾ دفن ٿي ويندا ۽ اهو سڀ تڏهن ئي ٿيندو جڏهن ماڻهو عقيدن جي هٿ ڏرمي مايا مان جان ڇڏائي شخصي طور آزاد ٿيندو. اعليٰ شعور جي حاصلات سان ئي سمورا وهم يڪدم فنا ٿي ويندا ۽ وهم پرستيءَ جو خاتمو اچي ويندو. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته رڳو جسم جو لباس متائڻ سان بيماري ختم ڪانه ٿيندي. بيماريءَ جو علاج ته روشن خيالي سان ٿيندو. جيڪڏهن سماج ۾ هر ماڻهوءَ کي سندس من پسند رنگ اختيار ڪرڻ ڏنو وڃي جيڪڏهن

کو ماٺهو ڳاڙهو پهراڻ پائي خوش ٿئي ٿو ته ان کي روکڻ نه گهرجي، پلي اهو ڳاڙهو چولو پائي خوش ٿئي. جيڪڏهن کو کارا ڪپڙا پائڻ چاهي ٿو ته پوءِ ان تي پلا چا جو اعتراض؟ پر اصل ۾ سمجهڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته رڳو ڪپڙا تبديل ڪرڻ سان سماج ۾ انقلاب ڪونه ايندو. سماج ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ڪپڙا متائڻ جي ضرورت ناهي پر ذهن ۾ شعور تبديل ڪرڻ جي ضروري آهي. چاڪاڻ ته جيڪو ماٺهو اڄ جنهن رنگ جا ڪپڙا پسند ڪري ٿو اُهي سياڻي وري لباس متائي ٻيو کو رنگ ۾ پائي سگهي ٿو.

ڳاڙها ڪپڙا پاتل هڪ سنياسي گانڌيءَ سان ملڻ لاءِ ويو ۽ چيائين ته هو گانڌيءَ جي خيالن کان ڏاڍو متاثر آهي ۽ هو ۾ ملڪ جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿو موٽ ۾ هن کي گانڌي جيڪو چيو سو نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه آهي. گانڌي چيو ته: "ملڪ جي خدمت جو جذبو سٺي ڳالهه آهي، پر سڀ کان اول توکي پنهنجو هيءُ لباس تبديل ڪرٽو پوندو. هيءُ لباس توکي ماٺهن کان پري رکندو. عام طور تي ماٺهو اهڙا ڪپڙا پائيندڙن کان خدمت وٺڻ جي بجاءِ سندن خدمت ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن." گانڌيءَ جي اها ڳالهه بلڪل درست هئي. ايترو چئي گانڌي هن جو ڳاڙهو پهراڻ لاهي هٿ سان ٺهيل کاڌيءَ جو پهراڻ پائڻ لاءِ ڏنو.

ملڪ ۾ کاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندڙ ماٺهن اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن جو ڳاڙها ڪپڙا پائيندڙ ماٺهو ان جو تصور ۾ نه ٿا ڪري سگهن. پر افسوس ته موجوده وقت ۾ کاڌي پائيندڙ گانڌيءَ جا پوئلڳ ۾ ماٺهن جي خدمت ڪرڻ بدران ماٺهن کان خدمت ونڊي رهيا آهن. هاڻ ڳاڙها ڪپڙا پائيندڙن جي ۾ ايتري خدمت نه ٿي ڪئي وڃي جيتري کاڌي جا ڪپڙا پائيندڙ سياستدانن جي. ماٺهو ماضيءَ جي ڳاڙهن ڪپڙن وارن جي

خدمت واري وهم مان جند ڇڏائي هاڻ کاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندڙن جي خدمت ڪرڻ وارن وهمن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن.

بنيادي سوال سماج مان هڪ وهم جو خاتمو آڻي ماڻهن کي ٻئي وهم تي لڳائي ڇڏڻ ناهي، پر حقيقت ۾ ماڻهن جا ذهن تبديل ڪرڻ ۽ شعور ڏيڻ جو سوال آهي، ماڻهن کي عادتن ۽ وهمن جي قيد مان نجات ڏيارڻي آهي. گانڌيءَ ان همراه جو ذهن تبديل نه ڪيو پر سنا.س لباس متڙائي ڪيس قوم جي خدمت تي لڳائي ڇڏيو. اسان هميشه ساڳي ئي طريقي تي عمل پيرا آهيون.

گذريل پنج هزار سالن کان انسانيت وڏي بدنصيبيءَ جو شڪار آهي.. وهمن جي خاتمي جي ڪوشش ۾ ماڻهن کي تبديل ڪرڻ ڏکيو آهي، اسان ته سماج مان هڪ وهم جو خاتمو آڻي ٻيا وهم ماڻهن کي ڏئي ڇڏيون ٿا. اسان بس لباس بدلائي خوش ٿي ٿا وڃون. ذهن نه ٿا بدلايون. مون وٽ هڪ نوجوان ايندو هو هو ڏينهن رات مقدس ڪتابن بابت ئي ڪچهري ڪندو رهندو هوهن کي اُپنشد، گيتا ۽ وٻد زباني ياد هئا. مون هن کي چيو ته اُهي فضول ڳالهيون نه ڪر." انهن ڪتابن مان توکي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو منهنجي ان ڳالهه تي هو ناراض ٿي ويو. پر مون وٽ اچڻ نه ڇڏيائين. جيڪڏهن ڪو سياڻو ماڻهو توهان سان ڪاوڙ به ڪندو آهي ته اُهو توهان سان رابطا ختم ناهي ڪندو پر هو ڪاوڙ کي به هڪ ناتي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. سو نوجوان ناراض هجڻ باوجود به مون وٽ ايندو هو اهڙي طرح ڪجهه ڏينهن گذريا ته خبر ناهي ڪيئن منهنجون ڳالهيون ٻڌڻ ڏوران هن کي احساس ٿيو ته سڀ ڪجهه اجايو آهي، سو هڪ ڏينهن هن اچڻ سان مون کي ٻڌايو ته هن گيتا، اپنشد، وٻد ۽ ٻين مذهبي صحيفن کي هڪ ڳنڍيءَ ٻڌي هڪ اونهي کوهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو آهي.

مون هن کي چيو ته تو ائين چو ڪيو هن چيو منهنجي ڪتابن جو ڪٻٽ مذهبي ڪتابن سان پريل هو سو مون اُهي ڪتاب اڇلائي هاڻ ان جاءِ تي توهان جا ڪتاب رکڻ جي جڳهه ٺاهي آهي."

مون هن کي چيو "پر ائين ته مون توکي چيو ئي ڪونه هو ان سان پلا ڪهڙو فرق پوندو ته تنهنجي ڪتابن جي ڪٻٽ ۾ مذهبي ڪتابن جي جاءِ تي منهنجا ڪتاب جاءِ والاريندا. مون ته توکي چيو هو ته ڪنهن به ڪتاب تي عقيدو نه رکجانءِ. ڪتابن سان شعور سلهاڙيل ناهي. شعور ته اندر ۾ جهاتي پائڻ سان ايندو آهي. سماج جا نام نهاد مرشد، استاد ءِ گرو ان ڄال ۾ تمام گهڻي خوشي محسوس ڪندا آهن ته ماڻهو سندن چيل ڄالهين کي قبول ڪن ٿا. پر ائين ته ماڻهو هڪ وهم کي ڇڏي ٻئي وهم ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا.

ان ڪري مون ان جوان کي چيو ته منهنجا ڪتاب به ڳنڍ ۾ ٻڌي ان کوهه ۾ اُڇلي ڇڏ جنهن ۾ تو مذهبي صحيفا اُڇليا آهن. هن اهو چيو ته پلا اهو ڪيئن ممڪن آهي ءِ زور ڏئي چيائين ته هو ائين نه ڪندو جنهن تي مون چيو ته پوءِ ته سڀ ڪجهه ايئن ئي رهندو پوءِ ته بس تون رڳو گيتا ئي پڙهندو رهين ها. جيڪڏهن تون ڪتاب پڙهڻ چاهين ٿو ته پوءِ ان لاءِ گيتا کوڙ آهي، ان مان ئي تنهنجو ڪم هلي وڃي ها. گيتا منهنجي ڪتابن کان وڌيڪ ٽلهي متاري آهي.

هميشه ائين ئي ٿيندو رهندو آهي ءِ هاڻ به ائين ئي ٿئي پيو سو انسان ته ساڳو ئي آهي، راندیڪا منجي ويا آهن. جيڪڏهن ڪو مون کان راندیڪا وٺندو ته مون کي خوشي ضرور ٿيندي ته هن منهنجو طرز فڪر اختيار ڪيو آهي. منهنجي انا جي تسڪين ٿي ويندي ته ڪنهن ڪرشنا کان وڌيڪ مون تي اعتماد

ڪيو آهي، پر ان سان انسانيت ۾ ڪا بہ تبديلي ڪانہ ايندي. انسانيت کي ڪتاب بدلائڻ سان ڪوبہ فائدو نہ پهچندو. اسان کي ان ڳالهہ جو فڪر ڪرڻ گهرجي تہ انسان جي اندر ۾ تبديلي ڪيئن آڻجي؟ جهالت شين تي عقيدا جمائي ڇڏيندي آهي. انسان پنهنجي عقل جي انڌائپ تي ڪيئن ڪنٽرول ڪري؟

انهيءَ نوجوان کي مون صلاح ڏني تہ "وهمن کي ٽوڙڻ ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي بجاءِ وهمن ۾ مبتلا ذهنن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. انهيءَ ذهن کي تبديل ڪريو جيڪو وهم، وسوسن جي واڌ ويجهہ ڪري ٿو تہ جيئن هڪ نئون انسان پيدا ٿئي. پر اهو هڪ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. ان لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي، تہ جيئن هڪ نئون انسان جنم وٺي سگهي، اهو ڪم ڪنهن بہ طرح سؤلو ڪونهي. ان کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ مڪمل سائنسي رويئي جي ضرورت آهي.

پوتن ۾ بدروحن جي وجود کان انڪار نہ ڪيو اُهي توهان جي وجود کان وڌيڪ حقيقت رکندڙ آهن، انهن جي وجود ۾ ڪوبہ دوکو ناهي. بس پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ جي همٿ ڏاريو. جيڪي ماڻهو جنن پوتن ۾ پرين جا انڪاري هوندا آهن، اُهي انهن جي وجود جي ئي نفي ڪري ڇڏيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اُهي پنهنجي اندر ۾ موجود خوف کي ختم ڪرڻ چاهيندا آهن. اُهي پاڻ کي آڏت ڏيندا آهن تہ جن پوت ڪونهي تہ جيئن اُهي ڪنهن اونداهي گهٽيءَ مان سڪون سان گذري سگهن. پوتن کان ڊنل ماڻهو ڪڏهن بہ پوتن جي وجود کي ختم نہ ڪري سگهن.

جيڪڏهن پوت آهن تہ پوءِ بس اُهي آهن؟ هاڻ ان ڳالهہ سان پلا ڪهڙو فرق پوي ٿو تہ توهان انهن تي يقين رکو ٿا يا نہ. جيڪا شيءِ آهي، سا آهي، بهتر آهي تہ اسان انهن تي تحقيق ڪيون ڇاڪاڻ تہ جيڪا شيءِ موجود آهي، ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان

ان جو اسان سان لاڳاپو آهي، سو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شين کي اسان سڃاڻون، ڳوليون، جانچيون، پرکيون، انهن اڻ ڏٺل شين سان ميل ميلاپ جي ذريعن کان واقف ٿي سگهون ۽ يقينن اهو سؤلو ڪم ناهي، ۽ن ماڻهن جي وچ ۾ توهان جيڪا خالي جاءِ ڏسو ٿا ضروري ناهي ته اُها خالي هجي، ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ خالي جاءِ تي ڪو ٻيو موجود هجي. اها ٻي ڳالهه آهي ته توهان ان کي نه ٿا ڏسي سگهو. پر اهو خيال ئي توهان کي خوفزده ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته اتي ڪو موجود آهي. اسان کي الاءِ ڇو خالي جڳهين تي ڊپ لڳندو آهي، ان لاءِ اسان پنهنجي ڪمرن کي فرنيچر، تصويرن، ڪئلينڈرن، ديوتائن جي مورتين سان ڀري ڇڏيندا آهيون. خالي جاءِ، خالي گهر اسان جي خوف جو سبب هوندا آهن. اسان انهن کي هر طرح جي شين سان ڀريندا رهندا آهيون، ته جيئن آس پاس ڪابه خالي جاءِ نه هجي. ان باوجود به ڪافي جاءِ خالي هوندي آهي، پر حقيقت ۾ ته اُها خالي ناهي هوندي ۽ اها به هڪ سائنسي حقيقت آهي.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسان کان ڪو سوال ڪري ته جنن، ڀرين، ڀوتن جو ڪو وجود آهي يا نه؟ ته سائنسي ذهن جو بهترين اظهار اهو هوندو ته مون کي ڪا خبر ناهي، چاڪاڻ ته مان انهن جي حقيقت بابت تحقيقي انداز ۾ ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان مان ڀلا ڪيئن ٿو چئي سگهان، ته ڀوت نالي ڪا شيءِ موجود آهي يا نه؟" ته مثبت يا منفي، ها يا نه، جهڙي جواب ڏيڻ ۾ جلدي نه ڪرڻ گهرجي، جيڪو جواب ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪري سمجهو ته اصل ۾ اُهو ئي ماڻهو وهم پرست ذهن رکندڙ آهي، هڪ سڃاڻ ماڻهو اڪثر ڪري پنهنجي اڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪندو آهي. هڪ ڀيري آئن استائن کان ڪنهن همراهه سوال ڪيو ته "وهم پرست ماڻهو ۽ سائنسدان ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي؟" هن

جواب ڏنو تہ: "جيڪڏهن توهان ڪنهن وهم پرست ماڻهوءَ کان سوال ڪندؤ تہ هو ان سوال جا هڪ سؤ جواب ڏيندو ۽ جيڪڏهن توهان سائنسدان کان هڪ سؤسوال پڇندؤ تہ هو 98 سوالن جو جواب نهڪر ۾ ڏيندو ۽ جن ۾ن سوالن جا جواب ڏيندو انهن جي بابت ب اهو ئي چوندو تہ ڪيس تمام گهٽ ڇاڻ آهي ۽ اها ڇاڻ ب حتمي ناهي. ٿي سگهي ٿو سياڻي وري مون کي ان ۾ ب ڪا تبديلي ڪرڻي پوي.

ياد رکو هڪ سائنسي ذهن صفا معصوم هوندو آهي ۽ وهم پرست تہ هرگز ب ناهي هوندو. جڏهن تہ وهم پرست ماڻهو بظاهر تہ سادو نظر ايندو آهي پر هو سادو هوندو ڪونهي، اُهو انتهائي چالاڪ ۽ هوشيار هوندو آهي. اهڙي ذهن جي چالاڪي جو اندازو ان ڳالهہ مان ڪري سگهو ٿا تہ هو هر ان ڳالهہ جي ب تصديق ڪندو آهي جنهن بابت هو ڇاڻندو ب ناهي. اهڙي قسم جي ذهن جي مالڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي گهر جي در تي لڳندڙ پٿر جي خبر ناهي پوندي تہ اُهو ڪنهن هنيو پر هو پنهنجي خدا کي صحيح، سچو ۽ ٻيئي جي خدا کي غلط ثابت ڪرڻ جي جنون ۾ ماڻهن کي قتل ڪرڻ کان ب ناهي مڙندو. جيڪڏهن ڪو ڪنهن ڪنڌ تي تلوار رکي چوي تہ منهنجي خدا کي صحيح سمجهہ ۽ توهان خدا کي مڃي ب وٺو تہ ان سان پلا خدا کي ڪهڙو فائدو پوندو.

ايستائين جو سمورا مسلمان گڏجي سمورن هندوئن کي ختم ب ڪري ڇڏين تہ پوءِ ب اُهي پاڻ کي حق تي ثابت نہ ڪري سگهندا. اهڙيءَ طرح هندو گڏجي سمورن مسلمانن کي ڪُهي ڇڏين تڏهن ب تلوار جي زور تي هو پاڻ کي صحيح ثابت نہ ڪري سگهندا، پر اسان وهم پرستن وٽ انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ذريعو ب ڪونهي. ٻيو ڪو نظريو ب ڪونهي. ماڻهو تہ بس هڪ ئي ڳالهہ ڄاڻن ٿا "جنهن وٽ لکڻ هوندو مينهن ب ان جي ئي هوندي."

سموري دنيا ايئن ڪري پئي، رڳو مذهبي اڳواڻ تشدد جي راهہ تي نہ پيا هلن پر سياستدان بہ تشدد ڪرائڻ ۾ ڪنهن کان گهٽ ڪونهن. ڇا هائيڊروجن بم جي ذريعي روس ۽ آمريڪا وچ ۾ اهو طئہ ٿيڻ ممڪن آهي تہ ڪير صحيح آهي ۽ غير غلط آهي، ڇا طاقت جي زور تي اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ مارڪس سچو هو؟ هٿيار ڪڏهن بہ حق جو فيصلو نہ ٿا ڪري سگهن، ها ڳالهيون، دليل ۽ مذاڪرات ئي اهو ثابت ڪري سگهن ٿا تہ غلط ڇا آهي ۽ صحيح ڇا آهي؟ پر ماڻهن وٽ ڳالهائڻ جو وقت ناهي، اُهي تہ بس وهمن جي گهيري هيٺ آهن.

ان ڪري ياد رکو منهنجو زور زنجير ٽوڙڻ تي ناهي پر سمورو زور هن ڳالہ تي آهي تہ زنجير ناهيندڙ وهم پرست ذهنن کي تبديل ڪيو ويڃي. جيڪڏهن سماج ۾ وهم پرست ذهن هوندا تہ توهان هڪڙا زنجير ٽوڙيندؤ تہ بيا زنجير جڙي پوندا. وهم پرست ذهن هڪ خيال کان ڇڏائي وري بئي خيال ۾ قاسندا ۽ پراڻا زنجير ٽٽي نوان زنجير ٿي پوندا. ياد رکو پراڻن جي پيٽ ۾ نوان زنجير وڌيڪ مضبوط هوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ صنعتي ترقي نوان رجحان ۽ نوان خيال متعارف ڪرايا آهن. سماج ۾ وهمن جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهو بہ پراڻا وهم ختم ڪري نوان وهم سماج کي ڏئي رهيا آهن. وهم پرست ذهنن جي خاتمي کانسواءِ وهمن جي زنجيرن جو خاتمو نا ممڪن آهي، ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اسان حقيقت پسنديءَ جو ثبوت ڏيون ۽ ٻين کي بہ اهو عمل سيکاريون. حقيقت پسنديءَ جو مطلب آهي "سوچ ويچار ۽ تحقيق" ڳولا ۽ جستجو ڪنهن بہ مامري تي زبان اُن وقت کوليو جڏهن مڪمل تحقيق ڪري چڪا هجو. اوستائين کا بہ راءِ نہ ڏيو جيستائين کو تجربو نہ ڪري چڪا هجو. ياد رکو هڪ سائنسدان پنهنجي تجربي کي سوين ڀيرا آزمائيندو آهي،

ورجائيندو آهي ان کانپوءِ کو آخري نتيجو ڪيندو آهي، جيڪو بہ ماڻهو جلد کان جلد نتيجن تائين پهچڻ چاهي ٿو اُهو سوچ ويچار جي صلاحيت کان محروم هوندو آهي ۽ تڪڙ جي ڪري ئي اڪثر ماڻهو وهمن ۾ مبتلا هوندا آهن ۽ ڏٺو ويچي تہ اسان سيني کي تڪڙ آهي. هڪ درست مختلف سوال ڪيا آهن ۽ هو چاڻڻ چاهي ٿو تہ "خدا موجود آهي يا نہ؟ روح ڇا آهي؟ نجات ڇا آهي؟ جنت ڪنهن ناهي آهي؟ ڇا دوزخ جو سچ پچ وجود آهي؟ هن دنيا ۾ انسان جي اچڻ جو اصل مقصد ڪهڙو آهي؟ ۽ زندگيءَ جو بنيادي مقصد ڇا آهي؟"

هيءُ همراهہ ايترو تہ تڪڙ ۾ آهي جو هو سموريون ڳالهيون هڪ ئي ڏڪ ۾ چاڻڻ چاهي ٿو سو ڏٺو ويچي تہ ايتري تڪڙ ڪندڙ ماڻهو ئي مختلف وهمن ۾ وکوڙيل هوندو آهي. تحقيق ۽ جانچ انتهائي صبر آزما ڪم آهي، ان لاءِ مضبوط قوت برداشت جو هجڻ ضروري آهي، ان ڳالهہ سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي تہ اسان زندگيءَ جي هڪ وڏي حصي ۾ ڪجهہ چاڻي بہ سگهون ٿا يا نہ؟ اسان کي پنهنجي ڳولا، پنهنجو تجسس برقرار رکڻ گهرجي جيڪي ماڻهو سوچ ويچار ڪندا آهن، انهن لاءِ کي نتيجا ڪيڻ کا وڏي اهميت جي ڳالهہ ناهي، پر حقيقت ۾ تحقيقي عمل جو جاري هجڻ ئي اصل ۾ اهميت رکي ٿو. نتيجو ڪيڻ وهم پرست لاءِ تہ مطمئن ڪندڙ هوندو آهي،پر ياد رکو ڳولائو ڏهن لاءِ ڪابہ منزل ڪابہ حد ناهي.

هڪ وهم پرست جلد کان جلد نتيجا حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي، "خدا ڪيئن آهي؟" هو سوال ڪندو آهي پر ان کي ان ڳالهہ سان ڪابہ دلچسپي ناهي هوندي، تہ هو خدا جي هجڻ يا نہ هجڻ جي تصديق ڪرڻ چاهي ٿو هو خدا جو ڳولائو ناهي، خدا کي ڳولڻ هن جي فطرت ۾ شامل ناهي، هو تہ بس اهو چوندو

آهي تہ "خدا کي توهان ڳوليو ۽ مون کي ڏيکاريو." ان لاءِ هو ڪنهن مرشد گروءَ کي ٻ ناهِي مڃيندو.

ڪنهن مرشد، استاد يا گروءَ کي مڃتا ڏيڻ مان مراد آهي، وهم پرستيءَ مان نجات حاصل ڪرڻ ۽ هڪ وهم پرست ذهن محنت نہ ٿو چاهي هن جي خيال ۾ تہ گروءَ جي اها ذميواري آهي تہ هو جڏهن خدا کي ڳوليندو آهي تہ اُهو ڪيس خدا ٻ ڏيکاري. جڏهن هڪ ماڻهو خدا کي ڳولي لڏو آهي تہ پوءِ ٻلا اسان ڇو خدا کي ڳولڻ جي تڪليف ڪيون. اسان توهان کي پيرين پئون ٿا. مهرباني ڪري توهان جيڪو ڪجهہ ٻ حاصل ڪيو آهي انهيءَ مان ٿورڙو حصو اسان کي ٻ ڏيو. مطلب هيءُ آهي تہ ڪو ٻيو ماڻهو سندس مٿي تي هٿ رکي ڪيس خدا جي هٿ جو يقين ڏياري. انهيءَ ڪري کوڙ سارا ماڻهو وظيفن ۽ منترن جي چڪر ۾ قاتل هوندا آهن. پيرن، مرشدن ۽ گروئن جي في ادا ڪندا آهن، تہ جيئن جيڪو ڪجهہ ٻيئي حاصل ڪيو آهي سو سندس ٿي وڃي. ائين ڪڏهن ٻ نہ ٿو ٿي سگهي، اها ڳالهہ تہ وهم پرستيءَ جي سڏي سنئين نشاني آهي.

ڪنهن ٻئي جي ڪاميابيءَ کي توهان پنهنجي ڪاميابي ڪيئن ٿا چئو. ڪو ٻيو ڳولا ۾ نڪتو ۽ ان حاصل ڪري ورتو ۽ توهان هاڻ اُها شيءِ مفت ۾ حاصل ڪرڻ ٿا چاهيو. اها ڳالهہ ياد رکو تہ جنهن ٻ جيڪو ڪجهہ ٻ حاصل ڪيو آهي، اهو اُن ذاتي ڳولا جي ذريعي حاصل ڪيو آهي، هن ڪشالا ڪڍي پوءِ ڪا حاصلات ڪئي آهي، اُهو تہ نہ ڪنهن کي شاگرد ڪندو آهي ۽ نہ مريد. اڇڪلهہ جيڪي پير، مرشد ۽ گرو چيلا ۽ شاگرد گڏ ڪٽي هلن ٿا. انهن نہ تہ پاڻ ڪجهہ حاصل ڪيو آهي نہ ئي ٻين کي ڪجهہ ڏئي سگهن ٿا. پيري مريديءَ جو اسان وٽ هڪ ڏگهو سلسلو آهي، جيڪو نسلن کان هلندو پيو اچي پر اُهو سڀ تہ غلط آهي.

ڪوڙ سارا گرو تہ مري چڪا آهن پر ماڻهو انهن جي متيءَ جي ڏيرن مان بہ آسون ۽ اُميدون لڳايو وينا آهن. اهڙا ماڻهو وهم پرست ناهن تہ ٻيو ڀلا ڇا آهن؟

تحقيقي ذهن، روشن خيال ماڻهو جو انداز اهو هوندو آهي تہ جيڪڏهن خدا جو ڪو وجود آهي تہ پوءِ مان پاڻ اُن جي ڳولا ڪندس جيڪڏهن مان خدا کي ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس تہ اُها منهنجي قابليت هوندي ۽ ڳولا منهنجي جنم جو حق آهي. جيڪڏهن خدا مون کي ملي ٿو تہ اُهو منهنجو سچ ۽ منهنجي رياضت جو نتيجو هوندو. اهو منهنجي جدوجهد جو ڦل هوندو.

ياد رکو: خدا جيڪڏهن سواءِ ڳولا جي ملي پوي تہ پوءِ ڪو بہ روشن خيال ۽ حقيقت پسند مفڪر ان جي وجود کي تسليم ئي نہ ڪندو. هڪ باصلاحيت ماڻهو پنهنجي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ گهري ٿو. سو خدا بازار ۾ وڪرو ٿيندڙ ڪا جنس ناهي، سچ ۽ حقيقت ڪنهن وڏي جنرل اسٽور تان خريد نہ ٿا ڪري سگهجن، پر مون کي ڏک ٿيندو آهي جڏهن ماڻهو خدا کي بہ ڳولڻ بدران خريد ڪرڻ ٿا چاهن. مان توهان کي اهو ٿو چوڻ چاهيان تہ "پنڻ ۽ گهرڻ جي عادت کي ختم ڪريو" جدوجهد، ڳولا ۽ محنت جو رستو اختيار ڪيو. گهرڻ بجاءِ عملي ڪوشش سان توهان خدا جو قرب حاصل ڪري سگهو ٿا، ٻين جي چوڻ تي اعتبار نہ ڪريو ڪنهن کي ڪوڙو يا سچو بلڪل بہ نہ چئو جيستائين توهان جانچ ۽ پرک جي ذريعي پاڻ ڪنهن نتيجي تي نہ ٿا پهچو. خدا، علم ۽ نجات بازار ۾ وڪرو ٿيندڙ شيون ناهن، انهن کي ڇاڻڻ لاءِ انهن جي حاصلات لاءِ قرباني جي ضرورت آهي، ان لاءِ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻو ٿو پوي، مڪتي نجات تہ پنهنجو پاڻ ٽڙي پوندڙ گل جيان آهي، بازار ۾ توهان کي پلاسٽڪ جا نقلي گل تہ ملندا پر سچا گل فقط فطرت جي هنج ۾ ئي ڦٽندا

آهن. فطرت سادي سولي آهي، پر ان کي جهنگلن، پهاڙن ۾ ڳولڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اندر ۾ به جهاتي پائڻي پوندي آهي. فطرت، خدا ته توهان جي اندر ۾ موجود آهي.

ياد رکو! اصلي گل حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ بج کي پوکڻو پوندو آهي. پوءِ پاڻي ڏيو آهي، انهن جي معصوم ٻارن جيان پالنا ڪرڻي پوندي آهي، وڏي محنت ۽ مشقت کانپوءِ ئي سچا گل ٽڙندا آهن. اهڙي طرح فنا کانپوءِ بقا جو تجربو به گل پوکڻ جهڙو آهي. ڳولا ۽ صبر جو گهرجائو آهي، پر اسان سڀ تڪڙ ۾ آهيون، اسان جي خواهش آهي ته بج پوکڻ ۽ انتظار ڪرڻ کانسواءِ اسان کي سڀائي ۽ حقيقت جي ڄاڻ پوي، سو اهو مشڪل آهي، سچ ته صبر سان گڏ آهي، سادگي سان گڏ آهي، ڪوڙ فريب، مصنوعي آهي، تڪڙ ۾ پلاسٽڪ جا گل ته وڻي سگهجن ٿا پر فطرت جي حسن جو نظارو نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن توهان کي خدا جي ڳولا آهي ته ڄاڻڻ جي خواهش آهي، سچ کي سمجهڻو آهي ته پوءِ پنڻ، خيرات گهرڻ ڇڏيو. پاڻ ڳولا جي سفر تي نڪري پئو. اڌارا خيال بدل سدل ڳالهيون ۽ انڌن عقيدن جي تقليد ڇڏيو. ٻين کان مليل خدا جي ڄاڻ اڻپوري، اڌوري ۽ لاحاصل آهي، توهان جي ڪنهن ڪم جي ناهي. ٻين جي ذريعي نظر ايندڙ يا ملندڙ خدا زندگيءَ جي خوشين کان خالي، مڪمل ناڪاره ۽ ڪنهن به ڪم جو ناهي هوندو.

پر اسان ته سڀ سست ۽ چور آهيون. اسان ٻارن کي ته چوريءَ کان روڪيندا آهيون پر پاڻ چوري ڪيون ٿا.

جيئن ٻارن کي پڙهائيندڙ اُستاد کي جڏهن ڪو جواب ناهي ايندو ته هو ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل حسابن جي جواب مان جواب چوراءِ ٻارن کي حساب جو حل ٻڌائيندو آهي، اهڙي طرح مذهب جا نام نهاد مرشد ۽ گرو به چور آهن، جيڪي آسماني ڪتابن کي

پڙهي توهان کي خدا جو يقين ڏيارين ٿا، پر خدا انهن کي پاڻ ۾ ڏٺل ناهي ۽ چوريءَ جو اهو سلسلو نسلن کان جاري آهي. اڇڪلهه جا گرو مرشد پاڻ تہ ڪوڙا آهن. پر سندن چيلا ۾ ڪوڙا آهن. عقل جا اندا آهن، سمورا نقل پرست آهن، بس اُهي تہ نقل ڪرڻ ڄاڻن ٿا، کين حق ۽ سچ جي ڪا به خبر ناهي.

ياد رکو نقلي ۽ چورايل خيالن ۽ جوابن جي ذريعي سماج ۾ مستقل امن قائم ڪرڻ ۽ حقيقي خوشي حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي. سچي خوشي ۽ حقيقي خدا جي ڄاڻ تہ ذاتي تحقيق ۽ تجربي ذريعي اندر ۾ جهاتي پائڻ سان ملندي ۽ توهان جي سمورن سوالن جا جواب ۽ اندر مان ئي ملي سگهن ٿا، جيئن فطرت جا گل پنهنجو پاڻ نڙندا آهن، سچائيءَ کي ڄاڻڻ جو رستو ٻيو ڪو به ڪونهي، سواءِ پنهنجو پاڻ ڳولا ڪرڻ جي.

باب ڇهون

محبت ڪرڻ خطرناڪ آهي

هڪ دوست جو سوال آهي ته:

"اسان موت بابت پلا سوچيون ئي ڇو؟ اسان کي جڏهن خدا طرفان زندگي ملي آهي ته ان کي ئي ڇو نه گذاريون. اسان کي رڳو حال ۾ محدود رهڻ گهرجي. اسان زندگيءَ ۾ ئي موت جي خيال کي آخر جاءِ ڇو ڏيون؟"

هن دوست جو سوال بلڪل درست آهي. "موت جو پلا تصور ئي ڇو ڪجي؟ موت جي خيال کانسواءِ ئي اسان کي زندگي ڇو نه گذارڻ گهرجي؟ پر اهو سوال اهو به ظاهر ڪري ٿو ته سوال ڪندڙ ضرور موت کان خفا آهي. جنهن ڪري هو موت کي نظرانداز به نه ٿو ڪري سگهي. سچي ڳالهه هيءَ آهي ته موت هڪ ايڏي وڏي حقيقت آهي. جنهن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ اسان سموري زندگي اها ڪوشش ڪندا آهيون ته موت بابت نه سوچيون ان لاءِ نه ته ڪو اهو بيڪار خيال آهي. پر ان ڪري جو موت اسان کي هميشه خوفناڪ لڳندو آهي. اهو خيال ته مان جلد ئي مري ويندس اسان جي وجود ۾ خوف جي لهر کي ڊوڙائي ڇڏي ٿو مرڻ وقت يقينن سمورو وجود خوف ۾ ڪنڊڙ هوندو آهي. پر ان کان اڳ ۾ به موت جو خيال انسان کي ڏکائي ڇڏيندو آهي.

انسان هميشه موت جي خيال کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. آخري حد تائين هو موت بابت سوچڻ کان پرهيز

ڪندو آهي. اسان پنهنجي زندگيءَ جو ضابطو اهڙي طرح ترتيب ڏنو آهي جو موت اسان جي سامهون نه آهي. ماڻهن جا اختيار ڪيل طريقا بظاهر موت کي نظرانداز ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي نظر اچن ٿا پر موت کان ڪٽي نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته موت هڪ اٽل ۽ حقيقت آهي. تنهنڪري ان کان ڪنهن به حال ۾ بچي نه ٿا سگهو.

موت کان پري پڇڙ جو مطلب اهو آهي ته توهان تيزيءَ سان موت ڏانهن ئي وڌي رهيا آهيو. نيٺ توهان جو رستو موت وٽ ئي ڪُٽندو. هر گذرندڙ ڏينهن سان موت ويجهو اچي رهيو آهي. توهان موت بابت سوچيو يا نه سوچيو پر هو ته اچڻو ئي آهي.

موت کا اهڙي به شيءِ ڪانهي جيڪا مستقبل ۾ بس هڪ پيرو ئي ايندي. اهو خيال نيڪ نامي. موت جو مستقبل سان ڪوبه لاڳاپو ڪونهي. موت ته هر پل اسان سان گڏ آهي ۽ اسان گذرندڙ وقت سان گڏ روز مري رهيا آهيون. بي شڪ ان جي انتها جو نقطو مستقبل ۾ اچڻو آهي پر موت هنڌڙ وقت ۾ به آهي. جيڪڏهن توهان جو حتمي موت ستر سالن جي عمر ۾ ٿيندو پر ان ۾ اڃوڪو گذاريل هڪ ڪلاڪ به شامل هوندو. موت جي ابتدا ته جنم سان ئي ٿئي ٿي. موت جي شروعات جنم کان ئي آهي. موت ته بس هڪ انتها آهي. موت جو سفر جنم جي وقت کان ئي شروع ٿئي ٿو. جنهن کي اسان پنهنجو جنم ڏينهن سڏيون ٿا اُهو اسان جي موت ڏانهن وڌڻ جو پهريون ڏينهن هوندو آهي. سفر کي مڪمل ٿيڻ ۾ ضرور وقت لڳندو آهي. مثال طور تي ڪو ماڻهو دوارڪا کان ڪلڪتي ڏانهن روانو ٿئي ٿو. ته ان جو ڪلڪتي ڏانهن ڪنيل پهريون قدم ئي سندس سفر جي انتها تي پهچندو. منزل تائين پڇڙ لاءِ پهريون قدم وڌو مددگار هوندو آهي. ها پر ياد رکو! رڳو پهريون قدم ئي توهان کي ڪلڪتي تائين نه پهچائيندو ۽ نه

ئي رڳو ڪنيل آخري قدم منزل تي پهچڻ جو سبب هوندو آهي. بس پهرئين ۽ آخري قدم جي وچ وارو فاصلو ئي منزل تائين رسائيندو آهي، توهان جي نظر ۾ هو ڇهين ڏينهن تي ڪلڪتي پهتو پر هن ڇهه ڏينهن اڳ جيڪو سفر شروع ڪيو هو سو ئي سندس سفر جي تڪميل جو سبب ٿيو هو.

بي ذڪر جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته اهو سوچڻ غلط آهي ته موت مستقبل ۾ لڪل آهي، موت ته هر پل اسان سان گڏ آهي، ته پوءِ آخر اهو مستقبل ڇا آهي؟ اهو سياڻي اڄ اسان جي چئني پاسي موجود لقائن ۽ شين جو نتيجو ئي هوندو. بلڪل ائين جيئن پاڻي گرم ڪرڻ وقت گرمي پد پهرئين ڏگري ڪان مٿي چڙهڻ شروع ڪندو آهي ۽ سؤ ڏگري تائين پهچڻ ڪانپوءِ پاڻي ٻاڦ ٿيڻ لڳندو آهي. پاڻيءَ جي شڪل تبديل ٿيڻ لڳندي آهي، ڇا توهان ڪڏهن سوچيو آهي، هڪ سؤ ڏگري ۾ پهرئين هڪ ڏگري وانگر هڪ پد آهي. ان ڪري جيڪي اهو ڄاڻن ٿا ته پهرين ڏگري ڪان سفر شروع ڪندڙ پاڻي آخري هڪ سؤ ڏگري تي پهچڻ ڪانپوءِ شڪل تبديل ڪري فنا ٿي ٻاڦ جي شڪل اختيار ڪندو ته اُهي انهيءَ تبديليءَ ڪان ناهن گهبرائيندا، ان ڪري پاڻ کي موت ڪان پري رکڻ جو خيال ۽ خود فريبي آهي، موت مستقبل ۾ ايندو اهو خيال ۽ دوکو آهي، موت ته هر پل ساڻ هلي رهيو آهي، اسان روزانو ٿورو ٿورو مري رهيا آهيون. خوشيءَ جهڙي ڳالهه اها آهي ته مرڻ يا جيئڻ ۾ ڪو وڏو فرق ڪونهي، جنهن کي اسان زندگي چئون ٿا اُها آهستي آهستي موت ڏانهن وڌي رهي آهي.

اسان جو دوست چوي ٿو ته "اسان اڄ موت بابت ڇو سوچيون؟"

سهڻا سائين! موت بابت سوچڻ لاءِ مون ڪڏهن ڇيو آهي، موت بابت سوچڻ مان ڪجهه ۽ حاصل نه ٿيندو. اها ڳالهه ۽ ياد رکو ته ڪابه حقيقت رڳو سوچڻ سان ظاهر ناهي ٿيندي. سوچڻ ته

اصل شين جي باري ۾ شڪ شبها پيدا ڪرڻ برابر آهي. گلن کي ڏسي جيڪڏهن توهان سوچڻ شروع ڪيو ته پوءِ گلن جي حقيقت کي ڄاڻي نه سگهندؤ. انهن جي خوشبو کي ماڻي نه سگهندؤ. گلن کي ڏسي توهان سوچڻ شروع ڪيو ته پوءِ ان جي رنگ نسل کان ٽيندا توهان زمين، بج ۽ سج تائين وڃي پهچندؤ گل ته ايتري ۾ مرجهائجي ويندا" توهان سوچن ۾ ٻڌل هوندي گلن جي رنگ ۽ خوشبو مان حظ حاصل ڪرڻ کان سواءِ خالي رهجي ويندؤ. شين کي سوچيو نه پر انهن کي غور سان ڏسو ۽ جانچيو.

ڏسڻ ۽ سوچڻ ۾ وڏو فرق آهي، فرق به تمام وڏو فرق آهي. اولهه جي ملڪن ۾ سوچڻ کي تمام وڏي اهميت ڏني ويندي آهي. انهن، فلسفي ۽ ڳوڙهي سوچ ويچار کي به سائنس جو نالو ڏئي چڏيو آهي.

اولهه وارن وٽ رڳو سوچڻ واري سائنس آهي. انهيءَ ۾ تحقيق، منطق ۽ تشريح ٽيئي شيون شامل آهن، پر اوپر وارن وري ڪنهن ٻي ڳالهه کي اهميت ڏني آهي. هتي ان ڳالهه تي تجربا ڪيا ويا آهن. ڪجهه لقائن کي ڏسي سگهجي ٿو پر سوچي نه ٿو سگهجي، انهن سان گڏ زنده رهجي ٿو. سوچڻ ۽ زنده هجڻ ۾ وڏو فرق آهي. محبت جي باري ۾ سوچيندڙ ماڻهو شايد اُن تي هڪ ڊگهو مقالو لکي وڃي پر هڪ عاشق جيڪو محبت جي ڪيفيت ۾ جيئندو آهي ان کي ڏسي ۽ محسوس ڪري ٿو اهو شايد محبت تي هڪ لفظ به نه لکي سگهي. ها پر جيڪڏهن ان کان ڪو محبت بابت سوال ڪري ته موٽ ۾ سندس اکين مان رڳو لڙڪ وهي پون ۽ هو چوي ته: "اُن بابت مون کان سوال نه ڪريو مان محبت بابت ڀلا ڇا ٿو ڄاڻي سگهان؟" سو رڳو سوچڻ سان توهان موت بابت ڪجه به نه ٿا ڄاڻي سگهو. موت کي ڄاڻڻ لاءِ توهان کي ان جو مشاهدو ڪرڻو پوندو جيڪو ڪجهه به مان چوان پيو ان جو مقصد رڳو هڪ

آهي تہ "موت هن وقت بہ توهان جي اندر ۾ موجود آهي." بس توهان کي رڳو ان جو مشاهدو ڪرڻو آهي. موت جيڪو موجود آهي سو هر پل فنا طرف وڌي رهيو آهي. فنا جو اهو مرحلو توهان کي ڏسڻو پوندو. انهيءَ مرحلي ۾ جيئڻو پوندو. فنا جو اهو مرحلو هيءُ آهي تہ اهو خيال ڪريو تہ: "مان مري رهيو آهيان. مان مري رهيو آهيان" توهان کي اها ڳالهہ قبول ڪرڻي پوندي ۽ انهيءَ مرحلي مان گذرڻو پوندو.

اسان موت کان وڌي حد تائين لنوائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا ۽ ان لاءِ اسان هزارين طريقا ڳولي ورتا آهن. اسان پنهنجي اڇن وارن کي ڪارو ڪرڻ سان موت کي دوکو نہ ٿا ڏئي سگهون. موت تہ هر حال ۾ ايندو. وار رنگ ڪرڻ جي باوجود بہ اندران اڇا ئي رهندا. اها ان ڳالهہ جي نشاني آهي تہ موت ويجهو اچي رهيو آهي ۽ موت تہ يقيني طور تي اچڻو آهي. ان کي اسان ڪنهن بہ طرح روڪي نہ ٿا سگهون. موت کي ٽارڻ لاءِ اسان هزارين بهانا ڳوليون پر اُن سان موت تي ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. موت بنان ڪنهن رڪاوٽ جي اڳتي وڌندو ايندو. پر افسوس تہ اسان موت جي اڳتي اچڻ کان بي خبر ئي هوندا آهيون.

ان ڪري ئي مان چوندو آهيان تہ:

"جنهن کي موت جي ڄاڻ ناهي سو پلا زندگيءَ کي ڪيئن ڄاڻي سڃاڻي سگهندو."

منهنجو بنيادي نقطو هيءُ آهي تہ:

"موت انهيءَ دائري جو نالو آهي. جنهن جو مرڪز زندگي آهي." جيڪڏهن اسان انهيءَ دائري کان ٻاهر هونداسين تہ پوءِ مرڪز تائين ڪيئن پهچي سگهنداسين. جيڪڏهن اسان ڪنهن گهر جي ٻاهرئين ديوارن کان خوف کائي پري پڇنداسين تہ پوءِ گهر جي اندر رهائشي حصي ۾ ڪيئن داخل ٿي سگهنداسين. موت

زندگيءَ جي حفاظتي ديوار جي حيثيت رکي ٿو. زندگي موت جي دائري جي وچ تي موجود آهي. جيڪو موت کان واقف ٿي ويندو سو ئي آهستي آهستي زندگيءَ کي به سمجهي ويندو.

موت کي زندگيءَ جو داخلي دروازو سمجهڻ گهرجي، موت کي ڪوڙ سمجهڻ معنيٰ زندگي کي ڪوڙو سمجهڻ آهي، ان ڪري جڏهن مان توهان کي موت جي حقيقت جي باري ۾ چوان ٿو ته موت بابت سوچڻ جي باري ۾ نه ٿو چوان.

سمجهڻ لاءِ هڪ دلچسپ ڳالهه ٻي به آهي، اها هيءَ ته ذهن ۾ رڳو اڻ موجود ڳالهين جو جائزو وٺڻ، جيتوڻيڪ سوچ ڪڏهن به نئين ناهي هوندي. ڪجهه ماڻهن لاءِ اهو چيو ويندو آهي ته انهن جي سوچ صفا نئين آهي، ڪو به خيال ڪڏهن به نئون نه ٿو ٿي سگهي. ها درشن، ديدار، مشاهدو ضرور نئون ۽ حقيقي ٿي سگهي ٿو.

خيال هميشه پراڻا ۽ ڪٽان حاصل ڪيل هوندا آهن. جيڪڏهن مان توهان کي گلاب جي گل جي باري ۾ سوچڻ لاءِ چوان ته توهان چا چوندؤ؟ توهان اڳ کان ڄاتل ڳالهين بابت سوچڻ کان سواءِ چا ڪندؤ؟ ڄاتل ڳالهين کانسواءِ پلا توهان ٻيو چا سوچي سگهندؤ؟ نئون خيال يا ڪا آڻ ڄاتل ڳالهه پلا گلاب جي باري ۾ توهان ڪٽان آڻيندؤ؟ سوچڻ جو مطلب پنهنجي حافظي، يادداشت کي ڦلورڻ کانسواءِ ڪجهه به ناهي. توهان رڳو ايترو ئي چئي سگهو ٿا ته گلاب جو گل انتهائي خوبصورت آهي، پر اها ڳالهه ان کان اڳ به توهان ڪيترائي ڀيرا ٻڌي چڪا هوندا آهيو. ڪيترائي ڀيرا پڙهي به چڪا هوندا آهيو؟ يا وڌ کان وڌ توهان ايترو چئي سگهو ٿا ته اُهو گل منهنجي محبوبا جهڙو خوبصورت ٿي سگهي ٿو اُهي سڀ ڳالهيون توهان اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا ٻڌي چڪا هوندا آهيو. سو بڈل سُڌل خيال ڪهڙي

ڪم جا؟ توهان ڏسو ته رڳو سوچن ۾ خيال جي ذريعي توهان ڪنهن هڪ گل جي حقيقت کي به نه ٿا ڄاڻي سگهو. سو سوچ حافظي، يادگيري رڳو انهن ڳالهين تائين رهنمائي ڪري سگهي ٿي جيڪي اڳواٽ ئي توهان جي ذهن ۾ موجود آهن.

ان لاءِ ئي چيو ويندو آهي ته سوچ ڪڏهن به اصلي ناهي هوندي، ها ڏسندڙ ضرور اصلي هوندو آهي. گل کي ڏسڻ جو پهريون شرط اهو آهي ته ان کي ڏسندڙ سوچن ۾ ہڏل نه هجي، پنهنجي حافظي مان سمورين يادگيرين کي ميٽي ڇڏي، ذهن کي صفا خالي ڪري ڇڏي انهيءَ وقت ئي هو گل جو صحيح مشاهدو ماڻي سگهندو. توهان گلاب جي گل کي هڪ پاسي رکي ٻئي پاسي پاڻ ويهي رهو پوءِ گل ۾ توهان جي وچ ۾ ڪجه به نه رهندو. غور سان ڏسڻ بعد گل ۾ جيڪو ڪجهه به هوندو اُهو توهان مٿان منڪشف ٿيندو يا ظاهر ٿيندو. ڏسڻ کانپوءِ گل بابت وڌيڪ ڄاڻڻ جي بي چيني يا خواهش توهان وٽ نه رهندي، توهان کي محسوس ٿيندو ته توهان اڪيلا گل سان گڏ آهيو. پوءِ توهان گل کي آخري گهرائين تائين ڄاڻي ونڊو.

چون ٿا ته هڪ پيري ڪبير پنهنجي پٽ کي جانورن جي لاءِ جهنگ مان گاهه آڻڻ لاءِ چيو. ڪبير جو پٽ ڪمال حڪم موجب جهنگ ڏانهن ويو اُهو صبح جي ياريهين جو وقت هو. جڏهن سج مٿان اچي پهتو ته ڪبير کي فڪر ٿيو ته ڇوڪرو ايتري تائين واپس ناهي ٿيو. نيٺ شام جا پاڇا ۽ لڙي ويا پوءِ ۽ ڪمال واپس نه موٽيو ڪبير پريشان ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته هاڻ سج ۽ لهڻ وارو هو. جنهن ڪري ڪبير ڪجهه ساڻي ساڻ وڃي پٽ جي ڳولا ۾ جهنگ ڏانهن آيو. جڏهن هو جهنگ ۾ پهتو ته هن ڏٺو سندس پٽ ڪمال وڏي جنگلي گاهه جي وچ ۾ اڪيون ٻوٽيو ويٺو هو ۽ ائين جهومي رهيو هو جيئن گاهه جا تيلا هوا ۾ جهومي رهيا

هئا. ڪبير سندس پرسان پهچي ڇيو ته، اهو چا پيو ڪرين تون؟ ڪمال اکيون کوليون ته جڏ ڪيس هوش اچي ويو. هن يڪدم پيءُ کان فرض ۾ ڪوتاهيءَ جي معافي ورتي. ڪبير هن کان پڇيو ته تون صبح کان وٺي هتي چا پيو ڪرين؟

ڪمال جواب ڏنو ته: "ڏون کي افسوس آهي، پر جڏهن مان هتي پهتس ته مون گاهه کي وڍڻ کان اڳ ۾ غور سان ڏسڻ شروع ڪيو لاڳيتو غور سان ڏسندي ڏسندي مون کي خبر ئي نه پئي جو مان پاڻ به گاهه جي تيلي جي روپ ۾ اچي ويس. جلد ئي شام ٿي وئي ۽ مان اها ڳالهه وساري ويٺس ته ڪو مان انسان آهيان ۽ منهنجو نالو ڪمال آهي. مان هني گاهه کي ڪپڻ آيو هئس پر مان پاڻ به جڏ ته گاهه بنجي ويو هئس ۽ گاهه بنجڻ ۾ جيڪو مون کي لطف آيو سو شايد نصيب وارن کي ئي ملندو آهي. اهو سنو ٿيو جو توهان اچي ويا آهيو جو مون کي هوش آيو نه ته مان هتي گاهه جو ٻوٽو بنجي رهجي وڃان ها."

سو ڪنهن به شيءِ سان تعلق جو مطلب آهي، اسان سواءِ ڪنهن وسيلي جي ان شيءِ سان ناتو جوڙيون. سڌي لاڳاپي جو مطلب آهي اسان جي وچ ۾ ڪو ٽيون نه هجي ۽ ان کي ئي محبت چوندا آهن. ڪنهن به شيءِ کي مسلسل ڏسڻ، لاڳيتو نهارڻ سان محبت پيدا ٿيندي آهي. ۽ جنهن انسان محبت ناهي ڪئي اهو ڀلا محبت کي چا ڄاڻندو. باقي هن دنيا ۾ انسان جيڪو ڪجهه به حاصل ڪيو آهي، اهو محبت جو ئي نتيجو آهي، ان ڪري جڏهن مان چوان ٿو ته موت کي ڄاڻڻ جي ضرورت آهي ته مان اهو چئي رهيو هوندو آهيان ته، اسان کي موت سان به بلڪل اهڙي ئي طرح محبت ڪرڻ گهرجي، جهڙي طرح زندگيءَ سان ڪيون ٿا. موت کي روبرو پنهنجي اکين سان ڏسڻ هوندو ۽ جيڪو ماڻهو موت کان خوفزده آهي، ان کان فرار

حاصل ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو اهو ڀلا موت سان پيار ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ اهو ڀلا موت جو حقيقي درشن ڪيئن ڪري سگهندو؟ هو ڪڏهن بہ موت نہ ڏسي سگهندو. جڏهن بہ موت هن جي سامهون اچي بيهندو آهي تہ هو ان کان نظرون چورائيندو آهي، پٺي ڏئي بيهي رهندو آهي، اکيون ٻوٽي ڇڏيندو آهي. هو ڪڏهن بہ موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسي نہ ٿو سگهي، ڀلا پوءِ هو موت سا محبت ڪيئن ڪري سگهندو؟ جيڪو ماڻهو اڃان تائين موت کان واقف ناهي اُهو زندگيءَ سان ڀلا ڪيئن محبت ڪندو. موت تہ هڪ عام سطحي قسم جو واقعو آهي ۽ زندگي هڪ نهايت ئي گهري احساس جو نالو آهي. جيڪو ماڻهو پهرئين قدم تي ئي ٺڪجي ويهي رهندو سو ڀلا کوهہ جي هيٺانهين ۽ گهري پاڻي تائين ڪيئن پهچي سگهندو؟

ان ڪري مان چوان ٿو تہ موت کي ڏسڻو پوندو. ان کي ڇاڪاڻ پوندو. ان مان گذرڻو پوندو. توهان کي موت سان بہ محبت ڪرڻي پوندي. ان جي اکين ۾ بہ ڏسڻو پوندو. جيئن ئي ڪو ماڻهو موت سان اکيون ملائي ٿو. ان کي ڏسڻ شروع ڪري ٿو ان ۾ داخل ٿئي ٿو تہ حيران ٿي وڃي ٿو. ان جي حيرت جي ڪابہ انتها نہ ٿي رهي، جڏهن هو ڏسي ٿو تہ موت ڪيترو نہ سرور پريو ۽ جادوئي آهي. جنهن کي مان موت سمجهي پري پڇندو رهيو آهيان، اهو تہ پنهنجي اندر ۾ لازوال زندگيءَ جو سامان رکي ٿو. ان ڪري ئي مان توهان کي چوان ٿو تہ پنهنجي خوشيءَ سان موت کي پاڪر پايو تہ جيئن زندگيءَ تائين توهان کي پهچ حاصل ٿي سگهي.

حضرت عيسيٰ عليه السلام جو هڪ قيمتي قول آهي تہ: "جيڪو پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو سو تباهہ ٿي ويندو ۽ جيڪو پاڻ کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪندو ان کي ڪڏهن، ڪير بہ فنا نہ ڪري سگهندو. جيڪو پاڻ کي گم ڪندو اهو ئي حاصل

ڪندو ۽ جيڪو پاڻ کي بچائيندو سو ئي گم ٿي ويندو.“ جيڪڏهن ڪو ٻج پاڻ کي بچائڻ چاهي ٿو ته پوءِ اول اُن کي فنا ٿيڻو پوندو. فنا ٿيڻ ٻج جو مقدر آهي. داڻو متيءَ ۾ ملي ئي وڻ بنجي سگهي ٿو. ٻج جو موت وڻ لاءِ زندگيءَ جو پيغام آهي. جيڪڏهن ٻج مرڻ کان خوفزده ٿئي، منجڻ کان خوفزده ٿئي ته پوءِ وڻ ڪيئن جنم وٺندو. ٻج متيءَ ۾ ملڻ کانسواءِ هميشہ لاءِ فنا ٿي ويندو. ان صورت ۾ ٻج جو ذاتي وجود هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندو. ٻج کي وڻ ڏانهن منتقل ٿيڻو ئي پوندو.

اسان موت جي خوف کان ويڙهجي ويندا آهيون. مان متي هڪ ڳالهہ توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ممڪن آهي، اها ڳالهہ اڳ ۾ توهان جي ذهن ۾ نہ آئي هجي. رڳو اُهي ماڻهو ئي انا جو شڪار ٿين ٿا جيڪي موت کان خوفزده هوندا آهن. چاڪاڻ ته انا پرست انسان هڪ ڏنل ۽ هيسيل شخصيت جو مالڪ هوندو آهي، جيڪي موت کان ڊجندا آهن سي اندر ۾ سڪڙيل ۽ ويڙهيل ماڻهو هوندا آهن. جيڪو بہ خوفزده آهي، سو تنگ دل آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ جي اندر ۾ انا پرستي وارا خيال هوندا آهن. موت کان خوفزده ماڻهوءَ جي اندر ۾ ”مان“ سجاڳ ٿي پوندي آهي ۽ جيڪو موت کان ناهي ڊجندو موت کي پليڪار ڪندو آهي، موت کان پري ناهي پجندو. ان وٽ انا ناهي هوندي. اُهو خود پرست ناهي هوندو ۽ جڏهن انا ختم ٿي ويندي آهي ته پوءِ ماڻهوءَ وٽ رڳو زندگي بچندي آهي. ياد رکو موت سان رڳو انا مرندي آهي، پر روح ناهي مرندو. انا کي ئي موت اچي ٿو. چاڪاڻ ته انا ڪوڙ آهي، ان کي هر حال ۾ موت اچڻو آهي، پر انسان هر حال ۾ انا سان ئي چنبڙيل رهون ٿا.

هڪ مثال آهي ته سمنڊ مان هڪ لهر اُٿي ٿي، اُها لهر هر صورت ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻ چاهي ته اهو ناممڪن آهي.

لهر کي هر حال ۾ ئي ختم ٿيڻو آهي، هڪ لهر پلا ڪيئن ٿي سمنڊ ڪانسواءِ زنده رهي سگهي، لهر کي فنا ٿيڻو آهي پر هڪ صورت آهي اگر لهر برف بنجي پوي، ٿوس شڪل اختيار ڪري تہ بچي سگهي ٿي، پر ائين ڪرڻ سان بہ لهر برف ٿي ويندي. اهڙيءَ طرح لهر جيڪا سمنڊ کان ڌار ٿي بس برف بنجي وئي هجي. ياد رکو لهر جي صورت ۾ پاڻيءَ جي صورت ۾ تہ هوءَ سمنڊ سان گڏ آهي، پر برف بنجڻ کانپوءِ هوءَ سمنڊ کان ڪٽجي ويجي ٿي، ڌار ٿي ويجي ٿي، هوءَ پاڻي نہ پر برف ٿي ويجي ٿي جنهن سان سمنڊ جو ڪو واسطو ناهي جيستائين اُها لهر هئي، سمنڊ جو حصو هئي پر برف ٿيڻ کانپوءِ هن جو وجود سمنڊ کان ڌار ٿي ويجي ٿو. ۽ جڏهن وري سج جي تيز روشني پوندي تہ اُها برف جي لهر پاڻي ٿي پوندي ۽ اهو ان لهر جو مقدر آهي، لهر کي فنا ٿيڻو آهي پوءِ برف جي هجي يا پاڻيءَ جي، فنا ٿيڻ لهر جو مقدر آهي. لهر تہ بس لهر آهي، اها سمنڊ تہ ناهي، پر جيڪا لهر سمنڊ مان نڪري سمنڊ ۾ ويجي ٿي سا فنا نہ ٿي ٿئي، پر پاڻيءَ جي صورت ۾ سمنڊ جي سيني ۾ سمايل رهي ٿي. جڏهن لهر اُپري ٿي تہ اُها متحرڪ هوندي آهي ۽ فنا جي صورت ۾ هو سمنڊ جي سيني ۾ آرام پذير هوندي آهي، آرام ۽ تحرڪ ۾نهي جو لطف پنهنجو پنهنجو آهي، سو زندگي لهر آهي ۽ موت سمنڊ آهي، ۾نهي ۾ ئي هڪ سرور هڪ لطف آهي.

متحرڪ هجڻ هڪ ڪيفيت آهي ۽ آرام ڪرڻ بہ هڪ ڪيفيت آهي، اسان جنهن کي سنسار چئون ٿا اُهو متحرڪ جهان آهي، جنهن کي اسان نجات يا مُڪتي چئون ٿا اُهو آرام جي ڪيفيت وارو جهان آهي، زندگي بي چين لهرن جهڙي هوندي آهي، جيڪا موت جي سمنڊ ۾ فنا ٿيڻي هوندي آهي، جيڪڏهن توهان لهر جي وجود کي هميشہ لاءِ برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ انا پرست ٿي ويندؤ ۽ سمنڊ کان هميشہ لاءِ پري ٿي ويندؤ.

جڏهن توهان جي ذهن ۾ هڪ پيرو اهو اُٺ ويهي ويجي ته "مان آهيان" ته پوءِ ٻين ماڻهن کان توهان پري ٿي ويندؤ. جيڪڏهن توهان ٻئي سان گڏجي هلندؤ ته پوءِ توهان کي پنهنجي انا کي ختم ڪرڻو پوندو. ۽ حقيقت اها آهي ته زماني کان ڌار ٿي جيئڻ جو مطلب آهي خود غرضي. انا اڳ ۾ اهو چوندي آهي ته تون سيني کان مختلف آهين، سيني کان منفرد آهين، هنن کان پري ٿي ۽ جڏهن توهان اڪيلا ٿي ويندا آهيو مسئلن ۾ گهيرجي ويندا آهيو ته ٻوءِ پڇڪو شروع ڪندو آهي، اڪيلا ڇو آهيو فنا ڇو ٿي رهيا آهيو؟ سمنڊ کان سواءِ لهر جي زندگي ناممڪن ناهي. ياد رکو سمنڊ ۾ توهان جي زندگي آهي، پاڻ کي ڌار ڪرڻ، منفرد رکڻ جي خواهش توهان کي فنا ڪري ڇڏيندي. ها جن کي به مرڻو آهي، انهن کي دنيا ۾ محبت جي ضرورت آهي، اهو ئي سبب آهي ته اسان ماڻهن مان جن کي به موت جو احساس هوندو آهي اُهي محبت جا طلبگار هوندا آهن، ڇو ته محبت جو ڪم جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ آهي، ماڻهو محبت کانسواءِ ان ڪري ناهن رهي سگهندا جو ڪين خود غرض ناهي ٿيڻو. هر ماڻهو محبت جي ڳولا ۾ آهي، ڪنهن کي توهان جي محبت جي ضرورت آهي ۽ ڪو پنهنجي دل ۾ توهان لاءِ محبت رکي ٿو جنهن کي به دنيا ۾ محبت ناهي ملندي اُهو ئي هتي مسئلن ۾ گهيريل هوندو آهي، پر ڇا اسان ڪڏهن اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته آخر اها محبت آهي ڇا؟

تڏل ڦڏل ناتن کي هڪ، هڪ ڪري ٻيهر جوڙڻ جو نالو محبت آهي، محبت جو هڪڙو قسم ته اهو آهي جو اسان پنهنجي تڏل ڦڏل رشتن، ناتن کي گڏ ڪري ٽڪرا ٽڪرا جوڙي انهن کي بحال ڪندا آهيون، هڪ ته انا کي به محبت چوندا آهن، ۽ محبت جو ٻيو قسم هيءَ آهي ته اسان ماڻهن سان رسڻ ڇڏي ڏيندا آهيون،

ناتا ٽوڙڻ جو سلسلو بند ڪندا آهيون، ان کي عبادت چوندا آهن. عبادت خالص پيار جو نالو آهي، ان جو مفهوم صفا ڏار آهي. ان جو مطلب هرگز اهو ناهي ته ڪو اسان ڪنهن ٻئل شيءِ کي جوڙي رهيا آهيون.پر ان جو مطلب آهي ته اسان "ڪُل" کان پري ٽيڙ جي روش کي ڇڏي ڏنو آهي. سمنڊ مان اٺندڙ لهر جو فنا ٽيڙ کان اڳ اهو چوڻ ته مان سمنڊ آهيان سو ڪل سان ناتو جوڙڻ جي برابر آهي. ڪنهن به مذهب پرست انسان جو اهو چوڻ ته مان درست آهيان ٻيا غلط آهن. سو صحيح ناهي. مذهب پرست انسان ته ڪل ڪائنات سان محبت ڪندڙ هوندو آهي. هن جو ڪنهن فرقي، ڪنهن رنگ، ڪنهن خاص عقيدي سان تعلق ناهي هوندو. مذهب پرست ماڻهو جو نه ته خاندان هوندو آهي، نه فرقو نه دوست نه پاءُ، هو ته "ڪُل" سان جڙيل هوندو آهي. حضرت عيسيٰ عليه السلام ڪٽي، ڪٽي انتهائي سخت لفظ به چيا آهن، محبت جي معراج کي ماڻيندڙ ماڻهو ئي اهڙا لفظ چئي سگهي ٿو هڪ پيري بازار ۾ حضرت عيسيٰ ماڻهن جي وچ ۾ بينو هو. سندس والده حضرت مريمؑ ساڻن ملڻ لاءِ اُتي آئي. ماڻهن جي ميڙاڪي مان ڪنهن رڙ ڪري چيو ته پري هٽي بيهو رستو ڏيو حضرت عسيٰ عـ جي ماءُ کي ويجهو اچڻ ڏيو." جڏهن حضرت عيسيٰ عليه السلام اُهي لفظ ٻڌا ته پاڻ موٽ ۾ وڏي آواز ۾ چيائين، جيڪڏهن توهان ماڻهو حضرت عيسيٰ جي ماءُ کي رستو ڏئي رهيا آهيو ته پوءِ ان جي ڪابه ضرورت ڪانهي ڇاڪاڻ ته عيسيٰ جي ماءُ ڪابه ڪانهي." اهو آواز ٻڌي حضرت مريم کي ڏک پهتو ۽ هوءَ جتي به هئي اُتي بيهي رهي.

ماڻهن جي ميڙ کي مخاطب ٿيندي حضرت عيسيٰ عليه السلام چيو: "جيستائين به توهان جو پنهنجي خاندان، ماءُ، پيءُ، پينر، پائرن سان ناتو ڳنڍيل آهي، مون ڏانهن اچڻ جو ڪوبه ضرور

ناهي." اها ڳالهه اعتبار لائق ناهي ته حضرت عيسيٰ جهڙو محبت جو پيڪر ماڻهو اهڙا سخت لفظ چوي. "منهنجي ڪا به ماءُ ڪانهي، ڪير آهي منهنجي ماءُ." جنهن ڪري حضرت مريم جتي هئي اُتي بيهي رهي ۽ حضرت عيسيٰ جي تقرير جاري هئي.

"توهان مون کي جنم ڏيندڙ عورت کي منهنجي ماءُ چئو ٿا پو اُها ته سيني جي ماءُ آهي، ۽ جيڪو به عقيدتمند رڳو هڪ ماءُ سان ناتو ڳنڍي ٿو سو مون ڏي نه اچي."

اصل معاملو ڇا آهي؟ ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪا لهر سمنڊ کان ڌار پنهنجو وجود رکڻ جي خواهشمند آهي، سا سمنڊ جي لامحدود وسعتن ۾ جاءِ حاصل ڪرڻ جي حقدار ناهي . لهرن جو هڪٻئي سان لاڳاپو ۽ ناتو ضروري آهي، سمنڊ لهر جي ماءُ آهي، ماءُ کانسواءِ وجود ۾ اچڻ ناممڪن آهي، موت انسان جي ماءُ آهي.

پيءُ سوچيندو آهي ٺيڪ آهي، مان فنا ٿي ويندس پر پويان پٽ جي صورت ۾ پنهنجو وجود ڇڏي ويندس ۽ جنهن کي پٽ جو اولاد ناهي هوندو سو ڏکايل رهندو آهي ته دنيا ۾ سندس نالو باقي ڪيئن رهندو. ياد رکو هڪ تخليقڪار ليکڪ، مصنف کي پنهنجي پٽ يا اولاد نه هجڻ جي ڪابه پرواهه ناهي هوندي، ان جو اهو مطلب ناهي ته هن کي اولاد نه ڪيپي، پر حقيقت ۾ هن نسلي بقا کان وڌيڪ طاقتور ناتو ڳولي لڌو آهي، هو فنائيت کان بقا جو راز حاصل ڪري چڪو آهي. اولاد نه هوندو، پئسو نه هوندو خاندان ختم ٿي ويندو پر لکڻين جي صورت ۾ تحرير جي صورت ۾ ليکڪ کي بقا ملندي آهي.

پر ڪڏهن ڪڏهن لکيل تحريرون به ضايع ٿي ويندين آهن، ڪابه لکڻي هميشه زنده نه ٿي رهي، ها لکت بي شڪ ڪافي عرصي تائين زنده رهي ٿي پر خبر ناهي ته هن وقت تائين الائي ڪيتريون تحريرون تاريخ جي ٻاتار ۾ گم ٿي چڪيون آهن،

آهستي آهستي سڀ ڪجھ ختم ٿي رهيو آهي، ڏٺو وڃي تہ هيءَ دنيا لھرن جي دنيا آهي، لھر ڪيڏي بہ وڏي ڇو نہ هجي، ڪيتري بہ متحرڪ ڇو نہ هجي، پر نيٺ ڪيس فنا ٿيڻو آهي، لھر هجڻ ان ڳالھ جي علامت آهي تہ عدم ان جي منزل آهي، دير، سوير سان ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي پر موت مقدر آهي.

ان ڪري جيڪڏهن توهان پاڻ کي هڪ لھر جي نظريئي سان ڏسندؤ تہ توهان پاڻ کي موت کان خوفزده ڏسندؤ. موت کان ڊنل پائيندؤ. مان چوان ٿو ڊڇو نہ موت ڏانهن ڏسو. موت کان خوفزده ٿيڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، موت کان فرار ٿيڻ ناممڪن آهي. ان ڪري موت کي ڏسو ۽ موت ڏانهن ڏيان سان ڏسڻ ڪانپوءِ خبر پوندي تہ هڪ پاسي جيڪو موت آهي، سو ٻئي پاسي کان ڇڻ زندگي آهي، ائين لھر سمنڊ جو روپ ونندي ۽ فنا جو خوف ختم ٿي ويندو.

اسان سڀ ڪائنات جي هڪ شعور جي سمنڊ جون لھرون آهيون، اسان مان ڪجھ لھرون برف جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويون آهن. اڪثر ڪري اسان جي انا برف جي صورت ۾ سخت پٿر جھڙي ٿي وئي آهي، ڪيڏي نہ حيرت جوڳي ڳالھ آهي جو پاڻي جھڙي نرم شيءِ برف بنجي، سخت پٿر جھڙي صورت اختيار ڪري ونڃي ٿي. جيڪڏهن اسان جي اندر ۾ اها خواهش پيدا ٿي وڃي تہ موت ڪجھ بہ ناهي تہ اسان جي انا برف مان ڳري پاڻي ٿي ويندي.

پاڻيءَ کي برف جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ جا بہ ڪي فطري قانون آهن، پاڻيءَ کي برف ۾ تبديل ٿيڻ لاءِ حد کان وڌيڪ ٺڏو ٿيڻو پوندو آهي، پنهنجي گرمي پد کي ختم ڪري برف ٿيڻ جي حد تائين ويڇو پوندو آهي، جيترو پاڻي ٺڏو هوندو اوترو برف سخت ٿيندي، جيڪو ماڻهو انا کي پالي ٿو ان کي بہ حد کان

وڌيڪ ٿڏو ٿيڻو پوندو آهي. اسان ٻين کي گرم جوشيءَ سان پليڪار ڪندا آهيون، گرمي، جوش ۽ خوشيءَ جي علامت آهي، ٿڏو ماڻهو ڪڏهن ب مرڪي ڪنهن جو استقبال ناهي ڪندو. پيار سان گرمي وابستا آهي. ٿڏ سان پيار جي ڪاب معنيٰ ڪانهي، پيار ڪڏهن ب ٿڏو ناهي هوندو. اهڙي طرح زندگيءَ جي بقا ب گرميءَ سان لاڳاپيل آهي، موت ٿڏو آهي. زيرو پد گرميءَ کان ب هيٺ اهو ئي سبب آهي جو سج زندگيءَ جي علامت آهي، سج گرميءَ جي علامت آهي. سج جيئن ئي اُپرندو آهي، مانڌار ختم ٿي ويندي آهي، هر شيءِ ۾ زندگيءَ جي گرمي اچي ويندي آهي، گل ٽڙي پوندا آهن، پکي ٻولڻ شروع ڪندا آهن، گرمي زندگي آهي، ٿڌاڻ موت جي علامت آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي انا کي جيئارڻو آهي تہ ان کي ٿڏو ٿيڻو پوندو. ان کي انهن سمورين شين کان پرانهون ٿيڻو پوندو جن ۾ گرمي موجود هوندي آهي. پنهنجي جسم کي گرمي پهچائيندڙ شين کان پوي رکڻو پوندو. خاص ڪري محبت جي گرمي کان پري ٿيڻو پوندو. محبت گرم آهي، نفرت ٿڏي آهي، ان ڪري انا خاطر محبت کي ڇڏي نفرت اختيار ڪرڻي پوندي. رحم ۽ همدردي گرم جذبا رکندڙ آهن. ظلم ۽ نفرت ٿڏن جذبن جي علامت آهن.

جيئن پاڻيءَ کي برف ڪرڻ جا قانون آهن، اهڙيءَ طرح انساني شعور کي ڄمائڻ، برف ڪرڻ جا ب قانون آهن. پاڻ کي ٿڏي کان ٿڏو رکو ڪڏهن ڪڏهن اسان چوندا آهيو تہ فلاڻو همراهہ انتهائي ٿڏو آهي، ان ۾ قطعي ب نرمي ناهي. پٿر جيان سخت هوندو آهي. ياد رکو جيڪو ماڻهو جيترو گرم هوندو اوترو ئي سادو هوندو. ان ۾ ايتري ملائمت هوندي آهي جو اُهو ڪنهن جي ب دل ۾ گهر ناهي سگهندو آهي ۽ کوب ان سان محبت ڪري سگهي ٿو. هڪ ٿڏي مزاج وارو ماڻهو سخت هوندو آهي، نرميءَ

کان محروم هوندو آهي، ان جي دل ۾ ڪير بہ داخل ناهي ٿي سگهندو. ڪو بہ ماڻهو سندس دل ۾ جاءِ نہ ٿو ناهي سگهي. انا جڙ تہ برف آهي. محبت پاڻيءَ جي جهرڻي جيان روان دوان هوندي آهي. جيڪو ماڻهو موت کان ڊجندو آهي، ان کان پري پڇڙ چاهيندو آهي تہ پوءِ اُهو برف جيان سخت ٿيندو ويندو آهي.

ڏنو وڃي تہ اسان ماڻهو خوف ۾ مبتلا فرد آهيون. اسان جيترو پاڻ کي محفوظ بنائڻ چاهيندا آهيون اوترو برف جي ديوار سخت ۽ اوچي ٿيندي ويندي آهي. خوف اسان جي سموري وجود کي ويڑهي سيڑهي سوڙهو ڪري ڇڏي ٿو. اسان گرمي ۽ نر ماهت کان محروم فرد آهيون اسان سخت گير ۽ ٺڏا آهيون. ان ڪري زماني کان ۽ زندگيءَ کان ڪٽيل آهيون. رشتن. ناتن جو تقدس بہ اسان کان وسرندو پيو وڃي، پر جيڪڏهن هڪ پيرو اسان جي اندر نرمي، گرمي پيدا ٿي وڃي تہ خوف ۽ ڊاريائپ دور ٿي سگهن ٿا ۽ اسان جي اندر ۾ نرمي ان وقت پيدا ٿي سگهي ٿي جڏهن اسان موت کي مُنهن ٽيڙ لاءِ تيار ٿي وڃون. موت جي خاطر جيئڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري ونون. جڏهن اسان کي اها پڪ ٿي وڃي تہ موت هر حال ۾ برحق آهي.

جڏهن اسان هڪ پيرو موت کي ڏسي ان جي موجودگيءَ جي پڪ ڪري ونون تہ ڪنهن بہ قسم جو خوف اسان وٽ باقي نہ رهندو. جڏهن سچ پچ موت کي اڇٽو آهي ۽ جڏهن زندگيءَ جي فنائيت لازمي آهي تہ پوءِ خوف ڇا جو؟ ياد رکو انسان جي فنا جي شروعات تہ ان جي جنم ڏينهن کان ٿي وڃي ٿي، تہ پوءِ خوف ڇا جو؟ لهر کي فنا ٿي سمنڊ ۾ گم ٿيڻو آهي ۽ سمنڊ ئي حقيقت ۾ لهر جي زندگي آهي تہ پوءِ لهر ۽ سمنڊ ڏار ڪٿي آهن. ڳالهہ ساڳي آهي، لهر تحرڪ ۾ هجي يا آرام ۾ هر صورت ۾ سمنڊ ئي آهي.

دنيا جو ڏاهو ماڻهو لائوتزيٰ جڏهن هن دنيا کان موڪلائي رهيو هو تہ ڪنهن کانئس زندگيءَ جا ڪجهہ اهم راز ڄاڻڻ بابت سوال ڪيو. لائوتزو جواب ڏنو تہ: "زندگيءَ جو پهريون راز هيءُ آهي تہ مون کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪو شڪست ناهي ڏئي سگهيو." اهو ٻڌي ان جي شاگردن کي تمام گهڻي حيراني ٿي. انهن چيو تہ "اها ڳالهہ اڄ کان اڳ ۾ تہ توهان اسان کي ڪڏهن بہ نہ ٻڌائي هئي اسان بہ زندگيءَ ۾ فتح مند رهڻ چاهيو ٿا. ان لاءِ هميشہ ڪاميابي لاءِ اسان کي بہ اهو طريقو ٻڌايو." لائوتزو جواب ڏنو: "توهان شايد غلطيءَ تي آهيو توهان منهنجي ڳالهہ کي غلط انداز ۾ ٻڌو آهي. مون اهو چيو آهي تہ اڄ تائين مون کي ڪوبہ شڪست نہ ڏئي سگهيو آهي ۽ توهان وري اهو چئو پيا تہ مان توهان کي هميشہ فتح مند رهڻ جو طريقو ٻڌايان. اُهي ٻئي ڳالهيون هڪٻئي جي صفا اُبتڙ آهن. بي شڪ معنيٰ ۾ هڪ آهن پر لغت ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان انهن جي معنيٰ هڪجهڙي آهي. تہ هڪ اهڙو ماڻهو جنهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ شڪست نہ کاڌي هجي سو فاتح ڇوائيندو آهي پر مون تہ سادي طريقي سان اهو چيو آهي تہ "مون کي اڄ تائين ڪير بہ شڪست نہ ڏئي سگهيو آهي. جڏهن تہ توهان وري فاتح بنجڻ جا خواهش مند آهيو توهان هتان هليا وڃو. توهان ۾ منهنجي ڳالهہ کي سمجهڻ جي صلاحيت ناهي. شاگردن اتان وڃڻ جو حڪم قبول ڪيو پر وري بہ ڪيس اُها گذارش ڪيائون تہ توهان اسان کي اهو راز ضرور ٻڌايو تہ توهان زندگيءَ ۾ ناقابل شڪست ڪيئن رهيا آهيو؟ لائوتزو جواب ڏنو: "مون کي اڄ تائين ڪوبہ ان ڪري شڪست نہ ڏئي سگهيو آهي. جو مان اڳ ۾ ئي شڪست کاڌل فرد آهيان. پلا هارايل ماڻهوءَ کي ڪو ڪيئن شڪست نہ ڏيندو؟ مون کي ڪوبہ ماڻهو ان ڪري هارائي نہ سگهيو آهي. جو مون ڪڏهن بہ ڪنهن کان

کٹڻ جي خواهش ئي نہ ڪئي آهي. ڪڏهن بہ ڪنهن مون سان مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي پر جيڪڏهن ڪو مقابلو ڪرڻ آيو بہ تہ ان کي جڏهن اها خبر پئي تہ مان اڳواٽ ئي هارايل ماڻهو آهيان، تہ ان کي مون سان مقابلي ڪرڻ جو لطف ۽ سرور وارو پاسو نظر ئي ڪونہ آيو ماڻهوءَ کي ويڙهہ مقابلي ۾ فتح جو سرور تڏهن محسوس ٿيندو آهي، جڏهن مقابلو برابر جو هجي، يعني ٻئي ڌريون ويڙهاند ۾ هڪٻئي تي فاتح ٿيڻ جون خواهشمند هجن، اهڙي ماڻهو سان ٻلا ڪهڙي ويڙهہ جيڪو اڳ ۾ ئي هٿيار ڦٽا ڪيو وينو هجي. اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪنهن جي انا کي ٽوڙڻ سان پنهنجي انا کي خوشي حاصل ٿيندي آهي، پر جڏهن کو ماڻهو پاڻ کي پاڻ ئي ڌاهي وينو هجي تہ ان کي تباهہ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. اسان جي انا کي ان مان ڪوبہ نتيجو نہ ملي سگهندو. اسان ڪنهن ٻئي جي انا کي جيترو تڪليف پهچائيندا آهيون، اوترو ئي اسان جي انا کي تسڪين ملندي آهي، پر جنهن ماڻهوءَ جي اسان ڳالهہ ڪيون پيا ان جي انا تہ اڳ ۾ ئي تباهہ ٿي چڪي آهي. ان جو مثال هيئن سمجهو تہ توهان ڪنهن کي شڪست ڏيڻ وارا آهيو ۽ ان کان اڳ جو توهان ان کي هارايو اهو پاڻ ئي زمين تي هيٺ ڪري پوي تہ اُن وقت توهان جي حالت ڪهڙي ٿيندي؟ توهان شايد ان سان وڙهڻ تان ئي هٿ کڻي ويو پنهنجو پاڻ شڪست کائيندڙ ماڻهوءَ سان ٻلا مقابلو ڪهڙو؟

اهڙي طرح لائوتزو چيو چا توهان ٻيو ڪجهہ بہ جاڻڻ چاهيو ٿا، توهان کي فتح حاصل ڪرڻ جو گُر گهربل آهي. جيڪڏهن فتح حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهيو تہ هارائڻ سکو. جنهن جي مٿي ۾ بہ فتح حاصل ڪرڻ جو سودو سمائجي وڃي ان جي هار يقيني آهي ۽ اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ فتح جي خيال سان ئي هار شروع ٿي ويندي آهي. ان ڪري اڄ تائين منهنجي

ڪوبہ توهين نہ ڪري سگهيو آهي. اُنهيءَ تي سندس هڪ شاگرد چيو تہ "مهرباني ڪري اسان کي اهو راز بہ ٻڌايو اسان بہ پنهنجي ڪنهن کان توهين ڪرائڻ پسند نہ ٿا ڪريو."

"تون وري انهيءَ غلطيءَ کي ورجائي رهيو آهين! منهنجي توهين بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ مون ڪڏهن بہ ڪنهن اعزاز جي خواهش ناهي ڪئي، جنهن جي اندر ۾ شهرت جي بک پريل هجي. ان جي همیشہ توهين ٿيندي رهندي. مون کي ڪڏهن بہ ڪٽان ڏکا ڏئي ٻاهر ناهي ڪڍيو ويو. ڇاڪاڻ تہ مان همیشہ اُتي ئي ويهندو هئس جتي ماڻهو پنهنجا جوتا لاهي اندر داخل ٿيندا هئا. مون کي ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجي جاءِ تان هٽائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. ڇاڪاڻ تہ مان اهڙي جاءِ تي بينل هوندو هئس جتان مون کي وڌيڪ پوئتي ڏکو نہ ڏئي سگهجي. مان همیشہ سپيني کان آخر ۾ رهڻ پسند ڪندو هئس. ان جي ڪري مان همیشہ پريشانيءَ کان بچيل رهندو هئس. مان همیشہ پنهنجي پسند جي جاءِ تي ويهندو هئس. اها جاءِ منهنجي جاءِ هوندي هئي ۽ اتان مون کي ڪوبہ هٽائي نہ سگهندو هو."

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو بہ قول آهي تہ "انهن ماڻهن تي رحمت هجي جيڪي همیشہ قطار جي آخر ۾ بيهندا آهن."

انهيءَ قول مان ڪهڙو مقصد آهي؟ مثال جي طور تي حضرت عيسيٰ عليہ السلام چيو تہ "جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان جي هڪڙي ڳل تي چمات هڻي تہ ٻيو ڳل بہ ان جي آڏو ڪري ڇڏيو." ان جو مطلب آهي تہ ان کي ايتري زحمت بہ نہ ڏيو تہ هو توهان جي ٻئي ڳل تي چمات هڻڻ لاءِ ٻئي طرف مڙي اهو ڪم بہ توهان پاڻ ئي ڪريو. حضرت عيسيٰ عليہ السلام تہ اهو بہ چيو آهي تہ جڏهن بہ ڪو توهان کي هارائڻ اچي تہ توهان هارائجي وڃو. وڌيڪ اهو بہ چيائين تہ توهان کان جيڪڏهن ڪو ڪوٽ

ڦري وڃي تہ ان کي خوشيءَ سان قميص بہ لاهي ڏيو. يا وري اگر ڪو توهان کي چوي تہ سندس وزن هڪ ميل تائين ڪٽي هلو. توهان ان کان پڇو تہ آخري حد ڪهڙي آهي، اوستائين وزن ڪٽي هلو.

انهن سمورين ڳالهين جو مطلب ڇا آهي؟ سمورين ڳالهين جو هڪ ئي مطلب آهي، زندگيءَ جي حقيقتن بابت عدم تحفظ، ناڪامي، شڪست ۽ موت جي خوف کان آجو ٿيڻ، موت کي قبول ڪرڻ جو مطلب آهي اسان انهيءَ خوف تي قابو پائي ورتو آهي، ڏٺو وڃي تہ موت اسان جي آخري شڪست آهي، وڏي کان وڏي شڪست کان تہ توهان بچي سگهو ٿا ڪابہ شڪست کائڻ کان پوءِ بہ توهان زنده موجود هوندا آهيو. پر موت توهان کي گم ڪري ڇڏي ٿو.

موت، انسان جي سڀ کان وڏي شڪست آهي. انهيءَ جي ڪري اسان پنهنجي دشمن کي موت جي حوالي ڪرڻ چاهيندا آهيون.. موت آخري ۽ حتمي شڪست آهي، ان کان پوءِ دشمن جي ڪنڌ جو ڪوبہ امڪان باقي نہ ٿو رهي، ڇو تہ ان کانپوءِ دشمن جو وجود ئي نہ رهندو آهي، موت اسان جي آخري شڪست آهي ۽ اسان سيني جي اها خواهش هوندي آهي تہ اهو اسان کان پري هجي ۽ اهو ذهن ۾ هجي تہ جيڪو ماڻهو بہ موت کان پري پڇي ٿو اُهو بين ماڻهن کي قتل ڪرڻ جو ڪم ڪندو رهندو. جيترو هو بين ماڻهن کي ماريندو اوترو هن جي اندر ۾ تحفظ جو احساس پکو ٿيندو رهندو. دنيا ۾ دهشتگرديءَ جو سبب بہ اُهو ئي آهي دنيا ۾ دهشتگردي ان ڪري ناهي تہ ماڻهن جا خيال ۽ عقيدا مختلف آهن، يا ماني ۽ پاڻي جي گهٽ وڌائي سبب ڪو جهيڙو آهي. ايئن هرگز بہ ناهي، دهشتگرديءَ جو بنيادي سبب ئي اهو آهي تہ اسان بين کي قتل ڪري پنهنجي موت کي وسارڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا. بين کي ماريندڙ کي اهو احساس ٿيندو آهي تہ

هو ناقابل شڪست آهي ۽ ڪيس ڪير بہ نہ ٿو ماريءُ سگهي. ٻين کي ماري اسان پاڻ کي موت کان مٿانهون سمجهون ٿا. اسان جي انا کي اها تسڪين ملندي آهي تہ اسان ٻين کي ماريندڙ آهيون تہ پوءِ پلا اسان کي ڪير ماريندو ۽ تحت الشعور ۾ ماڻهو موت کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هڪ خطرناڪ ماڻهو جي اندر ۾ موت کان فرار جي خواهش موجود هوندي آهي ۽ جيڪو ماڻهو بہ پاڻ کي موت کان بچائڻ جي خواهش ۾ هوندو آهي، اهو ڪڏهن بہ امن پسند نہ هوندو آهي، مان وڏي واڪي اهو چوان ٿو تہ مون کي هر حال ۾ موت قبول آهي ۽ چاڪاڻ تہ موت زندگيءَ جي سچائي آهي، ڪوبہ امن پسند ماڻهو پنهنجي موت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهي، موت کان بچي پلا ڪيڏانهن ويجهو؟ موت ڪٽي موجود ناهي.

ياد رکو! سج اُپرڙ سان گڏ ئي لهڻ جو سفر شروع ڪندو آهي، سج جو گم ٿيڻ بہ ايترو ئي يقين جي قابل آهي جيترو ٻئي ڏينهن تي وري هن جو مقرر وقت تي اُپرڙ يقيني آهي، بس اُپرڙ ۽ لهڻ ۾ وقت ۽ طرف جو فرق آهي. هڪ پاسو اُپرڙ آهي تہ ٻيو پاسو لهڻ آهي. سج لهڻ ۾ ئي سج جي اُپرڙ جو راز لڪل آهي، سو موت ۾ ئي زندگي لڪل آهي. اهڙو ڪوبہ رستو ڪونهي جيڪو زندگيءَ کي موت کان بچائي سگهي، جيڪو ماڻهو موت جي سچائيءَ کان واقف آهي سو ان کي قبول ڪري ٿو ان کان انڪار نہ ٿو ڪري.

جڏهن مان توهان کي اهو چوان ٿو تہ "موت مٿان فتح حاصل ڪيو." تہ منهنجو مطلب اهو هوندو آهي تہ موت کي ڇاڻو ۽ سڃاڻو جيڪو بہ موت جي حقيقت کان واقف ٿيندو آهي ان کي موت کان خوف محسوس ناهي ٿيندو. اُهو تہ موت وقت ٿهڪ ڏيندو آهي، چاڪاڻ تہ هن کي کي اها خبر هوندي آهي تہ موت تہ ڪجهہ بہ ناهي.

اهڙي طرح مون کان هڪ دوست پڇي ٿو تہ "اسان موت جي باري ۾ آخر ڇو سوچيون؟ ان کي وساري ڇو نہ ڇڏيون."

جيڪڏهن مان سڪي جو هڪ پاسو سامهون رکان تہ ٻئي پاسي کي ڏسڻ کان محروم رهندس. سڪي جو هڪ پاسو ڏسڻ سان ٻيو پاسو گم نہ ٿي ويندو پر اُهو بہ اسان وٽ ئي موجود رهندو.

جيڪڏهن اسان هڪ رخ کي ڏسنداسين تہ ٻيو رخ بہ اسان وٽ رهندو ۽ هڪ پاسو اُڇلائڻ سان ٻيو پاسو هليو ڪونہ ويندو. زندگي ۽ موت هڪ ئي سڪي جا ٻہ پاسا آهن. موت جي حقيقت جڏهن بہ سمجهي ويندasين تہ زندگيءَ جي حقيقي خوشي بہ ماڻي ونندasين. زندگي ۽ موت ٻئي سرور بخش ۽ خوشيءَ جو سبب آهي.

اسان صبح جو سوير پنهنجي ڪم ڪار تي ويندا آهيون، ڪو ٽڏي ڪمري ۾ ويهي ڪمپيوٽر تي آڱريون هلائيندو آهي تہ ڪو تتل ڪاڙهي ۾ رستن تي ڪڏا ڪوٽيندو آهي، حق حلال جي روزي ڪمائيندڙ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪم ڪار ۾ خوشي ۽ سرور محسوس ٿيندو آهي، پر ڇا ڏينهن جي ڪم ڪار کانپوءِ رات جو بستري تي آرام بہ خوشي ۽ راحت ڏيندڙ ناهي هوندو. پوءِ آخر رات جي آرام کان خوفزده ڇو ٿجي. موت رات جي آرام جيان آهي ۽ زندگي ڏينهن جي ڪم ڪار جيان پوءِ پلا موت کان خوفزده ڇو آهيو؟

ڏنو وڃي تہ روزانو رات جو بستري تي سمهڻ جو مطلب آهي روزانو مرڻ ۽ وري جيئڻ، رات جو اسان مرندا آهيون، ڏينهن جو زنده ٿيندا آهيون، اهڙي طرح روزانو مرندي، جيئندي جڏهن اسان اسي سالن جا ٿي ويندا آهيون، تہ اسان جو جسم ڪمزور ۽ لاچار ٿي ويندو آهي، ۽ نيٺ موت اچي جسم کي هميشہ لاءِ سمهاري ڇڏيندو آهي. موت کانپوءِ بہ انسان زنده رهندو آهي. بس هڪ اڻ

ڏنل تبديليءَ مان گذرندو آهي. موت کان خوف اجايو آهي، موت هڪ گهري ۽ ڊگهي ننڊ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ناهي.

ڇا توهان اعتبار ڪندؤ تہ هڪ رات جي وچ ۾ نہ انسان جو جسم مختلف تبديلين مان گذرندو آهي، رات جو هڪ حالت مان صبح جو ٻي حالت ۾ اچي ويندو آهي، پر اُهي تبديليون ايترو تہ معمولي هونديون آهن جو اسان کي انهن تبديلين جو ڪو گهٽو احساس ناهي ٿيندو. تبديلي ڪا وڏي نہ ناهي هوندي، بس ڪجهہ گهرڙا ڊهندا آهن تہ ڪجهہ وري ٺهندا آهن. رات جي ننڊ ڪانپوءِ اسان جسم ۾ هڪ نئين توانائي محسوس ڪندا آهيون، جنهن رات سؤلي ننڊ نہ اچي ٽڪل هوندا آهيون ۽ اهو چوندا آهيون تہ رات سڪون جي ننڊ ناهي آئي، سو موت زندگي لاءِ هڪ پُرسڪون ننڊ وانگيان آهي، زندگيءَ جي توانائي لاءِ موت نہ ضروري آهي.

موت ۽ حياتي هڪ ئي ڪيفيت جا نہ نالا آهن، ان ڪري مان چوندو آهيان تہ موت ڏانهن ڏسو! مان موت بابت سوچڻ لاءِ نہ ٿو چوان، سوچ توهان کي گمراهہ ڪري سگهي ٿي، موت بابت سوچڻ سان توهان خوفزده ٿي ويندؤ، موت کي سوچيو نہ پر ڏسو محسوس ڪيو."

هڪ دوست جو چوڻ آهي تہ ڪجهہ ماڻهو موت کي خوشيءَ سان قبول ڪري آپگهات يا خودڪشي ڪندا آهن. انهن ماڻهن جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي.. ڇا اُهي ماڻهو موت کان خوفزده ناهن هوندا؟" اُهي نہ يقيني طور تي موت کان خوفزده هوندا آهن. پر اُهي وري موت جي مقابلي ۾ زندگيءَ کان وڌيڪ خوفزده هوندا آهن، انهن کي موت کان وڌيڪ زندگي تڪليف ڏيندڙ محسوس ٿيندي آهي، ان لاءِ اُهي زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيندا آهن. انهن کي زندگي موت کان وڌيڪ بدتر ڏسڻ ۾

ايندي آهي، ان کي اُهي آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪو ماڻهو زندگيءَ ۾ درد پوڳي رهيو هجي، اُهو هيءُ سمجهندو آهي ته موت سان سمورن دردن جو خاتمو اچي ويندو آهي. جيڪو ماڻهو ڏکن سورن ۾ هجي اهو هر شيءِ کان نجات جو گهرجائو هوندو آهي، آپگهات ڪندڙ جو روح ۽ مري ويندو آهي. هو جسم سان گڏ روح کي ۽ ماري ڇڏيندو آهي، ان جي موت کانپوءِ ڪجهه ۽ ناهي بچندو. جڏهن ته موت کي فطري طور تي قبول ڪندڙ ماڻهوءَ جو روح ناهي مرندو. روح لافاني آهي، پر شرط اهو آهي ته اهو فطري حالت ۾ رهي، فطرت لازوال آهي، ان کي موت نه ٿو اچي، خوفزده ماڻهو ته خدا جي عبادت ۽ چگيءَ طرح نه ڪري سگهندو آهي، جيڪڏهن ماڻهوءَ کي مٿي ۾ سور هجي ته اُهو پلا خدا کي ڪيئن مڃيندو. جيڪڏهن خدا ۽ موجود آهي ۽ مٿي جو سور ۽ ته، پوءِ آخر ٻنهي جي ميلاپ جو مقام ڪهڙو آهي. خدا ۽ درد هڪ مياڻ ۾ نه ٽا رهي سگهن.

توهان هڪ تجربو ڪيو. پنجاهه ماڻهو بيمار هڪ پاسي ويهاريو ۽ پنجاهه ماڻهو صحت مند ٻئي پاسي ويهاريو. توهان انهن جا خيال پڙهڻ شروع ڪيو توهان ڏسندؤ ته بيمار ماڻهن جو رجحان لامذهبيت طرف هوندو ۽ صحتمند ماڻهن جو رجحان خدا جي بندگي طرف هوندو. ان جو مطلب ته خدا جي وجود جو قائل هجڻ خوشين جو سبب آهي. ياد رکو جتي ۽ لامذهبيت وڌيڪ هوندي اُتي زندگيءَ جا ڏک ۽ سور وڌيڪ هوندا. خدا پرست سماجن ۾ ڏکن سورن جو تمام گهٽ واهپو هوندو. جنهن ماڻهوءَ جو جهڪاءُ خدا ڏانهن هوندو ان وٽ خوشيون هونديون آهن ۽ لامذهب ماڻهو ڊپريشن، فڪرن ۽ پريشانين جو شڪار هوندا آهن. مان اهو ۽ چوان ٿو ته ٿي سگهي ٿو ايندڙ پنجاهه سالن ۾ روس ۾ مذهب پرست ماڻهو وڌي وڃن ۽ انڊيا ۾ وري لامذهب

ماڻهن جو تعداد وڌيڪ هوندو. باوجود ان جي جو روسي مارڪس کي پڙهن ٿا ۽ هندوستاني ماڻهو مهاوير جي تعليم حاصل ڪن پيا، ڏٺو وڃي تہ مهاوير ۽ مارڪس جي نظرين ۾ رتيءَ جيترو بہ فرق ناهي. جيڪڏهن روس جا ماڻهو مارڪس کي پوريءَ طرح سمجهي ويا تہ اُهي خدا پرست ٿي ويندا، روس جي ڳوٺن ڳلين ۾ مذهب جا پڙاڏا گونجندا ۽ انديا ۾ مهاوير جي تعليم کي سمجهڻ وارا وري لامذهب ٿي ويندا. بک، بدحالي لامذهبيت کي جنم ڏيندي آهي، خوشي ۽ وسيلن جي گهٽائي خدا پرستيءَ کي جنم ڏيندي آهي.

ياد رکو هڪ غير مطمئن ۽ نااُميد ذهن، بغاوت ۽ ڪاوڙ جا جذبا رکندڙ هوندو آهي، جڏهن ان وٽان محروميون ختم ٿي ويندیون آهن تہ هو خوش ۽ مطمئن ٿي ويندو آهي. هڪ ماڻهو ڪميونسٽ آهي. اُهو هر وقت انقلاب جا نعرا ٿو هڻي. غريب کي ماني ڏيو، پاڻي ڏيو، حق ڏيو، ملڪيت جي ورهاست ڪيو، وغيره توهان هيئن ڪيو جو ان انقلابي همراهہ کي هڪ بنگلو هڪ گاڏي ۽ هڪ خوبصورت چوڪري ڏيو، پوءِ ڏسو تہ اُهو همراهہ پندرهن ڏينهن ۾ ڪميونزم جا سڀ نعرا وساري ويهي ٿو يا نہ، پوءِ ان همراهہ جي واتان ئي توهان اُهي لفظ ٻڌندؤ تہ ڪميونزم بيڪار نظريو آهي، هن جي زندگيءَ ۾ آيل مادي وسيلا هن جي خيالن ۾ بہ انقلاب آڻي ڇڏيندا.

زندگيءَ جا وسائل حاصل ٿيڻ کان اڳ ۾ هن جو خيال هو تہ سماج غير طبقاتي هجي. ملڪيت جي برابر ورهاست ٿيڻ کپي پر ڪار، بنگلو ۽ چوڪري ملڻ کانپوءِ هن کان سماج ۽ انقلاب وسري وڃي ٿو.

هڪ همراهہ جنهن کي سماج ۾ خوبصورت عورتن تائين پهچ حاصل ناهي، اُهو تہ عورتن جي برابري ۽ مساوات جي ڳالهہ

ڪندو پر گھر ۾ خوبصورت عورت ايندي ئي هن کان عورت جي آزاديءِ سماجي مساوات جا سبق وسري وڃن ٿا.

ان ڪري زندگيءَ ۾ مليل بنيادي سهولتون ئي اسان جي خيالن جي جوڙجڪ ڪن ٿيون. اسان جي خيالن مان اسان جي زندگي جنم ونئي ٿي. اسان جا خيال اسان کي زندگيءَ جون سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون. زندگيءَ ۾ مليل سهولتن جي حساب سان ئي اسان عقيدا ۽ خيال جوڙيون ٿا. نظريا، تصور ۽ عقيدا سڀ خوف ۽ لالچ تي ٻڌل هوندا آهن.

ان لاءِ موت جي حقيقت کي به ڇاڻڻ گھرجي پر موت بابت فڪر يا سوچن کان پاسو ڪرڻ گھرجي. ڇاڪاڻ ته سڪٽو سوچيندڙ ماڻھو زندگيءَ جي سهولتن ڏانھن نھاريندو. جڏھن ته موت جو آسائش يا ڪنھن سهولت سان ڪوبه واسطو ناهي. ياد رکو! جنھن وقت به اوھان موت جي سچائي ۽ حقيقت جي گھرائي کي ڇاڻي ونندؤ ان وقت موت جو خوف توھان وٽان موڪلائي هليو ويندو. عدم واقفيت، اڻ ڇاڻائي جو تجربو موت آهي ۽ شعور آگھي، ڇاڻ، علم جي حاصلات ۾ ئي لافانيت آهي، بقا آهي.

ايجان به ڪوڙ سارا سوال باقي آهن، جن تي وري اسان پوءِ ڳالهائينداسين. هن وقت وري اسان استغراق، ڌيان ۽ مراقبي جي مشق ڏانھن هلنداسين. مراقبو استغراق به زندگيءَ ۾ موت جو تجربو حاصل ڪرڻ جي برابر آهي، مراقبي، يا مڪمل ڌيان جو آخر مطلب ڇا آهي؟ مطلب آهي ته "اسان ڇا آهيون ۽ ڪٿي آهيون ۽ ڇو آهيون، مراقبي، ڌيان ۽ استغراق جي گھرائي ۾ لھڻ کانپوءِ ئي سان اهو ڇاڻي ٿا سگھون ته فنا ڇا آهي، بقا ڇا آهي، اسان پاڻ کي فنا ڪرڻ تي راضي ٿيندا سين، تڏھن ئي بقا ۽ لافانيت ماڻي سگھنداسين، سواڇو ته اهو تجربو ڪيون.

هڪ ٻئي کان ٽورڻي، ٽورڻي، مفاصلي تي ويهو پنهنجي آس پاس ۾ ٽورڻي خالي جڳهه ڇڏي ڏيو. جيڪي دوست ليٽي پوڻ چاهن سي ليٽي پون ۽ جيڪي مشق دوران ليٽڻ جي ضرورت محسوس ڪندا سي اُن وقت سمهي پون. هڪٻئي کان ٽورڻو مفاصلي تي ويهو تہ جيئن هڪٻئي جي متان نہ ڪري پئو.

هاڻ پنهنجون اکيون بند ڪيو. پنهنجي بدن کي پُرسڪون ڪيو. ڏرو ڇڏيو. جسم کي صدا آزاد ڇڏي ڏيو. ائين محسوس ڪيو جڙ تہ بدن ۾ ڪا طاقت ڪونهي. ڪو ساهه ڪونهي، جسم کي رليڪس ڪيو. ساهه ڏرا ڪيو. دماغ کي خيالن کان خالي رکڻ جي ڪوشش ڪريو. هاڻ مان توهان کي ڪجهه جملا چوندس انهن تي ڌيان ڏجو. منهنجي لفظ جي لاهه، چاڑهه کي محسوس ڪيو ۽ ان مطابق عمل ڪيو. توهان جو جسم ڏرو ٿي رهيو آهي، پُرسڪون ٿي رهيو آهي. جسم کي سڪون محسوس ڪرڻ ڏيو. جسم ٽڏو ٽيندو پيو وڃي، جسم ڏرو ٽيندو پيو وڃي، توهان آهستي آهستي جڙ تہ مانڌار طرف وڌي رهيا آهيو. موت جي هنج ۾ وڃي رهيا آهيو. توهان پنهنجي اندر ۾ لهندا پيا وڃو. توهان روح جي گهراين ۾ لهندا پيا وڃو.اندر ۾ هڪ نور هڪ روشني کي محسوس ڪيو. ذهن کي خالي ڪريو ڪوبہ فڪر ويجهي اچڻ نہ ڏيو. ڪنهن بہ خيال تي قابو پائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو بس اندر ۾ گم ٿيندا وڃو. اندر ۾ لهندا وڃو.

جسم پُرسڪون آهي، دماغ پُرسڪون آهي، توهان جو شعور موڪلائي ويو آهي، توهان لاشعور جي جهان ۾ موجود آهيو. سمورا خيال وساري ڇڏيو. جسم، ساهه ۽ ذهن ۾ مانڌار آڻي ڇڏيو. هر پاسي مانڌار آهي، سڪون آهي، ڪائنات خاموش آهي، هڪ هنڌ بيهي رهي آهي. هاڻ ڏهه منٽن تائين خاموشيءَ سان اندر ۾ لهندا وڃو. ڏهه منٽن جي اندر توهان پاڻ کي مرده تصور ڪيو.

توهان جو جسم توهان کان ڌار پيو آهي، توهان جسم کان ٻاهر آهيو نور جي ٻاڇولي جي صورت ۾ روح جي صورت ۾، توهان جو جسم توهان کان ڌار پٽ تي پيو آهي، توهان بس مانار سان مشاهدو ڪيو، پري پيل پنهنجي جسم کي ڏسندا رهو.

ذهن صفا خالي آهي، ڪا سوچ، ڪو تصور ناهي، موت، حياتي، شعور لاشعور ڪجهه به ناهي، بس جسم ساهه ڪڍي پيو ۽ توهان ان کان ٻاهر مفاصلي تي بيٺا آهيو.

آس پاس جي هر شيءِ کي وساري ڇڏيو. ڪائنات جي گهرائي ۾، ڪائنات جي مانار ۾ ٻڏندا ويو. جيڪڏهن توهان ويٺل ۽ بيٺل آهيو ۽ توهان جو جسم هيٺ گهراين ۾ ڪرندو ٿو وڃي ته جسم کي ڪرڻ ڏيو. هيناهين طرف ڪرندا ويو. بي فڪر ٿيو. بس اندر ۾ رڳو روح جي شعلي کي روشن رکو. روح جو روشن ڏيو زنده آهي، روح جي لاٽ ٻري رهي آهي، باقي هر شيءِ فنا ٿي چڪي آهي، موت حياتي جو ڪوبه تصور باقي ناهي رهيو ويڑ ڏيو هر شيءِ کي ختم ٿيڻ ڏيو. مرڻ ۽ موت کي قبولڻ جي همٿ جو مظاهرو ڪيو. ٻاهرئين دنيا کان صفا بي تعلق ٿي ويو. سڀ ناتا ختم ڪري ڇڏيو. توهان جو جسم صفا بي جان ٿي چڪو آهي. هاڻ اسان پوريءَ طرح پنهنجي اندر جي دنيا ۾ داخل ٿي چڪا آهيون. اسان جي دل جي ويجهو هڪ نور جو روشن ڏيئو ٻري پيو. اسان روشن لاٽ ڏسون پيا. بس روشنيءَ کانسواءِ اسان جي سامهون ٻيو ڪجهه به ڪونهي. ذهن صفا خالي آهي، خيال ۽ سوچون گم ٿي چڪيون آهن.

انهيءَ خالي پڻي کي محسوس ڪيو. انهيءَ خلا جي اندر ۾ لهي ويو هر طرف روشني آهي، خوشين جي روشني توهان جي وار وار ۽ رڳ، رڳ مان روشنيءَ جون لاٽون نڪرن پيون، توهان جي هر پاسي بهار جي موسم آهي، گل ٽڙن پيا، خوشبو خوبصورت

رنگن جي صورت ۾ نچن پيون. بس پنهنجي اندر ۾ ڏسو ٻاهر ڪجهه به ناهي. سموري ڪائنات کي وساري ڇڏيو. موت، حياتيءَ جو تصور گم ڪيو. توهان آهيو بس توهان آهيو ٻيو ڪجهه ناهي، خوشي، بهار ۽ توهان آهيو بس ۽ ٻيو ڪجهه به ناهي.

هاڻ آهستي، آهستي وڌا ۽ گهرا ساهه کڻو. ساهه ڪنهن ڏوراهين هنڌ کان ايندي محسوس ٿيندو. آهستي آهستي وڌا ساهه کڻو. توهان جو ذهن اڃان وڌيڪ مانار ۾ هليو ويو آهي. ڪجهه دير مانار ۽ سڪون جي حالت ۾ رهو. پوءِ ڪجهه وڌا ساهه کڻي آهستي آهستي اکيون کوليو. مراقبي کان ٻاهر اچو. جيڪي ليٽيل آهن سي احتياط سان آهستي آهستي اُٿي ويهي رهن.

باب ستون

موت، حياتي آهي

هڪ دوست جو سوال آهي ته:

"ڇا توهان ماڻهن کي مرڻ سيکاريو ڇو، يا موت جي تشريح ڇو ڪريو، موت جي بدران توهان کي ته زندگيءَ جي تعليم ڏيڻ گهرجي."

همراهه جو سوال درست آهي. يقيني طور تي آئون ماڻهن کي اهو ئي ٻڌائي رهيو آهيان ته مرڻو ڪيئن آهي؟ مان ماڻهن کي مرڻ جو فن سيکاري رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته جنهن کي مرڻ جو فن اچي ٿو ان لاءِ جيئڻ به صفا سؤلو آهي، جيڪو مرڻ جي لاءِ تيار آهي، اهو اعليٰ ترين زندگي گذارڻ جو اهل آهي. اُهي ماڻهو جن پاڻ کي مٽائڻ سکيو آهي، انهن کي خبر آهي ته پاڻ وڃائڻ ۾ ڪهڙو مزو آهي. اُهي ٻئي ڳالهيون هڪٻئي جو ضد نظر ايندڙ، حياتي ۽ موت کي هميشه هڪٻئي جو ضد سڏيو ويندو آهي، جڏهن ته اُهي ضد آهن ڪونه، اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ هٿراڏو تضاد قائم ڪري ورتو آهي، جنهن جا خطرناڪ نتيجا نڪتا آهن. انسانيت کي انهيءَ تضاد سبب وڏو نقصان پهتو آهي ۽ ان جا اثر اسان جي زندگيءَ جي مختلف پاسن تي پيا آهن، جيڪڏهن اسان فطري طور تي مڪمل وجود کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ شروع ڪيون ته ان جو نتيجو چريائپ کانسواءِ ٻيو ڪوبه نه نڪرندو.

اسان ڪنهن اهڙي جاءِ جو تصور ڪيون جنهن ۾ ڏهني مريض رهندا هجن جيڪي اهو چون ته سردي ۽ گرمي ۾ تضاد

پريل شيون آهن تہ انهن تي اعتبار نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ سردي ۽ گرمي تضاد ۾ آهن پر انهن جي ڪري ناهن. اسان هڪ ننڍڙي تجربي ذريعي هن ڳالهہ کي وڌيڪ واضح ڪيون ٿا.

اسان کي زندگيءَ ۾ اهڙين شين سان واسطو پوندو رهي ٿو جيڪي گرم آهن ۽ اهڙين شين سان بہ واسطو پوي ٿو جيڪي ٺڏيون آهن ۽ اسان اهو بہ تجربو ڪيو هوندو تہ گرم شيون گرم ئي هونديون آهن ۽ ٺڏيون شيون ٺڏيون ئي هونديون آهن. ڪابہ هڪ شيءِ هڪ ئي وقت ۾ گرم ۽ ٺڏي نہ ٿي ٿي سگهي. توهان هڪ ننڍڙو تجربو ڪيو هڪ ٽانوَ ۾ گرم ۽ ٻئي ۾ ٺڏو پاڻي وجهو جڏهن تہ هڪ ٽانو ۾ پاڻي وجهي ٻاهر رکو يعني ڪمري جي گرميءَ پد تي رکو هاڻ توهان هڪ هٿ گرم پاڻيءَ ۾ وجهو ٻيو هٿ ٺڏي پاڻيءَ ۾ وجهو پوءِ وري اُهي هٿ واري واري سان ڪمري واري گرمي پد تي رکيل پاڻيءَ ۾ وجهو تہ، ٻاهر رکيل پاڻي توهان جي هڪ هٿ کي ٺڏو تہ هڪ هٿ کي گرم لڳندو. جڏهن تہ ائين هوندو ڪونہ. سو ڏٺو وڃي تہ گرمي يا سردي فطرت کان مختلف آهن، گرميءَ لاءِ فطري گرمي پد کي وڌائڻو پوندو ۽ ٺڏ لاءِ گرمي پد کي هيٺ ڪيرائڻو پوندو. اهڙيءَ طرح توهان ڪڏهن ٻالڪ پڻ ۽ پوڙهائپ جي عمرين جي فرق تي غور ڪيو آهي. عام طور اسان انهن ٻنهي شين کي هڪٻئي جو ضد سمجهندا آهيون، ڇاڪاڻ تہ ٻالڪ پڻ کي هڪ سري تي ۽ پوڙهائپ کي ٻئي سري تي رکندا آهيون، ٻنهي ۾ آخر فرق ڪهڙو آهي.

سالن جو مهينن جو ۽ ڏينهن جو فرق آهي. اهو فرق صفاتي ناهي پر مقداري آهي.

مثال هيءُ آهي، هڪ ٻارڙو جنهن جي عمر پنج سال آهي، ان کي اسان پنج سالن جو پوڙهو انسان بہ چئي سگهون ٿا، ائين چوڻ ۾ ڀلا ڪهڙو حرج آهي، جيئن عام طور اسان اهو چوندا

آهيون "پنج سالن جو ٻارڙو" ۽ اگر اسان چاهيون تہ ائين ٻہ چئي سگهون ٿا جيئن انگريزي ۾ چوندا آهن "پنج سال پراڻو" جنهن جو خالص مطلب اهو هوندو تہ "پنج سال پراڻو ماڻهو" انهن جملن ۾ چوٽيءَ جي انداز کانسواءِ ٻلا ٻيو ڪهڙو فرق آهي اسان ڪنهن ستن سالن جي ماڻهوءَ "کي ستر سالن جو ٻارڙو" چئون تہ ٻلا ان ۾ اعتراض جي ڳالهہ ڪهڙي آهي. ڇاڪاڻ تہ هو ٻالڪ پڻ مان ئي. ترقي ڪري ستر سالن جي عمر کي پهتو آهي، جيڪڏهن اسان انهن جملن کي ڌار ڌار چونداسين تہ تضاد محسوس ٿيندو. باقي نہ تہ ٻار ۽ پوڙهي ۾ ڪوبہ فرق ناهي هوندو. ڳالهہ اصل ۾ هيءُ آهي تہ، اسان ڪنهن ڏاڪڻ جي هيڻان ٻيهي ڏسنداسين تہ پهرئين ۽ آخري ڏاڪي ۾ فرق نظر ايندو ۽ هر ڏاڪو ڌار ڌار محسوس ٿيندو. پر ڏنو وڃي تہ پهريون ڏاڪو هميشہ آخري ڏاڪي سان جڙيل نظر ايندو ۽ مجموعي طور تي ڏاڪڻ هڪ ئي محسوس ٿيندي، ان ۾ ڪوبہ تضاد نظر نہ ايندو. بس تضاد رڳو ڏاڪڻ جي وچ وارو مفاصلو آهي. اهڙيءَ طرح جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ بہ صفتن جو نہ پر مقدار جو فرق آهي. ٻنهي کي هڪٻئي جو مخالف يا ضد نہ سمجهو. انهن ٻنهي ۾ بہ گرم ۽ ٺڏي پاڻيءَ وارو فرق آهي. هڪ لکڻ جا ٻہ سرا يا وري ٻالڪ پڻ ۽ پوڙهائپ وارو فرق آهي."

اهڙيءَ طرح جو ئي فرق حياتي ۽ موت جي وچ ۾ آهي. ياد رکو جيڪو هڪ پيرو پيدا ٿيو آهي سو مرندو ڪونہ. جيڪڏهن موت ۽ حياتيءَ ۾ تضاد هجي ها تہ پوءِ زندگيءَ جو آخري ڏاڪو موت نہ هجي ها. اسان انهيءَ حد تائين وڃي سگهون ٿا، جيتري اسان جي حد مقرر آهي. جنم موت ڏانهن سفر جي شروعات آهي. صاف ڳالهہ آهي تہ حياتي ۽ موت، هڪ ئي شيءِ جا ٻہ سرا ٻہ پاسا آهن، جيئن اسان متيءَ ۾ هڪ بج پوکيون ٿا ۽ اهو وڻي ٿئي ٿو

انهيءَ ۾ گل بہ ٽڙن ٿا. ميوو بہ ٽئي ٿو ۽ بج بہ ٽئي ٿو. ڇا توهان بج ۽ وڻ جي وچ ۾ ڪو فرق ڪندؤ؟

جنم ئي موت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. خبر ناهي تہ ڪڏهن انسان جي ذهن ۾ اهو خيال آيو تہ زندگي ۽ موت بہ ڏار ڏار شيون آهن.

اسان زنده رهڻ ٿا چاهيون. مرڻ نہ ٿا چاهيون. اسان اهو ڄاڻون ئي نہ ٿا تہ موت ابتدا کان ئي انسان جي زندگيءَ جو حصو آهي. جڏهن اسان اهو چوندا آهيون تہ اسان مرڻ نہ ٿا چاهيون ۽ اهو جملو چوڻ سان ئي اسان جي ذهن، سوچ ۾ واڌارو اچي وڃي ٿو.

سموري انسان ذات عجيب مالي خوليا ۾ مبتلا آهي، ماڻهن جو دماغ ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو آهي ۽ ان زندگيءَ کي بہ مختلف حصن ۽ ننڍين ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. انسان تہ هڪ ئي آهي پر ان پنهنجي زندگي ۽ وجود کي مختلف ٽڪرن ۽ تضادن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. اسان هڪ ماڻهوءَ کي ڇئون ٿا تہ "ڪاوڙ نہ ڪر. درگذر کان ڪم وٺ" اهو نہ ٿا سوچيو تہ درگذر ۽ ڪاوڙ ۾ ڪو گهڻو فرق ڪونهي. بس ٽڏي ۽ گرم پاڻيءَ جيترو فرق آهي. ڪاوڙ کي نظرانداز ڪرڻ جو نالو ئي درگذر آهي. انهن بنهي ڪيفيتن جي وچ ۾ ڪا فطري تضاد ڪونهي. پر سموري عمر جي سماجي تعليم اسان کي اهو ٻڌائي ٿي تہ "ڪاوڙ نہ ڪريو ۽ درگذر ڪيو." ڪاوڙ ۽ درگذر کي ڏار ڏار ڪرڻ جي ڳالهہ ئي ماڻهن کي ٽڪرن ۽ تضادن ۾ ورهائي ٿي ۽ ماڻهن جي مسئلن ۾ واڌارو بہ ڪري ٿي.

اسان جا ماضيءَ ۾ طئہ ڪيل سماجي ضابطا چون ٿا تہ: جنسي خواهش ۽ تجرد (چڙائپ) هڪٻئي جي اُبتڙ آهن. پر ان کان وڌيڪ فاش غلطي بي ڪابہ ڪانهي. جنس جو اعليٰ ترين نڪتو تجرد آهي. جنس جي خواهش کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ان کي گهٽائڻ جو مطلب ئي تجرد آهي. بنهي جي وچ ۾

مخالفت يا تضاد ڪونهي ڪو. ياد رکو تہ هن دنيا ۾ تضاد نالي ڪابہ شيءِ ڪانهي. اهڙي طرح جيڪڏهن موت ۽ حياتي بہ ڏار ڏار شيون هجن ها تہ زندگي ڏار رستي تي هلندڙ هجي ها ۽ موت ڪنهن ٻي راهہ تي روان دوان هجي ها. پوءِ ٻنهي جون راهون ڪڏهن بہ گڏ نہ هجن ها. جيئن ڪي بہ سڌيون ليڪون پورو ڇوٽ مفاصلي تي گڏگڏ سفر ڪنديون آهن، پر پاڻ ۾ ڪڏهن بہ ملنديون ناهن، اهڙيءَ طرح موت ۽ حياتيءَ جو ڪڏهن بہ ميلاپ نہ ٿئي ها. موت ۽ حياتي پاڻ ۾ جڙوان ۽ ڳنڍيل آهن. ٻئي هڪ ئي ليڪ جا بہ سرا آهن. ان ڪري مان اهو چوان ٿو تہ جيڪڏهن انسان کي مستقبل ۾ چريائپ کان بچائڻو آهي تہ اسان کي زندگيءَ کي مڪمل حالت ۾ اختيار ڪرڻو پوندو. پوءِ ان ڳالهہ جي گنجائش ناهي تہ ان کي ٻن ٽڪرن موت ۽ حياتي ۾ ورهايون.

مان اهو ٿو چوڻ چاهيان، تہ فطرت جي تقاضائن مطابق زندگي گذارڻ ئي حقيقي حياتي آهي، پر اسان زندگيءَ کي مصنوعي طريقن سان گذاريون ٿا، ڏٺو وڃي تہ موت حياتيءَ جو حصو آهي. زندگي شين جي تسلسل جو نالو آهي، زندگيءَ ۾ هر شيءِ هڪٻئي سان جڙيل آهي. زندگيءَ جي لڳائن ۾ موجود تضاد موسيقيءَ جي سُرن جي لاهہ چاڑهہ جيان آهن. جيڪڏهن توهان زندگيءَ مان ڪنهن شيءِ کي بہ خارج ڪندؤ تہ پاڻ کي ڏکن سورن حوالي ڪندؤ. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪارو رنگ جناتي اثرن جو مالڪ هوندو آهي. جنهن ڪري عام طور تي شاديءَ جي موقعن تي ڪارو رنگ ناهي پاتو ويندو. جڏهن تہ ڏک جي موقعي تي وري ڪارو رنگ استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪجهہ ماڻهو ڪاري رنگ کي منحوس رنگ بہ چوندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو وري اڇي رنگ کي پاڪيزه سمجهندا آهن. پر علامتي نڪتءِ نظر کان اهو سمجهن غلط آهي. جيڪڏهن ڪو چوي ٿو تہ ڪاري رنگ مان اسان کي

چوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرجي. يا ڏرتي تان ڪاري رنگ جو خاتمو آڻي ڇڏجي ته ان سان ڏرتيءَ تي اڇو رنگ بہ معمولي وڃي بچندو. ڇاڪاڻ ته اڇاڻ جو دارومدار بہ ڪاري رنگ تي ٻڌل آهي. استاد ڪاري بورڊ تي اڇي رنگ جي چاڪ سان ڇو لکندو آهي ڇا هو پنهنجا حواس وڃائي وينو آهي، اُهو اڇي چاڪ سان اڇي بورڊ تي ڇو نہ ٽو لکي. ظاهر آهي اڇي رنگ تي اڇي رنگ جا اکر ظاهرنہ ٿيندا. ڪاري پس منظر جي ڪري اڇا لفظ واضح نظر ايندا آهن. ڪارو رنگ ئي اصل ۾ اڇي رنگ کي اُپارڻ جو سبب هجي ٿو. ياد رکو زندگيءَ جي پڪيزگي گناهن جي اونداهيءَ ڪري نظر اڇي ٿي.

ڳالهہ جو مقصد هيءُ آهي تہ جن لقائن، مظهرن ۽ شين کي اسان حياتيءَ جو تضاد چئون ٿا اُهي ضد آهن ڪونہ. زندگي ڪوڙ سارن پراسرار لقائن جو مجموعو آهي، پراسرار لقائن جي ذريعي اُبتڙ شين جو وجود ان ڪري رکيو ويو آهي، تہ جيئن شين جي صحيح ۽ درست سڃاڻپ برقرار رهي سگهي. توهان ڪنهن تعمير ٿيندڙ گهر جي سامهون سرن جو ڍڳ پيل ڏٺو هوندو. سموريون سرون هڪجهڙيون هونديون آهن. دروازي جي گولائي ناهڻ لاءِ انجنيئر انهن سرن کي اهڙي ترتيب سان رکندا آهن جو اُهي هڪبئي جو سهارو بنجي بيهي رهنديون آهن. جيڪڏهن انهن سرن کي بي ترتيب انداز ۾ ڇڏايو وڃي تہ دروازي جي گولائي نہ نهي سگهندي. پر ترتيب سان رکڻ سان سرون هڪبئي کي سهارو ڏين ٿيون. سرون تہ سڀ هڪجهڙيون آهن، پر انهن کي ترتيب سان لڳائڻ جي ڪري هڪ عمارت جڙي پوي ٿي، پوءِ پل اُهي هڪبئي جي مخالف پاسن ۾ لڳل هجن.

زندگيءَ جو خالق خدا، انتهائي ڏاهو ۽ دانشمند آهي. ان کي اها ڄاڻ آهي تہ زندگي جمي ويندي، برف ٿي ويندي، جيڪڏهن

شين ۾ لڳائن ۾ تضاد نہ هوندو تہ زندگي بيهي ويندي. هلي نہ سگهندي. تضاد زندگيءَ کي زنده رکن ٿا. چرپر ۾ آڻين ٿا. کاوڙ ۾ درگذر. جنس ۾ تجرد مخالفت ۾ هوندي ۽ هڪ آهن اهڙي طرح موت ۾ حياتي ۽ زندگيءَ جي وجود سان سلهاڙيل سرون آهن. جيئن تہ سرن جي شڪل هڪ جهڙي هوندي آهي. سو زندگيءَ جون سرون نڪري وڃڻ ۾ موت جون سرون باقي رهڻ جي ڪري زندگي موت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي.

جيڪڏهن اسان خدا تي يقين رکون ٿا تہ پوءِ موت ۾ حياتي ۽ بنهي تي اعتبار ڪرڻو آهي. موت، حياتي جي تبديل ٿيل صورت آهي. جيڪڏهن خدا آهي تہ پوءِ آواگو جنم چڪر ناهي، ان لاءِ اسان کي وري وري جنم وٺڻ تي اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي. اسان هڪ پيرو ئي جنم وٺون ٿا بس پوءِ موت ۾ حياتي جي سلسلي سان لاڳاپيجي صورتون تبديل ڪندا رهون ٿا. جيئن لباس تبديل ڪبو آهي، بس موت ۾ حياتي جو سلسلو هلندڙ آهي. ان جو ڪوبہ انت، ڪوبہ خاتمو ڪونهي. جيڪڏهن اسان دنيا جا رهواسي دنيا کي ڇڏيندڙ پڪشوئن، سنياسين جيان دنيا کي تياڳي وڃي بر پٽن، جهنگلن ۾ رهون تہ آخر ان جو انجام ڇا ٿيندو؟ ٻيو ڪجهہ بہ نہ پر سموري دنيا برباد ٿي ويندي. ڪنڊر ۾ تبديل ٿي ويندي.

حقيقت ۾ جيڪو دنيا کي ڇڏي سنياسي بڻيل آهي، ان کي اها خبر ناهي تہ هو ڪنهن جو ڪم ڪيو ڪري. ٻئي طرف دنيا ۾ جيڪو دنيا دار ماڻهو آهي، دنيا جي ڪم ۾ مصروف آهي، ان جي عمل جو ئي نتيجو آهي جو پڪشوئن ۾ سنياسين کي آزادي نصيب آهي ۽ اُهي دنيا جو ڪو ڪم ڪرڻ ڪانسواءِ ڪائنات جي ڪار وهنوار ۾ حصو وٺي رهيا آهن. حقيقت ۾ جيڪڏهن دنيا ساري سنياس وٺي تہ پوءِ دنيا ۾ ڪير ڪم ڪندو. سنياس،

ترڪ دنيا جي تبليغ ڪرڻ سان هڪ عالمگير خودڪشي، عالمگير تباهي جي فضا جڙي پوندي. دنيا جو سمورو ڪاروهنوار ڏانوان ڏول ٿي ويندو.

اڄڪلهه دنيا ۾ اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي اهو چون ٿا ته "خدا جو ڪو وجود ئي ناهي. بس هيءَ دنيا پنهنجو پاڻ جڙي آهي. اُهي مادييت پرستيءَ تي يقين رکن ٿا." مادي تي يقين رکندڙ ماڻهو هن ڌرتيءَ تي پنهنجي دنيا ئي ڏار وسائڻ گهرن ٿا پر ڏٺو وڃي ته هاڻ اُهي وڏي تباهيءَ جو شڪار آهن. ڪين ڪٽي به ڪو چين ۽ سڪون نصيب ڪونهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن خدا موجود ناهي ۽ رڳو مادو ئي وجود رکندڙ آهي ته پوءِ دنيا ۾ جماليات، حسن ۽ خيال جي بلند پروازي ختم ٿي ويندي. مادييت بربادي ۽ تباهيءَ ڏانهن مائل ڪندڙ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو سمجهي ٿو ته دنيا ۾ خدا جو وجود ناهي ۽ هتي جيڪو ڪجهه به آهي سو مادو آهي ته پوءِ زندگي بي ڪيف ۽ بي معني ٿي ويندي. پوءِ زندگيءَ جو ڪو ڪارج ئي نظر نه ايندو. اهو ئي سبب آهي جو ڪافڪا، سارتر، ڪامو ۽ ٻيا اولهندي جا اديب ۽ مفڪر زندگيءَ جي بي معنويت تي لکن ٿا ۽ افسوس ڪن ٿا. پر ڏٺو وڃي ته زندگيءَ کي هڪ معني آهي، هڪ مقصد آهي. محبت ۽ انسانيت سان ناتو ڳنڍڻ ئي خدا پرستي آهي. هتي تضادن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. سموري دنيا جيڪڏهن سنياسي بنجي يڪشو بنجي تڏهن به تباهه ٿي ويندي. سموري دنيا جيڪڏهن دنيادار مايا پرست ۽ مادييت پرستي بنجي پوي تڏهن به تباهي آهي.

اها ڳالهه دلچسپيءَ جو سبب آهي، هڪ دنيادار ماڻهو خدا جو انڪار ڪري پاڻ کي بچائي ٿو ته وري هڪ خدا پرست ماڻهو مادييت پرستيءَ جو انڪار ڪري دنيا کي بچائي ٿو. ذات ۽ وجود موت ۽ حياتي جو اهو تضاد قائم رهڻ سان ئي انسان جو پلو آهي.

جيستائين اسان دنيا ۾ موجود تضادن جي اصل سبب جي ڄاڻ حاصل نہ ڪنداسون، اوستائين اسان کي مطلق سچ ۽ حق جي خبر نہ پوندي. سچائي کي سمجھڻ لاءِ تضادن جي حقيقت کي سمجھڻ ضروري آھي. جيڪو ماڻھو تضادن جي خاتمي جو خواھش مند آھي سو بي عقل آھي. مون ٻڌو آھي تہ ھڪ پيري ٻہ سنياسي پاڻ ۾ ان ڳالھہ تي ٽڪرجي پيا تہ، ھڪ جو چوڻ ھو تہ پاڻ وٽ ڪجھہ پئسا رکڻ ضروري آھن جو ڪنھن اوچتي مصيبت ۾ اُھي ڪم اچي سگھن، جڏھن تہ ٻئي سنياسيءَ جو اھو نظريو ھو تہ اسان دنيا کي تياڳيندڙ ماڻھو آھيون، اسان جو ڏوکڑن سان ڇا ويجي؟ پئسا پلا اسان جي ڪھڙي ڪم ايندا. رڳو دنيا دار ماڻھوءَ کي ڏوکڑن جي ضرورت ھوندي آھي. ڏنو ويجي تہ ٻنھي جا دليل ٻنھنجي ٻنھنجي جاءِ تي درست آھن:

ھن دنيا جو سڀ کان وڏو اسرار، وڏو راز اھو ئي آھي. توھان دنيا ۾ موجود ڪنھن بہ تضاد جي حق ۾ دليل ڏيو اھو درست آھي. پاڻ ۾ پيدا ٿيل تضادن جو خاتمو ناممڪن آھي. ڪوبہ ھڪ ماڻھو ڪنھن بہ عقلي دليل سان ٻئي کي غلط ثابت ڪري سگھي ٿو. حقيقت ۾ زندگي ايتري وسيع آھي جو ان جي انت کي لھڻ ڏکيو آھي. مطلق سچ تائين پھچڻ لاءِ وڏي جاکوڙجي ضرورت آھي. ھڪڙن جو اھو چوڻ آھي تہ ڪائنات ھڪ خدا جي تخليق آھي، ان جو ڪو مقصد آھي. خدا ھر ھنڌ، ھر جاءِ تي موجود آھي، اُھي درست آھن، ٻيا چون ٿا تہ، ڪائنات مادي مان جڙي آھي. ھن ڏرتيءَ ۽ متيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ حقيقي وجود ناھي ۽ آخر ۾ ھر شيءِ جو مقدر ھميشہ لاءِ متيءَ سان ملي ويڃڻ آھي ۽ ٻيو ڪجھہ بہ ناھي."

متيءَ سان متيءَ جو ميلاپ درست آھي. ھن جھيڙي ۾ نہ تہ ڪو خدا پرست ڪٽي سگھندو آھي ۽ نہ ئي ڪو لامذھب ڪٽي سگھندو

آهي. ٻنهي ڌرين جا دليل صدين کان جاري آهن. پر ڪوبہ ڪنهن کان ڪٽي نہ ٿو سگهي انهن ٻنهي ڌرين جو مؤقف موت ۽ حياتي جي باري ۾ انڪاري آهي، منجهيل آهي، درست ناهي.

ها تہ توهان کي ٻڌايم پئي تہ بہ سنياسي ڏوڪڙ هجڻ ۽ نہ هجڻ تان وڙهيا پيو، هڪڙو ان ڳالهہ تي قائم هو تہ پئسا رکجن ۽ ٻيو پئسن رکڻ خلاف هو. هڪ پيري اهي شام جي وقت درياهہ جي ڪناري تي پهتا انهن کي ٻئي پاسي ويڙهو هجي، رات بہ ٽيڻ واري هئي. هڪ سنياسي، ٻيڙيءَ واري وٽ ويو. جيڪو شام ٽيڻ جي ڪري ٻيڙيءَ کي ڪناري سان ٻڌي رهيو هو. سنياسي ٻيڙيءَ واري کي چيو تہ: مهرباني ڪري، ٻيڙيءَ کي ڪناري سان ٻڌي نہ ٻيهار. اسان کي درياهہ پار ڇڏي اڇ. رات ٽيڻ واري آهي. اسان کي هر حالت ۾ ٻئي پاسي ويڙهو آهي."

ٻيڙيءَ واري جواب ڏنو. ۽ چيائين تہ هو اڄ جي ڪم ڪار کان فارغ ٿي چڪو آهي ۽ هاڻ ٻيڙي ڪناري سان ٻڌڻ کانپوءِ هو ڪين سياڻي صبح جو سويرَ ئي درياهہ پار ڪرائيندو.

سنياسين چيو تہ، اُهي صبح تائين انتظار نہ ٿا ڪري سگهن. ڪين خبر پئي آهي تہ سندن روحاني استاد ۽ مرشد جا آخري پساهہ آهن، صبح تائين هو زنده نہ بچندو هن ڪين آخري سبق ڏيڻ لاءِ گهرايو آهي. سو ڪين هر حالت ۾ اڄ ئي پار ويڙهو آهي."

ٻيڙيءَ واري چيو هن وقت مان توهان کي هڪ شرط تي ئي درياهہ جي پار وٺي هلندس تہ توهان مون کي ٻيڙيءَ جو پاڙو پنج روپيا ادا ڪندؤ." جيڪو سنياسي پاڻ وٽ پئسا رکڻ جو حامي هو ان تهڪ ڏيندي ٻئي سنياسي کي چيو "منهنجا دوست هاڻ پاڻ وٽ پئسن رکڻ بابت تنهنجو ڇا خيال آهي؟" پاڻ وٽ پئسا رکڻ فائديمند آهن يا نقصانڪار." اُن سنياسي ٻيڙيءَ واري کي پنج روپيا ڏنا. اهڙي طرح اُهي درياهہ جي پار پهتا، پار پهچي پهرئين

سنياسي ٻئي کي چيو ڏي خبر يار کھڙو خيال اٽئي. پاڻ وٽ اڄ پئسا نہ هجن ها تہ پاڻ هن وقت هتي پهچي سگهون ها."

ٻئي سنياسي وڏو ٿهک ڏنو ۽ چيائين: "اسان درياهہ پار ان کري ناهي ڪيو جو تو وٽ پئسا هئا، پر جيئن تہ اسان دنيادار ناهيون، سو خدا چاهيو تہ تو وٽ پئسا نہ هجن ان کري توکان اُهي پنج روپيا بہ هن خرچ ڪرائي ڇڏيا. مان اهو ئي چوندو آهيان، تہ خدا اهو ئي تہ چاهي ٿو ڪو بہ سنياسي پاڻ وٽ پئسا نہ رکي. دنيا کي تياڳڻ لاءِ دنيا کان چوٽڪارو لازمي آهي. جيڪڏهن اُهي پئسا تنهنجي ڳنڍ ۾ ٻڌل هجن ها تہ توکي پئسن ڏانهن خيال هجي ها۽ تون عبادت درست نموني نہ ڪري سگهين ها. هاڻ تو وٽ ڪجهہ بہ ناهي سو هاڻ اسان جو پروسو مڪمل خدا تي آهي، پئسن جو سهارو ختم ٿيو پئسن مان نجات حاصل ڪرڻ جو ذريعو ٻيڙي وارو هو."

سو ڏنو ويچي تہ وري بہ مسئلو ساڳي جو ساڳيو ئي رهيو. پهريون سنياسي ٿهک ڏيڻ لڳو ان کانپوءِ اُهي پنهنجي مرشد وٽ پهتا ۽ ان کان سوال ڪيائون تہ: "اڄ اسان هڪ اهڙي مسئلي ۾ ڦاٿا آهيون جنهن جو حل اسان کي نظر نہ ٿو اچي. اسان مان هڪڙي جو خيال اهو آهي تہ اڄ اسان درياهہ جي پار ان کري پهتا آهيون جو اسان وٽ پئسا هئا ۽ ٻئي جو خيال آهي تہ اسان ڏوکڙن مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ڪري ئي درياهہ پار ڪيو آهي." اهو مسئلو ٻڌي سندس مرشد کلي، کلي کيرو ٿي پيو ۽ هن چيو تہ "توهان ٻئي چريا آهيو توهان ٻئي ساڳي قسم جي بي عقلي ڏيکاريو پيا، جنهن ۾ دنيا صدين کان وکوڙيل آهي."

سنياسين حيرت مان پڇيو تہ، "ڪهڙي قسم جي بيوقوفي؟"

مرشد جواب ڏنو تہ: "توهان ٻئي رڳو سچ جو هڪ پاسو پيا ڏسو. توهان ٻيڙي پاڙي تي ئي حاصل ڪري درياهہ پار ڪري

سگھو پيا ۽ ان لاءِ پئسا خرچ ڪرڻ لازمي ھئا ۽ ان جو ٻيو پاسو ھيءُ آھي تہ، توھان وٽ پئسا ھئا ان ڪري اُھي خرچ ٿيا يعني توھان کي درياھ پار ڪرڻو ھو ۽ پئسن کي بہ خرچ ٿيڻو ھو. ان ڪري ٻئي خيال پنھنجي جاءِ تي، درست آھن تہ ڏوڪڻن کان نجات لاءِ ٻيڙي ياڙي تي ڪرڻي پئي توھان پئسن مان ھٿ ڪڍيا، تڏھن تہ توھان جو ڪم ممڪن ٿي سگھيو آھي، ھڪ جي حاصلات لاءِ ٻئي مان ھٿ ڪڍڻا پوندا آھن، ان ڪري ڪوبہ تضاد يا اختلاف ڪونھي."

افسوس تہ اسان ھر پاسي کان زندگيءَ جا بہ ڪنارا ناھي ڇڏيا آھن، اسان ڪوبہ ھڪ ڪنارو وٺڻ لاءِ ٻئي کي رد ڪرڻ جا دليل ڏينداآھيون، پر اھو ناھيون سوچيندا تہ زندگيءَ جو درياھ تہ ٻنھي ڪنارن جي وچ ۾ وھندو آھي. اسان اڌ زندگي جيئون ٿا يعني رڳو ھڪ رخ ونڊي ھلون ٿا. جڏھن تہ اسان کي زندگيءَ جي سمورن رخن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ضرورت آھي.

مان يقينن توھان کي موت بابت ليڪچر ڏيندو رھان ٿو پر ان جو ھرگز بہ اھو مطلب ناھي تہ مان ڪو زندگيءَ جي خلاف آھيان. ان جو مطلب ڇا ٿيو؟ مطلب اھو ٿيو تہ موت ئي زندگيءَ کي سمجھڻ ۽ ڄاڻڻ جو پھريون دروازو آھي. يعني تہ مان موت ۽ حياتي کي بہ ڌار ڌار شيون نہ ٿو سمجھان، ان ڪري مان توھان کي مرڻ جو فن سيکاريان يا زندگي گذارڻ جو ڏانءُ، ڳالھہ ساڳي آھي. بس ان ڳالھہ کي سمجھڻ لاءِ اسان جو پنھنجو پنھنجو انداز آھي. توھان اھو چئي سگھو ٿا تہ مان ان کي زندگي گذارڻ جو فن چو نہ ٿو چوان ۽ ان جا بہ ڪيترائي سبب آھن.

پھرئين ڳالھہ اھا تہ "اسان زندگيءَ سان جذباتي لڳاءُ رکون ٿا، جذبات ۾ توازن رکڻ، انصاف قائم ڪرڻ ڏکيو ھوندو آھي. مان پنھنجي ڳالھہ کي زندگي گذارڻ جو فن چئي سگھان ٿو پر ان کي

ائين چوندس ڪونہ. جيڪڏهن مان توهان کي چوان اچو تہ مان توهان کي زندگي گذارڻ جو فن سيکاريان تہ توهان مون ڏانهن ڏوڙندا ايندؤ رڳو ان ڪري تہ توهان زندگيءَ سان پنهنجو ناتو وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهيو ٿا. پر منهنجي نظر ۾ اهم مرڻ جو ڏينگ ۽ ڏانءُ آهي. موت جو فن سکڻ سان توهان حياتي ۽ موت ۾ توازن قائم رکي سگهندؤ. زندگيءَ سان انصاف ڪري سگهندؤ ۽ مرڻ جو فن سکڻ کانپوءِ توهان بقا واري زندگي حياتِ ابديءَ جا مالڪ ٿي ويندؤ. ابديت جي حاصلات کان پوءِ توهان لاءِ موت ۽ حياتي ٻئي بي معنيٰ ٿي ويندا.

هڪڙو ننڍو شهر آهي، جتي جا اڪثر ماڻهو آپگهاتي يعني خودڪشيءَ جا شوقين آهن. ان شهر ۾ ڪوبہ ماڻهو حياتيءَ سان ڪا دلچسپي رکندڙ نہ آهي. مان ان شهر ۾ وڃي موت تي ليڪچر ڪونہ ڏيندس. بلڪ اُتي مان انهن کي حياتيءَ جي اهميت ٻڌائيندس ۽ ڪين زنده رهڻ جو فن سيکاريندس. پر جتي ماڻهو زندگيءَ سان چنبڙيل ۽ چهٽيل هجن، انهن کي مرڻ جو فن سيکارڻ ئي بهتر رهندو.

مراقبو استغراق موت جو داخلي دروازو آهي. پر ان شهر جي ماڻهن کي مان اُهو چوندس تہ مراقبو زندگيءَ جو داخلي دروازو آهي. انهن کي مان زنده رهڻ جا طريقا ٻڌائيندس. چاڪاڻ تہ جيستائين اُهي زنده رهڻ جو فن نہ سکندا اوستائين کين مرڻ جو ڏانءُ بہ نہ ايندو. سو توهان جيڪي زندگيءَ سان چنبڙيل آهيو توهان لاءِ لازمي آهي تہ مرڻ جو ڏ انءُ سکو. ان ڪري مان توهان سان گهٽو موت بابت ڳالهائي رهيو آهيان. موت ۽ حياتي، مون لاءِ انهن جي تضاد سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. حياتي ۽ موت تہ بس هڪ ئي سکي جا ٻہ پاسا آهن.

هڪ پيري هڪ ڳوٺ ۾ گوتم ٻڌ ويو. صبح جو وقت هو ۽ سج ڪنهي ڪڍي رهيو هو. ڳوٺ وارن مان هڪ همراهه گوتم ٻڌ وٽ آيو ۽ چيائين "مان لامذهب آهيان. مان خدا تي يقين نه ٿو رکان. ڇا توهان جي خيال ۾ ڪائنات ۾ سچ پچ ڪو خدا آهي؟"

گوتم ٻڌ جواب ڏنو: "هن ڪائنات ۾ بس رڳو حقيقي وجود خدا جو ئي آهي. هر پاسي خدا آهي. بي ڪا هستي موجود ئي ڪانهي."

ان همراهه چيو" مون توهان بابت ٻڌو هو ته توهان ناستڪ آهيو. خدا کي ڪونه ٿا مڃو؟"

گوتم چيو: "يقينن تو مون بابت غلط ٻڌو آهي. مان ته مڪمل طرح مذهب پرست آهيان. هاڻ ته تو پاڻ منهنجي واتان خدا جي وجود بابت اقرار ٻڌو آهي. هن ڪائنات ۾ بس رڳو هڪ خدا آهي ۽ خدا کانسواءِ ٻيو ڪجهه به موجود ڪونهي."

اهو همراه اُتي گم سم بينو رهيو ۽ گوتم ٻڌ اڳتي وڌي ويو.

منجهند جي وقت وري ٻيو همراهه گوتم ٻڌ سان مليو ان همراه گوتم ٻڌ کي چيو ته: "مان مذهبي ماڻهو آهيان ۽ مون کي خدا جي وجود تي پڪو عقيدو آهي. مون کي لامذهب ماڻهن کان نفرت آهي. مان توهان کان اهو پڇڻ آيو آهيان ته توهان جو خدا جي وجود بابت ڪهڙو رايو آهي."

گوتم جواب ڏنو: "ڪهڙو خدا. هتي ته ڪو به خدا ڪونهي ۽ نه ئي ڪو ڪائنات ۾ خدا موجود ٿي سگهي ٿو."

ان همراهه کي پنهنجي ڪنن تي يقين نه آيو ۽ ان حيرت مان گوتم کان پڇيو ته: "توهان اهو ڇا پيا چئو ۽ مون ته ماڻهن کان ٻڌو هو اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ درويش مذهبي ماڻهو آيو آهي ۽ ان کي مان توهان کان اهو پڇي پڪ ڪريان پيو ته سچ پچ ڪائنات ۾ خدا جو وجود آهي يا نه؟ ۽ توهان ته مون کي صفا مايوس ڪري ڇڏيو آهي."

گوتم چيو: "مان تہ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ لامذهب ماڻهو آهيان، منهنجو ڀلا خدا سان ڇا ويجي."

اهو همراهہ ٻہ مونجهاري جو شڪار ٿي ماڻ ٻيٺو رهيو.

اسان انهن همراهن جي مونجهارن کي سمجهي سگهون ٿا، پر اُهي جواب ٻڌي گوتم ٻڌ سان گڏ هلندڙ شاگرد آنند ٻڌ‌ترءِ مانار ۾ وکوڙجي ويو. هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ هيءَ صبح کان وٺي ڇا پيو ٿئي. آنند، اُستاد کان سوال ڪيو تہ، صبح واري سوال جي جواب ۾ توهان چيو تہ مان مذهب پرست ماڻهو آهيان ءِ هاڻ منجند کانپوءِ وري توهان چئو پيا تہ مان لامذهب ماڻهو آهيان. آخر حقيقت ڇا آهي؟"

گوتم شاگرد کان سوال ڪيو تہ "ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ خدا آهي يا نہ."

شاگرد جواب ڏنو. مان نہ ٿو ڄاڻان تہ خدا آهي يا نہ، ان ڪري ئي توهان کان پڇان پيو تہ حقيقت ڇا آهي؟"

گوتم جواب ڏنو: "جيڪڏهن تون اهو نہ ٿو ڄاڻين تہ خدا آهي يا نہ تہ پوءِ مان ٻہ نہ ٿو ڄاڻان تہ خدا آهي يا نہ، ان ڪري بهتر اهو آهي تہ خدا واري مامري تي پاڻ ٻئي نہ ڳالهايون ءِ ماڻ رهون."

گوتم جو اهو جواب ٻڌي شاگرد پريشان ٿي ويو. هن استاد کي چيو تہ: "مون ٻڌو آهي تہ توهان اندر جا سجاڳ آهيو. روشن ضمير آهيو ان ڪري مان توهان جو شاگرد ٿيس تہ توهان ضرور مون کي خدا بابت ڪجهہ ٻڌائيندؤ"

گوتم چيو: "تو مون بابت غلط ٻڌو آهي. مان تہ پاڻ خدا جي ڳولا ۾ آهيان ءِ خدا بابت مون کي ٻہ ڪا ڄاڻ ڪانهي تہ هو ڇا آهي؟"

هاڻ توهان اندازو ڪيو تہ ان جواب کانپوءِ گوتم جي شاگرد آنند جي ڪهڙي حالت ٿي هوندي. توهان پاڻ کي ٻہ آنند جي

جاءِ تي رکي ويچار ڪيو. ڇا توهان ان جي پريشانيءَ جو اندازو ڪري سگهو ٿا.

رات جو جڏهن سمورا ماڻهو ملیا ويا گوتم ۾ سندس شاگرد آنند اڪيلا ٿيا تہ آنند گوتم جا پير ڇُهندي چيو "هيءُ توهان ڇا پيا ڪريو ڇا مون کي مارڻ ٿا چاهيو مان تہ اڄ منجهند کان پوءِ ڇڙ مري ڇڪو آهيان. مان تہ اڄ توهان جا جواب ٻڌي چريو ٿي ڇڪو آهيان."

گوتم ٻڌ چيو تہ "اڄ ڏينهن جو پڇيل سوالن جا جواب تنهنجي لاءِ تہ هئا ئي ڪونہ. اُهي جواب تہ مون سوال پڇندڙ ماڻهن کي ڏنا هئا، تون پريشان ڇو پيو ٿين."

آنند چيو: "استاد، توهان تہ اڄ حد ڪري ڇڏي آهي. پلا مان پريشان ڇو نہ ٿيان. اُهي جواب موں بہ تہ ٻڌا هئا."

گوتم چيو "پر اُهي جواب تولاءِ تہ هئا ئي ڪونہ."

آنند چيو: "بي شڪ نہ هُئا. پر مان تہ ٻڌ تر جو شڪار ٿي ويو آهيان. توهان ڏهنجا استاد آهيو توهان جي هر ڳالهہ مون لاءِ ڏيان طلب آهي. سو مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو تہ آخر سچ ڇا آهي؟ توهان ماڻهن کي مختلف جواب ڇو ڏنا؟"

نيٺ گوتم ٻڌ هن کي تفصيل سان سمجهائڻ لڳو. چيائين تہ: تنهي سوالن جا جواب ڏار ڏار ناهن جيڪو همراهہ صبح جو سوير آيو هواُ هو لامذهب هو ان ڪري هن جي سوچ ۾ توازن جي کوٽ هئي. هن وٽ زندگيءَ جو هڪ ئي رخ هو. جڏهن تہ زندگي تضادن جو مجموعو آهي. اها ڳالهہ ذهن ۾ ياد رک تہ. هڪ حقيقي مذهبي ماڻهو خدا جي وجود جو منکر بہ هوندو آهي ۽ زندگيءَ ۾ خدا جا اُهي ٻئي پاسا موجود هوندا آهن. مذهبي ماڻهو انهن ٻنهي پاسن ۾ توازن رکندو آهي. مذهب تہ انساني خيالن ۾ برابري ۽ توازن جو قائل آهي. مذهب ناانصافي ۽ عدم توازن جو مخالف آهي. جيڪو

ماڻهو رڳو خدا جي ذات جو قائل آهي، ان ۾ مذهبي ڄاڻ جي ڪوٽ آهي ۽ ان جي زندگي ۾ غير متوازن آهي.

"مان ته زندگيءَ ۾ توازن جو قائل آهيان." ٻنهي رخن کي ڄاڻڻ جو خواهشمند آهيان." زندگيءَ جو هڪ پاسو انتهائي ڳرو آهي ان ڪري مون کي تارازيءَ جي ٻئي پڙ ۾ ڳرا، ڳرا پٿر رکي توازن کي برابر رکڻو پوي ٿو.

سو مان ان همراهه جي خيال کي ٽوڙڻ پيو چاهيان نه ڪائنات ۾ ڪو خدا ڪونهي. شڪ اعتماد جو بنياد هوندو آهي. شڪ، ڳولا جو نالو آهي. زندگي سفر آهي ۽ ان سفر کي جاري رهڻ گهرجي. حقيقت کي ڄاڻڻ لاءِ جانچ ۽ ڳولا ضروري آهي. سو تلاش جي سفر کي ڳولا جي سفر کي جاري رهڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح وري منجهند جو جيڪو همراهه آيو اُهو مذهب پرست هو. خدا کي سواءِ ڪنهن دليل جي مڃيندڙ هو. ان ڪري مون ان کي چيو ته، مان خدا کي نه ٿو مڃان لامذهب آهيان." ان جي دل ۾ به مون کي شڪ پيدا ڪرڻو هو هن جي اعتماد کي ٽوڙڻو هو. ڄاڪاڻ ته هو به رڳو زندگيءَ جي هڪ رخ کي ڏسي رهيو هو. هن خدا کي ڳوليو ڪونه هيو پر ٻين کان ٻڌي خدا تي يقين رکيو هو. اسان سڀ هڪ رخ کي ڏسون ٿا. شڪ نه ٿا ڪريون، ڳولا نه ٿا ڪريون، سڀ جي ڳولا انصاف ذريعي ٿي سگهي ٿي. انصاف توازن سان ملندو آهي، تارازيءَ جا ٻئي پلڙا برابر هجن ته مطلق سڀ کي ڳولي سگهجي ٿو."

توهان سمجهيو ته مان آخر ڇو توهان کي مرڻ جو فن سيکارڻ چاهيان ٿو. ان جو سبب هيءُ آهي ته توهان زندگيءَ کي چاهيو ٿا. توهان کي زندگيءَ سان پيار آهي، توهان مان ڪوبه مرڻ نه ٿو چاهي، پر موت کان پري ڀڄڻ سان حياتيءَ جو توازن ختم ٿي ويندو. زندگي ته رڳو هڪ رخ آهي، هڪ پاسو آهي.

اڳتي اچو موت کي ڏسو. موت کي قبوليو. اچو منهنجا مهمان بنجو. اسان سڀ گڏ رهنداسين ۽ جڏهن به اسان موت ۽ حياتي بنهي سان گڏ رهڻ تي رضامند ٿينداسين ته اسان جي زندگي نهايت ئي اعليٰ ٿي ويندي بلند ٿي ويندي. جنهن ڏينهن به ماڻهو موت کي خوشيءَ سان پليڪار ڪندو. ان کي ياڪر پائيندو. ان ڏينهن ان جي زندگي به سنورجي ويندي. سڌري ويندي. موت جو ڪنڌو هر وقت اسان کي چيندو رهي ٿو. ان کي دل مان ڪيڊي ڇڏيو. موت کان پري نه پڇو. جڏهن به توهان پيار سان موت کي ياڪر پاتو. موت تي توهان کي فتح حاصل ٿي ويندي. موت کي ياڪر پائڻ سان ئي اسان ابديت ماڻيون ٿا. لافاني ٿي ويون ٿا. هاڻ موت اسان کي تباهه نه ٿو ڪري سگهي. پر جيڪو ماڻهو موت کان خفا آهي. موت کان پري پڇي ٿو ته پوءِ موت ان کي فنا ڪري ڇڏيندو. زندگيءَ جو انت ئي فنا آهي ۽ موت لافاني آهي. هميشه واري حياتي آهي.

دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هجن ٿا. هڪ اُهي جن کي موت جي ڳولا هوندي آهي ۽ ٻيا اُهي جن کي وري خود موت ڳولينڊو آهي. موت ڪجهه ماڻهن جي پنڌيان لڳل هوندو آهي. ۽ اُهي ماڻهو موت مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڊڪندا وتندا آهن. جڏهن ته جيڪي ماڻهو وري موت جي ڳولا ۾ هوندا آهن. موت انهن کان لنوائيندو آهي. اُهي موت کي سڏ ڪندا آهن. پر موت انهن کان پري پڇندو آهي. توهان ڪهڙن ماڻهن مان ٿيڻ چاهيو ٿا. انهن مان جن کي موت پنهنجو شڪار بنائڻ وارو آهي يا اُنهن مان جن کان موت لنوائي رهيو آهي. موت ڊڇي رهيو آهي.

جيڪي موت کان خوفزده هوندا آهن. اُهي زندگيءَ ۾ هار کائيندا آهن. شڪست انهن جو مقدر هوندي آهي ۽ جيڪي موت کي ڳولينداآهن. زندگي انهن کي ابديت بخشيندي آهي. اُهي

ڪڏهن بہ مرندا ناهن. ڏنو وڃي تہ زندگيءَ ۾ هار نالي ڪابہ شيءِ ڪانهي. همٿ سان ڪاميابيءِ فتح توهان جا قدم چمندي.

سو مان توهان کي مرڻ جو فن سيکارڻ چاهيان ٿو. اهو فن سکڻ کانپوءِ توهان کي ناقابل شڪست زندگي ملي ويندي. جيڪو ماڻهو اوندهہ ۾ بہ ڏسڻ جو پنهنجي اکين کي ڏانوَ سيکاري تہ پوءِ ان لاءِ اوندهہ جي ڪابہ معنيٰ ناهي رهندي. پوءِ ان لاءِ اوندهہ ءِ روشني برابر هوندا آهن. توهان کي خبر آهي تہ جيڪو ماڻهو قاتل زهر کي بہ محبت ۾ آب حيات سمجهي واپرائيندو ان لاءِ اُهو قاتل زهر بہ آب حيات بنجي پوندو. جيڪو ماڻهو سچائي سان موت کي قبوليندو آهي. ان لاءِ موت بہ حياتي بخش بنجي پوندو آهي. اڄتي هلي جيڪڏهن سائنس اهڙي ترقي ڪري جو ماڻهوءَ جي زندگي هزارين سال ٿي وڃي. يا ماڻهو مرڻ ئي ڇڏي ڏين تہ پوءِ يقين ڄاڻو ماڻهو اهڙي ڪيميا گر جي يا گروءَ جي ڳولا شروع ڪندا جيڪو کين مرڻ جو راز ٻڌائي. ماڻهو ڏکهي زندگيءَ کان نيٺ بيزار ٿي پوندو. ڏکهي زندگي بيزار ڪندڙ آهي، مرڻ دلچسپ آهي، مرڻ ۾ هڪ پراسراريت آهي. سچ ڳالهہ هيءُ آهي تہ زندگيءَ جو سڀ کان وڏو راز ئي اهو آهي تہ "مرڻ ڪيئن گهرجي؟" موت کي ڪيئن قبول ڪجي.

خدا جي گهر ۾ داخل ٿيڻ واري دروازي تي لفظ "موت" لکيل آهي ءِ اهو لفظ ڏسي خوف ۾ گهٽا ماڻهو پٺي پيڇي ويندا آهن، پر خدا جي گهر ۾ موت جي دروازي کان داخل ٿيڻ بعد ئي ابدي حيات ملندي آهي، فنا کان پوءِ بقا ملندي آهي. بقا جي دروازي تي موت جو لفظ لکيل آهي ءِ ماڻهو فنا جي خوف ۾ بقا کان ئي پري پيڇي ويندا آهن. ياد رکو. روز مرڻ جو فن اسان کي هميشہ جي حياتي بخشيندو.

هڪ پيري حضرت عيسيٰ عليه السلام هڪ ڏينڌ وٽان گذري رهيو هو اُتي کين عجيب و غريب واقعي کي منهن ڏيڻو پيو صبح صادق جو وقت هو سج اُپرڻ وارو هو اوير طرف ڳاڙهي شفق ڦهليل هئي، هڪ ملاح مڇيون پڪڙڻ لاءِ ڏينڌ ۾ جار اُڇليو هو. جيئن ئي هن ڪجهه دير کانپوءِ پاڻي ۾ اُڇليل جار کي ٻاهر ڇڪڻ شروع ڪيو حضرت عيسيٰ عليه السلام ان ملاح جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

چيائين "منهنجا دوست ڇا تون پنهنجي سموري زندگي مڇيون مارڻ ۾ ئي ضايع ڪري ڇڏيندين." اهو سوال اڳ ۾ ملاح جي ذهن ۾ به ڪيترائي ڀيرا اچي ڇڪو هو. ڪوبه اهڙو ماڻهو ڪونهي جنهن جي ذهن ۾ اهو سوال نه ايندو هجي. بس فرق اهو آهي ته مڇيون بدليل هونديون آهن، جار ٻيا هوندا آهن، ڏينڌون ٻيون هونديون آهن، پر ذهن ۾ اهو سوال ضرور اُپرندو آهي ته "ڇا منهنجي سموري زندگي مڇيون مارينديءَ ئي گذري ويندي" ملاح پنڌتي مڙي ڏٺو ته اهو ڪير آهي، جيڪو اهو ئي ساڳو سوال ڪري پيو جيڪو منهنجي ذهن به ۾ ايندو رهندو آهي، هن حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پُرڪشش شخصيت تي نظر وڌي ۽ چيائين: "مون وٽ ان کانسواءِ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي، مان ٻي ڏينڌ ڪٽان آڻيان، ۽ پلا هن ڏينڌ ڪن ٻاهر مڇيون مون کي ڪٽي ملنديون. جو مان جار ٻئي هنڌ اُڇلايان، مان پاڻ به ڪافي ڀيرا پاڻ کان اهو ئي سوال پڇندو رهندو آهيان ته ڇا منهنجي سموري زندگي مڇين کي مارينديءَ ئي گذري ويندي؟"

حضرت عيسيٰ عليه السلام چيو ته "مان پاڻ به هڪ ملاح آهيان پر مان پنهنجو جار ڪنهن ٻئي سمنڊ ۾ اُڇلائيندو آهيا، جيڪڏهن تون چاهين ته مون سان گڏ هلي سگهين ٿو پر اها ڳالهه ڏيان ۾ رکجانءِ ته نئون جار اُڇلائڻ کان اڳ ۾ پراڻو جار ڦٽو

ڪرٽو پوندو آهي، ان ڪري توکي پراڻي ڇار مان هٿ ڪيڏا پوندا." اهو ملاح به ڪو دلير ماڻهو هو دنيا ۾ اهڙا جرات مند ماڻهو تمام ٿورڙا هوندا آهن. ان ملاح مڇين سان پريل ڇار مان ڪڍي ان وقت ئي هٿ ڪڍيا ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي چيائين ته "هاڻ مون کي ٻڌايو ته ڪيڏانهن هلڻوآ هي."

حضرت عيسيٰ عليه السلام چيو ته: "تون هڪ همت وارو انسان آهين، تنهنجي اندر ۾ ڪيڏانهن به وڃڻ جي صلاحيت موجود آهي، تون مون سان گڏ هل، اُهي ايجان ڳوٺ کان ٻاهر مس نڪتا هوندا ته هڪ همراهه انهن ڏانهن ڊوڙندو آيو ۽ ملاح کي اچي چيائين ته تون ڳوٺ ڇڏي ڪيڏانهن پيو وڃين، تنهنجو بيمار پيءُ هن وقت مري ويو آهي، تون ان کي ڇڏي ڪيڏانهن پيو وڃين، مان توکي ڳولڻ لاءِ ڏينڊ تي ٻه ويو هئس، اُتي تنهنجو ڇار مڇين سان پريل پيو آهي، آخر تون ڪيڏانهن پيو وڃين، ٻڌاءِ ته سهي؟" ان ملاح حضرت عيسيٰ عليه السلام کي چيو ته: "هاڻ مون کي ڪجهه ڏينهن لاءِ موڪل ڏيو ته مان پنهنجي مئل پيءُ جو ڪفن دفن ڪري اچان."

موٽ ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جو جواب نهايت ئي حيران ڪندڙ هو ان چيو ته: "بيوقوف، مُردن کي ئي مُردو دفنائڻ ڏي، تنهنجي ٻلا اُتي ڪهڙي ضرورت آهي جيڪو مري ويو سو مري ويو. ان کي دفنائڻ جي زحمت تون چو ٿو ڪرين. ڳوٺ ۾ ڪوڙ سارا مئل ماڻهو آهن اُهي پاڻهي ان مئل ماڻهوءَ کي دفنائي ڇڏيندا، تون هن وقت مون سان گڏ هل."

ملاح ڪجهه ڇڻين لاءِ مونجهاري جو شڪار ٿي ويو. ان کي ٻڌتر ۾ ڏسي حضرت عيسيٰ عليه السلام چيو: "شايد منهنجو اهو اندازو غلط هو ته تون همٽ پريو ماڻهو آهين ۽پنهنجو پراڻو ڇار ڇڏي سگهين ٿو." ملاح ڪجهه پل سوچيندو رهيو ۽ پوءِ حضرت

عيسيٰ جي پنيان هلڻ لڳو. حضرت عيسيٰ هن ڏانهن ڏسندي چيو "بي شڪ تون همٿ پريو انسان آهين، جيڪڏهن تون هڪ مئل ماڻهوءَ کي چڏي سگهين ٿو ته يقينن تون زنده انسان آهين." سو دنيا جي حقيقت به اهائي آهي، ماضيءَ ۾ جيڪو ڪجهه ٿي چڪو آهي، وساري چڏيو ماضي ته مري چڪو آهي، حال زنده آهي حال ۾ جيئو.

توهان مراقبي ۾ ويهي به اهو چوندا آهيو ته ڪابه ڪيفيت طاري نه ٿي ٿئي. خيال حملي آور ٿيندا رهن ٿا. مان چوان ٿو خيال ڪڏهن به ڪنهن تي حملي آور نه ٿيندا آهن. اصل سوال هيءُ آهي ته ڇا توهان ڪڏهن انهن مان پيڇو چڏائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ جيڪڏهن هڪ ماڻهو ڪو ڪتو ٻاهران وٺي اچي ٿو ان کي ڪجهه ڏينهن در تي ٻڌي ماني ٽڪي کارائي ٿو ان کي پنهنجي در جو هيرا ڪ بنائي ٿو پوءِ جيڪڏهن هو ڪتي جو رسو کولي اُن کي در تان ڏکاري ٿو ته ڪتو پوءِ به وري وري سندس پير چمي ٿو ته ان ۾ ڪتي جو ڪهڙو ڏوهه؟

توهان به اندر ۾ هڪ ڪتو پالي رکيو آهي، ان کي هيرايو آهي، ان کي کارائي پياري وڏو ڪيو آهي، اوچتو توهان هڪ ڏينهن ان مان هٿ ڪڍي مراقبي ۾ ويهو ٿا ته ڇا هڪ ڏينهن ۾ ئي اُهو ڪتو توهان جو پيڇو چڏي ڏينڊو؟ اهو ممڪن نه آهي، ڪتي جي ته وهم ۽ گمان ۾ نه هوندو آهي ته هڪ ڏينهن توهان ان مان هٿ ڪڍندؤ. جنهن ڪري ڪتو بار بار توهان جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪرائيندو آهي، توهان جي چؤڏاري چڪر پيو ڪاٽيندو آهي. هو سوچيندو آهي ته مالڪ ساڻس ڪا نئين راند کيڏي رهيو آهي ۽ ان راند ۾ به هن کي مزو ايندو آهي.

ترهان مون وٽ اچي شڪايت ڪيو ٿا ته خيال پيڇو نه ٿا چڏين. خيال پلا ايترو جلدي ڪيئن جان چڏيندا. توهان رت. ست

ڏئي انهن جي آبياري ڪئي آهي، سو خيال هڪ پيري جي استغراق يا مراقبي سان ختم نه ٿا ڪري سگهجن. خيالن مان جان ڇڏائڻ لاءِ مسلسل ذهني مشق جي ضرورت آهي. اسان خيالن جي سالن تائين پالنا ڪريون ٿا ماضيءَ جي خيالن کي حال ۾ به پاليندا رهون ٿا. خيال هر وقت اسان سان چنبڙيل رهن ٿا ۽ پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن اسان چاهيون ٿا ته سمورا پراڻا خيال گم ٿي وڃن. هڪ ڏينهن ۾، هڪ پل ۾ انهن کان نجات حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي. خيالن کان آهستي آهستي مشق سان پيڇو ڇڏائڻو پوندو. جيڪڏهن توهان خيالن مان جان ڇڏائڻ ٿا چاهيو ته پوءِ "منهنجو خيال آهي" جهڙا جملا وسارڻا پوندا. چاڪاڻ ته جنهن شيءِ کي توهان پنهنجو چئو ٿا يا سمجهو ٿا ان تان هٿ کڻڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. جيڪڏهن توهان خيالن مان نجات چاهيو ٿا ته پوءِ انهن ۾ دلچسپي وڃ ڇڏي ڏيو. جڏهن توهان خيالن تي ڌيان نه ڏيندؤ ته آهستي آهستي اُهي ذهن جي ڦرهي تان ڀهڻ شروع ٿيندا ۽ نيٺ ذهن خيالن کان خالي ٿي ويندو.

خيال اسان جو ماضي آهن. انهن ذريعي ماضيءَ سان رابطو رهي ٿو سو حال ۾ جيئڻ لاءِ ماضيءَ کي مارڻ ضروري آهي، ماضيءَ کي وساريو ته توهان نئين زندگي ماڻي سگهو.

هڪ دوست، هڪ مختصر سوال ڪيو آهي ته: دوکي يا فريب ۾ مبتلا ذهن کهڙو هوندو آهي؟ الجهيل دماغ مان توهان جي مراد ڇا آهي؟ ۽ صاف سڏو ۽ سادو دماغ اسان ڇا کي ٿا چئون؟"

هن ڳالهه کي سمجهڻو پوندو هن ڳالهه کي سمجهڻ سان اها خبر پوندي ته مراقبو ڇا آهي، مرڻ ۽ جيئڻ ڇا آهي، فنا ۾ بقا ڪيئن آهي. دوست پڇيو آهي ته منجهيل دماغ کهڙو آهي؟" هتي هڪ غلطيءَ جو امڪان آهي. اسان چوندا آهيون، منتشر دماغ، الجهيل دماغ ۽ اهائي وڏي غلطي آهي. غلطي اها آهي ته هتي اسان ٻ لفظ

پيا استعمال ڪريون "اُلجهيل" ۽ "دماغ" جڏهن ته اُلجهيل دماغ نالي ڪابه شيءِ ڪانهي. مونجهارو خود دماغ جي هڪ ڪيفيت آهي. سو مونجهارو دماغ ۾ ناهي پر حقيقت ۾ سمورو دماغ ئي وڏو مونجهارو آهي.

سڪون يا مونجهارو ٻئي دماغ جون حالتون آهن، پر حقيت ۾ سڪون اُتي آهي جتي دماغ يعني عقل غير موجود آهي، مثال طور سمنڊ ۾ طوفان آهي، پر سمنڊ پُرسڪون آهي، ڇا توهان ان کي بي سڪون سمنڊ چوندؤ؟" ڪو وري بي سڪون طوفان به چئي سگهي ٿو ڇا طوفان جي وچڑ ڪانبوءِ ڪو اهو چوندو ته طوفان پُرسڪون ٿي ويو آهي. طوفان ته خارجي شيءِ آهي، ان جي اچڑ ۽ وچڑ سان سمنڊ تي ڪوبه فرق نه پوندو آهي، ڇو ته سمنڊ ته هميشه سمنڊ ئي هوندو آهي، پوءِ طوفان هجي يا نه. جڏهن انسان جي دماغ مان خيالن جو طوفان ختم ٿي ويندو آهي ته پوءِ بس رڳو سڪون ئي سڪون وڃي بچندو آهي.

پُرسڪون ذهن نالي ڪابه شيءِ دنيا ۾ موجود ڪانهي. ڳالهين کي نه سمجهڻ جو ڏوهه اسان جي ٻوليءَ جي غربت ۽ زبان جو ڏوهه آهي. صحتمند جسم ۽ غير صحتمند جسم، اهو اصطلاح ته ٺيڪ آهي، جو جسم صحتمند به ٿيندو آهي ۽ غير صحتمند به هوندو آهي، جسم ڪمزور، بيمار به ٿيندو آهي ۽ اُهي ڪيفيتون ختم ٿيڻ سان جسم ته بس رڳو جسم ئي هوندو آهي. پر صحتمند ذهن ۽ غير صحتمند ذهن جو تصور ئي مونجهاري جو سبب آهي، ذهن ئي فساد جي جڙ آهي، عقل ئي انسان جي سمورن سورن جو تخليقڪار آهي، عقل ۽ ذهن کي سمجهڻو پوندو.

سو مراقبو استغراق ئي اهڙو طريقو آهي جيڪو عقل، ذهن مان نجات ڏياري ٿو. استغراق جي ذريعي ئي شعور کان ٻاهر قدم کڻي سگهجي ٿو مراقبي وسيلي ئي ذهن کان ٻاهر وڃي سگهجي ٿو. مراقبو

ئي خيال ۾ ذهن کي مفلوج ڪري سگهي ٿو. ذهن جي موجودگي شعور جي دنيا ئي اسان کي مونجهاري جو شڪار بڻائي ٿي.

هتي سوال پيدا ٿو ٿئي ته: "مراقبو استغراق آخر ڇا آهي؟"

مراقبي، يا استغراق جو مقصد خيالن کان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش آهي. ذهن کي بدلائڻ جي ڪوشش آهي. مراقبي ذريعي جيءُ ۾ جهاتي پائي سگهجي ٿي، ٻاهرين، خارج کان اندر ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو.

مراقبي جي لاءِ توهان کي پاڻ ڪوشش ڪرڻي پوندي. مراقبي جو طريقو سکڻو پوندو. زور زبرستي سان ذهن ۽ جسم کي مستغرق يا مراقبي ۾ نه ٿو آڻي سگهجي.

مراقبو رضاڪارانه شيءِ آهي، ان ۾ زور زبردستيءَ جو ڪو عمل دخل ناهي. توهان کي استغراق لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻو پوندو. ان لاءِ خود ترغيبي، جو عمل بهتر آهي، مراقبي کي هن مثال مان سمجهي سگهجي ٿو ته، ڏسو! هڪ همراهه درياهه ۾ تري رهيو آهي، هو چوي ٿو ته ڪيس درياهه جي ٻئي ڪناري تي پهچڻو آهي، درياهه جو وهڪرو بـ انتهائي تيز آهي. همراهه پنهنجي جسماني طاقت ٻانهن ۽ ٽنگن جي ٻل تي درياهه پار ڪرڻ ٿو چاهي، هو هٿ پير هڻي درياهه پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. نيٺ درياهه جي لهرن سان مقابلو ڪندي هو ٽڪجي پوي ٿو. هن جا هٿ پير سُن ٿيڻ لڳن ٿا. پر پوءِ بـ هو ترڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. اهو همراهه ڪوشش ڪري رهيو آهي ته هر حال ۾ ڪيس ترندو رهڻ گهرجي. اهڙي طرح ئي استغراق، مراقبو بـ هڪ ڪوشش آهي، پر اُهو درياهه ۾ هٿ پير هڻندڙ همراهه ايترو ته ساڻو ٿي پوي ٿو. جو ڪيس درياهه جي لهرن حوالي ٿي انهن لهرن جي سهاري تي ئي هلڻو پوي ٿو. سندس جسم ۽ هٿ پير جواب ڏين ٿا ته هو پنهنجو پاڻ کي درياهه جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو.

سو مراقبي ۾ بہ پاڻ کي خيال جي لهرن حوالي ڪرڻو آهي. نيٺ ذهن ڊوڙي ڊوڙي ٽڪجي پوندو. دماغ ساڻو ٿي پوندو ۽ جتي دماغ ٽڪجي پوندو اتان کان ئي استغراق شروع ٿئي ٿو اُهو ئي مراقبو آهي.

يعني درياهہ سان سمجهوتو ڪرڻ پاڻ کي درياهہ جي وهڪري جي حوالي ڪرڻ ئي مراقبو آهي. ابتدا ۾ دماغ کي وهي وڃڻ ڏيو. جيڏانهن خيال وڃي وڃڻ ڏيو. خيال ۽ دماغ سان ڪابہ مزاحمت ڪا بہ ويڙهہ نہ ڪيو. دماغ ۽ خيال جي لهرن کي طوفاني انداز ۾ هلڻ ڏيو. ڪابہ ترغيب ڪابہ روڪ ٽوڪ نہ ڪيو ۽ جڏهن ڏسو تہ خيالن جا گهوڙا ڊوڙي ڊوڙي ٽڪجي پيا آهن. دماغ ساڻو ٿي پيو آهي تہ پوءِ شعور مان لاشعور ۾ ٽپو ڏيو. خارج کان اندر ڏانهن وڃو. جيءُ ۾ جهاتي پايو تہ توهان جي اندر ۾ چا چا آهي.

توهان اهو بہ ڏٺو هوندو تہ هڪ زنده ۽ جيئرو ماڻهو تہ درياهہ ۾ ڀڏي ويندو آهي، پرمئل ماڻهو هڪ لاش. همیشہ درياهہ جي ٻاهرئين سطح تي ترندو رهندو آهي. توهان ڪڏهن ان ڳالهہ تي غور ويچار ڪيو آهي تہ آخر اهو ڇو آهي؟ هڪ زنده ماڻهو تہ درياهہ جي تري ۾ هيٺ هليو وڃي ٿو ۽ مرده ماڻهو مٿي، پاڻيءَ جي سطح تي اُپري اچي ٿو. آخر انهن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ اهو ان ڪري آهي جو هڪ مئل ماڻهو مزاحمت نہ ٿو ڪري. لاش هٿ پير نہ ٿو هلائي سگهي. جنهن ڪري اُهو درياهہ جي سطح تي پاڻي جي وهڪري جي مرضيءَ سان مٿاهين تي ترندو رهي ٿو. هڪ زنده انسان کي درياهہ ان ڪري ٻوڙي ٿو جو اُهو درياهہ سان مزاحمت ڪري ٿو. زنده رهڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو ۽ زنده رهڻ جي ڪوشش ۾ هن جا هٿ پير هلندي، هلندي ٽڪجي پون ٿا۽ ٽڪجڻ کان پوءِ نيٺ ٻُڏي وڃي ٿو. ان ماڻهوءَ جي مزاحمت ۽

جدوجهد ئي کيس ٻوڙي ٿي. درياهه نه ٿو ٻوڙي ، پاڻي نه ٿو ٻوڙي.د درياهه هڪ مردي ماڻهوءَ کي ڪڏهن ب نه ٿو ٻوڙي جو اُهو مزاحمت ناهي ڪندو درياهه سان و ڙهندو ناهي. ان ڪري اُهو درياهه جي سطح تي ترندو رهي ٿو. ان ڪري مان جنهن استغراق، جنهن مراقبي جي ڳالهه ڪريان ٿو ان جي ڪيفيت ب درياهه جي وهڪري سان گڏ سواءِ ڪنهن مزاحمت جي وهڻ جهڙي آهي. ترڻ يا هٿ پير هڻڻ جهڙي ناهي.

جڏهن مراقبي دوران مان توهان کي اهو چوان ٿو ته پنهنجي بدن کي ڍرو ڇڏي ڏيو،خيالن جي وهڪري کي آزاد ڇڏيو. ڪاب مزاحمت، ڪاب جدوجهد نه ڪريو. پنهنجا ساهه آهستي ڪيو. ساهن جي اچڻ وڃڻ تي ڌيان ڏيو. پر انهن کي توهان نه ڪٽو ساهه کي بس هلڻ ڏيو. ان جو نظارو ڪيو. ياد رکو! جڏهن توهان پنهنجي دل، دماغ ۽ جسم تان پنهنجو اختيار وڃائي ويهندؤ ته پنهنجو پاڻ پنهنجي اندر ۾ لهي ويندؤ. جسم کي محسوس ڪندؤ. جسم تي ڌيان ڏيندؤ ته وري واپس شعور جي دنيا ۾ موٽي ايندؤ.

جيڪڏهن ڪو رڳو ڪناري تي بينو هوندو ته پوءِ درياهه ۾ ڪيئن لهي سگهندو. اهو ته هميشه ڪناري تي ئي بينو رهندو ۽ جيڪو ڪنارو ڇڏي درياهه ۾ ٽپو ڏيندو سو ئي پاڻيءَ کي ڇُهي سگهندو.

زندگيءَ جي ڄاڻ، آگهي، خودشناسيءَ جو سرچشمو ته اسان جي ذات جي اندر ئي موجود آهي، پر اسان شعور جو ڪنارو پڪڙيو ٻينا آهيون. توهان ڪناري مان جان ڇڏايو خيال ۽ڏهن کان آزادي حاصل ڪيو جڏهن سمورا سهارا، سمورا ڪنارا ڇڏي ڏبا ته پوءِ توهان ڪيڏانهن ويندؤ ۽ توهان لاشعور جي وهڪري سان گڏ وهندي ڪائنات جي شعور جي وهڪري ۾ هليا ويندؤ. خود آگهي خود شناسي جي سمند ۾ هليا ويندؤ.

ڪائنات جي سمنڊ سان گڏجي ويندؤ. توهان شعور جي درياهه مان نڪري هڪ وسيع ڪائناتي سمنڊ جو حصو ٿي ويندؤ. توهان جي اندر ۾ موجود آگهي جو چشمو درياهه جيان آهي، درياهه جو رخ هميشه سمنڊ ڏانهن هوندو آهي. توهان جي اندر ۾ موجود روح توهان کي ڪائنات جي روح ڏانهن وٺي ويندو. توهان جي ذات کان آفاق تائين رسائي ٿي ويندي. مراقبو به هڪ قسم جو درياهه ۾ ترڻ آهي. پر جيڪو پنهنجي طاقت جي ٻل تي ترندو سو فنا ٿي ويندو سو تباهه ٿي ويندو. شعور جي مزاحمت، شعور جي طاقت تي توهان بي پناهه دولت، شهرت عزت ۽ هڪ ننڍي ڪرسيءَ کان وڏي ڪرسيءَ تائين پهچ تہ حاصل ڪري سگهو ٿا پر پوءِ گهٽو ڪجهه ويجائي به سگهو ٿا. ذات جي سڪون، ڪائنات جي علم، روح کان دوري جهڙو نقصان کڻڻو پوندو. توهان کي دنياداري ۽ ماهيت جي سوديبازي ۾. ياد رکو! درياهه توهان کي بقا جي سمنڊ تائين پهچ ٿيندو.

اسان جي زندگيءَ جو بنيادي مقصد سمنڊ تائين رسائي ۽ پهچ حاصل ڪرڻ آهي. انسان جي ذات جي آگهي ذات جو شعور ترقي ڪري آفاقي شعور واري حيثيت ماڻي سگهي ٿو. جڏهن به ڪو هڪ قطرو سمنڊ جي لامحدود وسعت ۾ گم ٿي ويندو آهي تہ ان کي زندگيءَ جي حقيقي معنيٰ: زندگيءَ جي حقيقي خوشي ۽ زندگيءَ جي لازوال حسن جي جلوي جي حاصلات ٿيندي آهي.

سچي ڳالهه هيءَ آهي تہ مرڻ جو فن ئي مراقبي تائين پهچڻ جو فن آهي، جيڪو انسان فنا ٿيڻ جي جاڻ رکي ٿو اُهو ئي بقا ماڻي ٿو. بس توهان تياري ڪيو. مرڻ کان اڳ ۾ مرڻ لاءِ. پوءِ ابديت ماڻي وٺو. گذريل چئن ڏينهن کان مان توهان کي جيڪو ڪجهه سمجهائي رهيو آهيان، ان جو آخري تت هيءُ آهي تہ:

"مري ۽ جيءُ ڏيکاريو."

"زندگي ڳولا جو سفر آهي."

"سفر ختم نہ ڪيو بس هلندا رهو هلڻ ۾ بقا آهي."

هتي موجود ڪجھ ماڻھن جو خيال آهي تہ مان پاڻ بابت بہ ڪين ڪجھ ٻڌايان، رڳو سندن سوالن جا جواب ڏيڻ ڪافي ناهي؟ جڻ تہ سوالن جا جواب مان نہ، پر ڪو ٻيو ڏئي رهيو آهي.

ڪجھ ماڻھن جي نظر ۾ وري ڪپڑن کان وڌيڪ اُهي ڪليون وڌيڪ اهميت رکنديون آهن جن تي ڪپڑا ٽنگيل هوندا آهن. سو جيڪي ماڻھو چون ٿا تہ مان پاڻ بابت ڪين ڪجھ ٻڌايان تہ اُهي ڪپڑن کان وڌيڪ ڪپڑن جي ٽنگڻين کي وڌيڪ اهميت ڏئي رهيا آهن، پر ڇا ڪجي انهن جو ڏوھہ ڪونهي اسان جا ذهن ئي اهڙا جڙيل آهن.

مون ٻڌو آهي تہ ڪنهن سرڪس جو مالڪ پنهنجي پالیل پولڙن کي روزانو چار ڪيلا صبح جو ۾ شام جو ٽي ڪيلا کارائيندو هو. هڪ پيري صبح جي وقت هن کي گهربل مقدار ۾ ڪيلا نہ ملي سگهيا تہ صبح جو هن پولڙن کي ٽي ٽي ڪيلا آڻي ڏنا. پولڙن احتجاج طور تي، ٽي ڪيلا ونڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اُهي مالڪ کان چئن چئن ڪيلن جو مطالبو ڪرڻ لڳا. مالڪ پولڙن کي چيو تہ، هن وقت توهان ٽي، ٽي ڪيلا ونو شام جو توهان کي چار چار ڪيلا ڏنا ويندا، پر پولڙا اجايو چئن ڪيلن جي ضد تي اڙيل رهيا. ڇاڪاڻ تہ انهن کي صبح جي وقت چئن ڪيلن کائڻ جي عادت پيل هئي. مالڪ ڪاوڙ ۾ چيو "توهان جي خوراڪ ڏينهن ۾ ست ڪيلا آهي. سو هن وقت ٽي ونو شام جو چار ڪيلا ونجو ايئن توهان جي خوراڪ جو ڏوز پورو ٿي ويندو."


پر پولڙا ضد تي بيٺا رهيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان تنهنجي ٻڌايل حساب ڪتاب سان ٻڌل ناهيون؟ اسان تہ بس اهو ئي ڄاڻون ٿا تہ


تون صبح جو هميشہ اسان کي خوراک ۾ چار ڪيلا ڏيندو آيو آهين. ان لاءِ اسان کي اڄ بہ هر حال ۾ چار ڪيلا ئي گهرجن."


اهڙي طرح منهنجا دوست، بہ وري وري اهو اسرار ٿا ڪن تہ "مهرباني ڪري توهان پنهنجي باري ۾ ٻڌايو ۽ رڳو پيچيل سوالن جا جواب نہ ڏيو." مان ضرور پاڻ بابت ٻڌائيندس، پر منهنجا دوست سوال تہ ٽنگڙين ۾ ٽنگيل ڪپڙن جيان آهن. مان پاڻ بابت ڳالهايان، يا توهان جي سوالن جا جواب ڏيان، ان سان پلا ڪهڙو فرق پوندو؟ بس منهنجي ذات بابت سوال ڪندڙ اُهي پولڙا آهن جن کي چار ڪيلا کائڻ جي عادت پيل آهي.

مراقبي بابت ڳالهائڻ دوران، چار دؤر سوالن ۽ جوابن ٿيا. هن پيري ائين ٿيو تہ توهان مون کي ڳالهائڻ گهٽ ڏنو ۽ سوال وڌيڪ ڪيا، پر ان سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. بس توهان ست ڪيلن جو حساب ڪتاب پنهنجي ذهن ۾ رکو. ستن ڪيلن کي هڪ هنڌ ئي گڏ ڪيو. انهن کي ڏار ڏار ڳڻڻ يا صبح ۽ شام جي پهرن ۾ ورهائڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. مون توهان کي ست ڪيلا ڏنا آهن. جيڪڏهن توهان انهن کي ڳڻڻ ويهي رهندؤ تہ ، ڪن آهي بنيادي نقطو توهان جي ذهن مان نڪري ويجي. ان ڪري مان وري بہ چوان ٿو تہ ياد رکو: "ڪيلا ست آهن" بس مون کي جيڪو ڪجهہ بہ چوڻو هو سو مان چئي چڪو آهيان.

(پورو ٿيو)







Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.